رضی اللہ عنہما

سیرت الحسنین



مصنف:
حضرت علامہ، مولانا
محمد ادریس ڈاھری

سيرت الحسنين رضي الله عنهما



مصنف

مفسر قرآن مبلغ اسلام

حضرت علامه ومولانا محمد ادريس ڏاهري نقشبندي

ناشر

اداره خدمت القرآن والسنة

مدرسه جامعه محمديه شاھ پورجهانيان

ضلع نواب شاھ سنڌ

انتساب

آءُ هن پنهنجي ڪتاب
سيرة الحسنين رضی الله عنهما
جو انتساب سيده خاتونِ جنّت
حضرت فاطمه زهراء رضی الله
عنها ڏانهن ڪرڻ جي سعادت
حاصل ڪري رهيو آهيان
والحمد لله علیٰ ذالك

الفقير محمّد اِدريس ڏاهري
عفي عنهٗ

ڪتاب جو نالو: سيرت الحسنين رضي الله عنهما

مصنف جو نالو: حضرت مولانا محمد ادريس ڏاهري نقشبندي مد ظلہ العالي

ڪمپوزنگ: اسلامڪ ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ

شايع ڪرائيندڙ: صاحبزاده عاشق حسين ڏاهري وحافظ احسان الله ڏاهري

ڇپائيءَ جو سال ١٩٩٨ع

ڇپيندڙ: نفيس پرنٽنگ پريس لجپت روڊ حيدرآباد فون: 782345

هديو: ١٠٠/= روپيه

ملڻ جو هنڌ: مدرسه عربيه جامعه محمديه - شاهپور جهانيان

تعلقه دولت پور صفن- ضلع نواب شاه

فهرست مضامين

بسم الله الرحمن الرحيم

ٻه اکر

الحمد لله وحده والصلواة والسلام علي من لا نبي بعده وعليٰ آله واصحابه ومن نحا نحوه اما بعد:

مسلمانن ۽ ننڍن وڏن ۽ پينرن جي اڳيان واضح ۽ روشن آهي ته اسان اهل السنة والجماعة جي دلين ۾ جيئن الله جل جلاله، ان جي محبوب، نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم ۽ اصحابن پيارن خصوصًا خلفاء راشدين حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني، حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنهم جي محبت جون موجون آهن تيئن اسان جي وار، وار، بلڪ رت جي ڦڙي ڦڙي ۾ حسنين ڪريمين رضي الله عنهما جي سڪ ۽ محبت به بي ڪنار بحر وانگر ڇوليون هڻندڙ آهي والحمدلله ثم الحمدلله عليٰ ذالڪ ۽ مون گنهگار الله جل شانه جي فضل، ڪرم ۽ نبي اڪرم عليه‌الصلواة والسلام جي نگاهه ڪرم جي صدقي جڏهن کان ديني ڪتابن جي لکڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي، تڏهن کان دل ۾ اها تات ۽ تانگهه پيئي رهي آهي ته سيدنا امام حسن ۽ سيدنا امام حسين رضي الله عنهما وعن والديهما جي سيرت مبارڪ جي موضوع تي به مستند ۽ معتبر حوالن سان هڪ سلسلو ڪتاب سنڌي زبان ۾ لکي سنڌي پڙهيلن جي خدمت ۾ پيش ڪيان تانته سندن روح کي راحت، قلب، کي قرار، سيني کي سرور ۽ اندر کي آرام اچي ۽ اهو ڪتاب مون عاجز جي لاءِ حسنين ڪريمين جي نوراني نگاهن، سندن محبن جي طرفان دعائن، الله جل جلاله ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ سڪرات، قبر ۽ قيامت جي هر پريشانيءَ کان بچڻ جو ذريعو ۽ باعث بنجي رب ڪريم جي ڪرم سان هاڻي اهو ڪتاب "سيرت الحسنين" المعروف

به "جنتي جوانن جي سردارن جي سيرت" نالي سان لکي پورو ڪري حسنين ڪريمين جي شان تان قربان ٿيندڙ قربدارن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان، اميد اٿم ته اهي منهنجي هن محبت پرئي محنت جو قدر ڪندي حضور ۽ سندن ٻچڙن عليه وعليهم الصلواة والسلام سان سچيءَ سڪ جو ثبوت ڏيندي هي ڪتاب گهڻي کان گهڻي تعداد ۾ خريد ڪندا، پڙهندا، ٻين کي پڙهي ٻڌائيندا ۽ مون ناچيز ۽ منهنجي اهل، عيال ۽ منهنجي محبت وارن دوستن ۽ مخلصن کي دلي دعائن سان نوازيندا.

والله الموفق والمعين

دعائن جو طالب

محمد ادريس ڏاهري

نقشبندي عفي عنه

سرپرست:

مدرسه عربيه جامعه محمديه شاهپور جهانيان

ضلع نواب شاهه سنڌ

١٢ رمضان المبارڪ ١٤١٨ھ

الموافق ١١-١-١٩٩٨ع



سيدنا امام حسن جو احوال

ولادت باسعادت

سيدنا حضرت حسن جي ولادت ٽئي سال هجريءَ جي رمضان المبارڪ مهيني ۾ ١٥ تاريخ ٿي، (١) جڏهن ولادت جي وقت عام عورتن وانگر سيده خاتون سائڻ کي رت نہ آيو تہ اسماءِ نالي سندس دائيءَ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي اهو عرض ڪيو پاڻ فرمايائون تہ "منهنجي نياڻي ان کان پاڪ آهي" علمائن لکيو آهي تہ ان جي ڪري سائڻ کي زهرا ء سڏيو ويو آهي.

بابرڪت نالو:

سندن نالو مبارڪ "حسن" حضور صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ رکيو، حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنہ جو فرمان اقدس آهي تہ: جڏهن "حسن" ڄائو تہ محبوب ڪريم عليہ التحية والتسليم جن اسان جي گهر تشريف فرما ٿيا ۽ ارشاد ڪيائون تہ: اَرُوْنِيْ اِبْنِيْ مَا سَمَّيْتُمُوْهُ؟ مون کي منهنجو پٽ ڏيکاريو ان جو نالو ڇا رکيو اٿو؟

مون عرض ڪيو تہ: مون ان جو نالو حرب (جنگ ڪندڙ) رکيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ "ان جو نالو حسن آهي". (٢)

علامہ سيوطي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: حسن ۽ حسين ٻئي جنتي نالا آهن" (٣) حضرت عباس رضي الله عنہ جي فرزند حضرت فضل رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ: الله جل جلالہ اهي ٻئي نالا

پردي ۾ رکيا هئا.

تانجو نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن اهي نالا پنهنجن پٽن حسنين سڳورن تي رکيا- راويءَ جو قول آهي ته: مون حضرت فضل رضي الله عنه کان پڇيو ته اهي نالا اڳ ۾ يمن ۾ ٻڌڻ ۾ نه آيا ٿي؟ ان فرمايو ته "اهي حسن - س- جي جزم سان ۽ حسين س- جي زير سان هئا. (۴)

ڪنيت ۽ القاب:-

ڪين ابو محمد ڪنيي سان سڏيو ويندو هو، علامه ابن الاثير جو قول آهي ته انهيءَ ڪنيي سان ڪين حضور عليه الصلواة والسلام جن پاڻ سڏڻ فرمايو هو. (۵) سندس مشهور القاب هي آهن

۱:- السيد (سردار) ۲:- المحبب (پيارو) ۳:- الحڪيم (حڪمت وارو ۴:- المقرب (رب جي دربار جي ويجهو(٦) ۵:- السبط (حضور صلي الله عليه وسلم جن جو ڏهٽو) ٦:- فلذة (سيده خاتون جنت رضي الله عنها جي جگر جو ٽڪرو) ۷:- ريحانه (نازبوءِ وانگر خوشبو دار گل)

(۱) مدارج النبوة ص ۱۹۰ج ۲ صفة الصفوة ص۳۸۵ ج۱ الاصابة ص ۳۲۸ ج۱ سعادة الڪونين ص ۴۰- ۴۱.(۲)اسد الغابة ص ۱۰ج۲ تهذيب التهذيب ص ۲۹٦ جلد ۲ (۳) تاريخ الخلفاء ص ۱۴۱(۴) الائمة الاثنا عشر ص ۲۴(۵) اسد الغابة ص۹ ج ۲(٦) حلية الاولياء ص ۳۵ جزء ۲

١٠:- زكي (اندر جو پاڪ) ١١:- طيب (باهر جو پاڪ) (١) ١٢:- خامس اهل الكساءِ (چادر مبارڪ جي هيٺان ايندڙن ۾ پنجون) (٢) ١٣:- حليم (بردبار) ١٤:- ڪريم (ڪرم ڪندڙ) ١٥:- متقي (پرهيزگار) (٣).

طوهر ۽ عقيقو:-

حضرت امام حسن عليه السلام جن جي جمڻ کان پوءِ ستين ڏينهن حضور عليه الصلواة والسلام جن سندن طوهر ڪرايو ۽ عقيقو بہ ڪيو سندس مٿي مبارڪ جا وار ڪوڙائي چانديءَ سان تور ڪرائي اهو چاندي صدقو ڪري ڇڏيائون (۴) عقيقي ۾ هڪ دنبوءِ ڪن عالمن جي بقول بہ دنبا ڪٺائون (۵) ۽ ان دنبي جي هڪ ران ۽ هڪ دينار سندن دائيءَ کي ڏنائون دائيءَ جو نالو اسماء هو.

نسب پاڪ جو سلسلو:-

سيدنا امام حسن جي نسب جو سلسلو والد مکرم جي طرفان ۽ والده سائڻ جي طرفان حضرت عبد المطلب ۾ ملي ٿو، والد جي طرفان هيئن آهي:-

---

(١) مدارج النبوة ص ١٩٠ جلد ٢ (٢) اسد الغابة ص ٩ ج٢ (٣) اسدالغابة ص ٩ جلد ٢ (۴) سعادة الكونين ص ۴٢ سعادة الكونين ص ۴٠ وسيلة الغريب ص ۴١ (۵) الاستيعاب بهامش الاصابةص ٣۴٩ جلد ١

حسن بن علي بن ابو طالب بن عبدالمطلب- والده جي طرفان هيئن آهي:- حسن بن فاطمه بنت محمد (صلى الله عليه وسلم) بن عبدالله بن عبدالمطلب القرشي الهاشمي (١)

کير پيارڻ واري امان:-

حضرت امام حسن کي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي چاچي حضرت عباس رضي الله عنه جي گهر واريءَ ام الفضل پنهنجي پٽ قثم سان گڏ پنهنجو کير پياريو هو (٢) ام الفضل ان بيبيءَ سائڻ جو کنيو هو ۽ سندس نالو مبارڪ لبابه عامريه هو (٣)

اٿنديئي تقوىٰ جي تعليم:-

هڪ ڀيري حضرت حسن سائين زکواة جي کارکن مان هڪ ڳڙي کڻي وات مبارڪ ۾ وجهي چٻاڙڻ جي ڪوشش ڪئي ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن اها لعاب لڳل ڳڙي سندس وات مبارڪ مان ڪڍي ساڳي زکواة جي ڪجور ۾ رکي فرمايائون ته "زکواة جو مال اسان محمد ۽ ان جي آل (عليهم الصلواة والسلام) جي لاءِ حلال ناهي" (٤)

(١) اسد الغابة ص ٩ ج ٢ (٢) الائمة الاثنا عشر ص ٦٤ (٣) حاشية المشکواة عـ ٨ ص ٥٧٢ باب مناقب اهل البيت.

(٤) اسدالغابة ص ١١ جلد ٢

نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جا ٻچا سڏرائڻ وارا غور ڪيو:-

موجوده دور ۾ ڪٿي ڪٿي سيدن سڳورن کي سياسي رشوت يا تعلقات جي بنا تي زڪواة جو چيئرمين مقرر ڪيو ٿو وڃي ۽ اتي جيڪو ڪجھ هلي ٿو سو به ڪنهن کان ڳجھو ڪونهي. مون عاجز، گنهگار جي ڪيين منٿ ۽ غريباڻو عرض آهي ته ان ڪان پري رهن ۽ حبيب ڪريم ۽ حسنين ڪريمين عليهم السلام کي راضي رکن، وڌيڪ هدايت هاديءَ جي هٿ ۾ آهي.

محمدي جمال جو مظهر:-

حضرت امام حسن سائين حضور پرنور عليه الصلواه والسلام جن سان صورت مبارڪ ۾ مشابهه هيو. حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه فرمايو آهي ته:- "الحسن اشبه برسول الله صلي الله عليه وسلم مابين الصدر الي الراس" (١) يعني (حضرت) حسن سيني (مقدس) ڪان مٿي (مبارڪ) تائين رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان مشابه آهي، حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليه الرحمة جن لکيو آهي ته: جيڪڏهن ڪو ماڻهو خواب ۾ حبيب اڪرنور مجسم، محبوب معظم صلى الله عليه وسلم جن جي ديدار ڪرڻ جي ڳالهه ڪندو هو ته اصحابي سڳورا ان ڪان پڇندا هئا ته ٻڌاءِ سندن همر شڪل هيئنر ڪيرآهي؟ جيڪڏهن حضرت حسن سائينءَ جي لاءِ چوندو هو ته اصحابي ان خواب کي سچو سمجهندا

هئا. (٢)

حليو مبارڪ:-

محدثن ۽ سيرت نگارن لکيو آهي ته سندن جسم اقدس نهايت نازڪ، رنگ پورو، اکيون مبارڪ وڏيون، انهن ۾ ماڪيون نهايت ڪاريون ڳل نهايت نرم، ڏاڙهي مبارڪ رکيل ۽ نهايت گهاٽي، مٿي جا وار گهنڊيدار جيڪي گهٽوڪري ڪنڌ تائين هوندا هئا. ڳچي ڍگهي چانديءَ وانگر سفيد ۽ چمڪدار، ساري جسم جا عضوا مضبوط، وڏا ۽ نازڪ، ڇاتي ڪشادي، قدوچولو، منهن مبارڪ دلڪش ۽ ملاحت ڏانهن مائل هو جو جيئن ڪين گهٽو ڏسجي تيئن محبت وڌي سندن منڊيءَ مبارڪ جو نقش هي اکر هئا "العزة لله وحده" (٣) حقيقي عزت الله وحده جي لاءِ آهي.

علمي ڪمال ۽ ذهني ذڪاوت

پاڻ نهايت وڏي علم وارا ۽ چوٽيءَ جا ذهين هيا سندن علمي ڪمال ۽ ذڪاء جي متعلق ٻه واقعا لکجن ٿا **واقعو ١**:-تفسير واحدي هڪ شخص جو بيان لکيو آهي ان چيو آهي ته: هڪ ڀيري مون ڪي مديني منوره ۾ پهچي نبوي مسجد شريف ۾ حاضريءَ جو شرف ۽ سعادت حاصل ٿي، اندر پهچڻ ڪان پوءِ ڏٺم ته:هڪ بزرگ هڪ وڏي جماعت ۾ ويهي حضور،پرنور، صلي الله عليه وسلم جن جون حديثون بيان ڪري رهيو آهي مون ان ڪان عرض ڪري پڇيو ته قرآن ڪريم ۾ الله جل جلاله جو فرمان آهي.وَشَاهِدٍ وَّمَشْهُوْدٍ" (٤)

قسم آهي شاهد ۽ مشهود جو، انهن شاهد ۽ مشهود مان مراد ڪير آهن؟ ان ٻڌايو تہ شاهد مان مراد جمعه جو ڏينهن ۽ مشهود مان مراد ذوالحج مهيني جي نائين تاريخ جو ڏينهن آهي وري ٻئي پلاري ڏانهن ويس جيڪو نبوي مسجد عليٰ بانيه الصلواة والسلام ۾ وعظ ڪري رهيو هوان ڪان ساڳيو سوال ڪيم تہ ان بہ ساڳيو جواب ڏنو. ان ڪان پوءِ ٽئين پلاري ڏانهن ويس جنهن جو منهن مبارڪ من موهيندڙ دل ۾ ديرو ڪندڙ نهايت نوراني هو ان ڪان بہ اهوئي سوال ڪيم ان جواب ڏيندين فرمايو تہ:- شاهد مان مراد سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن آهن، جيئن الله جل مجده قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي "يَاأَيُّهَاالنَّبِيُّ إِنَّاأَرْسَلْنَاكَ شَاهِدًا" (٥) اي غيب جون خبرون ڏيندڙ! اسان توکي شاهد ڪري موڪليو آهي ۽ "مشهود" قيامت جو ڏينهن آهي. جيئن الله جل شانه جو ارشاد آهي " ذَالِكَ يَوْمٌ مَّجْمُوعٌ لَّهُ النَّاسُ وَذَالِكَ يَوْمٌ مَّشْهُودٌ" (٦) اهو "قيامت" جو ڏينهن آهي جنهن لاءِ ماڻهو گڏ ڪيا ويندا ۽ اهو حاضرڪيل ڏينهن آهي ۽ مان محفل مان اٿي نبوي مسجد ۾ پاسي تي ويٺل ماڻهن ڪان ٽنهي پلارن جي لاءِ پڇيو تہ اهي ڪير آهن؟ انهن ٻڌايو تہ پهريون حضرت عبدالله بن عباس، ٻيو حضرت عبدالله بن عمر، ٽيون حضرت حسن بن علي المرتضيٰ رضي الله عنهما(٧)

(١) سعادة الكونين ص ٤٤ (٢) سعادة الكونين ص ٤٤ (٣) سعادة الكونين ص ٤٥ (٤) سورة البروج آيت ٣ (٥) سورة الاحزاب آيت ٤٥ (٦) سورة هود آيت ١٠٣ (٧) سعادة الكونين ص ٥٢

واقعو: ٢

هڪ ڏينهن حضرت امام حسن سائين وهنجي، نازڪ بدن تي ناز جهڙا ڪپڙا پائي، نهايت دل پسند خوشبوءِ هٽي سهڻن ۽ گهنديدارن وارن کي تيل لڳائي، ڦڻي ڏئي، پلي ۽ تيز رفتار گهوڙي تي سوار ٿي ٻاهر نڪتو ته رستي ۾ هڪ مسڪين ۽ محتاج يهودي جيڪو ڪيترن ڏکن ۽ مصيبتن ۾ مبتلا هو ڪين ڏسي عرض ڪرڻ لڳو ته: اي حسن! خدا جي نالي ٿورو بيهي منهنجي هڪ سوال جو انصاف سان جواب ڏي، حضرت امام حسن سائين فرمايو ته: ڪهڙي سوال جي جواب ۾ انصاف ٿو گهرين؟ عرض ڪيائين ته: اوهان جي ناني، الله جل جلاله جي رسول صلى الله عليه وسلم جو فرمان آهي ته "دنيا مومن جي لاءِ قيد ۽ ڪافر جي لاءِ بهشت آهي" پوءِ ڪهڙو سبب آهي؟ جو تون مومن هجڻ جي باوجود پلا ڪپڙا پائي، پليءَ سواريءَ تي سوار ٿي وڃي رهيو آهين ۽ مان اوهان جي بقول ڪافر هجڻ جي باوجود فقر، فاقي، مسڪينيءَ، مصيبت ۽ خواريءَ ۾ مبتلا آهيان؟ ظاهر ۾ ته ائين ٿو لڳي ته هيءَ دنيا اوهان جي لاءِ بهشت ۽ مون لاءِ دوزخ آهي، سيدنا امام حسن سائينءَ کيس جواب ڏيندي ارشاد فرمايو ته: ناني سائين عليه الصلواة والسلام جن جي ارشاد جو مطلب اهو نه آهي جيئن تو سمجهيو آهي، ان جو مطلب آهي ته: جيڪي نعمتون الله جل جلاله عمر نواله مومنن جي لاءِ آخرت ۾ تيار ڪيون آهن. انهن جي لحاظ سان دنيوي نعمتون ۽ راحتون ڪيتريون به گهٽيون ۽ سٺيون هجن جڻ ته قيد آهن، ۽ الله جل شانه ڪافرن جي لاءِ آخرت ۾

جيڪو عذاب تمام ڪيو آهي. جيڪڏهن اهو ڏسن ته هتي جا ڏک
بلي ڪيترا نه گهڻا ۽ سخت هجن ڪين جي لاءِ جڻ بهشت آهن. (١)

الله جل جلاله جي عبادت سان پيار:-

ياد رکڻ گهرجي ته قرآن پاڪ ۽ نبوي احاديث علیٰ قائلها الصلوات والتسليمات جي ارشادات جي روشنيءَ ۾ انسان جي پيدا ٿيڻ جو مقصد عبادت ۽ معرفت الاهي حاصل ڪرڻ آهي. سيدنا امام حسن عليه السلام جن الله جل جلاله جي عبادت تمام گهڻي ڪندا هئا.

علامه ابن الاثير عليه الرحمة لکيو آهي ته وكان الحسن كثير الصوم والصلواة والحج والصدقة وافعال الخير جميعها (٢) يعني حضرت امام حسن سائين جن روزا، نماز، حج، صدقا ۽ خيرجا سيئي ڪم تمام گهڻا ڪندا هئا. عبادت هڪ بدني آهي جيئن نماز روزا وغيره ٻي مالي جيئن زڪواة فطرو، قرباني وغيره ٽين بدن ۽ مال ٻنهي کي گڏ استعمال ڪرڻ سان جيئن حج عمره وغيره حضرت امام حسن عليه السلام سڀ عبادتون ڪيونۡ ۽ سوارين جي گڏ هلڻ جي باوجود پاڻ پيادو هلي پنجويهه (٢٥)حج ڪيا هيائون. (٣)

(١) سعادة الكونين ص٥٣ (٢) اسدالغابة ص ٢٠ ج ٢
(٣) الاستيعاب بهامش الاصابة ص ٣٨٢ جلد١ تاريخ الخلفاء ص ١٤٥ الصواعق المحرقة ص٨٢

اڻ ڄاڻ کي دين جي ڄاڻ ڏيڻ جو عجيب طريقو:-

روايت آهي تہ:- هڪ ڀيري حسنين ڪريمين رضي الله عنهما ٻئي ڀائر هڪ ميدان ڏانهن نڪري ويا هئا اتي هڪ پوڙهي شخص کي ڏٺائون جيڪو غلط طريقي سان وضو ڪري رهيو هو ٻنهي ڀائرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ هن پيرسن شخص کي وضو صحيح ڪرڻ ڪونہ ٿو اچي ان کي صحيح وضو ڪرڻ ڪيئن سيکاريون؟ جيڪڏهن سڌو سنئون ٿا چئونس تہ وضو غلط ٿو ڪرين تہ متان ناراض ٿي پوي، سوچي سوچي ٻنهي ڀائرن اهو طئي ڪيو تہ ان کي چئون ٿا تہ اسين ٻئي وضو ڪيون ٿا تون ڏس تہ غلطي تہ ڪونہ ٿا ڪريون؟ان شخص سندن ان ڳالهہ کي قبول ڪيو جڏهن پاڻ سندس اڳيان وضو ڪرڻ ويٺا تڏهن ان اهو ڏسي محسوس ڪيو ۽ ڪين ادب سان عرض ڪيائين تہ: اوهان ٻنهي جو وضو صحيح آهي اصل غلطي مون ۾ هئي جيڪا هاڻي سمجهي ويو آهيان (١)

سخاوت:-

هن هلندڙ وقت جا گهڻا ماڻهو پنهنجي ذاتي ڪمايل ملڪيت يا ابي ڏاڏي، جي طرفان ورثي ۾ آيل ملڪيت شرابن ۽ براين ۾ وڃائي دنيا جي خواري بدنامي ۽ آخرت جو عذاب وهائيندا آهن، پر اسان جا مذهبي، روحاني پيشوا پنهنجي ملڪيت الله جل جلالہ جي نالي ڏيندا ۽ ان کي راضي ڪندا رهيا. ڇوتہ انهن جي پنهنجي مالڪ، خالق، ڪارساز سان حقيقي ۽ سچي محبت هئي سيدنا حضرت

امام حسن سائينءَ جن بہ نهايت سخي ۽ الله جل جلاله جي واٽ ۾ مال خرچ كندڙ هئا. پاڻ بہ ڀيرا تہ پنهنجي گهر جي هر شيءِ خيرات كئي هيائون ۽ ٽيون ڀيرو هر شيءِ جو اڌ مالڪ مٽي جي نالي تي ڏنو هيائون (٢) هڪ ڀيري هڪ فقير کي رب جي نالي تي ڏهہ هزار "١٠٠٠٠" ڏياري موكليائون (٣) هڪ ڀيري هڪ شخص کين عرض كيو تہ مان اڳي سكيو هوس هاڻي مفلس ۽ تنگدست ٿي ويو آهيان منهنجو غريبي ۽ فقيري حال آهي هٿ ۾ كا شيءِ ناهي. پاڻ فرمايائونس تہ: تنهنجي سوال جو مون تي حق تہ ايڏو وڏو آهي جو مون وٽ ايتري طاقت ئي ناهي جو ادا كري سگهان پر جيترو ٿورو گهڻو آهي جيكڏهن قبول كرين تہ حاضر كيان؟ ان عرض كيو تہ قبول كندس، راضي ٿيندس ۽ اوهان کي دعائون بہ كندس پاڻ كيس پنج سو (٥٠٠) دينار ۽ پنجاه هزار (٥٠٠٠٠) درهم ڏيندي فرمايائون تہ "مان اوهان سان معذرت ٿو كريان جو تنهنجو صحيح حق ادا كري نہ سگهيو آهيان. (٤) علامہ جلال الدين سيوطي ۽ مخدوم محمد هاشم عليهما الرحمة لكيو آهي تہ: پاڻ هڪ هڪ سائل کي لک لک درهم بہ خيرات ۾ ڏيندا هئا. (٥)

---

(١) وسيلة الغريب ص ٤٦ (٢) اسدالغابة ص ١٣ جلد ٢ (٣) الصواعق المحرقة ص ٨٣ وسيلة الغريب ص ٤٢ (٤) الصواعق ص ٨٣ (٥) تاريخ الخلفاء ص ١٤٥ وسيلة الغريب ص ٤٢

محمدي امت کي نصيحتون:-

پاڻ پنهنجي ناني ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي امت کي نصيحتون ڪندي فرمائيندا هئا ته: اي الله جا ٻانها! دنيا ۾ ان جي ڏوکي کان هوشيار رهو، علم پڙهو،ياد ڪري نه سگهو ته لکو، برن ڪمن کان بچو ته عابدن جي درجي کي ماڻيو، الله جل شانه جي ونڊ تي راضي رهو ته سندس ڪرم سان غني بنجي وڃو، پاڙيسرين سان نيڪي ڪيو، ته سچا ۽ پڪا مسلمان رهو، ٻين کي اهڙي نموني پيش اچو جيئن انهن کي پنهنجي اڳيان پيش اچڻ پسند ڪندا آهيو

مهمان نوازيءَ جو سهڻو بدلو:-

هڪ ڀيري ٻئي ڀائر حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين ۽ ٽيون سندن سوٽ حضرت عبد الله بن جعفر طيار رضي الله عنهم گڏجي مدينه منوره کان مڪي پاڪ جي زيارت لاءِ روانا ٿيا، قدرتي ڳالهه رستي ۾ سندن کائڻ پيئڻ جي سامان سميت سندن سواريون به گم ٿي ويون هيڏي هوڏي نهاريندي هڪ دڙي تي هڪ جهوپڙي نظر آين ٽئي پلارا اوڏانهن وڌي ويا جڏهن اتي پهتا ته ان جهوپڙيءَ ۾ هڪ ڪراڙي عورت ويٺل ڏٺائون ان کان پڇيائون ته هتي ڪا کائڻ پيئڻ جي شيءِ آهي؟ ان چيو ته هائو هڪ کير ڏيندڙ ٻڪري آهي جيڪڏهن اوهان جي دل گهري ته ان جي کير پيئڻ جي اوهان کي اجازت آهي ٽنهي پيارن ان ٻڪريءَ جو کير پيتو ۽ ڪجهه دير کان پوءِ ان کان پڇيائون ته: تو وٽ ڪا کائڻ پيئڻ جي شيءِ آهي؟ ان ڪراڙيءَ عرض

ڪيو تہ: اهائي ٻڪري آهي جيڪڏهن اوهان کهي کائو تہ بہ منهنجي اجازت اٿو. گوشت پچائڻ جي لاءِ منهنجون ڪاٺيون بہ استعمال ڪري سگهوٿا. تنهي ڀلارن ان ٻڪريءَ کي کهي ڪاٺيون ڪٺي باه ٻاري ان جي گوشت مان ڪباب ٺاهي ڏؤ ڪري کاڌو ۽ اتاهين نڪرڻ وقت ان ڪراڙيءَ کي چيائون تہ اسين مديني منوره مان آيل قريشي آهيون جڏهن مديني پهتاسون ۽ توسان قدرت واري ملاقات ڪرائي تہ تنهنجو شڪريو ضرور ادا ڪنداسون. هيڏانهن هي ڀلارا اٿين چوندا روانا ٿي ويا هوڏانهن هن جو مڙس گهر ۾ آيو ڪراڙيءَ مڙس کي ڏسي هڪدم ڪيس ٻڌايو تہ: اڄ ٽي قريشي نوجوان هتي آيا هئا انهن جي بکايل هجڻ جي ڪري مون اها ٻڪري سندن حوالي ڪئي اهي کهي، گوشت ڪباب ڪري کائي ويا. مڙس ٻڌي ڪيس چيو تہ "توکي ڪيئن خبر پئي تہ اهي نوجوان مديني منوره جا قريشي هئا؟ بس ايترو چئي مڙس ڪٺي ماٺ ڪئي، هوڏانهن هو ٽئي مڪي مڪرمہ جي حاضري ڏئي موٽي مديني پاڪ پهتا اتفاقاً گهڻي مدت گذرڻ کان پوءِ ان ڪراڙيءَ عورت ۽ سندس مڙس کي اهڙيون مجبوريون درپيش آيون جن جي ڪري ڪين پنهنجي اصلي رهائش ڇڏي مديني پاڪ ۾ اچڻو پيو ۽ مديني منوره جي گهٽيءَ مان لنگهندي اتاهين سندن گذر ٿيو جتي حضرت امام حسن عليہ الرضوان جن وينا هئا ۽ جيئن سندن نگاه ان ڪراڙيءَ تي پئي تہ پاڻ ڏسنديئي ان کي سڃاتائون ۽ سڏي فرمايائونس تہ "اي الله جي ٻانهي! مون کي سڃاڻين ٿي؟ ان عمر رسيده پيرسن عورت نهاري عرض ڪيو تہ "مان بلڪل ڪونہ ٿي

سجاڻان" حضرت امام حسن عليه السلام جن ڪيس سندن لاءِ ٻڪريءَ ڪهڻ وارو واقعو ، سال ۽ مهينو سڀ ڪجهه ٻڌايو پر ان کي ياد نہ آيو. پاڻ فرمايائون تہ: ٺيڪ آهي توکي اهو واقعو ياد نہ ٿو اچي ۽ تون مونکي نہ ٿي سڃاڻين پر مان توکي سڃاڻان ٿو. ان کي اٿين چئي پنهنجي خادم کي فرمايائون تہ. هن کي هڪ هزار(١٠٠٠) ٻڪريون ۽ هڪ هزار (١٠٠٠) درهم ڏئي ادا (حضرت امام حسين عليه السلام) وٽ پهچاءِ ۽ ان کي ٻڌاءِ - خادم سندن حڪم ادا ڪري ان کي حضرت حسين عليه السلام وٽ پهچايو. ان سائينءَ بہ هن کي سڃاتو ۽ هڪ هزار ٻڪريون ۽ هڪ هزار درهم ڪين عنايت فرمائي وري ان کي حضرت عبد الله بن جعفر رضي الله عنهما جي خدمت ۾ پهچايو تہ ان بہ هڪ روايت موجب هڪ هزار ٻڪريون ۽ هڪ هزار درهم ڪين ڏنا ۽ ٻي روايت جي مطابق ٻہ هزار ٻڪريون ۽ ٻہ هزار درهم ڏنا.هڪ ڀيري پاڻ ڪاڏو ڪائي رهيا هئا تہ هڪ سائل ڪانئن خيرات گهري پاڻ ان کي ٻہ هزار درهم ڏنائون پر ڪانئن جي صلاح نہ ڪيائون جڏهن اهو ٻاهر نڪري هليو ويو تہ ڪنهن مائهوءَ سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ: سائين! اوهان ان سائل کي خيرات تہ ڏني پر ڪيس ڪاڻ جي صلاح نہ ڪئي؟ پاڻ فرمايائون تہ: مون کي اها ڳالهہ ذهن ۾ نہ هئي تہ ڪو اچڻ واري کي ڪاڏي جي ڪاڻ وقت صلاح بہ ڪبي آهي، جيڪڏهن اها ڳالهہ مون کي معلوم هجي ها تہ مان ان کي ڪاڏي ڪارائڻ ڪانسواءِ اصل نہ ڇڏيان هان (١)

(١) سعاده الكونين ص ٥٦ الصواعق المحرقة ص ٨٣

نبوي حديثن جي روايت:-

حضرت امام حسن نبي مڪرم، محبوب معظم صلي الله عليه وسلم جن جون حديثون خود حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ حضرت علي، حضرت حسين ۽ پنهنجي مامي هالة کان روايت ڪيون آهن ۽ ڪانئن وري عبدالله، ابو جعفر، حضرت امام زين العابدين جي فرزندن جبير بن نضير، عڪرمه، محمدبن شيرين، ابو مجاز، لاحق بن حميد، هبيره بن مريم، سفيان بن ليلیٰ، سيده عائشة صديقه، سندن فرزند حسن مثنیٰ، ابوالجوزاء، ربيعة بن شيبان ابووائل، شعبي ۽ ٻين روايتون ڪيون آهن (١) هنن روايت ڪيل حديثن مان ڪجهه هي آهن.

١:- عميربن مامون حضرت امام حسن عليه السلام کان روايت آندي آهي ته: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو، ”مَنْ صَلّیٰ صَلواةَ الْغَدِ فَجَلَسَ فِیْ مُصَلاّهُ حَتّیٰ تَطْلَعَ الشَّمْسَ کَانَ لَهٗ حِجَابٌ مِنَ النَّارِ اَوْقَالَ سِتْرٌ مِنَ النَّارِ“ (٢) يعني جيڪو فجر جي نماز پڙهي پنهنجي نماز پڙهڻ واري جاء تي ويٺو رهيو

تانجو سج ايريو (پوء اشراق جون ٻه رڪعتون پڙهيائين جيئن ٻين روايتن ۾ آيل آهي) ته ان جي لاء جهنم جي باهه کان پردو ۽ پناه هوندو.

٢: ابوالجوزاء حضرت امام حسن کان روايت آندي آهي ان فرمايو ته حضور صلي الله عليه وسلم جن مون کي هيء دعا سيکاري هئي ”اَللّٰهُمَّ اهْدِنِیْ فِیْ مَنْ هَدَیْتَ وَعَافِنِیْ فِیْمَنْ عَافَیْتَ وَتَوَلَّنِیْ فِیْمَنْ تَوَلَّیْتُ وَبَارِکْ لِیْ فِیْمَا اَعْطَیْتَ وَقِنِیْ شَرَّمَا قَضَیْتَ فَاِنَّکَ تَقْضِیْ

وَلَا يُقْضٰى عَلَيْکَ اِنَّہٗ لَا يَذِلُّ مَنْ وَّالَيْتَ تَبَارَکْتَ رَبَّنَا وَتَعَالَيْتَ" (٣)

يعني اي الله! مـون کي انهن ۾ هدايت وارو بناء جن کي تو هدايت نصيب ڪئي آهي ۽ مون کي انهن ۾ عافيت عطا ڪر جن کي توعافيت عطا ڪئي آهي ۽ مون کي پنهنجي قضا جي تڪليف کان بچاءِ پوءِ يقينًا تون ئي قضا جاري ڪرين ٿو ۽ تنهنجي مٿان قضا جاري نہ ڪئي ويندي آهي، ۽ پڪ آهي تہ جنهن سان تون محبت رکندو آهين اهو ذليل نہ ٿيندو. اي اسانجا پالڻهار! تون ئي برکت وارو ۽ تون ئي بلند شان وارو آهين.

الله جل شانه جو خوف:-

حضرت امام حسن سائين جن جڏهن وضو ڪري اٿندا هئا تہ سندن منهن مبارڪ مان خوف خدا جا آثار نظر ايندا هئا. جڏهن ڪانئن ان جي باري ۾ پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائون "جيڪو عرش جي مالڪ جي دربار ۾ حاضري ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿئي ان تي حق آهي تہ اهڙو خائف رهي جو سندس منهن مان خوف خدا جا آثار نظر اچن" (۴)

دنيا کان بي رغبتي ۽ رضابرقضا:-

پاڻ فرمايو اٿن تہ " جڏهن کان مون کي نفعي ۽ نقصان ڏيڻ وارين شين جي ڄاڻ پئي آهي تڏهن کان حضور عليه الصلواة والسلام جن جي امت جي والي هجڻ کي مون بلڪل پسند نہ ڪيو آهي" (٥) ڪنهن ماڻهوءَ کين عرض ڪيو تہ: حضور عليه الصلواة والسلام جن

جو صحابي حضرت ابو ذر غفاري رضي الله عنه چوي ٿو ته "مون کي شاهوڪاريءَ کان وڌيڪ مسڪيني ۽ صحت کان وڌيڪ بيماري پياري آهي" پاڻ فرمايائون ته: الله جل جلاله ابوذر تي رحمتون ڪري منهنجوچوڻ آهي ته: جنهن ماڻهوءَ الله جل شانه جي طرفان پاڻهي لاءِ ڪيل فيصلي تي اعتماد ڪيو اهو ٻيءَ حالت ۾ رهڻ جي تمنا نه ڪندو" (٦)

دشمن کي به تقويٰ جي تلقين:-

بزاز ۽ ٻين محدثن روايت آندي آهي ته سندن خلافت جي دوران ڪنهن هڪ ظالم شخص سجدي دوران خنجر هنيو پاڻ نماز پوري ڪري فرمايائون ته: اي عراقيو! اسان جي باري ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄو اسين اوهان جا امير ۽ اوهان جا مهمان آهيون اسين اهي اهل بيت آهيون جن جي حق ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي "اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا" (٧) تحقيق ارادو ٿو فرمائي الله ته اوهان کان پليديءَ کي پري رکي (ختم ڪري ڇڏي) ۽ اوهان کي صفا پاڪ بنائي-پاڻ ائين فرمائيندا رهيا ۽ مسجد ۾ ڪو به ماڻهو روئڻ کان خالي نه رهيو (٨)

(١) تهذيب التهذيب ص٢٩٣-٢٩٥ ۽ تاريخ الخلفا ص١٤٤ (٢) اسد الغابة ص ٢٩٥ - ٢٩٦ جلد ٢ (٣) اسدالغابة ص ٢٩٦ (۴) وفيات الاعيان ص ٦٩ جلد ٢ (٥) الاستيعاب بهامش الاصابة ص ٣٧٠ ج ١ (٦) تاريخ الخلفاء ص ١٤٦ (٧) سورة الاحزاب آيت ٣٣ (٨) الصواعق المحرقة ص ٨٣

برن سان پلايون:-

پاڻ رحمة للعالمين صلي الله عليه وسلم جن جي اولاد هجڻ ۽ سندن فيض مان مستفيض رهڻ جي ڪري بي وڙن سان وڙ ۽ برن سان پلايون ڪندا هئا. جيئن حضرت پٺائي عليه الرحمة جو فرمان آهي:

چڱن سان چڱائيون ائين هرڪوهوءِ

تو جيئن ڪري نہ ڪو-بڇڙن سان پلائيون (١)

سندن مزاج ۾ پلائي ڪرڻ رکيل هئي، سندن طرفان بيڪارن سان پلاين ۽ نا اهلن تي عنايت ڪرڻ جا تمام گهڻا واقعا آهن پر انهن مان بہ واقعا هتي لکجن ٿا تانتہ پڙهڻ وارا سندن سيرت مبارڪ مان سبق سکن.

واقعو ١:-

شام ملڪ جي هڪ شخص جو بيان آهي تہ: مان شام ملڪ کان سفر ڪري مديني پاڪ پهتس تہ خچر تي سوار هڪ نوجوان ڏٺم حسن، ڪپڙن ۽ سواريءَ تي وهڻ جي لحاظ سان بيو ڪو اهڙو سهڻو ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هوم. هڪدم قلب ان ڏانهن مائل ٿيو ۽ منهنجي دل ۾ ان جي تمام گهڻي محبت پيدا ٿي، پڇاڪيم تہ هي جوان ڪير آهي؟ چيائون تہ حضرت علي رضي الله عنه جو پٽ حسن آهي بس اهوٻڌڻ سان (خارجي هجڻ جي ڪري) منهنجي دل ۾ ان جي محبت جي بجاءِ بغض آيو ۽ حسد ڪندي دل ۾ چيم تہ: عليءَ جو پٽ اهڙو

سهڻو؟ مان حضرت حسن ڏانهن وڌي ويس ۽ پڇيو مانس ته: تون علي بن ابي طالب جو پٽ آهين؟ فرمايائين ته هائو". مون کيس ۽ سندس پيءُ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ پاڻ خاموش ٿي ٻڌندو رهيو. جڏهن ٿڪجي ماٺ ڪيم ته پاڻ پلائيءَ جو اظهار ڪندي فرمايائون ته "مان سمجهان ٿو ته: تون پرديسي آهين؟ مون چيو ته " هائو" فرمايائين ته " اسان وٽ لڙي هل جيڪڏهن جاءِ ۽ پئسا وغيره کپندئي ته توکي ڏينداسون، ۽ ٻي ڪا حاجت هونديئي ته به تنهنجي مدد ڪنداسون" ان شخص جو چوڻ آهي ته سندن ان فرمان کان پوءِ مان سخت شرمسار ٿيس، ۽ان کان پوءِ سندس جي لاءِ منهنجي دل ۾ هميشه بي پناه پيار ۽ محبت رهندي هئي. (٢)

واقعو٢ :-

سنڌ جي ناميارا سپوت،مفسر، محدث، فقيه ۽ ڪامل ولي حضرت علامه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة لکيو آهي ته: هڪ ڀيري حضرت امام حسن سائينءَ جي خدمت عاليه ۾ سندن هڪ خادم گرم کير جو پيالو کڻي پي آيو اتفاقًا ان جي پير ترڪڻ جي ڪري ان خادم کان اهو گرم کير سان ڀريل پيالو هٿ مان ڇڏائي پٽ تي ڪري پڇي پيو، ۽ اهو گرم کير حضرت امام حسن عليه السلام جن جي پاڪ ڳلن تي لڳو، پاڻ اجان ان ڏانهن ان ارادي سان نگاه ڪئيائون ته کيس ڪجهه تنبيه ۽ هدايت ڪن ته ان هڪدم قرآن ڪريم

جي هي آيت پڙهڻ شـــروع ڪئي "وَالْكَاظِمِيْنَ الْغَيْظَ" (۽ ڪاوڙ ڪـائيندڙ) تہ پاڻ فـرمـايائون: "ڪظمت غيظي" "مـون پنهنجي ڪاوڙ ڪائي ڇڏي ، خادم پڙهيو "وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ" (۽ ماڻهن کي معاف ڪندڙ) پاڻ فرمايائون "عفوت عنک" مون توکي معاف ڪري ڇڏيو خادم پڙهيو "وَاللهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ" ۽ الله احسان ڪندڙ سان محبت ٿو رکي، پاڻ فرمايائونس تہ: مون الله جل شانه جي رضا خاطر تو تي احسان ڪري توکي آزاد ڪري ڇڏيو (٣)

نصيحتون:

پاڻ فرمايو اٿن تہ جيڪو الله تعالىٰ اوهان کي سيکاريو آهي اهو ٻين کي سيکاريو ۽ پاڻ بہ پنهنجي علم مان فائدو پرايو حسد نہ ڪيو ڇو تہ مون حاسد کان سواءِ ڪنهن بہ ظالم کي مظلوم سان مشابهہ نہ ڏٺو آهي، يعني حاسد خود بخود تباه ٿي ويندو آهي، اڌ علم هي آهي جو تقرير ڪندڙ عالم پنهنجي تقرير ۾ سلجهيل هجي، بي ادب بي عقل آهي، بي همت انسان ماٺيي کان خالي هوندو آهي. جنهن ۾ حياءُ شرم ناهي ان ۾ دين ناهي، عقل مان صحيح فائدو ان انسان ورتو جنهن ٻين انســانن ۾ رهي پنهنجي صــاف ۽ ســتري زندگي گذاريندي ٻين سان سٺو برتاءُ رکيو ۽ ان طريقي سان ديني دنيوي

(١) شـاه صـاحب جو رسـالو الف ب وارو ص ٢٩٣ سـربراگ
(٢) وفيات الاعيان ص ٦٨ جلد ٢

فائدا حاصل ڪيا، بي عقل انسان ٻنهين جهانن جي ڀلاين کان محروم هوندو آهي، انسان کي ٽي (١) شيون هلاڪ ڪنديون آهن، (١) تڪبر (٢) حرص (٣) حسد،تڪبر انسان جو دين ختم ڪندو آهي، ڏسو شيطان تڪبر جي ڪري ڪيئن لعنتي بنجي ويو، حرص انسان کي هلاڪت جي کڏ ۾ اڇلائيندو آهي حسد براين جي جڙ آهي. (٢)

حضرت عثمان رضي الله عنه سان همدردي:-

دمشق جي مشهور ۽ معروف مؤرخ، ڏهين صدي جي عالم، علامه شمس الدين محمدبن بطلون حضرت امام حسن عليه السلام جن جي حالات ۾ لکيو آهي ته وکان من المبادرين الیٰ نصرة عثمان رضي الله عنهما (٣) يعني حضرت امام حسن عليه السلام جن حضرت عثمان رضي الله عنهماجي سندس دشمن جي گهيري ۾ هجڻ وقت، مدد ڪرڻ ۾ جلد ۽ تڪا هيا.

ڳالهائڻ ٻڌڻ مان ٻڌندڙ کي ڍؤ نه ٿيندو هو:

ابن سعد عمرو بن اسحاق کان روايت آندي آهي، ته سيدنا امام حسن سائينءَ جن جي وات مبارڪ مان نڪتل ڳالهائڻ ايڏو مٺو، مزيدار،قلب کي قرار بخشيندڙ ۽ سڪون ڏيندڙ هوندو هو جو ان مان ٻڌندڙ کي ڍؤ ئي نه ٿيندو هو جو ته جيئن سندن ذات،عالي صفات پياري هئي تيئن سندن ڪلام ۾ به محبوبيت ۽ جاذبيت هوندي هئي. (٤)

(١) وسيلة الغريب ص ٤٢(٢) سعادة الکونين ص ٦١(٣) الائمة الاثنا عشر ص ٦٤(٤) سعادة الکونين ص ٦٣

والد جون وصيتون:-

حضرت علي سائينءَ جن جوروح مبارڪ شهادة وقت سندن جسم اطهر کان پرواز ڪرڻ جي قريب هو ته سندن ظاهري جدائيءَ کي محسوس ڪندي حضرت امام حسن سڳوري جي اکين مبارڪن مان پاڻي وهندو ڏسي حضرت علي ڪيس فرمايو ته: اي منهنجي دل جا گل ! ڇو روئي رهيا آهيو؟ عرض ڪيائين ته: باباسائين! ڇاوهان جي جدائي به روئڻ جي جاءِ ناهي؟ حضرت علي رضي الله عنه فرمايو ته: روئڻ جي بجاءِ صبر ڪيو ۽ منهنجي طرفان چئن وصيتن کي ساه سان سانڍجو (١) دولت مند هجڻ کي عقلمند هجڻ کان ڪنهن به قيمت ۾ مٿي نه سمجهندا (٢) ناداني ۽ جهالت کي مسڪيني ۽ محتاجيءَ جهڙو به نه سمجهندا (٣) ڪابه شيءِ تڪبر ۽ وڏائيءَ جهڙي بري ناهي (۴) سهڻي ۽ سٺي زندگي هيءَ آهي جو ماڻهن سان سهڻي اخلاق سان پيش اچو ۽ بدن سان دنيا ۾ ۽ دل سان آخرت ۾ هجو (١)

پيءُ جا پٽ کان سوال ۽ ان جا سهڻا جواب:

هڪ ڀيري حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه پنهنجي پٽ حضرت امام حسن رضي الله عنه کان هي سوال ڪيا ۽ ان جواب ڏنا،

حضرت علي- سڌو ماڻهو ڪير آهي؟

حضرت حسن- جيڪو سهڻي اخلاق سان هر برائي کي دفع ۽ دور ڪري.

(١)حلية الاوليا ص ٣٧ جزء ٢

حضرت علي- جوان مردي ۽ مڙسي ڇاکي چوندا آهن؟

حضرت حسن- تنگدستيءَ ۽ تڪليف جي حالت ۾ خيرات ڪرڻ

حضرت علي- ملامت ڪرڻ جي لائق ڇا آهي ؟

حضرت حسن- عزت وڃائي مال ڪمائڻ.

حضرت علي- نامردي ڇا آهي؟

حضرت حسن- دوستن کي تنگ ڪرڻ ۽ دشمن کان ڊڄڻ.

حضرت علي- خوشحالي ڪهڙي شيءِ آهي؟

حضرت حسن- الله جي طرفان قسمت ۾ آيل روزيءَ ۽ رزق تي راضي رهڻ ڀلي ٿوري هجي.

حضرت علي- ذلت ڇاکي ٿا چئو؟

حضرت حسن- مصيبت جي وقت گهبرائڻ ۽ پٽ ڪٽ ڪرڻ.

حضرت علي- حلم ۽ بردباري ڪهڙي شيءِ آهي؟

حضرت حسن- پنهنجي نفس تي قادر ٿيڻ ۽ ڪاوڙ کي پاڻيءَ وانگر پيئڻ

حضرت علي- بي وقوفي ڇا آهي؟

حضرت حسن- خواه مخواه شريف ماڻهوءَ سان جهيڙو ڪرڻ.

حضرت علي- سرداري ڇا آهي؟

جضرت حسن- بجڙايون ڇڏڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ .

حضرت علي- ڪميڻو ڪير آهي؟

حضرت حسن- نالائقن جو پوئلڳ ۽ گمراهن جو صحبتي.

حضرت علي- غفلت ڇا کي چوندا آهن؟

حضرت حسن - مسجدن ۾ نه وڃڻ ۽ فساد جي پوبان هلڻ (١)

بدڪلاميءَ کان پاڪ ۽ صاف :-

ابن سعد عمير بن اسحاق کان روايت آندي آهي ته امام حسن عليه السلام جن کان ڪڏهن به فاحش "برو" لفظ نه ٻڌو ويو - هڪ ڀيري ڪنهن شخص تي ناراض ٿيا ته ان جي لاءِ فرمايائون، "رغم انفه" (شال سندس نڪ ڏوڙ ۾ پرجي) (٢) محمد ادريس عفي عنه- ڪتاب پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض گذار آهي ته: امام حسن سائين جن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي صفات حميده ۽ اخلاق حسنه جا اتم ۽ اڪمل مظهر هجڻ جي ڪري پنهنجي پاڪ زبان "فيض ترجمان" سان گندي گفتي ڪرڻ کان سختيءَ سان پرهيز ڪندا هئا، ۽ هتي آيل جملو "رغف انفه" (شال سندن نڪ ڏوڙ ۾ پرجي) مان به بزرگن دعا مراد ورتي آهي، يعني ان جو مقصد آهي ته الله جل جلاله ان کي مٽيءَ تي سجدو ڪرڻ نصيب ڪري ڇو ته سجدي ۾ به نڪ مٽيءَ تي لڳندو آهي، مروان پليد سندن ۽ سندن والد حضرت علي رضي الله عنهما جي باري ۾ گندا گفتا ڪندو هو تڏهن به پاڻ ان کي چورائي موڪليندا هئا ته تنهنجوءِ اسان جو فيصلو الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ڪندو ۽ اهو ئي سبب هو جو جڏهن حضرت حسن عليه السلام جن جي رحلت ٿي ته ان ظالم مروان به روئي ڏنو هو. ڪنائس پڇيو ويو ته تون ته سدائين ان کي ايذائيندو هئين هاڻي ڇوٿو روئين؟ جواب ڏنائين ته واقعي مان اهڙيءَ

هستيءَ کي ايذائيندو رهيس جيڪو جبل کان به وڌيڪ بردبار هو. (٣)

ديني ڪمن ۾ عجيب ۽ بلند سوچ:

هڪ ڀيري حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنهما هڪ ٻئي سان ناراض ٿي پيا. (طبعي طور ڪڏهن ائين به ٿي ويندو آهي) ٻنهي ڀائرن جي خير خواهن، مخلص مان ڪنهن حضرت حسين عليه السلام کي عرض ڪيو ته اوهان حضرت حسن عليه السلام جن وٽ هلي وڃو جو اهو اوهان کان عمر ۾ به وڏو آهي، پاڻ فرمايائون ته "ٻن رٺلن مان پرچڻ ۾ جيڪو اڳرائي ڪندو آهي اهو وڌيڪ ڀلارو هوندو آهي" مون سوچيو آهي ته اها ڀلائي منهنجي وڏي ڀاءُ کي نصيب ٿئي، حضرت امام حسن عليه السلام کي جڏهن اها خبر پئي ته پاڻ ان ڀلائيءَ ۽ درجي حاصل ڪرڻ جي نيت سان پنهنجي ننڍي ڀاءُ حضرت حسين عليه السلام جن وٽ هلي آيا (٤)

ڪرامتون:-

قرآن ڪريم ۽ نبوي احاديث علىٰ قائلها الصلواة والسلام جي روشنيءَ ۾ اسان سنين جو عقيدو آهي ته الله جل شانه جي پيارن ٻانهن کان ڪرامتن جو صادر ٿيڻ حق آهي، (جنهن جادلائل تفصيل سان مون عاجز جي لکيل قرآن پاڪ جي تفسير احسن البيان في تفسير القرآن ج٢ ص٨٨ تي آيت مبارڪ "هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهُ" جي وضاحت ڪندي آندا ويا آهن)

سيدنا حضرت امام حسن عليه السلام جن جي عظيم المرتبت شخصيت اهڙي آهي جنهن جي ساري زندگي كماليت جو ككر نبوي فيض جو مظهر ۽ سندن قول ۽ عمل كرامت جو منبع هو هتي كتاب جي اختصار كي ذهن ۾ ركندي سندس چند كرامتون تبرك خاطر بيان كجن ٿيون، اميد ته قارئين كرام پڙهي پنهنجي سينن كي سرور ۽ قلبن كي قرار بخشيندا ۽ سندن صدقي پنهنجي من جون مرادون ماڻيندا.

كرامت نمبر ١

پٽ ڄمڻ جي خبر ڏيڻ :-

مٿي لکي آيا آهيون ته پاڻ حج جي سعادة حاصل كرڻ جي لاءِ پيادل سفر كندا هئا، هك ڀيري حج شريف كان فارغ ٿي مكي كان مديني پاك ڏانهن اچي رهيا هئا ته سندن پيرن مباركن تي سوڄ ۽ زخمن جي كري سور ٿي پيو، ساٿ ۾ سفر كرڻ وارن مان هك خادم باادب عرض كيو ته: سائين! كجهه وقت سفر سواريءَ تي كيو ته سور به ڇڏي وڃي ۽ پيرن كان سوڄ به لهي وڃي، پاڻ ان جي صلاح قبول نه كندي فرمايائون ته: فلاڻيءَ منزل تي هك حبشي شخص ملندو جنهن وٽ تيل هوندو، ان كان اهو وٺي پيرن تي هڻنداسون ته زخم به ڇٽي ويندا سوڄ به لهي ويندي ۽ سور به ڇڏي ويندو" خادم عرض كيو ته: " فداك ابي و امي" (اوهان تان منهنجو پيءُ ۽ منهنجي ماءُ قربان ٿين) رستي ۾ مون اهڙو حبشي شخص ته كٿي به كونه ڏٺو جنهن وٽ اهڙو تيل هجي هينئر اهو

ڪٿان ابندو؟ پاڻ فرمايائونس تہ (انشاءَ الله) "ضرور ملندو" جڏهن اڳئين منزل تي پهتا تہ هڪ حبشي شخص سندن اڳيان اچي لنگهيو حضرت امام حسن عليه السلام جن ان خادم کي مخاطب ٿي فرمايو تہ "ڏس اهو اڳيان آيو آهي، جيئن مون چيو هو هن کي ملهہ ڏئي ڪانئس تيل وٺ تہ مان پيرن کي لڳايان" خادم حضرت جي حڪم موجب ان حبشيءَ کان تيل خريد ڪرڻ جو خيال ظاهر ڪيو ان پڇيو تہ ڪنهن جي لاءِ ٿو وٺين؟ چيائينس تہ حضرت امام حسن عليه السلام جن جي لاءِ. ان چيو تہ: مون کي حضرت امام حسن عليه السلام جن سان ملاءِ، مان بہ سندن عقيدت مند ۽ مخلص مريد آهيان، جڏهن خادم کيس حضرت جي خدمت ۾ پهچايو تہ زيارت ڪري عرض ڪيائين تہ "مان بہ اوهان جو خلوص دل سان خادم آهيان، ان تيل جو ملهہ نہ وٺندس، ها، هڪ دعا ڪيو، منهنجي گهر واري ٻار ڄڻڻ جي سورن ۾ مبتلا آهي رب العزت جل مجده پنهنجي ڪامل قدرت سان صحيح، سالم ٻچو عنايت ڪري ۽ منهنجي اهليه ويچاري سور کان نجات حاصل ڪري، حضرت امام حسن عليه السلام جن کيس فرمايو تہ " وڃ تنهنجي گهر تنهنجي آرزؤ جي مطابق توکي الله جل شانه اهڙو پٽ عطا ڪيو آهي جيڪو اسان جي فرمانبردارن مان ٿيندو، جڏهن اهو حبشي گهر پهتو ڏٺائين تہ جيئن حضرت جن فرمايو هو تيئن ئي هو" (٦)

(١) سعادة الكونين ص ٦١ - ٦٢(٢) الصواعق ص ٨٣ اسعاف الراغبين ص ١٨٠(٣) الصواعق ص ٨٣(۴) وفيات الاعيان ص ٦٩ ج٢ اسعاف الراغبين ص ١٨٠(٥) سورة آلعمران آيت ٣٧(٦) سعادة الكونين ص ٦٠

ڪرامت نمبر٢ :-

اڻ مدائتا ميوا:-

هڪ ڀيري پاڻ ڪجهہ ساٿين سان گڏ سفر دوران هڪ اهڙي ميدان ۾ منزل انداز ٿيا جتي ڪجين جا سڪل بند بيٺل هئا، سندس ساٿين مان هڪڙو چوڻ لڳو تہ ڪاش: هتي تازي ڪجور هجي ها تہ کائي ڍؤ ڪجي ها. پاڻ ان کي فرمايائون تہ " ڇاتوکي ڪجور کائڻ جي خواهش آهي؟ ان عرض ڪيو تہ "هائو بلڪل آهي" پاڻ هٿ مبارڪ کڻي دعا گهريائون ۽ ڪجهہ پڙهيائون تہ هڪ سڪل بند سائو ٿي ڪجور جهلي بيٺو ۽ سڀني ان مان ڪجور کاڌي. (١)

شاديون:-

سيدنا امام حسن سائينءَ جن ڪيتريون شاديون ڪيون هيون؟ ان ۾ تاريخدانن ۽ سندن سيرت نگارن جا مختلف قول آهن علامہ سيوطي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: پاڻ طلاقون ڏيندا رهندا هئا ان جي ڪري (٩٠) شاديون ڪيون هيائون ۽ سندن ڪمال هو جو اهي طلاق ڏنل عورتون طلاق ملڻ کان پوءِ بہ ساڻن گهڻي محبت رکنديون هيون، حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه ماڻهن کي روڪيندو هو تہ "حسن کي نياڻيون نہ ڏيو طلاق ڏئي ٿو ڇڏي" تڏهن بہ ماڻهو نہ مڙندا هئا (٢) ۽ سرڪار دوعالم صلي الله عليہ وسلم جن جي پياري حضرت امام حسن کي خوشيءَ سان نياڻيون ڏيندا ۽ ان کي سعادت سمجهندا هئا، هڪ روايت آهي تہ پاڻ هڪ سؤ ويهہ (١٢٠) عورتن

سان نڪاح ڪيو هيائون، علامه مناوي عليه الرحمة الڪواڪب الدرية في طبقات الصوفية ۾ لکيو آهي ته حضرت امام حسن عليه السلام جن ست سؤ (٧٠٠) نڪاح ڪيا هيا (٣) والله اعلم.

گھڻين شادين ڪرڻ ۾ حڪمت :-

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليه الرحمة جي ڏوهٽي مفتي اڪرام الدين دهلويؒ عليهما الرحمة لکيو آهي ته: سندن گھڻين شادين ڪرڻ ۾ شايد هيءَ حڪمت هئي ته عرب سڳورا جيڪي رنڙن عورتن سان نڪاح نه ڪندا هئا ۽ ان کي برو سمجھندا هئا سي ڪين ڏسي اهو رواج ختم ڪن ۽ شرعي قانون تي عامل رهن (٤)

اولاد اطهار:-

سيدنا امام حسن کي اولاد ڪيترو ۽ ڪھڙو هو؟ ان ۾ به مختلف قول آهن ١: علامه ابن الجوزي عليه الرحمة لکيو آهي ته حضرت امام حسن سائينءَ کي پندرنهن (١٥) پٽ ۽ اٺ (٨) نياڻيون هيون (٥) ابن حزن اندلسيءَ سندن اولاد هن طرح لکيو آهيعلىحسن بن حسن، هن سائينءَ کي شادي ۽ اولاد هيو ۽ سندس امان سائڻ، جو نالو خولة هوؓ منظور فزاريءَ جي ڌيءُ هئي.

(١) سعادة الكونين ص ٦٠ (٢) تاريخ الخلفاء ص ١٤٥-١٤٦ (٣) وسلية الغريب ص ٤٣ (٤) سعادة الكونين ص ٦٦ (٥) صفة الصفوة ص ٣٨٥ جلد ١

۲ :زيد بن حسن - هن صاحبزادي جو ٻہ اولاد گهٽوهو ان جي امان سائڻ ابو مسعود انصاري، بدري صحابيءَ جي نياڻي ام بشر هئي ۳: عمرو ۴: حسين ٥: قاسم ٦: ابو بکر ۷: طلحة ان جي امان سائڻ طلحة بن عبيد الله جي نياڻي ام اسحاق هئي ۸: عبد الرحمان ۹: عبدالله ۱۰: محمد ۱۱: حمزة- انهن جي پيڙهي ۽ نسل نہ هليو باقي حضرت عمرو جو محمد نالي هڪ پٽ هو جيڪو مشهور فقيه ۽ وڏو محدث هو پر ان جو بہ نسل نہ وڌيو باقي عبد الله،قاسم ۽ ابو بکر پنهنجي چاچي سان گڏ ڪربلا جي ميدان ۾ شهادة حاصل ڪري ميدان ملهائي ويا (۱) مفتي اڪرام الدين دهلوي عليه الرحمة سندن اولاد جي متعلق لکيو آهي تہ تاريخدانن جو انهن جي عدد ۾ سخت اختلاف آهي ڪوبہ واضح ۽ صاف عدد تہ هيترا پٽ ۽ هيتربون نياڻيون هيون متفق قول سان ڪونہ ٿو ملي دولابيءَ جو قول آهي تہ سندن پنج پٽ هئا. ابن خشاب جو قول آهي تہ سندن يارنهن پٽ هيا ۽ ابن الاخضر ٻارهن پٽ لکيا آهن ڪي مؤرخ حضرت امام حسن عليه السلام جي ويهن پٽن جا قائل آهن. انهن مختلف روايتن ۾ سندن پٽن جا نالا هن طرح آيا آهن (۱) حسن (۲) زيد (۳) عمرو (۴) عبدالله انهن چئن ۾ تاريخدانن ۽ سيرت نگارن جو ڪوبہ اختلاف ناهي (٥) ابراهيم (٦) قاسم (۷) حسين (۸) عبد الرحمان (۹) عبدالله ثاني (۱۰) احمد (۱۱) اسماعيل (۱۲)عقيل (۱۳) ابو بکر (۱۴) طلحة (۱٥) محمد ثاني (۱٦) حمزة (۱۸) يعقوب (۱۹) محمد اصغر (۲) حضرت علامه مخدوم محمد هاشم

ٽتوي عليہ الرحمة جن حضرت امام حسن عليه السلام جن جي اولاد امجاد جي بيان ۾ لکيو آهي تہ ڪيس ٽيويھہ (٢٣) پٽ ۽ اٺ (٨) نياٽيون هيون (٣)

پٽن جا نالا:-

(١) محمد اصغر (٢) جعفر (٣) حمزه اهي ٽيئي ننڍيءَ عمر ۾ گذاري ويا (۴) محمد ثاني ان جي ڪري ڪين ابو محمد جي ڪنيت سان ياد ڪندا هئا (۵) زيد (٦) حسن مثنىٰ (٧) اسماعيل (٨) يعقوب (٩) ابو بڪر (١٠) عبدالله اڪبر (١١) حسين اشرم (١٢) عبدالرحمان (١٣) عمرو (عين جي زبر ۽ ميم جي سڪون سان) (١۴) طلحة (١۵) عبدالرحمان اصغر (١٦) علي اڪبر (١٧) علي اصغر. (١٨) عقيل (١٩) احمد (٢٠) عمر (عين جي پيش ۽ ميم جي زبر سان) (٢١) عبيد الله (٢٢) قاسم (٢٣) ابراهيم رضي الله عنهم دنياتي سندن اولاد صرف ٻن پٽن زيد ۽ حسن مثنىٰ مان هليو ٻين مان نہ.

نياٽين جانالا:-

ڪين اٺ نياٽيون هيون (١) فاطمة هيءَ امام زين العابدين جي گهر واري. حضرت امام باقر جي امان سائڻ هئي، (٢) ام الحسن (٣) ام الخير (۴) ام سلمه (۵) ام عبدالله (٦) سُڪينه (سين جي پيش ۽ ڪ جي زبر سان) (٧) زينب- انهيءَ سائڻ جو اسم مبارڪ

معلوم ٿي نہ سگھيو آھي ، ابن سعد طبقات ۾ آندو آھي تہ حضرت امام حسن جي ٻچڙن مان محمد اصغر، جعفر، حمزه ۽ فاطمه جي والده حضورپرنور عليـه الصلواة والسـلام جن جي چاچي حـضـرت عباس جي پٽ حضرت فضل رضي الله عنهما جي نياڻي ام كلثوم هئي، محمد اكبر، حسن مثنىٰ ۽ ٻن نياڻين (جيكي ننڍي هوندي وصال كري ويون هيون) جي امان قيس بن جعفر جي نياڻي خوله هئي جنهن جو لقب حنيفه هو، زيد، ام الخير ۽ ام الحسن جي والده ابو مسعود انصاري،بدري، جي نياڻي بشيره هئي، اسماعيل ۽ يعقوب ۽ ننڍي هوندي گذاري ويندڙن ٻن نياڻين جي امان قيس بن معديكرب جي پٽ اشعث جي ڌيءَ جعده بني كنده قبيلي مان هئي (۽ ان ئي حضرت حسن سائين كي زهر ڏنو هو(جيئن ان جو ذكر انشاء الله تعالىٰ اڳيان اچي رهيو آهي). قاسم ،ابوبكر، عبدالله جي امان حضرت امام حسن جي ام ولد ٻانهي هئي، جنهن كي قيله سڏيندا هئا، حسين اشرم، عبدالرحمان ۽ ام سلمةجي امان بہ ام ولد ٻانهي هئي جنهن جو نالو خطميه هو، عمرو (عين جي زبر ۽ ميم جي جزم سان) جي والده بہ ام ولد ٻانهي هئي جنهن جو نالو صافيه هو، طلحة جي امان عبدالله بن عثمان تيميءَ جي پٽ طلحة جي ڌيءُ هئي، عبدالله بن اصغر جي امان سبيع بن عبدالله جي نياڻي زينب هئي، باقي ٻچڙن جي مائرن سڳورين جانالا معلوم ٿي نہ سگھيا آهن علامه ابن كثير، البدايه والنهايه ۾ لكيو آهي تہ حضرت امام حسن سائينءَ جي اولاد مان ٿي جڻا (١) قاسم (٢) ابوبكر (٣) عبدالله

حضرت حسين سان گڏ ڪربلا ۾ شهيد ٿيا هئا (۴)

شيعن جا قول:-

شيعن جي علامه الحاج عباس قمي لکيو آهي ته حضرت امام حسن عليه السلام جي اولاد جي باري ۾اختلاف آهي ته ڪيترا هئا؟ ۾ شيخ اجل لکيو آهي ته حضرت امام حسن جا ٻچا پندرنهن ١٥ هيا ١: زيد ٢: انجي سڳي ڀيڻ ام الحسن ٣: سڳي ڀيڻ ام الحسين انهن ٽنهي جي امان سائڻ ابو مسعود عقبة خزرجيءَ جي ڌيءَ بشيره هئي. ۴:حسن بن حسن ان کي حسن مثنىٰ چوندا هئا ان جي امان منظور فزاريءَ جي ڌيءِ هئي، ٥: عمر ٦: قاسم ٧: عبدالله انهن ٽنهي جي امان حضرت حسن سائينءَ جي ام ولد ٻانهي هئي، ٨: عبدالرحمان ان جي امان به ام ولد ٻانهي هئي، ٩: حسين اشرم ١٠: طلحة ١١: فاطمة، انهن ٽنهي جي امان طلحة بن عبيدالله تميميءَ جي ڌيءِ ام اسحاق هئي ١٢: ام عبدالله ١٣:فاطمة (ثانيه) ١۴: ام سلمة ١٥: رقية انهن ڇئني نياڻين جون مائرون جدا جدا هيون (٥) ساڳئي مصنف ٿورو اڳتي لکيو آهي ته:ابومحمد حسن بن حسن که اور احسن مثنىٰ گويند اولادذ کور واناث برائے اوبے شمار رفته ١: عبدالله ٢: ابراهيم ٣: حسن مثلث ۴:زينب ٥: ام کلثوم اين پنج تن ازفاطمه دختر امام حسين عليه السلام متولد شدند (٦) يعني حضرت امام حسن جي پٽ حسن مثنىٰ کي گهڻا پٽ ۽ نياڻيون ٿيا هئا، ١:عبدالله ٢: ابراهيم ٣:حسن مثلث ۴: زينب.٥: ام کلثوم ۽ اهي پنجئي ٻچا ڪيس حضرت امام حسين عليه السلام

جي نياڻيءَ فاطمه (صغرىٰ) مان ٿيا هئا.

تنبيه:-

شيعن عالمن جي انهن ڪتابن ۾ لکيل نالن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿيو ته: امام حسن سائينءَ پنهنجن پٽن جانالا ابوبڪر ۽ عمر رکيا هئا. جيڪڏهن ڪيس انهن پيارن نالن وارن اصحابن سان محبت نہ هجي ها تہ اهي نالا پنهنجن ٻچن تي نہ رکي ها ،پوءِ ڇا حال ٿيندو؟ هن دور جي انهن شخصن، شيعا سڏائيندڙن جو جيڪي مسلمانن جي مٿان رکيلن انهن نالن کي متارائيندا آهن.

ڇاامام حسن سهڻي ڪان اهي وڏيک علم وارا آهن؟ نہ هرگز نہ تہ پوءِ انهن نالن سان پيار رکڻ کپين

حضرت زيد ۽ حسن مثنىٰ جو مختصر احوال:-

ڄاڻڻ گهرجي تہ ان ۾ ڪوبہ شڪ ،شبهو ۽ اختلاف ناهي تہ دنيا ۾ حضرت امام حسن عليه السلام جواولادانهن ٻنهي صاحبزادن مان هلندڙ آهي.

سندن ٻن پٽن عمرو ۽ حسين کي بہ اولاد ٿيو هو پر ٻچپيو ڪونہ جلد وفات ڪري ويو هو (۷)

(۱) جهمرة انساب العرب ص ۳۸- ۳۹ جزء ۱(۲) سعادة الكونين ص ۸۳ - ۸۴ (۳) وسيلة الغريب ص ۶۵(۴)وسيلة الغريب مترجم اردو ص ۶۵ - ۶۶(۵) منتهي الآمال ص ۲۴۰ جلد ۱ - تذكرة الائمة فارسي ص ۸۲- ملان باقر مجلسي. (۶) منتهي الآمال ص ۲۵۰ ج۱ - مطبوعہ ايران.(۷)سعادة الكونين ص ۸۳

حضرت زيد رضي الله عنه جو مختصر احوال:-

هي صاحبزادو نهايت ئي شاندار، جليل القدر كريم الطبع كثير الاحسان هو، سندس دور جا وڏا وڏا فاضل، عالم، سندس ديدار جي لاءِ سندس دربار ۾ حاضري ڏيندا، ملاقات جو شرف حاصل كندا، ۽ ان ملاقات كي باعث فخر سمجهندا هئا، سندس وقت جو حاكم خليفو عمر بن عبدالعزيز سندس نهايت گهڻو ادب، احترام ۽ عزت كندو هو پاڻ پنهنجي والدين ۽ ٻين گهڻن اصحابن رضي الله عنهم كان كيترين حديثن روايت كيائون ۽ كانئس ٻه هزارين تابعن حديثون روايت كيون، پاڻ پنهنجي پويان حسن نالي هك فرزند ڇڏي نوي(٩٠) سالن جي عمر ۾وفات كيائون (اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ) ۽ اهو سندس فرزند ارجمند به پنهنجي بيءُ وانگر بلند مرتبي وارو، وڏو عالم هو، ان وقت جا شاعر سندس مدح خوان هيا ۽ ان به كيترين حديثون روايت كري تابعين جي وڏيءَ جماعت جي ذريعي خدا جي خلق كي مستفيض بنايو ۽ پنجاسي سالن جي عمر ۾ سن ١٦١ ۾ دنيا دارالفناء كي ڇڏي آخرت، دار البقاء ڏانهن راهي ٿيو. هن پلاري پوٻان ست پٽ جن مان زيدبن حسن بن زيد بن حسن وڏو هو ۽ هك نفيسه نالي نياڻي ڇڏيائين جيكا وڏي عالمه، فاضله ۽ فقيهه هئي حضرت امام شافعي ان سائڻ جو شاگرد ۽ مداح هو ۽ سندس شاگرد هجڻ تي فخر كندو هو، مصر ۾ ان سائڻ جي مزار مشهور، معروف ۽ ماڻهن جي زيارت گاه بڻيل آهي. (١)

(١) سعادة الكونين ص٨۴

حضرت حسن مثنىٰ جو مختصراحوال:-

هي پيارو شهزادو به نهايت فاضل،زاهد، جليل القدر، عظيم المرتبة، بزرگ هستي هو سندس شادي حضرت امام حسين عليه السلام جي نياڻيءَ سيده فاطمه (المعروفة به صغرىٰ) سان ٿي هئي (جيئن هن کان اڳ پر شيعن عالمن، عباس قمي ۽ ملا باقر مجلسيءَ جي ڪتابن منتهي الآمال ۽ تذڪره الائمة جي حوالن سان لکي آيا آهيون) پاڻ جڏهن پنهنجي پيءُجهڙي مشفق، مهربان ۽ ڪريم چاچي حضرت حسين عليه السلام کان سندس شهادت کان اڳي پنهنجي لاءِ سڱ جي گهر ڪيائون ته ان ڪين چورائي موڪليو ته "منهنجيون به نياڻيون سُڪينه ۽ فاطمه آهن اوهان پنهي مان ڪهڙي ٿا پسند ڪيو؟ ته اها اوهان کي پرڻائي ڏيان؟" پاڻ نهايت اديب هيا، ڪين عرض ڪري موڪليائون ته مان ڪيئن چوندس ته اوهان جي فلاڻي نياڻي مون کي پسند آهي ۽ فلاڻي ناهي؟ پوءِ سيدنا حضرت امام حسين عليه السلام جن پنهنجي صوابديد تي پنهنجي ننڍيءَ نياڻيءَ سيده فاطمه جو سڱ کيس نڪاح ڪري ڏنو، حضرت حسن مثنىٰ به پنهنجي چاچي سيد شهداء ڪربلا عليه السلام جن سان ڪربلا ۾ جنگ جي دوران گڏهيو، جنگ ڪندي سخت زخمي ٿيو هو ۽ قيدي بڻايل اهل بيت ۾ هو پر سندس حامي پنهنجو اثر رسوخ هلائي کيس آزاد ڪرايو جيئن اڳتي اهو بيان ايندو-

حديث جي روايت:-

هن سائينءَ پاڻ پنهنجي والد مڪرم ۽ ٻين اصحابن رضي الله عنهم کان ڪيترين حديثون روايت ڪيون هيون ۽ ڪانئس وري ٻين

روايت ڪيون پاڻ سن ٩٧ ھ ۾ دنيا تان رحلت ڪيائون، امام بخاري روايت آندي آهي تہ: حضرت حسن مثنىٰ رضي الله عنه جي وفات کان پوءِ سندن اهليہ سيده فاطمہ (صغرىٰ) پنهنجي پياري مڙس جي محبت ۾ سندس قبر مبارڪ تي سڄو سال خيمو لڳايو ويٺي رهي، جڏهن هڪ سال ڪانپوءِ خيمو ڪٽائي پاڻ بہ اتاهين اٿي تہ غيبي آواز آيو تہ "ڇاجيڪو گم ڪيائون اهو لڌائون؟" جواب ڏيندڙ جواب ڏنو تہ "نہ مايوس ٿي موٽي ويا" حضرت حسن مثنىٰ رضي الله عنه کي سيده فاطمہ (صغرىٰ) مان ٽي پٽ (١) حسن (٢) عبد الله (٣) ابراهيم ۽ سندس ام ولد ٻانهيءَ مان بہ پٽ (١) جعفر (٢) داؤد ٿيا هئا (١)

سيدنا غوث اعظم قطب عالم مرشدنا سيد عبدالقادر جيلاني عليه الرحمة بہ هن حضرت جي اولاد مان آهي:-

ياد رکڻ گهرجي تہ سيدنا غوث اعظم رحمة الله عليہ پنهنجن ڪتابن ۾ شيعن جي عقيدن کي باطل ثابت ڪيو آهي ان جي ڪري شيعا مٿس ناراض ٿي چوندا آهن تہ پاڻ حضور پرنور عليہ الصلواه والسلام جن جي ٻچن حضرت حسن، ۽ حضرت حسين رضي الله عنهما جي اولاد مان ناهن، جاهلن کي سمجهائڻ ۽ غوث پاڪ کان ڦيرائڻ جي لاءِ ڌوڪو ڏيندي ٻڌائيندا آهن تہ امام حسن سائينءَ جو اولاد بچيوئي نہ هو سڀ ڪربلا ۾ شهيد ٿي ويا هئا، مون عاجز مٿي

سندن ڪتابن مان ئي ثابت ڪيو آهي تہ حضرت امام حسن سائين جا فرزند حضرت زيد ۽ حضرت حسن مثنىٰ رضي الله عنهما دنيا تي زنده هيا حضرت حسن مثنىٰ جي تہ شادي حضرت حسين جي نياڻيءَ سيده فاطمه سان ٿي هئي ۽ ان مان ڪيس ٽي پٽ حسن، عبدالله، ابراهيم ٿيا، ۽ انهن جو اولاد دنيا تي هو. آهي ۽ انشاءَ الله‌تعالىٰ قيامت تائين هوندو، حضرت غوث پاڪ جي نسب پاڪ جو سلسلو حضرت حسن مثنىٰ سان سندس فرزند حضرت عبد الله ۾ هيئن ملي ٿو عبدالقادر بن ابو صالح موسىٰ بن ابو عبدالله بن يحىٰ بن محمد بن داؤد موسىٰ بن عبدالله بن حسن مثنىٰ بن حسن بن علي بن ابي طالب رضي الله عنهم ان لحاظ سان پاڻ حسني ۽ حسيني آهن.

خلافت جي مسند تي جلوه افروز ٿيڻ:-

سيدنا حضرت امام حسن عليه السلام جن پنهنجي والد گرامي سيدنا حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن،هجرت جي چاليهين (٤٠) سال رمضان المبارڪ جي ٻاويهين تاريخ ڇنڇر جي ڏينهن خلافت جي مسند تي جلوه افروز ٿيا (٢) پاڻ خلفاء راشدين رضي الله عنهم ۾ آخري خليفا هئا حضور صلى الله عليه وسلم جن جو ارشاد مبارڪ آهي "اَلْخِلَافَةُ بَعْدِيْ ثَلَاثُوْنَ سَنَةً" (٣) مون کان پوءِ خلافت ٽيهہ(٣٠) سال هوندي. (بعد ۾ بادشاهي راڄ قائم ٿيندو) انهن ٽيهن سالن جو خلافت راشده تي مشتمل ٿيڻ جو تفصيل هيئن آهي، حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي خلافت ٻہ سال، ٽي مهينا، ان ڏينهن حضرت عمر فاروق

رضي الله عنه جي خلافت ڏهه سال ڇهه مهينا چار راتيون. حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه جي خلافت يارهن سال، يارهن مهينا تيرهن ڏينهن، حضرت عَلي المرتضىٰ رضي الله عنه جي خلافت چار سال ۽ هڪڙي ڏينهن گهٽ ڇهه مهينا، جملي ٽيهه سال ٿيا (۴) جڏهن پاڻ خلافت جي لاءِ بيعت وٺڻ شروع ڪيائون ته چاليهن هزارن (۴۰۰۰۰) ماڻهن سندن دست، حق پرست تي بيعت ڪئي هئي.

خلافت تان هٿ کڻي حضرت معاويه رضي الله عنه سان صلح ڪرڻ:-

حضرت علي المرتضىٰ ۽ حضرت معاويه رضي الله عنهما جي وچ ۾ اختلافن ۽ جنگين جي حالات حضرت امام حسن رضي الله عنه کي چڱيءَ طرح ذهن نشين هئي، جڏهن پاڻ خلافت تي ويٺا ۽ سندن ۽ حضرت معاويه جي وچ ۾ وري جنگين جو امڪان نظر آيو ته پاڻ پنهنجي ساٿين مان گهڻن جي ناراض ٿيڻ ۽ ڪاوڙجي وڃڻ جي باوجود حضرت معاويه رضي الله عنه سان ڪجهه شرطن تي صلح ڪري حڪومت جون واڳون ان جي حوالي ڪيائون سندن خلافت جي برحق هجڻ ۾ ڪوبه شڪ ناهي پر پاڻ مسلمانن کي خونريزيءَ کان بچائڻ جي لاءِ ربيع اول مهيني سنه ۴۱هه ۾ خلافت تان دستبردار ٿيا (۵).

(۱) سعادة الكونين ص ٨٦ اسعاف الراغبين ص ۱۸۴ (۲) سعادة الكونين ص ٦٧ (۳) الصواعق ص ۸۱ وفيات الاعيان ص ٦٦ جلد۲ (۴) مروج الذهب ص ۷ جلد ۳ (۵) الصواعق ص ۸۱

خلافت تان هٿ کڻڻ ۾ حڪمت:-

حضرت علامه شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليه الرحمة جن فرمايو ته: سيدنا امام حسن سائينءَ ڇهن مهينن کان پوءِ ان جي ڪري خلافت تان هٿ کنيو هو جو پاڻ بادشاهن جي لسٽ ۾ اچڻ پسند نه ٿي ڪيائون، مٿي حضور صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان لکي آيا آهيون ته "مون کان پوءِ خلافت ٽيهه سال هوندي" ان کان پوءِ بادشاهي هلندي، اها خلافت واري مدت ان ڏينهن پوري ٿي جنهن ڏينهن حضرت امام حسن هٿ کنيو (١) صلح کان پوءِ پاڻ هڪ مهينو دمشق ۾ حضرت معاويه سان گڏ رهي اهو اظهار ڪيائون ته سندن صلح خوشيءَ سان ٿيو آهي ۽ حضرت معاويه به ساڻن ڪيل وعدا پورا ڪيا. ان کان پوءِ پاڻ مديني منوره ۾ سڪون سان ياد الهي ۾ مصروف رهيا ۽ همه تن مالڪ مٿي جي عبادت جي حوالي هوندا هئا. هڪ ڀيري جبير بن نضير ڪانئن عرض ڪري پڇيو ته اوهان خلافت جي خواهش رکو ٿا؟ پاڻ ان کي جواب ڏيندي فرمايائون ته: الله جو قسم آهي ته مون سان خلافت تي رهڻ وقت اهڙا جنگي جوڌا جوان گڏ هئا. جو جيڪڏهن مان ڪين جنگ ڪرڻ جي لاءِ چوان هان ته وڙهي ڏيکارين ها پر مون الله جل شان جي رضا جي لاءِ ان جي ٻانهن ۽ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جي امتين جي خونن کي بچائڻ لاءِ خلافت تان هٿ کنيو آهي. (٢)

---

(١) سعادة الکونين ص ٧٧ (٢) حلية الاولياء ص ٣٧ جزء ٢

نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جو فرمان سچو ثابت ٿيو:-

محدثن سڳورن لکيو آهي تہ حضرت حسن ۽ حضرت معاويه رضي الله عنهما جي صلح سان حضور عليه الصلواة والسلام جن جو اهو فرمان سچو ثابت ٿيو جنهن ۾ پاڻ حضرت حسن جي لاءِ فرمايو هيائون "اِنَّ ابۡنِيۡ هٰذَا سَيِّدٌ لَعَلَّ اللّٰهَ اَنۡ يُّصۡلِحَ بِهٖ بَيۡنَ فِئَتَيۡنِ عَظِيۡمَتَيۡنِ مِنَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ" (١) يعني هي منهنجو پٽ سردار آهي جنهن سان الله تعالىٰ مسلمانن جي ٻن جماعتن ۾ صلح ڪرائيندو- ياد رکڻ گهرجي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي فرمان تہ "ٻن مسلمانن جماعتن" ۽ حضرت حسن جي طرفان حضرت معاويه سان صلح ڪرڻ ۽ حضرت حسين جي طرفان اهو صلح قبول ڪرڻ جي ڪري احتياط ان ۾ آهي تہ حضرت معاويه جي لاءِ نہ گندو ذهن رکجي نہ گندي زبان هلائجي سندن معاملو الله جي حوالي ڪري ڇڏجي.

حضرت امام حسن سائينءَ جي شهادت ۽ دنياتان رحلت:-

ان ڳالهہ تي سيني مؤرخن جو اتفاق آهي تہ سندن شهادة زهر جي ذريعي ٿي هئي پر اهو ڪنهن ڏنو اڪثر محققن جو چوڻ آهي تہ ڪين زهر سندن گهر واري جعده بنت اشعث بن قيس ڏنو هو (٢)

(١) مشكواة المصابيح ص ٥٦٩ باب مناقب اهل البيت (٢) مقاتل الطالبين ص ٣١ اسد الغابة ص ١٥ ج٢ - تهذيب التهذيب ص ٣٠٠ ج٢

زهر ڪنهن ڏياريو هو؟

محقق علماء لکيو آهي ته اهو زهر يزيد پليد ڏياريو هو (١)

يزيد پليد ڪين زهر ڇو ڏياريو؟ ۽ جعده ڇو ڏنو؟

يزيد ڪين زهر ان جي ڪري ڏياريو هو ته سندس شهادت کان پوءِ پاڻ مسلمانن جو امير ٿيندو ۽ جعده کي ان اها لالچ ڏني هئي ته حضرت حسن عليه السلام کي شهيد ڪر ته مان توسان شادي ڪندس، تڏهن ان اهو عظيم گناه ڪيو (٢)

زهر ملڻ کان پوءِ سندس پريشان ڪن حالت ۽ حضرت حسين سان گفتگو:-

جڏهن ڪين سندن گهر واريءَ جعده (عليها ما تستحقها) زهر ڏنو هو ته سندن پيٽان چاليهه ڏينهن رت ايندو رهيو ۽ ايترو ٿي آيو جو هڪ ٿالهي ڪٽڻ پيا ۽ ٻي رکڻ پيا (٣) يزيد پليد جعده ڏانهن اهو زهر ۽ ان سان گڏ هڪ لک (١٠٠٠٠٠) درهم به موڪليا (٤) پاڻ ته سخت تڪليف جي حالت ۾ پنهنجي دلبر ڀاءُ حضرت حسين عليه السلام جن سان هيٺن گفتگو ڪيائون، حضرت حسن- پيارا ڀاءُ! هن کان اڳ ۾ به ٽي ڀيرا زهر مليو اٿم پر هن جهڙو نه، هن ڀيري ته جگر جا ٽڪرا پيٽان اچي رهيا آهن. حضرت حسين ادا جان! اوهان کي اهو قاتل زهر ڪنهن ڏنو آهي؟ حضرت حسن- اوهان اهو ان جي

ڪري ڇچو ٿا ته ان سان لڙو؟ پر مون ان جو معاملو الله جل جلاله جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي ۽ مان نه ٿو سمجهان ته: الله جل شانه اسان جي ناني ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ذات کي جيڪا نبوة عطا ڪئي آهي ان سان گڏ سندن خاندان کي دنيوي حاڪميت به عطا ڪندو. اوهان به ڪوفي وارن جي چوڻ تي اعتماد نه ڪجو (٥) هڪ روايت ۾ آهي ته پاڻ حضرت حسين سائينءَ کي فرمايائون ته: اي منهنجا ڀاءُ! دنيا تان منهنجي رحلت جو وقت ويجهو اچي ويو آهي ۽ هاڻي اوهان کان جدائي ۽ مالڪ مٺي جي دربار جي حاضري جلد ٿيڻ واري آهي ۽ جنهن زهر جي ڪري منهنجو جگر ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهيو آهي ان جي ڏيندڙ جي به خبر اٿم پر اهو ڪيس قدرتي ڪورٽ جي حوالي ڪري ڇڏيو اٿم. مان توکي ان حق جو واسطو ٿو وجهان جيڪو منهنجو توتي آهي ته ان سلسلي ۾ ڪنهن کي ڪجهه به نه چئجانءِ. جڏهن منهنجو روح پرواز ڪري ته مون کي قميص ڍڪائي پوءِ غسل ڏيارجان ۽ ڪفن ڍڪائي، ڪٽ تي ڪٿائي ناني ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي مزار پر انوار ڏانهن هلجان ته مان ساڻن نئون عهد ڪيان. ان کان پوءِ البقيع ۾ ڏاڏيءَ فاطمه بنت اسد رضي الله عنها جي مزار جي پر ۾ مون کي دفن ڪرائجان ۽ مان توکي وري به قسم ٿو وجهان ته منهنجي بدلي ۾ ڪنهن جو رت نه وهائجان (٦)

(١) تاريخ الخلفاء ص ١٤٦ الصواعق المحرقة ص ٨٤ اسعاف الراغبين ص ١٨٢ وسيلة الغريب ص ٨٣ (٢) اسعاف الراغبين ص ١٨٢ (٣)اسد الغابه ص ١٥ ج ٢ (٤) الصواعق ص ٨٤(٥) اسد الغابه ص ١٥ ج٢ (٦) الصواعق ص ٨٤ سعادة الكونين ص ٨١

حضور عليه الصلواة والسلام جن زنده آهن :-

حضرت امام حسن عليه السلام جي فرمان ته "مان حضور عليه الصلواة والسلام سان نئون عهد كيان" مان ثابت ٿيو ته سندن عقيدو هو ته حبيب عليه الصلواة والسلام جن زنده آهن جيكي مزار پرانوار مان عهد جي تجديد كري سگهن ٿا هك روايت ۾ آهي ته پاڻ مومنن جي امان سيده عائشة صديقہ رضي الله عنها كان سندس حجري مبارك ۾ حضور عليه الصلواه والسلام جن سان گڏ دفن ٿيڻ جي لاءِ موكل گهريائون ۽ امان سائڻ كين موكل ڏني هئي (١) پر مروان كين اتي ركڻ نہ ڏنو.

غيبي مرد جي آمد:-

فضل بن دكين كان روايت آهي ته: جڏهن حضرت امام حسن عليه السلام جن زهر جي تكليف ۽ دنيا تان رحلت كي محسوس كري بي قراريءَ جو اظهار كيو ته هك غيبي مڙس اچي كين عرض كيو ته: سائين! هيءَ بي قراري ڇاجي؟ اوهان ته روح جي پرواز كرڻ كان پوءِ پنهنجي ناني عليه الصلواة والسلام، والدين، نانيءَ خديجہ، ڇاچن، حمزه ۽ جعفر طيار ۽ مامن، قاسم، عبدالله "طيب طاهر" ابراهيم ۽ ماسين، زينب، رقيه، ام كلثوم رضي الله عنهم وعنهن سان هلي ملاقاتون كندا، تڏهن سندن بي قراري ختم ٿي (٢) ان زهر ملڻ جي كري پاڻ ڇاليهہ ڏينهن سخت بيمار رهڻ كان پوءِ دنيا تان رحلت كيائون (٣)

رحلت جي تاريخ-مهينو ۽ سال:-

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ علامه ابن حجر مڪي عليهما الرحمة لکيو آهي تہ صحيح قول اهو آهي تہ سندن رحلت ٥ ربيع الاول سن ٥٠هہ ۾ ٿي هئي (٤) امام بخاري عليه الرحمة لکيو آهي تہ سندن رحلت حضرت معاويه رضي الله عنه جي دور جي ڏهن سالن گذرڻ کان پوءِ سن ٥١ ۾ ٿي (٥) والله اعلم

زهر سان رحلت ڪندڙ شهيد آهي:

جيڪو زهر ملڻ جي ڪري دنيان تان لاڏاڻو ڪري اهو شهيد آهي متقدمين عالمن مان حضرت قتاده ۽ حضرت ابو بڪربن حفص ۽ متاخرن مان مقدمه شرح التقريب ۾ علامه زين عراقي ۽ الشيخ محمد الصبان عليه الرحمة لکيو آهي تہ وبموته مسموما شهيدا جزم غير واحد من المتقد مين والمتاخرين (٦) يعني حضرت امام حسن جي زهر ملڻ جي ڪري رحلت کي متقدمين ۽ متاخرين شهادت سڏيو آهي

غسل ڏيڻ وارا:-

مفتي اڪرام الدين دهلوي صاحب عليه الرحمة لکيو آهي تہ حضرت امام حسن سائينءَ کي غسل سندس ڀائرن حضرت حسين حضرت عباس ۽ محمد ڏياريو هو (٧)

(١) اسد الغابة ص ١٥ ج٢ (٢) اسد الغابه ص١٥ ج٢ (٣) وفيات الاعيان ص ٦٦ ج٢ (٤) الصواعق ص ٨٤ وسيلة الغريب ص ٦٤ (٥) التاريخ الكبير ص ٢٨٦ ج٢ (٦) اسعاف الراغبين ص ١٨٢ (٧) سعادة الكونين ص ٨١

جنازي جي نماز:-

جڏهن سندن رحلت ٿي ۽ غسل ۽ ڪفن وغيره کان فراغت ٿي ته سندن جنازي نماز پڙهائڻ جي لاءِ حضرت حسين ان وقت مدينه پاڪ جي امير سعيد بن العاص کي چيو ۽ فرمايو ته "سنت آهي ته وقت جو امير جنازي جي نماز پڙهائي نه ته مان توکي نه چوان ها. اٿي حضرت حسن جي جنازي جي نماز پڙهاءِ" ۽ حضرت حسين جي چوڻ کان پوءِ ان جنازي جي نماز پڙهائي (۱)

ڪٿي دفن ڪيا ويا:-

هن کان اڳ ۾ لکي آيا آهيون ته حضرت امام حسن عليه لسلام جن پاڻ کي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پير ۾ دفن ڪرائڻ جي لاءِ سيده عائشه رضي الله عنها کان موڪل گهري هئي ۽ سائڻ ڪين خوشيءَ سان موڪل ڏني هئي (۲) پر جڏهن سندس رحلت ٿي ۽ ڪين اتي دفن ڪرڻ جي لاءِ تياري ڪئي وئي ته مروان (جيڪو ان وقت مديني منوره جو حاڪم هو) اجازت نه ڏني ته حضرت امام حسن عليه السلام جن کي حضور اڪرم، محبوب معظم صلى الله عليه وسلم جن جي مزار پرانوار جي اندر سندن پير ۾ دفن ڪيو وڃي- پوءِ ڪين البقيع ۾ هڪ روايت موجب سندن ڏاڏيءَ سيده فاطمه رضي الله عنها جي پير ۾ (۳) ۽ ٻيءَ روايت موجبَ ڪين سندن امان سيده فاطمه زهرا سلام الله عليها جي پير ۾ دفن ڪيو ويو (۴)

زندگيءَ مبارڪ جا دور:-

سندن عمر مبارڪ ڪيتري هئي ان ۾ اختلاف آهي، علامه ابن حجر مڪي ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة لکيو آهي ته سندن عمر مبارڪ ستيتاليه (۴۷) سال هئي جنهن مان ننڍ پڻ جا ست سال ۽ ڏيڍ مهينو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي صحبت ۾ گذاريائون. ٽيهه سال والد مڪرم سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله عنه سان ۽ ڇهه مهينا خلافت جي حوالي ۽ ساڍا نو سال خلافت ڇڏي.

آزاديءَ سان الله جل جلاله جي عبادت ڪندي مديني منوره ۾ گذاريائون (۵)

جعده جي حالت:-

سيدنا امام حسن عليه السلام کي زهر ڏئي شهيد ڪرڻ کان پوءِ جڏهن سندن گهر واريءَ جعده يزيد کي چورائي موڪليو ته هاڻي مون سان وعدي مطابق شادي ڪر ته ان انڪار ڪندي ڪيس جواب ڏياري موڪليو ته اسان توکي امام حسنؑ سان گڏ رهڻ پسند نه ڪيو سو توکي پاڻ سان گڏ ڪيئن رهائيندا سون. (٦) پوءِ ان هڪ ٻئي نوجوان قريشيءَ سان شادي ڪئي جنهن مان ڪيس پٽ ڄائو جنهن کي ماڻهو يا ابن مسمة الازواج (اي مڙسن کي زهر ڏيندڙ جا پٽ) سڏيند اهئا (۷)

(۱) مقاتل الطالبيين ص ۵۰ - اسد الغابة ص ۱۵ جلد ۲ الصواعق ص ۸۴ (۲) سعادة الکونين ص ۸۱ (۳) الصواعق ص ۸۴ (۴) وفيات الاعيان الاستيعاب ص۳۷۸ ج۱ - مروج الذهب ص ٦٦ ج۲ الاصابه ص ۴ ج۳ تاريخ الخلفاء ص ۱۸۴ (۵) الصواعق ص ۸۴ وسيلة الغريب ص ۷۲ (٦) الصواعق ص ۸۴ (۷) وفيات الاعيان ص ٦٦ جلد۲

گستاخ کي سزا:-

ڄاڻ گهرجي تہ الله جل جلاله پنهنجي طرفان ٻانهن تي امتحان بہ آڻيندو آهي انهن کي ڏک بہ ڏيندو آهي ۽ ڪڏهن سندن مخالفن کي ڍر بہ ڏيندو آهي پر ڪڏهن پنهنجن پيارن ٻانهن جي شان، شوڪت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ سندن مخالفن کي سخت سزائون بہ ڏيندو آهي: ان جي ڪري پيارن ٻانهن جي مخالفت کان بچڻ گهرجي، هڪ ڀيري هڪ بيحياء شخص البقيع ۾ وڃي حضرت امام حسن عليه السلام جي مزار پر انوارتي گندگي ڪئي، الله جل شانه ان کي اتي جواتي چريو بنائي ڇڏيو ۽ سڄي عمر ڪتي وانگر ڀهڪون ڪندو رهيو. علامہ محمد صبان لکيو آهي تہ ان جي مرڻ کان پوءِ سندس قبر مان بہ ڪو وقت ڀهڪون ٻڌڻ ۾ اينديون هيون(١)

ڪربلا جي شهيدن جي سرتاج سيدنا امام حسين رضي الله عنهم جو احوال:-

والدين ۽ نسب جو ذڪر:-

سندن والدين ۽ نسب جي سلسلي جو ذڪر حضرت امام حسن عليه‌السلام جي احوال ۾ لکي آيا آهيون اهوئي ڪافي آهي.

والده جي وجود مسعود ۾ تشريف آوري:-

پاڻ حضرت امام حسن عليه السلام جي ڄمڻ کان تقريبًا بہ مهينا يا ٥٠ ڏينهن پوءِ پنهنجي والده سائڻ جي نوري وجود ۾ تشريف فرما ٿيا (٢) هن سيده خاتون جنت ۽ حضرت علي المرتضىٰ رضي الله

عنهما جي دلدار جي ولادت باسعادت شعبان مهيني جي پنجين تاريخ سن ۴ هجري ۾ مديني منوره ۾ ٿي (٣) حضور عليه الصلواة والسلام جن سندس ڪنن مبارڪن ۾ بانگ جا الفاظ چيا ۽ پنهنجو لعاب مبارڪ سندس وات مبارڪ ۾ وڌو (۴) حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة لکيو آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن سندس ڪنن مبارڪن۾ بانگ ته ڏني هئي پر تڪبير جا الفاظ به چوڻ فرمايا هئا (۵)

اسم گرامي:-

سندن ظهور پرنور کان پوءِ جڏهن حضور شافع يوم النشور صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي لاڏلي ڌوهٽي کي نوازڻ لاءِ سندس گهر ۾ تشريف فرما ٿيا ته سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله عنه کان پڇيائون "اوهان هن جو نالو ڇا سوچيو آهي؟" ان عرض ڪيو ته حضرت هارون عليه السلام جي پٽ جو نالو شبير- پاڻ فرمايائون ته "هن جو نالو حسين آهي" (٦)

(١) اسعاف الراغبين ص ١٨٣ (٢) التاريخ الكبيرص ٢٨٦ ج٢ تهذيب التهذيب ص ۵۴۵ جلد ٢ الاستيعاب ص ٣٣٢ ج١ الاصابه ص ٣٧٨ ج١ (٣) اسعاف الراغبين ص ١٨۵ ، تاريخ ابن عساكر ص ٣١٦ جلد ۴ (۴) نور الابصار ص ١٢۵ (۵) وسيلة الغريب ص ۴۵ (٦) اسد الغابة ص ١٨ ج ٢



عقيقو ۽ طوهر:-

حضرت امام حسن عليه السلام وانگر حضرت حسين عليه السلام جن جو عقيقو ۽ طوهر بہ ستين ڏينهن ڪيو ويو، حبيب لبيب صلى الله عليه وسلم جن سيده فاطمه زهراء رضي الله عنها کي فرمايو تہ: ”حسين جي مٿي جا وار ڪوڙي انهن جي تور برابر چاندي خيرات ڪيو ۽ عقيقي واري جانور جي ران سندس دائيءَ کي ڏيو (١)

کير پيارڻ واري امان:-

حضرت حسين عليه السلام کي حضرت حبيب عليه الصلواة والسلام جن جي چاچي حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنه جي گهر واريءَ ام الفضل پنهنجي پٽ قثم سان گڏ کير پياريو هو (٢) ام الفضل رضي الله عنها اهائي بيبي سائڻ آهي جنهن حضرت حسين عليه السلام جي جمڻ کان اڳي حيرت ۾ وجهڻ جهڙو خواب ڏٺو هو.

سيده ام الفضل رضي الله عنها جو خواب:-

بيهقيءَ دلائل النبوة ۾ حضرت ام الفضل بنت الحرث رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ ان سائڻ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي دربار عالي ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يا رسول الله!

---

(١) المستدرک ص ١٧٩ ج٣ . سعادة الکونين ص ٨٩(٢) المستدرک ص ١٨٠ ج٣

رات مون هڪ اڻ وڻندڙ خواب ڏٺو آهي، فرمايائون "ڪهڙو" عرض ڪيائين ته ڏٺو اٿم ته چڻ اوهان جي جسم اطهر جو ٽڪرو ڪٽي منهنجي هنج ۾ رکيو ويو آهي، پاڻ فرمايائون ته "تو ڀلو خواب ڏٺو آهي انشاء الله فاطمه پٽ ڄڻيندي جيڪو تنهنجي هنج ۾ ايندو" (١) انهيءَ حديث جي شرح ۾ علامه علي القاري لکيو آهي ته ان سائڻ جو نالو لبابه، عامريه هو، اها حضور عليه الصلواة والسلام جن جي گهر واريءَ ام المومنين، ميمونه رضي الله عنها جي ڀيڻ هئي جنهن حضرت ام المومنين سيده خديجةالڪبرىٰ رضي الله عنها کان پوءِ پهريائين ايمان آندو ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن کان ڪيترين حديثون به روايت ڪيون اٿس. (٢)

سيدنا حسين جو ڪنيو ۽ القاب:-

سندن ڪنيو ابوعبدالله (٢) ۽ القاب هي آهن (١) الرشيد(هدايت وارو (٢) الطيب (اندر جوپاڪ (٣) الزڪي (ظاهر جو صاف) (۴) الوفي (وفادار) (٥) السيد(سردار) (٦) المبارڪ (برڪتن وارو (٧) التابع لمرضات الله (الله جي رضا جو تابعدار) (٨) السبط (شاندار ڏوهٽو) انهن سڀني لقبن مان سندن مشهور لقب الزڪي هو (٣)

گهٽي زندگي ڪٿي گذاريائون:-

پاڻ شهادت واري سفر ۽ حج جي لاءِ نڪرڻ کان سواءِ باقي

غالب وقت مديني منوره ۾ گذاريائون (۴)

حليو مبارڪ :-

پاڻ جسماني وضع جي لحاظ سان سيني پاڪ کان هيٺ پيرن مبارڪن تائين حضور صلی الله عليه وسلم جن سان مشابه هيا ۽ سندن مٿي ۽ ڏاڙهي مبارڪ جا وار تمام گھاٽا ڪارا هوندا هيا (۵)

حُسن:-

پاڻ ايڏا حسن وارا هئا جو ماڻهو اونداهيءَ رات ۾ سندن ڳلن مبارڪن جي چمڪارن ۾ واٽ وٺيو سڌا ويندا هئا (٦)

صحابيت جو شرف:-

هن کان اڳ ۾ حضرت امام حسن عليه السلام جي احوال ۾ لکي آيا آهيون ته پاڻ ست سال ۽ ڏيڍ مهينو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي صحبت جا مزا ماڻيائون. ۽ حضرت امام حسين سائين کي ڇهه سال پنج مهينا حضور سرور ڪونين صلی الله عليه وسلم جن جي بابرڪت صحبت جو موقعو مليو ، ان جي ڪري علماء ڪرام فرمايو آهي ته حسنين ڪريمين ٻئي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اولاد مان هجڻ سان گڏ سندن اصحابي به آهن.

اڪثر محدثين جو ان ڳالهه تي اتفاق آهي ته جنهن به پنجن سالن جي عمر ۾ مسلمان ٿي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو

ديدار ڪيو اهو سندن اصحابن ۾ شمار ڪيو ويندو ان کان گهٽ عمر وارن ۾ اختلاف آهي (٧)

درباري شاعر ۽ چوڪيدار:-

سيدنا امام حسين جا مناقب ۽ فضائل پيش ڪرڻ وارا شاعر گهٽائي هئا، آهن ۽ ايندا پر ان وقت سندن دربار جي مخصوص شاعر جو نالو يحيىٰ بن حاڪم ۽ چوڪيدار جو نالو اسلم سنجري هو (٨)

مُنڊيءَ جو نقش:-

حضرت حسين سائين جن جنهن منڊيءَ سان مهر هڻندا هئا ان تي "لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ" لکيل هوندو هو (٩)

---

(١) مرقاة ص ٦٠٨ ج٥ (٢) ڪتاب الكني والاسماء، ص ١٧ جزء ١ (٣) نور الابصار ص ١٢٥ (٤) اسعاف الراغبين ص ١٨٧ (٥) تهذيب التهذيب ص ٣٤٥ ج٢ ، تاريخ ابن عساكر ص ٣١٦ ج٤ (٦) شواهد النبوة ص ، سعادة الكونين ص ١٥ (٧) وسيلةالغريب ص ٤٥ (٨) نور الابصار ص ١٢٦ (٩) نور الابصار ص ١٢٦ ۽ سعادة الكونين ص ٩٠

حديثن جي روايت:-

حضرت حسين سائين جن حضور عليه الصلواة والسلام جن کان سنڌيءَ طرح ۾ پنهنجي ابي امان، نڳي مامي هند بن ابي هالة، حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنهم ۾ ٻين کان حديثون روايت ڪيون آهن ۽ ڪائنس وري حضرت امام حسن ، سندن پٽ حضرت زين العابدين، ڀائٽي زيد بن حسن، پوٽي محمد باقر، سندن نياڻين، فاطمه، ۽ سُڪينه، شعبي، عڪرمه ، ڪرز،تيمي، ،سنان بن ابي سنان دولي، عبدالله بن عمروبن عثمان، فرزدق ۽ ٻين روايتون آنديون آهن (١) .

ڪجھ سندن روايت ڪيل حديثون-

١ : طلحة بن عبيدالله حضرت حسين عليه السلام کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اَمَانُ اُمَّتِيْ مِنَ الْغَرَقِ اِذَا رَكِبُو الْبَحْرَانْ يَّقْرَؤُا " بِسْمِ اللهِ مَجْرٖهَا وَمُرْسَاهَا اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (٢) يعني منهنجا امتي جنهن وقت سمنڊ ۾ ٻيڙين ۾ سوار ٿين تہ انهن کي ٻڏڻ کان بچڻ جو ذريعو هيءَ دعا آهي "بِسْمِ اللهِ مَجْرٖهَا وَمُرْسَاهَا اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (٣) الله جي نالي سان هن جو هلڻ ۽ بيهڻ آهي بيشڪ منهنجو رب بخشڻهار مهربان آهي.

٢ :- محدث ابويعلىٰ حضرت حسين سائينءَ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "مَامِنْ مُسْلِمٍ وَلَا مُسْلِمَةٍ يُصَابُ بِمُصِيْبَةٍ اَوْقَالَ تُصِيْبُهٗ مُصِيْبَةٌ وَاِنْ قَدمَ عَهْدُهَا فَيُحْدِثُ

لَهَا اِسْتِرْجَا عَااِلاَّ اَحْدَثَ اللّٰهُ لَهُ عِنْدَ ذَالِکَ وَاَعْطَاهُ ثَوَابَ مَا وَعَدُهُ عَلَيْهَا يَوْمَ اُصِيْبَ بِهَا" (۴) يعني ڪوبہ مسلمان مرد ۽ مسلمان عورت ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿيا پلي ان ڪي گهڻو وقت گذري ويو هجي پر جڏهن ان جي لاءِ نئين سر "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ" چوندا تڏهن الله جل جلاله انهن ڪي ان جو نئون درجو ڏي ٿو ۽ جيڪو مصيبت پهچڻ واري ڏينهن ان سان ثواب جو وعدو ڪيو هيائين ان ڪي اوترو وري بہ عطا ڪري ٿو

۳: حضرت حسين سائينءَ کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " مِنْ حُسْنِ اِسْلَامِ الْمَرْءِ تَرْکُهُ مَالَايَعْنِيْهِ" (۵) يعني مرد جي اسلامي صفتن مان هڪ سهڻي صفت هيءَ بہ آهي جو بي مقصد شيون ڇڏي ڏي، غير ضروري ڪمن ۾ وقت نہ وڃائي.

عبادت ۽ سخاوت:-

مؤرخن ۽ سيرت نگارن لکيو آهي تہ سيدنا امام حسين عليہ السلام جن رب العالمين جل جلاله جي عبادت ۾ تمام گهڻا محنتي هيا هر رات ۾ هزار رڪعتون پڙهندا هيا (٦) جيئن

(۱) تهذيب التهذيب ص ۳۴۵ جلد ۲ تاريخ ابن عساکر ص ۳۱۴ ج۴ (۲) اسد الغابة ص ۱۹ ج۲ (۳) سورة هود آيت ۴۱
(۴) تاريخ ابن عساکر ص ۳۱۵ ج۴ (۵) الاستيعاب بهامش الاصابة ص ۳۸۳ ج۱ (٦) سعادة الکونين ص ۹۳

سندن پياري ڀاءُ حضرت امام حسن عليه السلام جن سوارين جي موجود هوندي ٢٥ حج پنڌ ڪيا هيا تيئن حضرت حسين سائين جن به ٢٥ حج پيادل ڪيا هئا. سخاوت، مهمان نوازي، غريب پروري مائٽي ڳنڍڻ، مظلومن جي مدد ڪرڻ، فقيرن ۽ مسڪين کي انعامات سان نوازڻ ۾ مشهور، معروف، ڪمال وارا ۽ پنهنجو مٽ پاڻ هيا. ضعيفن، مسڪينن ۽ ڪپڙن کان خالي جسمن کي کاڌي ۽ ڪپڙي سان نوازيندا هئا. سندن سخاوت ۽ مهمان نوازيءَ جو هڪ مثال سيدنا امام حسن جي ذڪر ۾ لکي آيا آهيون جو پاڻ هڪڙي ٻڍڙيءَ عورت کي سندس ڪيل مهمان نوازيءَ جي بدلي ۾ هزار (١٠٠٠) درهم ۽ هزار(١٠٠٠) ٻڪريون عنايت فرمايون هيائون.

حسيني سخاوت جا ٻه مثال:-

١:- هڪ ڀيري هڪ سائل سندن دروازي تي پنهنجو اڻ وهاري سندن خدمت ۾ امداد جي لاءِ عرض ڪري موڪليو، جڏهن اندران جواب ملڻ ۾ دير ٿي ته ٻيو ڀيرو عرض ۾ هي شعر لکي موڪليائين.

مَاذَااَقُوْلُ اِذَا رَجَعْتُ وَقِيْلَ لِيْ
مَاذَا اَصَبْتَ مِنَ الْجَوَّادِ الْمُفَضَّلِ

يعني جيڪڏهن خالي موٽڻ کان پوءِ مون کان پڇيو وڃي ته توکي سخي مهربان کان ڇا مليو ته مان ڪهڙو جواب ڏيندس.

اِنْ قُلْتُ اَعْطَانِيْ كَذَبْتُ وَاِنْ اَقُلْ
بَخِلَ الْجَوَادُ بِمَالِهٖ لَمْ يُحْسَنْ لِيْ

جيڪڏهن مون (ڪجهه نه ملڻ جي باوجود) چيو ته مون ڪي ڏنائين ته اهو ڪوڙ ٿي پوندو ۽ جيڪڏهن چوندس ته سخي جوان، مال ڏيڻ ۾ بخيلي ڪئي ته مون لاءِ سهٽو نه ٿيندو. سيدنا حضرت حسين عليه السلام جن ان کي ڏهه هزار (۱۰۰۰۰) درهم موڪلڻ سان گڏ هيءُ شعر به لکي موڪليا:

عَاجَلْتَنَا فَاِنَّکَ عَاجِلُ بِرِّنَا
قَلاًّ وَاِنْ اَمْهَلْتَنَا لَمْ تُقْلَلِ

يعني تو اسان سان تڪڙ ڪئي ۽ يقينًا تون اسان کي نيڪيءَ جي ڪم ۾ جلدي ٿو ڪرائين ۽ جيڪڏهن اسان کي مهلت ڏين ها ته ٿوري نه پر گهڻي امداد حاصل ڪرين ها.

فَخُذِ الْقَلِيْلَ وَکُنْ کَاَنَّکَ لَمْ تَسْأَلْ
وَنَکُوْنُ نَحْــنَ کَاَنَّنَا لَمْ نَفْعَلِ

پوءِ (هيءُ ڏهه هزار) جيڪو ٿورو ڪجهه آهي وٺ ۽ ائين سمجهه ته ڄڻ تو ڪجهه گهريوئي ناهي ۽ اسين ائين سمجهون ته ڄڻ اسان تنهنجي ڪجهه (امداد) ڪئي ناهي (۱)

۲:- هڪ ڀيري حضرت جي خدمت اقدس ۾ سندن هڪ خريد ڪيل ٻانهيءَ هڪ سهٽو گلدستو تحفي طور پيش ڪيو پاڻ ان گلن جي گلدستي کي سنگهي ان ٻانهيءَ کي آزاد ڪري ڇڏيائون، اتي ويٺل هڪ شخص عرض ڪيو ته اوهان ان ٿورڙي قيمت واري گلدسته جي بدلي ۾ ان ڳري بها واري ٻانهيءَ کي آزاد ڪري ڇڏيو؟ پاڻ فرمايائون ته "ڇا تو الله جل شانه جو هي فرمان نه پڙهيو آهي "وَاِذَا حُيِّيْتُمْ

بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوا بِاَحْسَنَ مِنْهَا" (٢) مطلب ته جڏهن اوهان ڪنهن ڪان سهڻي طريقي سان مرحبا ڪيا وڃو ته او هان ان جي ان ڪان به وڌيڪ سهڻي طريقي سان مرحبا ڪندا ڪيو، پوءِ منهنجي طرفان هن ٻانهي جي سهڻي مرحبا اهائي آهي جو مون ڪيس گلدستي جي بدلي ۾ آزاد ڪري ڇڏيو (٣)

قدسيات:-

پاڪ فرمان:-

١:- پاڻ فرمائين ٿا ماڻهو اوهان وٽ پنهنجون حاجتون ڪم ڪار ۽ ضرورتون ڪٽي اچن ته اوهان ائين سمجهو ته اها اوهان تي الله جل شانه جي نعمتن مان وڏي نعمت آهي انهن ڪان تنگ ۽ ملول نه ٿيو متان نعمت جي بجاءِ عذاب اچي وڃي.

٢:- ڪنهن سان به چڱائي ڪرڻ دنيا ۾ وهوا ۽ آخرت ۾ اجر ۽ ثواب جو باعث آهي.

٣:- جنهن سخاوت ڪئي سو سردار بڻيو ۽ جنهن بخيلي ڪئي اهو ذليل ٿيو.

٤:- جنهن بہ ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي حاجت روائي ۾ جلدي ڪئي اهو ان جو اجر به الله تعاليٰ وٽ جلد لهندو.

٥:-هڪ ڀيري پاڻ بيت الله شريف جي هڪ رڪن (ڪنڊ واري پٿر) تي هٿ رکي مالڪ مٺي جي بارگاه ۾ هيئن عرض ڪرڻ لڳا: اي منهنجا الله! تو مون تي نعمتون ڪيون پر مون کي انهن جو شڪر

گذار نہ لڌئي ۽ مون کي امتحانن سان آزمايئي پر صبر کندڙ نہ لڌئي پر پوءِ بہ نہ بي شڪريءَ جي ڪري نعمت کسيئي ۽ نہ بي صبريءَ جي ڪري امتحان ۾ سختي ڪيئي.اي منهنجا الله ! ڪريم ڪان ڪرم ئي ٿيندو آهي (۴)

شاعري:-

پاڻ ڪڏهن ڪڏهن شعر بہ چوندا هيا. ڪتاب الفتوح جي صاحب علامہ ابن النعم آندو آهي تہ جڏهن ڪربلا جي ميدان ۾ سندن ساٿي شهيد ڪيا ويا، ڪانئن پاڻي روڪيو ويو ۽ سندن ننڍڙي فرزند کي تيرن جو نشان بنائي شهيد ڪيو ويو تہ پاڻ ان ننڍڙي شهيد پٽ کي چادر ۾ ويڙهي ان جي جنازي نماز پڙهائي ڪيس دفن ڪرڻ کان پوءِ ڏک ۽ درد وارا شعر چيائون جن مان ڪجهہ هي آهن:

غَدَرَ الْقَوْمُ وَقَدْ مَارَغِبُوْا

عَنْ ثَوَابِ اللهِ رَبِّ الثَّقَلَيْنِ

يعني قوم وارن مون سان غداري ڪري ثقلين (جنن ۽ انسانن) جي رب جل شانہ جي طرفان ملڻ واري ثواب کان منهن موڙيو آهي.

قَتَلُوْا قَدْ مَا عَلِيًّا وَابْنَهٗ

حَسَنَ الْخَيْرِ كَرِيْمَ الْأَبَوَيْنِ

(۱) سعادة الكونين ص ۹۱- ۹۲ (۲) سورة النسآء آيت ع ۸۶
(۳) سعادة الكونين ص ۹۳ (۴) اسعاف الراغبين ص ۱۸۷

يعني اڳ ۾ حضرت علي ۽ ان جي پٺيان پٽ حسن رضي الله عنهما کي شهيد ڪيائون جيڪو پيءُ ۽ ماءُ ٻنهين جي لحاظ سان ڪريم هو.

حَسَدًا مِّنْهُمْ وَقَالُوا اَقْبِلُوْا
نَقْتُلُ الْاٰنَ جَمِيْعًا الْحُسَيْنِ

اهو سڀ ڪجهه سندن طرفان حسد ڪرڻ جي ڪري هو ۽ هڪ ٻئي کي چيائون ته سامهون ٿي بيهو ته هينئر سڀئي گڏجي، حضرت حسين عليه السلام کي شهيد ڪيون.

خَيْرَةُ اللهِ مِنَ الْخَلْقِ اَبِيْ
ثُمَّ اُمِّيْ فَاَنَا ابْنُ الْخَيْرَتَيْنِ

الله جي مخلوق مان (نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ خلفاءِ ثلاثة رضي الله عنهم کان پوءِ) منهنجو پيءُ ۽ ان کان پوءِ منهنجي امان (ٻئي) ڀلا آهن پوءِ مان انهن ٻنهين ڀلارن جو پٽ آهيان.

فِضَّةٌ قَدْ صِيغَتْ مِنْ ذَهَبٍ
فَاَنَا الْفِضَّةُ وَابْنُ الذَّهَبَيْنِ

چاندي جيڪو سون سان ملائي زيور ٺاهيو ويو، مان اهو چاندي ۽ ٻنهين سونن (سيدنا علي ۽ سيده فاطمه رضي الله عنهما) جو پٽ آهيان.

مَنْ لَّهُ جَدٌّ كَجَدِّيْ فِي الْوَرٰى
وَكَشَيْخِيْ فَاَنَا ابْنُ الْقَمَرَيْنِ

ڪير آهي؟ جوان جو نانو، الله تعالىٰ جي) مخلوق ۾ منهنجي

ناني ۽ منهنجي رهبر جهڙو آهي پوءِ مان ٻن (چمڪارا ڪندڙن) چنڊن جو پٽ آهيان.

فَاطِمَةُ الزُّهْرَاءُ اُمِّي وَاَبِيْ.
قَاصِمُ الْكُفْرِ بِبَدَرٍ وَّحُنَيْنِ

فاطمه زهراء منهنجي امان آهي ۽ منهنجو پيءُ (حضرت علي) بدر ۽ حنين جي جنگين ۾ ڪفر کي ڪٽيندڙ آهي -شهادت جي ڀلائي ۽ دنيا جي بيوفائي ۽ فنائيت بيان ڪندي فرمايائون.

وَاِنْ يَكُ لَابُدَّ مِنَ الْمَوْتِ لِلْفَتىٰ
فَقَتْلُ امْرِيْءٍ فِي اللهِ بِالسَّيْفِ اَجْمَلُ

يعني جيڪڏهن انسان جي لاءِ موت جو اچڻ ضروري ۽ اڻ ٽر آهي ته پوءِ مرد جو الله جي واٽ ۾ تلوار سان ڪسڻ نهايت سهڻو آهي.

وَاِنْ تَكُنِ الْاَمْوَالُ لِلتَّرْكِ جَمْعُهَا
فَمَابَالُ مَتْرُوْكٍ بِهٖ الْمَرْءُ يَبْخَلُ

جيڪڏهن سڀئي مال ڇڏڻ جي لاءِ آهن ته پوءِ ان ڇڏيل مال جو ڪهڙو حال ٿيندو جنهن کي مرد بخيلي ڪري ڇڏي وڃي ٿو (١) مقصد ته بخيلي نه ڪرڻ گهرجي - الله جل شانه تي ڀروسو رکڻ جي تلقين ڪندي فرمايائون:

اِغْنِ عَنِ الْمَخْلُوْقِ بِالْخَالِقِ
تَسُدُّ عَلَي الْكَاذِبِ وَالصَّادِقِ
وَاسْتَرْزِقِ الرَّحْمَانَ مِنْ فَضْلِهٖ

فَلَيْسَ غَيْرُ اللهِ مِنْ رَّازِقٍ
مَنْ ظَنَّ اَنَّ النَّاسَ يُغْنُوْنَهٗ
فَلَيْسَ بِالرَّحْمَانِ بِالْوَاثِقِ(٢)

خالق تي ڀروسو ڪري مخلوق کان بي پرواه ره نہ ڪوڙي ۽ سچي ٻنهين کان محفوظ رهندين، رحمان کان ئي سندس فضل مان رزق گهر ڇو تہ الله کانسواءِ ڪو رازق نہ آهي جنهن جو گمان آهي تہ ماڻهوڪيس شاهوڪار بنائيندا اهو الله تي اعتبار ڪندڙ نہ آهي.

شاديون ۽ اولاد:-

سيدنا حضرت امام حسين عليه السلام جي شادين جو تعداد ڪيترو هو؟ منهنجي نظر ۾ ان جي متعلق ڪوبہ اهڙو صريح ۽ صاف تعداد نہ آيو آهي، باقي سندس اولاد جي تعداد ۾ بہ اختلاف آهي.علامه ابن جوزيؒ عليه الرحمة لکيو آهي تہ حضرت حسين سهڻي کي پنج ٻچا هيا. ٽي پٽ (1) علي اڪبر (2)علي الاصغر (زين العابدين) جنهن مان سندس نسب جو سلسلو دنيا تي هليو (3) جعفر ۽ بہ نياڻيون (1) فاطمه جنهن کي صغرىٰ سڏيو ويو آهي) (2) سُڪينه (س جي پيش ۽ ڪ جي زبر سان) (٣)علامه مناوي ۽ علامه شعراني ٻنهي بزرگن پنهنجي پنهنجي طبقات ۾ ائين لکيو آهي (۴) ڪن جو چوڻ آهي تہ حضرت حسين سائين کي عبدالله نالي چوٿون پٽ بہ هيو.

ذخائر العقبىٰ ۾ حافظ ابوالعاص محب الدين لکيو آهي تہ

پنهنجي وسيع مطالعي ۽ علم آهر جيڪو مون ڏٺو آهي ان مطابق حضرت حسين سائين کي ڇهه (6) پٽ ۽ ٽي (3) نياڻيون هيون، چار پٽ جيڪي ذڪر ڪيا ويا آهن ۽ باقي ٻن مان هڪ جو نالو علي الاوسط ۽ ٻئي جو نالو محمد هو ۽ ٽن نياڻين مان ٻن جا نالا ته لکي آيا آهيون ٽئين جو نالو زينب هو- شيعي عالم، شيخ مفيد، چار پٽ ۽ ٻه نياڻيون لکيون آهن (٥) سنڌ جي معروف مشهور ناميار عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة لکيو آهي ته حضرت امام حسين کي پنج پٽ هيا (1) علي اڪبر جيڪو والد مڪرم سان گڏ ڪربلا ۾ شهيد ٿي ويو، (2) علي اصغر ان کي ئي زين العابدين سڏيندا آهن (3) جعفر (4) عبدالله (5) محمد.

علامه محب الدين طبري ذخائر العقبىٰ ۾ لکيو آهي ته زين العابدين علي اوسط جو لقب هو، علي اصغر ٻيو آهي ان لحاظ سان حضرت امام حسين جا ڇهه پٽ هيا. پر اهو قول قوي ناهي، اڪثر علماء وٽ پهريون قول قوي آهي، سيرت شامي واري به ائين لکيو آهي، حضرت سيدنا امام حسين جو دنيا تي نسل صرف امام زين العابدين مان هليو، سندس ٻين پٽن جو نسل دنيا تي نه هيو. کين ٽي نياڻيون هيون (1) فاطمه،جيڪا صغرىٰ لقب سان مشهور ۽ معروف آهي ۽ ان جو نڪاح حضرت حسن جي پٽ حسن مثنىٰ سان ٿيو هو (جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون) ان مان کيس عبدالله نالي پٽ ڄائو هو (2) سُڪينه س جي پيش ۽ ڪ جي زبر سان (3) زينب رضي الله عنهم وعنها البدايه والنهايه ۾ حافظ ابن ڪثير لکيو آهي ته زين

العابدين جي والده ايران جي بادشاه يزدجرد جي نياڻي سلامه هئي ۽ يزدجرد ايراني بادشاهن مان آخري بادشاه هو، بعضي مؤرخن جو قول آهي ته ان سائڻ جو نالو غزاله هو، بعضي روايتن جي بموجب امام زين العابدين جي امان سنڌياڻي هئي جيڪا سنڌ مان اتي پهتي هئي.

فتاويٰ صوفيه ۾ آهي ته ان سائڻ جا ٻه نالا هئا (1) سلافه (2) غزاله- علامه سيد محمد بن حسين تحفة الطالب ۾ لکيو آهي ته ڪربلا جي واقعي وقت امام زين العابدين جي عمر ٣٣ سال هئي (٦) سني عالم محمد صبان ۽ شيعي عالم ابوالفرج اصبهاني لکيو آهي ته حضرت امام حسين عليه السلام جي جنهن ننڍڙي پٽ کي ڪربلا ۾ تير لڳو هو ۽ ٻيءَ جي هنج ۾ شهيد ٿي ويو هو ان جو اصل نالو عبدالله هو (٧) سندس نياڻي فاطمه صغريٰ حضرت حسن مثنيٰ جي رحلت کان پوءِ ٽئين خليفه راشد، حضرت عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه جي پوٽي عبدالله بن عمرو سان نڪاح ڪيو هو ۽ ان مان به ڪيس اولاد ٿيو هو (٨) جيئن شيعن جي عالم ابوالفرج اصبهاني لکيو آهي ته :وقدكانت فاطمة تزوجت بعد الحسن عبدالله بن عثمان بن عفان رضي الله عنهم فولدت له اولادا (٩) يعني سيده فاطمه صغريٰ حسن مثنيٰ کان پوءِ حضرت عثمان جي پوٽي عبدالله بن عمرو سان شادي ڪئي هئي جنهن مان ڪيس اولاد به ٿيو ،سيده سُڪينه سائڻ جي اصلي نالي ۾ به اختلاف آهي، علامه نووي ٿي قول لکيا آهن "١"اميمه "٢" امينه "٣" آمنه (١٠) ۽ شيعي عالم ابوالفرج اصبهاني لکيو آهي ته سائڻ جو نالو اميمه يا آمنه هو

سُکينه سندس لقب هو جنهن سان مشهور ٿي وئي هئي (١١) هيءَ سائڻ گهڻو ڪري الله جل شانه جي ذڪر ۾ مستغرق رهندي هئي، سندس پهرين شادي حضرت امام حسن جي پٽ عبدالله سان ٿي اهو جڏهن ڪربلا ۾ شهيد ٿي ويو ته پوءِ سندس ٻيون شاديون به ٿيون پر ڪيترئون ٿيون؟ ڊاڪٽر عائشه الجزائريه لکيو آهي ته ڪن چار ڪن پنج لکيون آهن(١٢) والله اعلم.

جاڻڻ گهرجي ته حضرت حسين عليه السلام جو وڏو پٽ علي اڪبر جيڪو والد سان گڏ ڪربلا ۾ شهيد ٿيو هو ان جي امان جو نالو ليلئٰ هو جيڪا عروه بن مسعود ثقفي جي پٽ مره جي ڌيءَ هئي، ۽ شيعن جي عالم ابو الفرج اصبهاني لکيو آهي ته اها ليلئٰ حضرت معاويہ جي ڀيڻ ميمونہ جي ڌيءَ هئي ۽ حضرت امام علي اڪبر حضرت معاويہ جي ڀاڻيجيءَ ۽ حضرت ابو سفيان جي ڏوهٽيءَ جو پٽ هو (١٣) علامه زمخشري، پنهنجي ڪتاب ربيع الابرار ۾ لکيو آهي ته امير المومنين سيدنا حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه جي خلافت جي دوران ايران جي بادشاه يزدجرد جون ٽي نياڻيون جڏهن قيد ٿي مديني ۾ آيون ته انهن جو معاملو حضرت عمر حضرت علي جي هٿ ۾ ڏنو ۽ ان سائين انهن مان هڪ حضرت ابو بڪر جي پٽ محمد کي ڏني جنهن مان قاسم ڄائو، ٻي حضرت عمر جي پٽ عبدالله کي ڏني جنهن مان سالم ڄائو، ٽين پنهنجي پٽ حسين کي ڏني جنهن مان زين العابدين ڄائو. اهي ٽئي پاڻ ۾ ماسات ٽين (١٤) شيعن جي ٽن عالمن يعقوب ڪليني، حاج عباس قمي ۽ ملا باقر مجلسي به لکيو آهي ته ايران جي بادشاه يزدجرد جي نياڻي حضرت

عمر وٽ قيد ٿي آئي هئي پوءِ حضرت عمر جي اجازت سان حضرت علي ان جو نڪاح حضرت حسينؑ سان ڪرايو حالانڪ ٻيا بہ ڪيترائي نوجوان ان جي خواهش رکيو ويٺا هئا ۽ امام زين العابدين ان مان ڄائو هو (١٥)

سنڌي ادب جي ماهر علامه ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لکيو آهي تہ معتبر روايتن موجب حضرت علي جي پٽ محمد ۽ حضرت حسين جي پٽ زين العابدين ۽ حضرت امام حسن جي پٽ زيد ٽنهي جون مائرون سنڌ ياڻيون هيون (١٦)

امام زين العابدين ڪي والده لاءِ ادب:-

حضرت امام زين العابدين والده جو تمام گهڻو ادب ۽ احترام ڪندي سندس خدمت ۾ مصروف رهندو هو. هڪ ڀيري ڪانئس پڇيو ويو تہ اوهان ٻيو ادب تہ گهڻوئي ڪيو پر امڙ سان گڏ ماني ڇونہ ٿا کائو؟ فرمايائين تہ " ڊڄان ٿو تہ متان اهو گره مان اڳ ۾ کڻان جيڪو امان جي نگاه ڪي وڻيو هجي (١٧)

(١) نور الابصار ص ١٣٨ (٢) البداية والنهاية ص ٢٠٩ جزء ٨(٣) صفة الصفوة ص ٣٨٦ جلد ١ (۴) اسعاف الراغبين ص ١٩٨ (٥) سعادة الكونين ص ١٩١(٦) وسيلة الغريب ص ٦٨ (٧) اسعاف الراغبين ص ١٩٨- مقاتل الطالبيين ص ٥٩(٨)اسعاف الراغبين ص ١٩٨ (٩) مقاتل الطالبين ص ١٢٢ (١٠) اسعاف الراغبين ص ٢١١ (١١) مقاتل الطالبيين ص ٥٩ (١٢) تراجم سيدات بيت النبوة ص ٨٧٨.(١٣) مقاتل الطالبيين ص ٥٢ (١۴) الائمة الاثنا عشر ص ٧٦ - ٧٧ (١٥) اصول ڪافي ص ۴٦٦- ۴٦٧ ڪتاب الحجة باب علي بن الحسين (١٦) جلاء العيون ص ٣١١ج١ اردو. منتهي الآمال ص ٢ ج٢ - سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ص ۴٧ بحوالہ فتحنامہ سنڌو تاريخ طبري وغيرهما(١٧) الائمة الاثنا عشر ٧٧

سيده سُڪينه جي مدفن ۽ مزار :-

طبقات ڪبرىٰ ۾ علامه شعراني جي بقول سيده سُڪينه جي مزار مصر ملڪ جي شهر القرافة ۾ ۽ امام مناوي جي بقول المراغه ۾ آهي جڏهن سائڻ جي مزار تي ناهيل عمارت جي حالت آهستي آهستي زبون ٿي ڊهڻ لڳي هئي تڏهن سن يارهن سؤ ٽيهتر ١١٧٣هه ۾ سندس مزار جي تعمير اتي جي مشهور امير "ڪتخدا" ڪرائي هئي.

محدث نووي تهذيب الاسماء واللغات ۾ صراحت سان لکيو آهي ته ان الصحيح وقول الاڪثرين ان سُڪينة بنت الحسين توفيت بالمدينة (١) يعني صحيح ڳالهه ۽ اڪثر علماءِ جو قول آهي ته حضرت حسين عليه السلام جي نياڻي سيده سڪينه مديني منوره ۾ وفات ڪئي هئي.

حضرت حسين جي لاءِ پيارن جي دلين ۾ پيار:-

علامه ابن ڪثير لکيو آهي ته حضور پرنور صلى الله عليه وسلم جن ۽ حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر، حضرت عثمان غني رضي الله عنهم جي حضرت حسين سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي ۽ سندس نهايت عزت ۽ احترام ڪندا ۽ ڪيس گهڻو پيار ڏيندا هئا، حضرت حسين پنهنجي والد حضرت علي رضي الله عنه سان ته ڪافي صحبتون ۽ سفر به ڪيا ۽ ڪانئس بي حساب فيض ۽ برڪتون پرايون، حضرت حسين پنهنجي والد مڪرم سان گڏ ڪيترين جنگين ۾ به حصو ورتو جمل ۽ صفين جي جنگ ۾ به ساڻس گڏ رهيو

جڏهن حضرت امام حسن حضرت امير معاويه سان صلح ڪيو ته حضرت حسين به پنهنجي ڀاءُ جي صلح کي برقرار رکندي ڀاءُ سان گڏ حضرت معاويه رضي الله عنه وٽ ايندو ويندو هو ۽ اهو به سندن تمام گهڻي عزت احترام ۽ خدمت ڪندي ڪين تمام گهڻو مال ۽ ملڪيت به ڏيندو هو. هڪ ڀيري هڪ ٿي ڏينهن ۾ ٻنهين ڀائرن کي به لک درهم ڏئي چيائين ته "وٽو اوهان جي اهڙي خدمت نه ڪنهن اڳي ڪئي هوندي نه مون ڪان پوءِ ڪندو" سيدنا حسين ڪيس جواب ڏيندي فرمايو ته " اوهان کي به مال ملڪيت ڏيڻ جي لاءِ اسان ڪان ڀلو نه اڳي مليو هوندو نه پوءِ ملندو" سيدنا حسن عليه السلام جي شهادت ڪان پوءِ به حضرت امام حسين عليه السلام حضرت معاويه رضي الله عنهما وٽ ساڳي عزت ۽ وقار سان ايندو ۽ خرچ وغيره وٺندو رهندو هو ۽ سن ايڪونجاهه ۾ جڏهن قسطنطينيه واري جنگ لڳي هئي ته ان جنگ ۾ حضرت حسين به حصو ورتو هو (٢).

حضرت حسين جي شهادت جو نبوي حديثن ۽ حضرت علي جي ارشاد ۾ بيان:-

جاڻڻ گهرجي ته سيدنا امام حسين عليه السلام جن جي شهادت ڪا لڪل ڇپيل ڳالهه نه هئي، حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪيترا ڀيرا ۽ حضرت علي پاڻ بيان فرمايو هو ته حسين فلاڻي جاءِ تي شهيد ٿيندو، جيئن هڪ شاعر چيو آهي:



محمد مصطفيٰ نے تھا کیا اعلان متواتر
شھادت کَربلا مین پائے گا ابن علي جاکر
خدائے پاک نے اس کے تھے خود اطلاع فرمائے
شھادت کي خبر لیکر فرشتے بار بار آئے

نبوي حديث:-

حديث ۱:-

امام احمد حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: برسات تي مقرر ٿيل الله جي ملائڪ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ڪان سندن دربار ۾ اچڻ جي موڪل گھري پاڻ ان کي موڪل ڏنائون ۽ پنھنجي اهليه ام سلمه رضي الله عنها کي فرمايائون تہ اسان ٻنھي جڻن (حضور عليه الصلواة والسلام ۽ ملائڪ) تي دروازو بند ڪري اهڙي حفاظت ڪر جو ڪو بہ اسان وٽ داخل نہ ٿئي اجائين فرمائي وينا تہ حضرت حسين بن علي آيو ۽ ٽپ ڏئي دروازي ڪان اندر داخل ٿي حضور صلى الله عليه وسلم جن جي پاڪ ڪلھي مبارڪ تي چڙھڻ لڳو. ملائڪ سڄوري اها ڪيفيت ڏسي حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي عرض ڪيو تہ: اوهان هن ٻچي سان محبت رکوٿا؟ پاڻ فرمايائون تہ هائو، ملائڪ عرض ڪيو تہ هن کي تہ اوهان جا امتي شھيد ڪندا ۽ جيڪڏھن اوهان جي دل گھري تہ مان اوهان کي اها جاءِ بہ ڏيکاريان جتي شھيد ڪيو ويندو پوءِ ان ملائڪ پنھنجو هٿ هٽي حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڳاڙهي مٽي

(۱) اسعاف الراغبين ص ۲۱۱ (۲) البداية والنھاية ص ۱۵۰ جزء ۸

آئي ڏيکاري ۽ سيده ام سلمه رضي الله عنها اها مٽي پنهنجي ڪپڙي جي پلاند ۾ ٻڌي ڇڏي، حضرت انس رضي لله عنه جو فرمان آهي ته ان کان پوءِ اسين پاڻ ۾ ڳالهه ڪندا هئاسون ته حسين ڪربلا ۾ شهيد ڪيو ويندو (١).

حديث ٢ :-

ابو القاسم بغوي حضرت انس بن حارث رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت آندي آهي ته مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمائي رهيا هئا ته : اِنَّ ابْنِيْ يعني الحسين يُقْتَلُ بِاَرْضٍ يُّقَالُ لَهَا كَرْبَلَاء فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمْ ذَالِكَ فَلْيَنْصُرُهُ" منهنجو پٽ حسين ان زمين ني شهيد ڪيو ويندو جنهن کي ڪربلا سڏيو وڃي ٿو پوءِ جيڪو به اوهان مان ان وقت اتي موجود هجي ته اهو سندس مدد ڪري.

بغوي فرمايو ته: انس بن حارث حضور عليه الصلواة والسلام جن جو اهو حڪم ادا ڪندي حضرت حسين سان جنگ ۾ ويو ۽ اتي سندس پاران شهيد ٿي ويو (٢).

حديث٣ :-

خطيب بغدادي سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته الله تعالىٰ حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جن ڏانهن وحي ڪيو ته "مون يحيىٰ بن زڪريا جي (خون جي) بدلي ۾ ستر هزار(٧٠٠٠٠) ماڻهو قتل ڪرايا ۽ تنهنجي نياٽي فاطمه جي پٽ (حسين) جي بدلي ۾ ان کان ٻيڻا يعني هڪ لک چاليهه هزار قتل

ڪرائيندس (٣).
حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليہالرحمة جن مٿين روايتن جهڙيون ڪيتريون ٻيون روايتون بہ آنديون آهن (٤) جن مان ثابت ٿو ٿئي تہ سيدنا حسين علىٰ جده وعليہٖ الصلواة والسلام جن جي شهيد ٿيڻ جي خبر حضور صلى الله عليه وسلم جن ۽ سندن ذريعي ڪيترن ئي اصحابن رضي الله عنهم کي اڳ۾ ئي هئي. مگر سيني الله جل جلاله جي رضا تي راضي رهي صبر قبول ڪيو ٻي صبري اختيار نہ ڪئي.

حديث ٤:-

امام احمد سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ: مان هڪ ڏينهن حضور صلى الله عليه وسلم جن جي دربار ۾ حاضر ٿيس تہ سندن اکيون مبارڪ، هنجون هاري رهيون هيون مون عرض ڪري پڇيو تہ يا رسول الله! اوهان کي ڪهڙو غم روئاري رهيو آهي؟ فرمايائون تہ "هائو مون وٽان هاڻي جبرئيل اٿي ويو آهي جنهن مون کي ٻڌايو آهي تہ حسين فرات جي ڪناري تي شهيد ڪيو ويندو ۽ مون کي چيائين تہ"ڇا اوهان پسند فرمايو ٿا تہ مان اوهان کي ان شهادت جي جاء واري مٽي سنگهايان؟ "مون چيو تہ هائو" پوء جبرئيل هٿ ڊگهو ڪري ان مٽيء مان مٺ ڀري مون کي ڏني، اها سنگهي ۽ ڏسي مان اکين کي روئڻ کان روڪي نہ سگهيس" (٥).

(١) البداية والنهاية ص ١٩٩ جزء ٨ (٢) البداية والنهاية ص ١٩٩ جزء ٨ (٣) البداية والنهاية ص ٢٠١ جزء ٨ (٤) ماثبت بالسنة عربي ص ١٧-٢٠ (٥)البداية والنهاية ص ١٩٩ جزء ٨ ماثبت بالسنة ص ١٧

حضرت علي جا ارشاد:-

ابن سعد ۾ ٻين حضرت علي کان روايت آندي آهي ته پاڻ صفين جي علائقہ ڏانهن ويندي ڪربلا جي ميدان کان لنگهيا ۽ پڇيائون ته هن سرزمين جو نالو ڇا آهي؟ ڪنهن عرض ڪيو ته "ڪربلا" فرمايائون ته ڪرب ۽ بلا، ڏک ۽ مصيبت، جي سرزمين، پوءِ اتي لهي هڪ وڻ وٽ نماز پڙهيائون ۽ فرمايائون ته "هتي ڪجهه فرد شهيد ٿيندا جيڪي اصحابن شهيدن کان سواءِ ٻين سيني شهيدن کان ڀلا هوندا ۽ بناحساب جي بهشت ۾ داخل ٿيندا" پوءِ اتي هڪ مخصوص جاءِ ڏانهن اشارو ڪندي فرمايائون "هتي شهيد ٿيندا "اهوٻڌي اتي جي رهڻ وارن ڪنهن شيءِ سان ان جاءِ تي نشان ڪري ڇڏيو ۽ ڪربلا جي واقعي کان پوءِ ڏٺائون ته اتيئي حضرت حسين شهيد ڪيل هو. (١)

ارشاد ٢:-

روايت آهي ته حضرت علي سائين جن گهٽو ڪري چوندا رهندا هنا ته مون پنهنجي سڄي عمر ۾ ٽي صدما تمام سخت سنا آهن "١" حضور عليه الصلواة والسلام جن جي منهنجي اکين اڳيان رحلت "٢" فاطمة الزهرا جي رحلت "٣" پياري پٽ حسين جي شهادت جي پنهنجيءَ حياتي ۾ خبر ٻڌڻ ، جو رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو ته "جبرئيل مون کي ٻڌايو آهي ته حسين فرات جي ڪناري تي شهيد ڪيو ويندو"

(١) البداية والنهاية ص ١٩٩ جزء ٨ ماثبت بالسنة ص ١٧

شهادت جو ظاهري سبب:-

جڏهن رجب مهيني جي پندرهين تاريخ سنہ سٺ (٦٠) هجريءَ ۾ حضرت امير معاويہ رضي الله عنه وفات ڪئي ۽ سندس پٽ يزيد سندس جاءِ نشين ٿيو تہ ان عبيدالله بن زياد کي بصره ۽ نعمان بن بشير کي ڪوفي ۽ (پنهنجي سوٽ) وليد بن عتبه بن ابي سفيان کي مدينه منوره ۽ عمروبن سعيد بن العاص کي مڪي مڪرمه جي گورنري ۽ اميريءَ تي برقرار رکيو (١) ۽ پنهنجي سوٽ مديني منوره جي امير وليد بن عتبه کي خط لکيو جيڪو سندس غلام ابن ابي زريق کڻي آيو ان ۾ ان کي تاڪيد ڪندي سختيءَ سان لکيائين تہ هڪدم حضرت، حسين، حضرت عبدالله بن زبير ۽ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهم کان منهنجي حڪومت کي تسليم ڪرڻ جي لاءِ بيعت وٺ ۽ جيڪڏهن انڪار ڪن تہ کين قتل ڪري ڇڏ. جڏهن حضرت معاويه رضي الله عنه جي دنيا تان رحلت ڪرڻ جي خبر سان گڏ اهو خط مديني منوره جي گورنر ۽ امير، وليد بن عتبه کي مليو تہ ان حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کي تہ بيعت لاءِ چيوئي ڪونہ ڇو تہ خبر هيس تہ ان جي حڪومتي معاملات سان ڪا دلچسپي ناهي . باقي حضرت حسين ۽ حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما ڏانهن جيڪي ان وقت نبوي مسجد ۾ ويٺا هئا مدينه منوره جي هڪ نوجوان عبدالله بن عمرو کي موڪليائين تہ کين وٽس اچڻ لاءِ عرض ڪري، نوجوان کين عرض ڪيو پر اهو وقت اهڙو هو جنهن ۾ معمول مطابق وليد بن عتبه دفتر ۾ وهندوئي نہ هو. پاڻ

ان نوجوان کي فرمايائون ته "تون هل اسين اچون ٿا" پوءِ حضرت حسين رضي الله عنه پنهنجي گهر اچي پنهنجن اهل بيت مان ڪجهه مسلح نوجوانن کي پاڻ سان گڏ وٺي گورنر هائوس جي ٻاهران بيهاري فرمايائين ته جيڪڏهن مان سڏ ڪيانو ته فورن اندر گهڙي پئجو پوءِ پاڻ اڪيلي سر امير وليد بن عتبه وٽ گهڙي آيو ته اتي ڪانئس اڳ ۾ مروان ويٺو هو، پاڻ سلام ورائي ويٺو ۽ امير کان پڇيائين ته "اوهان مون کي ماڻهو موڪلي ڇو گهرايو آهي؟" امير ڪيس اول حضرت معاويه رضي الله عنه جي دنيا تان رحلت جي خبر ٻڌائي، پاڻ ٻڌي "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ" پڙهيائون، ۽ فرمايائون ته "الله تعاليٰ مٿس رحمتون ڪري" (٢) ان کان پوءِ امير کين يزيد جي بيعت لاءِ عرض ڪيو، پاڻ فرمايائون ته "مون جهڙو ماڻهو لڪي بيعت نه ڪندو ۽ نه اوهان لڪ ۾ بيعت وٺڻ جي جرءت ڪندؤ مون جيڪڏهن ڪلي طرح بيعت ڪئي ته ٻيا به ڪندا" ۽ پاڻ ان وقت يزيد لاءِ بيعت ڪرڻ کان صفا انڪار ڪيائون. پر مديني پاڪ جو امير وليد جيئن ته نهايت امن پسند شريف ماڻهو هو ان کين عرض ڪيو ته اوهان ڀلي واپس وڃون (٣) حضرت حسين جي طرفان بيعت ڪرڻ کان انڪار جي باوجود امير وليد جي طرفان ڪيس گهر ڏانهن وڃڻ جي موڪل ڪي ڏسي ان وقت وٽس ويٺل مروان اها ڳالهه پسند نه ڪندي امير وليد کي چيو ته حضرت حسين کان يزيد جي لاءِ هاڻي بيعت وٺ ڇو ته پوءِ اوهان کي اهڙو موقعو گهٽي خونريزي کان سواءِ نه ملندو. يا بيعت وٺ ياڪيس شهيد ڪرائي ڇڏ، حضرت حسين پاڪ مروان جو اهو چوڻ

بڌي هڪدم محفل مان اٿيو ۽ اٿنديءَ مروان کي مخاطب ٿي فرمايائين ته "ڇا تون يا هي (امير) مون کي شهيد ڪندؤ؟ الله جو قسم آهي ته تون ڪوڙ ٿو هڻين" حضرت حسين عليه السلام ٻنهين کي ائين چئي اتاهين اٿي سڌو پنهنجي حويلي مبارڪ ڏانهن آيو، حضرت حسين جي اتاهين نڪرڻ کان پوءِ مروان امير وليد کي چيو ته هاڻي جو هاڻي تنهنجي مديني منوره مان اميري ۽ گورنري ختم ٿو ڪرايان ان ڪيس هيءُ جواب ڏنو.

مروان کي جواب:-

حضرت حسين جي شهيد ڪرڻ جي بدلي ۾ صرف مديني منوره جي نه پر جيڪڏهن ساري روءِ زمين (جنهن تي سج ايري ۽ لهي ٿو) جي بادشاهي به مون کي ڏني وڃي ته مان قبول نه ڪندس (۴) مروان اهو جواب ٻڌي چپ ٿي ويو امير وليد هڪ ڏينهن ڇڏي وري حضرت حسين عليه السلام ڏي پاڻ سان ملڻ لاءِ ماڻهو موڪليو پر پاڻ نه ويو.

يزيد لاءِ بيعت ڪرڻ کان انڪار جو سبب:-

محقق علماء عليهم الرحمة لکيو آهي ته يزيد بي دين، ظالم ۽ گمراه هجڻ جي ڪري بيعت جو لائق ئي نه هو، ان جي ڪري حضرت حسين عليه السلام نه سندس بيعت ڪئي ۽ نه سندس حڪمرانيءَ کي تسليم ڪيو (۵) حضرت شاه ولي الله محدث دهلوي عليه الرحمة حديث مبارڪ "ثم ينشأ دعاة الضلال" (ان کان پوءِ گمراهيءَ

ڏانهن سڏيندڙ پيدا ٿيندا) جي وضاحت كندي لكيو آهي ته گمراهيءَ ڏانهن سڏيندڙ شام ملك ۾ يزيد ۽ عراق ۾ مختار هو (٦) علامه شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليه الرحمة لكيو آهي ته اسان (اهل سنت) وٽ يزيد نهايت برو ۽ ناپسنديده انسان آهي هن امت (محمديه عليٰ نبيها الصلواة والسلام) ۾ جيكي كم ان بدبخت كيا ٻئي كنهن به نه كيا. اهڙي نااهل ۽ نالائق جي بيعت نه كرڻ حضرت حسين عليه السلام جو اعليٰ كردار آهي (٧).

حضرت حسين كي سندس ڀاءُ حضرت محمد بن حنفيه جي ناصحانه گذارش:-

جڏهن حضرت حسين يزيد جي بيعت كان انكار كري گهر ڀهتو ۽ مديني منوره مان نكرڻ جو ارادو كيائين ته اها خبر سندس ڀيتي ڀاءُ محمد بن حنفيه رضي الله عنه ٻڌي ۽ كيس مشورو ڏيندي عرض كيائين ته " جيكڏهن هروڀرو اوهان هتان وڃون ٿا ته يزيد ۽ سندس شهر كان پري رهجو. ماڻهن ڏانهن حق تي هلڻ جي لاءِ قاصد موكلجو. جيكڏهن اوهان جي سڏ كي قبول كري اوهان جي اطاعت كن ته الله جل شانه جو حمد كجو ۽ جيكڏهن نه مڃين ته

(١) الطبري ص١٨٨ جزء ٦ ابن خلدون ص ٢٠ ج٣ تهذيب التهذيب ص ٣٤٩ ج٢ (٢) الطبري ص ١٨٩ جزء ٦ (٣) تاريخ ابن خلدون ص ٢٠ ج٣ (٤) طبري ص ١٩٠ جزء ٦ ابن خلدون ص ٢٠ جزء ٣ الكامل لابن الاثير ص ١٦ جلد ٤ (٥) سعادة الكونين ص ١١٨ لواعج الاشجان ص ٢٣ (٦) حجة الله البالغة مبحث الفتن (٧) تكميل الايمان ص ٧١

انهن جي نہ مڃڻ جي ڪري اوهان جو دين، عقل ۽ ماٺيپو گهٽ نہ ٿيندو اوهان انهن سڀني نعمتن کان ڪم وٺي پنهنجو مرتبو ،مان ۽ فضيلت برقرار رکجو، مون کي ڊپ ٿو ٿئي تہ متان اوهان ڪنهن شهر ۾ يا ڪنهن قوم وٽ وڃو تہ اهي اوهان جا مخالف ٿي اوهان کي تڪليف نہ پهچائين" جڏهن حضرت حسين کيس ڪولي ٻڌايو تہ "مان مديني منوره مان هجرت ڪري وڃان پيو" تڏهن ان کيس عرض ڪيو تہ "پوءِ مڪہ مڪرمہ ۾ رهجو جيڪڏهن اتي بہ اوهان کي تنگ ڪن تہ پوءِ، جهنگل، جبل ۽ واريءَ جا دڙا وسائجو شهر مٽائيندا رهجو انتظار ڪجو تہ ڪٿي ٿو معاملو پهچي" حضرت حسين عليه السلام ان کي چيو تہ "اوهان شفقت ڀريون نصيحتون ڪيون آهن اميد آ تہ اوهان جي راءِ صحيح نڪرندي ۽ ان تي هلڻ جي توفيق نصيب ٿيندي" (١)

حسيني وصيت:-

جڏهن محمد بن حنفيہ رضي الله عنه پنهنجي پياري ڀاءُ سان گفتگو ڪري فارغ ٿيو ۽ پاڻ کيس مٿيون جواب ڏنائين تہ ٻنهي ڀائرن هڪ ٻئي ڏانهن پيار سان نهاري روئي ڏنو، ڪجهہ وقت کان پوءِ حضرت حسين قلم ڪاغذ گهرائي پنهنجي طرفان پنهنجي ڀاءُ کي هيٺ ذڪر ٿيندڙ وصيت لکي ڏني

بسم الله الرحمٰن الرحيم

هذا مااوصىٰ به الحسين بن علي ابن طالب الي اخيہ محمد

المعروف بابن الحنفية ان الحسين يشهد ان لااله الا الله وحده لاشريک له وان محمدا عبده ورسوله جاءبالحق من عنده وان الجنة حق والنارحق وان الساعة آتيه لاريب فيها وان الله يبعث من في القبور واني لم اخرج اشرا ولا بطرا ولا مفسدا ولاظالما وانما خرجت لطلب الاصلاح في امة جدي محمد عليه الصلواة والسلام ، اريد ان آمر بالمعروف وانهیٰ عن المنكر واسير بسيرة جدي محمد (صلى الله عليه وسلم) وابي علي ابن ابي طالب فمن قبلني بقبول الحق فالله اولیٰ بالحق ومن رد على هذا اصبر حتیٰ يقضي الله بيني وبين القوم بالحق وهو خيرالحاكمين وهذه وصيتي اليک يا اخي وماتوفيقي الا بالله عليه توكلت واليه انيب (٢) يعني هيء اها (لكت ۾) وصيت آهي جيكا حسين بن علي بن ابي طالب پنهنجي ڀاءُ محمد جيكو ابن الحنفيه سان مشهور آهي کي ڏني آهي، يقيناً حسين شاهدي ڏي ٿو تہ الله کان سواءِ کوبہ عبادت جو لائق نہ آهي، اهو هڪ آهي ان جو کوبہ شريڪ نہ آهي ۽ يقينًا حضرت محمد ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي صلى الله عليه وسلم" جنهن ان الله وٽان حق جو پيغام آندو آهي ۽ بلاشڪ بهشت بہ حق آهي ۽ دوزخ بہ حق آهي ۽ يقينًا قيامت اچڻي آهي ان ۾ کوبہ شڪ نہ آهي ۽ نہ انهيءَ ۾ کو شڪ آهي تہ الله تعالیٰ قبرن وارن کي قيامت جي ڏينهن اٿاريندو ۽ مان يزيد جي خلاف فساد کندڙ ۽ ظالم ٿي نہ نڪتو آهيان مان تہ صرف پنهنجي ناني حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جي امت جي سڌارڻ لاءِ ميدان ۾ آيو آهيان منهنجو ارادو آهي تہ چڱائي چوان ۽ برائي کان

روڪيان ۽ پنهنجي ناني محمد صلى الله عليه وسلم ۽ بابي علي بن ابي طالب جي سيرت (نقش قدم) تي هلان، پوءِ جنهن حق قبول ڪرڻ جي ڪري مون کيّ قبول ڪيو ته الله تعالىٰ حق جو وڏيڪ سنياليندڙ آهي ۽ جنهن منهنجي هن ڳالهه ڪي رد ڪيو ته مان صبر ڪندس تانجو الله تعالىٰ مون ۾ ۽ منهنجي قوم ۾ حق جو فيصلو ڪري ۽ اهو الله تعالىٰ بين سيني حاڪمن کان ڀلو آهي، اي منهنجا ڀاءُ! هيءُ تو وٽ منهنجي وصيت آهي ۽ منهنجي توفيق به الله جل جلاله جي ڪرم سان آهي، ان تي ئي توڪل ڪئي اٿم ان ڏانهن ئي موٽان ٿو.

سفر جي تياري:-

يزيد جي بيعت کان انڪار ۽ پنهنجي ڀاءُ محمد بن حنفيه سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ حضرت حسين پنهنجي والده سيده، صائمه، حضرت بيبي فاطمه رضي الله عنها جي مزار پرانوار تي زيارت ۽ الوداعي سلام پڙهڻ جي لاءِ حاضر ٿيو (٣) ظاهر آهي ته ان وقت سندن ڪيفيت ڪهڙي نه غمناڪ هوندي ۽ ڀاڻ جو ڪجهه زبان حال سان چيو هونداءون سو لکڻ کان وڌو آهي، ان کان پوءِ حضور پرنور صلى الله عليه وسلم جن جي پاڪ مزار تي حاضري ڏيڻ ۽ سلام پڙهڻ لاءِ پهتو ۽ الوداعي سلام پڙهي پنهنجي حويلي ۾ تشريف فرماٿيو (٤)

(١) ابن خلدون ص ٢٠ جلد ٣ طبري ص ١٩١ جزء ٦ الكامل لابن الاثير ص ١٦ ج٤(٢) مقتل الحسين ص ١٣٧ - ١٣٨(٣) سعادة الكونين ص ١٢٠(٤) سعادة الكونين ص ١٢٠

اهل مدينه جا عرض:-

جڏهن مديني منوره مان سيدنا حضرت حسين عليه السلام جي هجرت ڪرڻ جو علم سندس مائٽن، پاڙيوارن انصارن ۽ مهاجرن کي ٿيو ته هڪ طرف انهن جون مائرون، ڀينرون، ننگ ۽ نياڻيون هڪدم سندن گهر پهتيون ته ٻئي طرف نبوي مسجد ۾ مردن جو ميڙ ٿي ويو، سڀني کي سندن نڪري وڃڻ، ۽ مديني منوره مان لڏڻ جو سخت صدمو پهتو، سڀني پنهنجي حال آهر ڪين ساٿ ۽ قرباني ڏيڻ جي پيش ڪش ڪندي اکين مان هنجون پئي هاريون پر پاڻ سڀني کي معذرت پيش ڪندي وڃڻ جي وائي ڪندا ۽ کين سمجها ئيندا رهيا ته اوهان کي خبر نه آهي ته مون کي هتي رهڻ ۾ ڪهڙيون مجبوريون درپيش آهن ۽ مديني منوره کي ڇڏڻ جي ڪري منهنجي دل جي حالت ڪهڙي آهي؟ مدينه منوره جا منظر، نبوي مسجد ۽ ان ۾ رياض الجنة جهڙا مقدس حصا ڇڏڻ آسان نه آهن. اسان جو ته سڀ ڪجهه مدينه منوره ۾ ئي آهي. (١)

مڪي پاڪ ڏانهن هجرت:-

حضرت امام حسين عليه السلام جن سن سٺ (٦٠) هجري رجب مهيني جي اناويهين تاريخ آچر جي رات مدينه منوره مان مڪي پاڪ ڏانهن هجرت ڪري روانا ٿيا (٢) گهر مبارڪ مان نڪرڻ وقت قرآن پاڪ جون هي آيتون پڙهيائون "فَخَرَجَ مِنْهَا خَائِفًا يَتَرَقَّبُ قَالَ

رَبِّ نَجِّنِي مِنَ الْقَوْمِ الظَّالِمِينَ" (٣) ۽ مدينه مان نڪرڻ وقت وري به پنهنجي سائين سان گڏ مسجد نبوي ۾ حاضري ڏنائون (۴)

سفر جا ساٿي:-

شيعي عالم النقي السيد محمد التقي لکيو آهي ته حضرت حسين سائين مديني منوره ۾ پنهنجي رشتيدارن مان صرف چار ماٺهو(١) ياءُ محمد بن الحنفيه (٢) سوٽ عبدالله بن جعفر (٣) عمر الاطرف (۴) عبدالله بن عباس رضي الله عنهم جن کي رهائي باقي سڀ پاڻ سان گڏ وٺي ويا هئا (۵)

صغرىٰ سائڻ کي مدينه منوره ۾ ڇڏڻ واري ڳالھ ڪوڙ آهي:-

شيعن جي عالم جي مٿين لکت ۽ دنياءِ اسلام جي مجيل مؤرخ ابن خلدون جي لکت مان ثابت ٿيو ته عام مقررن واعظن ذاڪرن ۽ شاعرن جي بيانن ۽ شهادتِ حسين جي موضوع تي ڪتاب خاڪ ڪربلا وغيره ۾ جيڪو بيان ٿيل آهي ته فاطمه صغرىٰ سائڻ نندي هئي، بيمار هجڻ جي ڪري حضرت حسين ڪيس مديني ۾ ڇڏي ويو هو، روئندي، رڙندي، حضور عليه الصلواة والسلام جن جي روضي اطهر تي ڪري پوندي هئي يا قاصدن کي چنبڙندي ۽ پيغام موڪليندي هئي، سو حضرت حسين ۽ ان جي اولاد تي بهتان ۽ ڪوڙ

آهي، شيعن جي عالم محسن عاملي (جنهن کي علامه مجاهد ڪبير، حجت، سيد جي القاب سان لکندا ۽ ياد ڪندا آهن) لکيو آهي ته:
سيده فاطمہ صغريٰ سائڻ ڪربلا جي دردناڪ داستان کي پنهنجي خطاب ۾ بيان ڪيو هو (٦) جنهن جو تفصيل انشاءالله تعاليٰ اڳتي لکيو ويندو، ان مان به ثابت ٿئي ٿو ته سيده فاطمه صغريٰ نه ننڍي هئي نه کيس سيدنا حضرت امام حسين عليه‌السلام جن اڪيلو ڇڏي ويا هئا.

سوال: ڇون ٿا ته سائڻ بيمار هئي تڏهن کيس ڇڏي ويا هئا؟

جواب : بيماريءَ جي حالت ۾ ته والدين کي ٻچڙي تي وڌيڪ رحم ايندو آهي ۽ وڌيڪ خيال ڪندا آهن، ڇا امام عالي مقام معاذالله ثم معاذالله ايڏو بي رحم هو؟ جنهن کي پنهنجي بيمار نياڻيءَ تي به رحم نه آيو ڪجهه عقل کان به ڪم وٺو، روايت سان گڏ محدثن سڳورن درايت کي به اهميت ڏني آهي، هتي ته ڪا مستند روايت ئي نه آهي، ۽ اسين هن کان اڳ ۾ لکي آيا آهيون ته حضرت حسين سائين جو ڀيٽو ڀاءُ حضرت محمد بن حنفيه رضي الله عنه وعن والديه ته مديني ۾ هو جو هڪ ڀئي کان جدا ٿيڻ ۽ موڪلائڻ وقت ڀنهي ڀائرن رنو هو، ڀنهي جو هڪ ڀئي سان بي حساب پيار به هيو، ان سائينءَ به پنهنجي دلبر ڀاءُ

حسين جي ننڍڙيءَ نياڻي کي گهٽين ۾ روئندي پرديسين جي پويان ڊوڙندي ڏانهون ڪندي ڇڏي ڏنو ۽ ڪا سندس همدردي ۽ سنڀال نه ڪئي؟

ع: براين عقل ودانش ببايد گريست

سوال: ڀلا جيڪڏهن سيده فاطمه صغريٰ اوهان جي بقول ننڍڙي نه هئي ته ڪيس صغريٰ (ننڍڙي) ڇو ٿا لکن يا سڏين؟

جواب: حضرت حسين جي امان سائڻ جو نالو مبارڪ به فاطمه هو ته نياڻي جو به اهو نالو رکيو هيائين ٻنهي ۾ فرق ڪرڻ جي لاءِ سندن نياڻيءَ کي فاطمه صغريٰ سڏيو ويو ان سمورن حوالن جي هوندي به جيڪڏهن ڪو اجان نه ٿو مڃي ته اهو مستند حوالا ڏئي ثابت ڪري ڏيکاري باقي سڪٽي ضد جو ته علاج ئي ڪو نه آهي.

واٽ ۾ ملاقات:

جڏهن سيدنا حضرت امام حسين پنهنجن ٻچن ۽ سائين سان مڪي پاڪ ڏانهن وڃي رهيو هو ته واٽ ۾ ڪين عبدالله بن مطيع نالي هڪ شخص مليو ۽ عرض ڪري پڇيائين ته ڪٿي وڃڻ جو ارادو ڪيو اٿو؟ پاڻ فرمايائونس ته:" في الحال مڪي مڪرمه ڏانهن ارادو آهي اتي پهچڻ کان پوءِ استخاره ڪندس" عبدالله بن مطيع

ڪين عرض ڪيو تہ ”مڪي مڪرمہ ۾ پلي رهجو پر ڪوفي نہ وڃجو
چو تہ انهن اوهان جي پيءُ ۽ ڀاءُ سان اڳ ۾ ڌوڪا ڪيا آهن (٧)

مڪہ مڪرمہ ۾ پهچڻ:-

سيدنا امام حسين ۽ سندس ساٿين ڪي رستي ۾ سفر دوران پنج ڏينهن لڳا ۽ شعبان مهيني جي ٣ تاريخ جمعي جي رات مڪي پاڪ ۾ پهتا (٨) ۽ شهر ۾ داخل ٿيڻ وقت قرآن پاڪ جي هي آيت پڙهيائون ”وَلَمَّا تَوَجَّهَ تِلْقَآءَ مَدْيَنَ قَالَ عَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يَّهْدِيَنِيْ سَوَآءَ السَّبِيْلِ“ (٩)

مڪه پاڪ ۾ رهڻ جي مدت:-

سيدنا امام حسين ۽ سندس ساٿي رضي الله عنهم شعبان جون باقي تاريخون، رمضان، شوال، ذوالقعده سڄا مهينا ۽ ذوالحجہ مهيني جون اٺ تاريخون مڪي پاڪ ۾ رهيا (١٠)

---

(١) شهيدابن شهيد ص ١١٢،(٢) تاريخ طبري ص ١٩٠ جزء ٦ (٣) سورة القصص آيت ٢١ (٤) الطبري ص ١٩١ جزء ٦ (٥) مقتل الحسين ص ١٤١ ابن خلدون ص ٢٠ جلد ٣(٦) لواعج الاشجان ص ٢٠٢(٧) تاريخ ابن خلدون ص ٢١ جلد ٣ (٨) لواعج لاشجان ص ٣٢ ۽ الڪامل لابن الاثير ص ١٩ جلد ٤ (٩) سورة القصص آيت ٢٢ (١٠) نور الابصار ص ١٢٧

مکي پاڪ وارن جو سهڻو سلوڪ:

جڏهن حضرت حسين مکي پاڪ ۾ پهتو ته اتي جا رهاڪو سندس زيارت ڪري گهڻو خوش ٿيا ۽ جيڪي ٻاهران مسلمان عمره ڪرڻ جي لاءِ ايندا هئا اهي به سندس ديدار جي دولت سان مالا مال ٿي ويندا هئا. مکي پاڪ وارن مان ڪنهن به ڪين ڪا تڪليف نه ڏني ۽ حقيقت اها آهي ته مکي پاڪ وارن جا بيت الله شريف ۽ ٻين متبرڪ مقامات جي ڪري ته هونئن نصيب ڀلا هئا ۽ آهن.

پر حضرت حسين عليه السلام جي اتي رهڻ جي ڪري ڪين ان ڪان به فائدي وٺڻ جو سنهري موقعو مليو ۽ جنهن جو جيترو نصيب هو ان اوترو حاصل ڪيو.

ڪوفي وارن جو رابطو:

جڏهن حضرت حسين عليه السلام جي مکي پاڪ ۾ آمد جو اطلاع ڪوفي وارن کي پهتو ته اتي جي شيعا برادريءَ جي ڪيترن مک اڳواڻن سليمان بن صرد نالي شيعي جي گهر ۾ گڏجاڻي رکي ۽ پاڻ ۾ صلاح مشوري ڪرڻ سان اهو طيءِ ڪيائون ته هيءَ وقت آهي جو حضرت حسين عليه السلام کي ڪوفي اچڻ جي ڪوٺ ڏجي پوءِ ٻن قاصدن کي تيار ڪري انهن کي هڪ خط ڏنائون جنهن جا الفاظ هي هيا:



بسم الله الرحمان الرحيم

للحسين بن علي امير المؤمنين من شيعة ابيه رضي الله عنهما

امابعد: فان الناس منتظروک لاراي لهم في غيرک فالعجل العجل يا ابن رسول الله صلى الله عليه وسلم لعل الله ان يجعلنابک علي الحق ويزيد الاسلام بک بعد اجزل السلام واتمه عليک ورحمة الله وبرکاته(١) يعني هيءَ خط حسين بن علي جي لاءِ آهي، حمد ۽ درود کان پوءِ واضح هجي ته هتي جا ماڻهو اوهان جي انتظار ۾ آهن، اوهان کان سواءِ ٻئي کنهن لاءِ به انهن جو رايو ناهي.الله جي رسول (صلى الله عليه وسلم) جا پٽ! جلدي جلدي اچو اميد آهي ته اوهان جي ذريعي اسان کي حق تي هلڻ جي لاءِ الله تعالىٰ گڏ ٿيڻ جي توفيق عطا کندو ۽ اسلام وڌندو. اوهان تي گهڻي کان گهڻا ۽ پورا پورا سلام ۽ الله جي رحمت ۽ ان جون برکتون آهن.ابوالفرج اصبهاني شيعي لکيو آهي ته هي خط کڻي اچڻ وارن قاصدن ۾ ابو عبدالله جدلي شامل هو ۽ خط لکڻ وارا شيث بن ربعي، سليمان بن صرد ،مهيب بن نجيه ۽ ٻيا وڏا وڏا کوفي وارن شيعن جا اڳواڻ هيا (٢) ۽ محسن امين عالم شيعي لکيو آهي ته خط آڻڻ وارا قاصد عبدالله بن مسمع همداني ۽ عبدالله بن وال هيا (٣) کوفي وارن قاصدن خط پيش کندي حضرت حسين عليه السلام کي عرض کيو ته قبلا! اسين ته کوفي ۾ يزيد جي حامين سان گڏ جمعي جي نماز به کونه ٿا پڙهون اوهان اچو ته اسان جون نمازون ته صحيح ٿين (٤)اوهان جي اچڻ سان منظم طريقي کم کرڻ جو موقعو ملندو ۽

اسين گڏيل قوت ٿي يزيد بي دين جي گورنر کي ئي ڪوفي مان ڪڍي ڇڏيندا سون ، ٻن راتين گذرڻ ڪان پوءِ وري پوبان ڏيڍ سؤ (١٥٠) خط موڪليائون ۽ ٽيون ڀيرو ٻه خط موڪليائون (٥) حضرت حسين وٽ جملي ٻارنهن هزار (١٢٠٠٠) خط پهتا هئا (٦)

حضرت ابن عباس ڏانهن يزيد جي طرفان خط:

جڏهن حضرت حسين مڪي پاڪ ۾ پهتو ته ان وقت مڪي مڪرمه جي مٿان يزيد جي طرفان مقرر ڪيل امير عمرو بن سعيد اشدق يزيد کي خط لکيو ته حضرت امام حسين پڻ ۽ سموري اهل بيت سميت مڪ مڪرمه ۾ آيو آهي ان وٽ ماڻهو ٻه گهڻا ٿا اچن وڃن ممڪن آهي ته ڪيس خلافت جي لاءِ منتخب ڪن، يزيد اهو احوال پڙهي فورًا مڪي مڪرمه ۾ رهندڙ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما ڏانهن خط لکيو ته اوهان جي چاچي جي خاندان مان حسين مديني کي ڇڏي مڪي پاڪ ۾ آيو آهي (يزيد جي بقول) فتنو برپا ڪري پاڻ کي هلاڪ ڪندو، مان اوهان کي جيڪو ڪجهه هو ڪري رهيو آهي ان جو اطلاع معذرت پيش ڪرڻ جي لاءِ ڏئي رهيو آهيان،

---

١) نور الابصار ص ١٢٧ (٢) مقاتل الطالبيين ص ٦٣ (٣) لواعج الاشجان ص ٣٤ (۴) تهذيب التهذيب ص ٣۴٩ جلد ٢ (٥) ابن خلدون ص ٢٢ جلد٣ (٦) مقتل الحسين ص ١٥٢

۽ مون کي اهو به اطلاع پهتو آهي ته سندس شيعن سڏائيندڙن مان کي ماڻهو ساڻس خط و ڪتابت ذريعي رابطو پيدا ڪري ڪيس خلافت جي مسند تي ويهارڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن، منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ جيڪا قرابت، رشتيداري ۽ تعلقات آهن يا اوهان سان منهنجي محبت ۽ اوهان جي لاءِ مون کي عزت ۽ احترام آهي ان سڀ کي حضرت حسين ٽوڙي رهيو آهي، تون پنهنجن مٿن ۾ عزت جي مقام تي فائز آهين ۽ پنهنجن شهرن جي رهاڪن جو سردار آهين، حسين سان ملاقات ڪري ڪيس منع ڪر ته فتنو نه اٿاري، جيڪڏهن تنهنجو چوڻ ڪري ته مون وٽ ان جي لاءِ به امن ۽ وڏي عزت آهي.

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو ڪيس جواب:

سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما ڪيس جواب ۾ لکيو ته تنهنجو خط پهتو توجيڪو حسين جي متعلق لکيو آهي سو ان سان منهنجي ملاقات ٿي آهي، ان ٻڌايو ته مديني منوره ۾ رهندڙن تنهنجن ڪامورن ان سان سٺو سلوڪ نه رکيو ۽ ڪيس برو ڀلو چيو تڏهن الله جل جلاله جي پاڪ حرم، مڪي مڪرمه جي شهر ۾ محفوظ ٿي رهڻ جي لاءِ آيو آهي، ۽ وڏيڪ مان ان سان ملاقات ڪري ڪيس حقيقت کان آگاهه ڪندس ۽ تون به الله کان ڊڄ، ڪنهن به مسلمان جي لاءِ برو نه سوچ، ڪنهن جي لاءِ به ڪڏ نه ڪڻ، چو ته

ڪيترا ٻين جي لاءِ ڪڏهن ڪوٽينڊڙ پاڻ انهن ۾ ڪري تباه ٿي ويا . قرآن ڪريم جي تلاوت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي سنت جي اشاعت ۽ روزي نماز کي لازم ڪري وٺ، دنيوي رانديڻ، عياشين ۽ فضول وقت وڃائڻ کان بچاءِ وٺ، جيڪي بہ ڪم آخرت کان غافل ڪن نقصان ڪار آهن ۽ جيڪي الله تعالیٰ ڏانهن متوجه ڪن فائديمند آهن. (زياده خير والسلام (١).

حضرت حسين جا مديني ۽ بصري وارن ڏانهن خط:-

حضرت حسين پاڪ مڪي مڪرمه مان هڪ خط مديني منوره ۾ رهندڙ ڀاءُ محمد بن حنفيه ۽ ٻين هاشمي خاندان جي فردن ڏانهن موڪليو جنهن ۾ ڪين پاڻ سان شريڪ ٿيڻ جي صلاح ڏني هيائين، تاريخ ابن عساڪر ص ٧١ جلد ١٣ (جيڪا مڪتبه امير المؤ منين نجف ۾ فوٽو ڪاپي ٿيل پئي آهي) ۾ آهي تہ پوءِ سندن ڀاءُ محمد بن حنفيه ۽ هاشمي خاندان جا ڪافي فرد مڪي مڪرمہ ۾ پهچي ساڻن شريڪ ٿيا (٣) ۽ پاڻ ٻيو خط بصره جي باشندن کي لکيائون، جنهن ۾ انهن کي دعوت ڏنائون تہ جيڪڏهن اوهان منهنجو قول ٻڌي منهنجي امر جي اطاعت ڪندؤ تہ مان اوهان کي هدايت واري واٽ سان وٺي هلندس. والسلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته (٤) ان خط ملڻ کان پوءِ بصري وارن مان پنج ڄڻا (١) يزيد بن نبيط عبدي (٢) عبدالله (٣) عبيد الله (هي ٻئي يزيد بن نبيط عبدي، جا پٽ هيا ۽ ساڻن سندن غلام عامر بہ گڏ هو) (٤) سيف بن مالڪ (٥) ادهم بن اميه

(٣) ساڻن شريڪ ٿيا هئا.

حضرت مسلم بن عقيل رضي الله عنه جي ڪوفي روانگي:-

سيدنا حضرت امام حسين عليه السلام جن کي جڏهن ڪوفي وارن جا خطن تي خط پهچندا رهيا ۽ خطن آڻيندڙن قاصدن به ڪين گهٽو ست ستاء ڪيو ته پاڻ ڪين فرمايائون ته: مون اوهان جي ديني مقصد ۽ شرعي نظام کي نافذ ڪرائڻ واري ارادي کي سمجهيو آهي، مان اوهان ڏانهن پنهنجن اهل بيت مان نهايت ئي عزيز، سڀ سؤٽ ۽ اعتماد جوڳي قريب ،مسلم بن عقيل کي پنهنجو نائب ۽ ايلچي بنائي موڪليان ٿو، اهو اتي اوهان سان ملي اوهان جي حال، احوال،نظم، ضبط ۽ راءِ کان مون کي مطلع ڪرڻ لاءِ سموري حقيقت کولي لکندو، جيڪڏهن جيئن لکيو اٿو حقيقت به ائين هوندي ته مان به جلدي اوهان وٽ ايندس. حقيقت هيئن آهي ته مسلمانن جو اڳواڻ اهو ٿي سگهي ٿو جيڪو قرآن پاڪ جي حڪمن تي عامل، عدل واري نظام تي قائم ۽ حق جي دين تي هلندڙ هجي.

ان کان پوءِ حضرت امام حسين پنهنجي سؤٽ حضرت مسلم بن عقيل کي چيو ته اوهان ڪوفي وڃي ڪوفين جي حالات ڏسو ۽ سمورو جائزو وٺي حقيقت کولي لکو، جيڪڏهن واقعي اهي مخلص آهن ته مان به اچان"

(١) مقتل الحسين ص ١٤٤، بحواله تذکرة الخامس لسبط ابن جوزي(٢) مقتل الحسين ص ١٤٦ (٣) تاريخ طبري ج (٤) مقتل الحسين ص ١٥٠

حضرت مسلم حضرت حسين پاڪ جي حڪم کي لبيڪ چئي پندرهين تاريخ رمضان تي نڪتو (١) رستي ۾ مدينه منوره شهر آيو، پاڻ مديني منوره ۾ داخل ٿي حضور عليه الصلواة والسلام تي سلام ۽ نبوي مسجد ۾ نماز ادا ڪيائين ۽ اتي جي رهاڪن عزيزن، دوستن سان ملاقات ڪري، ڪوفي جي وات جا ٻه جاڻو (۽ هڪ روايت موجب ٻه پٽ محمد ۽ ابراهيم (٢)) پاڻ سان گڏ وٺي ڪوفي ڏانهن روانو ٿيو، الله تعالىٰ جي قدرت هُيا ته اهي ٻئي جاڻو پر وات ڀلجي اهڙي رڻ ۾ اچي نڪتا جتي پيئڻ لاءِ پاڻي به ميسر نه هو، اچ جي ڪري هڪ روايت موجب هڪ جڻو ٻيءَ روايت موجب ٻئي جڻا اتي انتقال ڪري ويا، حضرت مسلم (پٽن سميت) حضرت حسين جي زوردار حڪم کي ذهن مبارڪ ۾ رکي منزلون طيءِ ڪري ڪوفي شهر ۾ پنجين تاريخ شوال تي داخل ٿيو (٣) ۽ هڪ قول مطابق ابن عوسجه ۽ ٻئي قول مطابق مختيار ثقفي وٽ منزل انداز ٿيو ڪوفي وارا سندن آمد جو ٻڌي جيئن ڪوليون سوراخن مان نڪرن تيئن گهرن مان نڪري آيا جڏهن حضرت مسلم ڪين حضرت حسين جو خط ڏنو ته پڙهي هڪدم ٻارهن هزارن جڻن (١٢٠٠٠) سندن هٿ تي هٿ رکي بيعت ڪري اقرار ڪيو ته هر قيمت تي اوهان جو ساٿ ڏينداسون (٤) پر انهيءَ بيعت ڪرڻ وقت منجهن ڪو اهڙو ماڻهو به موجود هو جنهن جي يزيد سان محبت هئي، ان سچي حقيقت معلوم ڪري ڪوفي جي گورنر نعمان بن بشير سان ملي ڪيس سمورو احوال ٻڌايو، علامه ابن خلدون لکيو آهي ته نعمان بن بشير بردبار، صلح ۽ امن پسند انسان هو، ان

جذبات ۾ اچڻ جي بجاءِ ڪوفي وارن کي گڏ ڪرائي خطاب ڪندي چيو ته ” جيڪو مون سان جنگ جو اعلان نه ڪندو ان سان مان به جنگ نه ڪندس ۽ صرف وهمن ۽ گمانن تي نه هلندس پر جيڪڏهن اوهان پنهنجو عهد ٽوڙيو ۽ حاڪم جي مخالفت ڪئي ته جيستائين منهنجي تلوار جو هٿيو منهنجي هٿ ۾ آهي اوهان سان وڙهي اوهان کي ماريندس پلي پيو ڪو منهنجو مددگار نه به رهي“ (۵)گورنر جو اهو بيان ٻڌي يزيد جي شيدائيءَ ڪيس چيو ته: شهر ۾ فساد برپا ٿي چڪو آهي پر تون اجان ضعيف ٿيو وينو آهين. واقعي ضعيف آهين يا هٿرادو ضعيف بڻيو آهين؟ ڪوفي جي امير نعمان بن بشير ان کي جواب ڏيندي فرمايو ته: ”جيڪڏهن مان الله تعالیٰ جي اطاعت ڪرڻ جي ڪري ضعيف هجان ته اهو مون کي سندس بي فرمانيءَ ۾ قوي هجڻ کان وڌيڪ پيارو آهي، يزيديءَ ساٿيءَ امير نعمان بن بشير جو اهو جواب ۽ پيو سارو احوال هڪدم يزيد کي خط ۾ لکي موڪليو.

يزيد خط پڙهي ان ڳالهه جي باري ۾ پنهنجي آزاد ڪيل غلام، نهايت اعتبار جوڳي صلاحڪار، سرجون سان صلاح ڪئي، جنهن ڪيس صلاح ڏني ته فورًا نعمان بن بشير کي ڪوفي جي گورنريءَ تان هٽائي سندس جاءِ تي عبيد الله بن زياد کي ڪوفي جو گورنر بنائي ڪوفي جو شهر سندس حوالي ڪري ڇڏ، يزيد هونئن ته عبيد الله بن زياد تي اينترو سخت ناراض هو جو ان کان بصري جي گورنري

۱) مروج الذهب ص ۶۴ جلد ۳ (۲) سعادة الڪونين (۳) مروج الذهب ص ۶۴ جلد ۳(۴) ابن خلدون ص ۲۲ جلد ۳طبري ص جزء ۶ (۵) ابن خلدون ص ۲۲ جلد ۳

ٻه ڪسيائين ٿي، پر سرجون صلاحڪار جي چوڻ تي لڳي عبيد الله بن زياد کي لکيائين ته "هاڻي مان توتي راضي آهيان تون بصري جي گورنريءَ سان گڏ ڪوفي جي گورنري به سنڀال ۽ اتي آيل مسلم بن عقيل جي طرفان اسان جي خلاف رٿيل پروگرام کي ناڪام بناءِ. جيڪڏهن مسلم بن عقيل توکي هٿ لڳي وڃي ته ان کي هڪدم قتل (شهيد) ڪري ڇڏ" (١) عبيد الله بن زياد وڏو چالاڪ، نهايت مڪار ۽ ڌوکي باز هو سو بصره مان ڪجھ اعتبار جوڳا ماڻهو پاڻ سان گڏ وٺي اهڙي رنگ ۽ ڍنگ سان ڪوفي ۾ گهڙيو جو اتي جي ماڻهن سمجهيو ته شايد هيءَ حضرت حسين بن علي (رضي الله عنهما) آهي. ڪوفي ۾ جتان به عبيد الله ۽ سندس ساٿين جو گذر پيو ٿئي ته ماڻهو کيس مرحبا يا ابن رسول الله ! اي الله جي رسول (صلى الله عليه وسلم) جا پٽ! مرحبا سان آڌر ڀاءُ پيا ڪن پر پاڻ انهن کي ڪوبه جواب ڪونه پيو ڏئي، ماڻهو کيس حضرت حسين سمجهي زيارت ڪرڻ جي لاءِ گهرن مان نڪري آيا پر هن کي اها ڳالهه تمام ڏکي ٿي لڳي، اهو آواز جڏهن ڪوفي جي گورنر ۽ امير نعمان بن بشير ٻڌو ته ان کي اها پڪ هئي ته اهو حضرت حسين ناهي پر تڏهن به هڪدم احتياطي طور گورنر هائوس جوگيٽ بند ڪري ڇڏيائين ۽ جيستائين ماڻهو اهو آواز ۽ شور ڪندا آيا ته حضرت حسين پهچي ويو تيستائين عبيد الله بن زياد پنهنجن ساٿين سميت اچي گورنر هائوس جي گيٽ وٽ پهتو، گورنر نعمان بن بشير دروازي

(١) الكامل في التاريخ لابن الاثير ص ٣٣ جلد ۴

جي اندران ڪيس چيو تہ : الله جو نالو اٿئي هتان پري ٿيءُ. مان نہ توکي امانت (گورنري) ڏيندس، ۽ نہ توسان جنگ جو ارادو اٿم، عبيد الله چيس تہ: دروازو کول، جڏهن سندس اهو قول ڪيس حسين سمجهي پويان ايندڙ مان ڪنهن ٻڌو تہ ان ابن زياد جو ڳالهائڻ سڃاتو ۽ ماڻهن کي چيائين تہ هيءُ تہ: ابن مرجانہ (عبيد الله بن زياد جو ڪنيہ) آهي، حسين ڪٿي آهي؟ پوءِ نعمان بن بشير دروازو کوليو، عبيد الله بن زياد پنهنجي ساٿين سميت اندر گهڙي ٻاهران دروازو بند ڪرائي ڇڏيو ۽ ماڻهو سڀ ٽڙي پکڙي ويا. ابن زياد ٻئي ڏينهن صبح جو ۽ هڪ روايت موجب ان ئي ڏينهن ممبر تي ويهي تقرير ڪري ماڻهن کي سمجهايو تہ: امير، يزيد مون کي اوهان جي هن شهر جو والي بنائي امر ڪيو آهي تہ مان اوهان مان مظلوم سان انصاف ڪيان، محروم کي عطا ڪيان، مڄڻ واري فرمانبردار سان احسان ڪيان، ڏوکي باز ۽ بي فرمان تي سختي ڪيان، مان اوهان ۾ امير يزيد جي امر جو تابعداريءَ ان جي آرڊر کي جاري ڪرڻ آيو آهيان ۽ اوهان مان نيڪوڪار جي لاءِ پيءُ وانگر مهربان ۽ مڃيندڙ جي لاءِ سڳي ڀاءُ وانگر آهيان، ان کان پوءِ ممبر تان لهي حڪومت جي انهن ملازمن کي جيڪي شهر جي ماڻهن کي سڃاڻندا هيا سخت تاڪيد ڪندي چيائين تہ شهر جي ماڻهن مان انهن جي لسٽ ٺاهي ڏيو جيڪي غريب امير المؤمنين -يزيد (ملعون) جا محبتي آهن، ۽ انهن جي بہ ٺاهي ڏيو جيڪي سندس مخالف ۽ دشمن آهن پوءِ جنهن بہ اهي لسٽون ٺاهي ڏنيون اهو هر تڪليف کان آزاد آهي ۽ جنهن

نه ٿـاهيـون ته اهو وري ان ڳالهہ جي ضـمـانت ڏيندو ته سندس سجاٽندڙن ۾ اسان جو ڪو به مخالف ۽ باغي نه رهندو، پر جيڪڏهن ائين نٿو ڪري ته پوءِ سندس حفاظت جو ذمو اسان جو نه آهي ان جو رت ۽ مال اسان جي لاءِ حلال آهي ۽ جنهن جي گهران به اسان جي امير (يزيد) جو مخالف مليو ته ان گهر جي ڌڻيءَ کي سندس ئي گهر جي دروازي تي ڦـاسيءَ تي لٽـڪـايو ويندو جڏهن ابن زياد جي ان سخت تاڪيـدي آرڊر جي جاري ڪرڻ کـان پوءِ ڪوفي جي شـهـر ۾ يزيد جي مخالفن جي باري ۾ وٺ پڪڙ شروع ٿي ۽ اها ڳالهہ حضرت مسلم بن عقيل رضي الله عنه ٻڌي ته پاڻ ابن عـوسجہ يا مختار ثقفي جي گهر مان نڪري هاني بن عروه مرادي جي گهر آيو. هاني بن عروه ڪيس ڏسي پريشان ٿيو. حضرت امام مسلم ڪيس فرمايو ته "مان تو وٽ ظالمن کان پناهہ ۾ رهڻ ۽ تنهنجو مهمان ٿي وقت گذارڻ ۽ توکان مـدد وٺڻ آيو آهيـان" هانيءَ عـرض ڪيـو ته: اوهان اندر لنگهي آيا آهيو اوهان کي موٽائڻ نهايت نامناسب آهي پر حالات کي پاڻ ڏسي رهيا آهيو. اوهان جي مون وٽ اچڻ ۾ مون لاءِ وڏيون مشڪلاتون پيدا ٿينديون، پوءِ ڪيس رهايائين ۽ شيعا سڏائيندڙ ڪوفي اتيئي اچڻ لڳا (١) هوڏانهن ابن زياد پنهنجي هڪ آزاد ڪيل غلام کي ٽي هزار (٣٠٠٠) درهم ڏئي حڪم ڏنو ته جاسـوسي ڪري مسلم بن عقيل جو پتو لڳاءِ ته ڪٿي ٿو رهي، مسلم بن عـقيل جي سـاٿين يا شيعن کي هٿ ڪري کين لالچ ڏي، هيءَ پئسا کين ڏيکاري چئو تـہ مان به مسلم بن عقيل جو حبدار

(١) الڪامل في التاريخ لابن الاثير ص ٢٥ جلد ٤

آهيان مون کي ان سان ملايو ته هيءَ نذرانو ان جي خدمت ۾ پيش
ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان، اهو آزاد ڪيل ابن زياد جو غلام
پاڻ سان اهي ٽي هزار (٣٠٠٠) درهم ڪٺي مسلم بن عوسجه
الاسدي وٽ آيو ته اهو مسجد ۾ نماز پڙهي رهيو هو ۽ مسجد ۾
وينل ماڻهو هڪ ٻئي کي ٻڌائي رهيا هيا ته هيءَ حسين بن علي رضي
الله عنه جي پاران بيعت وٺي رهيو آهي، جڏهن مسلم بن عوسجه
نماز کان فارغ ٿيو ته ابن زياد جي غلام اٿي ڪيس عرض ڪيو ته اي
الله جا ٻانها! مان شام ملڪ جو رهاڪو آهيان، الله تعاليٰ مون تي
هيءَ انعام ڪيو آهي جو مون کي اهل بيت سان محبت آهي،
خبرپئي اٿم ته اهل بيت مان ڪو جوان هتي به پهتل آهي جيڪو
رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جي نياڻيءَ جي پٽ حسين جي لاءِ
بيعت وٺي رهيو آهي ۽ اهابه خبر پئي اٿم ته توکي ان جي رهائش
گاهه وغيره جي خبر آهي مان تو وٽ ان لاءِ آيو آهيان ته مون کان هيءَ
پئسا وٺ ۽ مون کي ان وٽ پهچاءِ ته مان سندس بيعت ڪيان ۽
جيڪڏهن ان سان ملاقات کان پهريان تون ئي بيعت وٺين ته به مان
بيعت ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيان. مسلم بن عوسجة الاسدي ان جون
اهي مٺيون مٺيون مڪروريون ٻوليون ٻڌي ان تي اعتماد ڪيو ۽ ڪيس
چيائين ته مون کي تنهنجي اچڻ سان خوشي ٿي آهي ته اوهان جنهن
سان محبت رکو ٿا ان سان ملو ۽ اوهان جي ذريعي الله تعاليٰ پنهنجي
نبي جي اهل بيت جي مدد ڪرڻ فرمائي ۽ مون کي اها ڳالهه تمام نا
پسند لڳي آهي جو ماڻهن کي خبر پئجي وئي آهي ته حسين جي پاران

بيعت ڪرائڻ جو ڪم مان ڪري رهيو آهيان، حالانڪ اجا شيطاني قوت (يزيد) جو دٻدٻو ختم نہ ٿيو آهي. ائين چوڻ کان پوءِ ان غلام کان عهد، انجام ۽ اقرار وٺي تہ هيءُ راز ظاهر نہ ڪندين کيس بيعت ڪيائين، ۽ اهو وٽس ان ارادي سان تہ کيس مسلم بن عقيل سان ملاقات ڪرائي پنڌ ڪندو رهيو، ان وچ ۾ هانيءُ بن عروه مرادي بيمار ٿي پيو، عبيد الله بن زياد ان جي بيماريءَ جو ٻڌي ڪانئس طبع پرسي ڪرڻ جو ارادو ڪيو، اها خبر جڏهن هڪ شخص عماره بن عبد سلوليءَ ڪوفي جي رهاڪو کي پئي تہ ان هانيءُ بن عروه کي چيو تہ اسان جو مقصد آهي تہ عبيد الله بن زياد کي قتل ڪيون هينئر الله تعالىٰ توکي موقعو ڏنو آهي جيئن هتي اچي تہ ان کي قتل ڪري ڇڏ. هانيءُ فرمايو تہ مون کي اها ڳالهہ پسند ناهي تہ منهنجي گهر ۾ ڪو قتل ڪيو وڃي، پوءِ ابن زياد هانيءُ بن عروه جي طبع پرسيءَ لاءِ آيو، ڪجهہ وقت ويهي طبع پرسي ڪري اٿي هليو ويو، ان کان پوءِ اجا هڪ جمعه (هفتو) نہ گذريو هو تہ ڪوفي جو ٻيو هڪ ناميارو شخص شريڪ بن اعور بيمار ٿي پيو، جيڪو ڪوفي جي اميريءَ واري عهدي تي فائز ٿيندڙن ابن زياد ۽ ٻين جي نظر ۾ معزز ۽ مڪرم هوندي بہ سخت شيعو هو، حضرت علي ۽ عمار رضي الله عنه سان صفين جي جنگ ۾ بہ گڏ هو، بيماريءَ جي دوران اهو بہ هانيءُ بن عروه جو مهمان هو، جڏهن ابن زياد کي ان جي طبيعت جي ناساز هجڻ جو پتو پيو تہ کيس اطلاع موڪليائين تہ اڄ رات توکان طبع پرسيءَ لاءِ تو وٽ ايندس شريڪ بن اعور حضرت امام مسلم بن عقيل کي عرض

کيو "ته اڄ رات ابن زياد مون کان طبع پرسيءَ لاءِ اچي رهيو آهي اوهان ان کي قتل ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي وهو، هو بنا هٿيارن جي هڪ ٻن ماڻهن سان ايندو، جيئن اچي هتي وهي ته هڪدم حملو ڪري کيس قتل ڪري ان کان پوءِ گورنر هائوس ۾ ڪوفي جي امير جو عهدو سنڀالي ويهي رهه، ڪير به توکي اڳيان نه ايندو نه روڪيندو ۽ جيڪڏهن مون کي صحت ملي، هلڻ ڦرڻ جهڙو ٿيس ته بصري جي شهر ۾ وڃي اتي به اوهان جي اينتري حمايت ڪندس جو بصره به اوهان جي امر هيٺان هلندو" جڏهن رات جو عبيد الله بن زياد طبع پرسيءَ لاءِ شريڪ بن اعور وٽ اچڻ لڳو ته حضرت مسلم به ارادو ڪيو ته ان ڪمري ۾ اندر اچي - شريڪ بن اعور کيس چيو ته في الحال لڪي وهو جيئن هو مون وٽ اچي وهي ته پوءِ بلڪل نه ڇڏجوس، اهو ٻڌي هانيءَ بن عروه وري به چيو ته مون کي پسند ناهي جو منهنجي گهر ۾ ڪنهن کي قتل ڪيو وڃي، ڪجهه دير کان پوءِ عبيد الله بن زياد پهتو شريڪ بن اعور کان طبيعت جو حال پڇيائين ۽ شريڪ ان حال احوال کي ان نيت سان ته حضرت مسلم بن عقيل ابن زياد تي حملو ڪري، کيس قتل ڪري ڊگهو ڪيو پر حضرت مسلم نڪتو ئي ڪونه، شريڪ ڏٺو ته هوڏانهن حضرت مسلم نه نڪتو هيڏانهن ابن زياد اٿڻ جي پيو ڪري ته ان حضرت مسلم کي سڏڻ جي ارادي سان عربيءَ ۾ اهڙا شعر چوڻ شروع ڪيا جن ۾ جڻ ته حضرت مسلم کي حملي ڪرڻ جي لاءِ سڏي رهيو هو اهي شعر ٻڌي عبيد الله بن زياد هانيءَ بن عروه کان پڇيو ته شريڪ جو دماغي

توازن صحيح ناهي چا؟ جو اهڙا شعر پيو چوي، هانيءِ چيو ته اڄ صبح کان وٺي هن وقت تائين هن جي اها حالت رهي آهي، ۽ هڪ قول مطابق جڏهن شريڪ بن اعور اهي شعر چيا ته مهران نالي عبيد الله بن زياد جو ساٿي شريڪ جي ارادي کي سمجهي ويو ۽ عبيد الله کي اٿڻ جو اشارو ڪيائين، شريڪ بن اعور ابن زياد کي اجا دير ڪرائڻ جي ارادي سان چيو ته اي ڪوفي جا امير! منهنجو ارادو آهي ته توکي ڪجهه وصيت ڪيان عبيد الله چيو ته مان تو وٽ وري ايندس (پوءِ مون کي وصيت ڪجان) جڏهن ابن زياد ٻاهر نڪتو ته سندس ساٿيءَ مهران چيس ته شريڪ جوان شعرن چوڻ مان مقصد توکي قتل ڪرائڻ هو، عبيد الله چيو ته مون کي هانيءِ بن عروه جي گهر ۾ ڇو قتل ڪندو؟ مان ته سندس عزت ۽ اڪرام ڪري ڪانئس پڇڻ هليو هوس، ۽ منهنجي پيءُ جا ته ان تي احسان به آهن، مهران چيس ته سڀ ڪجهه آهي پر هن جي نيت اها هئي جيڪامون توکي ٻڌائي.

حضرت مسلم بن عقيل جو ڪمري مان ٻاهران اچي جواب ڏيڻ:-

عبيد الله بن زياد جي نڪرڻ کان پوءِ جڏهن حضرت مسلم بن عقيل ٻاهر نڪتو تڏهن شريڪ بن اعور پڇيس ته ابن زياد کي ڇاجي ڪري قتل ڪونه ڪيو؟ حضرت مسلم فرمايو ته "ٻن وجهن جي ڪري "١" هڪ ته گهر ڌڻي هانيءِ بن عروه کي اها ڳالهه پسند نه هئي "٢" ٻيو ته حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي ته

حضورعليه الصلواة والسلام جن فرمايو "اِنَّ الْاِيْمَانَ قَيْدُ الْفَتْکِ فَلَا يُفْتُکُ مُؤْمِنٌ بِمُؤْمِنٍ " (١)يعني ايمان ڌوکي ڏيڻ کي قابو کري ڇڏيو آهي، مؤمن مؤمن سان ڌوکو نہ ڪندو، ائين بنا اطلاع جي ابن زياد کي قتل ڪرڻ ڌوکو هو، جيڪو مون کان نہ ٿي سگهيو، مسلمانو! حضرت مسلم ان حال ۾ بہ ابن زياد کي مؤمن سڏي رهيو آهي ۽ شيعا صاحبان حضور عليہ والصلواة والسلام جن جي نهايت ئي سچن، مخلصن، مجاهدن ۽ وفادار اصحابن، حضرت ابوبڪر، حضرت عمر، حضرت عثمان رضي الله عنهم کي معاذ الله ڪافر سڏي پنهنجا ٻئي جهان برباد ڪري رهيا آهن، شال الله تعالیٰ ڪين حضرت مسلم جي مٿئين لکيل قول تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري (آمين ثم آمين).

شريک بن اعور جي وفات:-

ان کان بعد شريک بن اعور ٽي ڏينهن جيئرو رهيو هو ۽ پوءِ وفات ڪري ويو ۽ سندس جنازه جي نماز بہ ابن زياد پڙهائي جڏهن ابن زياد کي خبر پئي تہ واقعي شريک کيس قتل ٿي ڪرايو تہ چيائين" والله لااصلي علىٰ جنازة عراقي ابدا ولو لا ان قبر زياد فيهم لنبشت شريكا" الله جو قسم تہ ڪڏهن بہ ڪنهن عراق ۾ رهندڙ جي جنازه جي نماز نہ پڙهندس ۽ جيڪڏهن منهنجي پيءُ زياد جي اتي قبر نہ هجي ها تہ شريک جي قبر کوٽائي (ان مان سندس لاش ڪڍائي ان لاش کي سزا ڏيان) ها (١).

(١) الكامل في التاريخ لابن الاثير ص ٢٦ ج ۴

حضرت مسلم جي رهائش جو علم :-

متي لکي آيا آهيون ته عبيد الله بن زياد پنهنجي هڪ آزاد ڪيل غلام کي پئسا ڏئي حضرت مسلم بن عقيل جي ڳولا لاءِ جاسوس مقرر ڪيو هو ۽ ان مسلم بن عوسجه اسديءَ کي اهي ٽي هزار (٣٠٠٠) درهم ڏئي سندس هٿ تي بيعت ڪئي هئي، ، نيٺ اهو غلام حضرت مسلم بن عقيل رضي الله عنه وٽ اچي پهتو ۽ بيعت ڪري اتي اچڻ وڃڻ شروع ڪيائين ۽ ان دوران جيڪو به حال احوال، گفتگو وغيره هلندو هو اها سموري رپورٽ ابن زياد کي پڌائيندو هو (١)

هاني بن عروه جي گرفتاري:-

جڏهن ان آزاد ڪيل غلام ابن زياد کي تفصيلي ۽ تحقيقي رپورٽ ڏني ته حضرت امام مسلم هانيءَ بن عروه جي گهر ۾ رهيل آهي ۽ هانيءَ به ابن زياد وٽ اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو تڏهن ابن زياد سندس دربار ۾ ايندڙن ڪوفي جي رهاڪن کي گهرائي ڪانئن پڇيو ته هانيءَ جو ڪهڙو حال آهي ۽ اسان وٽ ڇو نه ٿو اچي؟ انهن عرض ڪيو ته بيمار آهي" ابن زياد کين چيو ته: مون کي خبر پئي آهي ته چاڪ آهي پنهنجي جاءِ جي دروازي وٽ ويهي ايندڙن ويندڙن سان ملاقاتون ۽ ڪچهريون ڪري ٿو، اوهان ان سان ملاقات ڪري کيس چئو ته

(١) الڪامل في التاريخ لابن الاثير ص ٢٧ جلد ٤

پنهنجي ذميواري محسوس ڪري ان ۾ ڪوتاهي نہ ڪري، پوءِ اهي هانيءَ وٽ آيا ۽ چيائونس تہ امير عبيد الله بن زياد تنهنجو پڇيو آهي ۽ چيو اٿس تہ جيڪڏهن واقعي بيمار آهي تہ مان پڇڻ هلانس ۽ اها خبــــر پئي اٿس تہ تون پنهنجي جاءِ جي دروازي تي ويهي ايندڙن، ويندڙن سان ملاقاتون ڪرين ٿو، پر ان وٽ نٿو اچين. اها ڳالهہ هن کي سٺي نہ ٿي لڳي، اسين توکي قسم ٿا وجهون تہ جيڪڏهن اسان سان گڏجي هلين تہ ڀلو ،هانيءَ بن عروه سندن قول قبول ڪيو، ڪپڙا بدلائي ساڻن گڏجي گورنر هائوس ڏانهن هليو. جڏهن ويجهو پهتو تہ ڪيس محسوس ٿيو تہ اهو اچڻ سندس لاءِ سٺو تہ نہ هو. پوءِ پاڻ اسماءِ بن خارجه جي پٽ حسان کي چيائين تہ اي ڀائيٽيا.! مون کي هن (ابن زياد) ڪان ڊپ ٿو لڳي تون ڇاٿو سمجهين؟ ان عرض ڪيو تہ اهڙي ڪا ڳالهہ نہ آهي اوهان هرو ڀرو پاڻ تي ڪوتڪو نہ لڳايو ۽ نہ دشمن کي موقعو ڏيو. حقيقت ۾ اسماءِ ۽ سندس پٽ حسان کي ابن زياد جي اندر جي ارادن جي ڪا خبر نہ هئي پر محمد بن اشعث کي خبر هئي، جڏهن هانيءَ بن عروه سميت سيئي گڏجي ابن زياد وٽ پهتا تہ ڪوفي شهر جو قاضي (جج) اتي اڳيئي ويٺو هو. ابن زياد هن کي ڏسي قاضي شريح کي مخاطب ٿي هانيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ. اوهان وٽ اهو پيو اچي جنهن جي پيرن مان خيانت جا نشان نمايان نظر اچي رهيا آهن، هانيءَ جڏهن ويجهو آيو تہ عبيد الله بن زياد ڪيس مخاطب ٿيندي هيءَ شعر پڙهيو.

اريد حياته ويريد قتلي

غد يرك من خليلك من مراد(١)

يعني مان (طبع پرسي ڪري) ان جي حياتيءَ جو ارادو ڪيان ٿو ته خدا ڪري خوش رهي ۽ هو وري پنهنجي دل ۾ منهنجي قتل جو ارادو ڪيو وينو آهي، اهو بهانا ٺاهيندڙ تنهنجو دوست مراد قبيلي جو آهي.

ابن زياد هانيءَ جي گهٽي عزت ڪندو هو (ان جي ڪري ڏک مان ائين چيو هيائين)

ان ڪان پوءِ هانيءَ کي چيائين ته هانيءَ گهر ۾ ويٺي کهڙا ڪم ڪرين پيو؟ ۽ مسلمانن ۽ مومن جي امير لاءِ ڇا رٿيو اٿئي؟ ۽ سمجهين ٿو ته مون کان اها سموري ڪاروائي لڪل آهي.

هانيءَ: مون ته ائين ڪيونئي ناهي ڪير ٿو چوي؟ .

ابن زياد: هائو تو بلڪل ڪيو آهي، پڪي ڳالهه آهي ان کان پوءِ ابن زياد ان جاسوسي ڪندڙ غلام کي سڏايو ۽ اهو هانيءَ جي اڳيان اچي بيٺو.

ابن زياد: هن کي سڃاڻين ٿو؟

هاني: هائو، هاني سمجهي ويو ته هيءُ ته جاسوس هو ۽ ڪجهه دير چپ رهڻ کان پوءِ سوچي سمجهي ابن زياد ڏانهن نهاري کيس چيائين.

(١) الكامل في التاريخ ص ٢٨ جلد ٤

اي ابن زياد! منهنجي ڳالهه ٻڌ الله جو قسم آهي ته ڪوڙ نٿو هڻان، سچي ڳالهه ٿو ڪريان تون به ان کي سچو سمجهه. ڳالهه هيئن آهي ته حضرت مسلم کي نه مون گهرايو آهي نه مون کي ان جي خيالات جي ڪا خبر هئي، هڪ ڏينهن اوچتو منهنجي دروازي تي اچي ويٺو ۽ مون کي چيائين ته تو وٽ رهڻ جو ارادو اٿم پوءِ ان کي موٽائڻ ۽ مهمان نوازي نه ڪرڻ مون کي سٺو نه لڳو. واقعي مون ڪيس پنهنجي ڪوٺ ۾ رهايو ۽ مهمان نوازي ڪئي آهي ۽ جيڪا رپورٽ تو وٽ پهتي آهي اها صحيح آهي. جيڪڏهن تون چاهين ته مان ايترو ڪري سگهان ٿو جو توکي اعتبار ڏيان يا ڪا شيءِ تو وٽ ڳهه طور رکان ۽ مان وڃي ان کي پنهنجي گهر مان ڪڍي موٽي اچان.

ابن زياد:- الله جو قسم ته توکي تيستائين نه ڇڏيندس جيستائين مسلم کي مون وٽ نه آڻيندين.

هاني‌ءِ:- اهو مون کان ڪڏهن به نه ٿيندو جو پنهنجو مهمان توکي آڻي ڏيان ته تون ان کي قتل ڪرين.

انهن ٻنهين جي ڳالهائڻ وقت اتي مسلم بن عمرو باهلي ويٺو هو ۽ هاني‌ءِ بن عروه جي رحم جوڳي حالت ڏسي ابن زياد کي چيائين ته مون کي ڇڏ ته مان هاني کي سمجهايان. پوءِ هاني‌ءِ کي وٺي ايترو پري جتي ابن زياد به کين ڏسي رهيو هو، هاني کي چيائين ته هاني‌ءِ! نه پاڻ کي قتل ڪراءِ نه پنهنجي قوم کي مصيبت ۾ ڦاساءِ (حضرت) مسلم بن عقيل ۽ يزيد پاڻ ۾ رشتيدار آهن منهنجي خيال ۾ ان کي نه قتل ڪندا ۽ نه تڪليف ڏيندا جو توتي ڪل ۽ خواري ٿيندي تون ان

ڪي بادشاه جي حوالي ٿو ڪرين (جيڪا تنهنجي مجبوري آهي) هاني هانئو ان ۾ مون تي بالڪل ڪل ۽ خواري آهي هن وقت مان نه طاقتور آهيان، منهنجا ساٿي ۽ مددگار به آهن پر جيڪڏهن ڪير به منهنجو ساٿي نه هجي ته مرڻ قبول ڪندس حضرت مسلم جي ٻانهن ابن زياد جي حوالي نه ڪندس (١) اهو سڀ ڪجهه ابن زياد به ٻڌو پئي، جڏهن هانيءُ مسلم بن عمرو باهليءُ جو مشورو نه ورتو تڏهن ابن زياد چيو ته هانيءُ کي مون ڏانهن ويجهو وٺي اچو، ان کان پوءِ هانيءُ سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو.

ابن زياد:- يلو آڻ مسلم کي وٺي آ نه ته تنهنجي سر کي ڌڙ کان ڌار ڪندس.

هاني:- جيڪڏهن ائين ڪندين ته پوءِ گورنر هائوس جي چوڌاري رڳو تلوارون چمڪندي ڏسندين (هانيءُ کي اعتماد هو ته منهنجا ساٿي ۽ مددگار گهڻا آهن جيڪي منهنجي پاران اچي وڙهندا).

ابن زياد: تون مون کي چمڪندڙن تلوارن جو ڊپ ٿو ڏين؟

ڪن روايتن ۾ آهي ته هاني بن عروه ابن زياد کي چيو ته اي امير! جيڪي ڳالهيون تو وٽ پهتيون آهن سڀ سچيون آهن، تنهنجا مون تي احسان به آهن اهي مان ضايع نٿو ڪريان، تون اهل عيال سان ڪوفي ۾ پيو سير ڪر توکي مان امن ٿو ڏيان، ڪير به تنهنجي وار جو نالو نه وٺندو، اهو ٻڌي عبيد الله ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو پر سندس مٿان بيٺل ساٿيءُ عبيد الله کي چيو ته هيءُ ته وڏي ذلت آهي جو

(١) الڪامل ص ٢٩ جلد ٤

حائک (ڪوري) توکي پناه ڏيڻ جي آڇ ڪري رهيو آهي پوءِ ان مهران هانيءَ جي وارن مان ورتو ۽ ابن زياد لٺ سان نڪ، پيشانيءَ ۽ ڳلن تي اهڙا ڌڪ هنيس جو نڪ ڀڃي پيس، ڳلن ۽ پيشاني جي گوشت جا ٽڪرا ڏاڙهيءَ تي ڪري پيس ۽ ڪپڙا سڄا رتورت ٿي ويس ۽ پوءِ به تيستائين ماريندو رهيس جيستائين لٺ ڀڄي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي هاني به ان وچ ۾ هڪ سپاهيءَ کان جهٽ هڻي تلوار کسڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نه ٿيو ۽ عبيد الله بن زياد چيس ته اي بغاوت ڪندڙ! پاڻ کي پاڻهي قتل جو لائق بنايئي ۽ هاڻي اسان جي لاءِ تنهنجو قتل ڪرڻ حلال آهي. ان کان پوءِ پنهنجن ماڻهن کي چيائين ته هن کي گورنر هائوس جي هڪ ڪمري ۾ اڇلائي ڪمرو بند ڪري ڇڏيو، اهو سڄو معاملو اسما بن خارجه ۽ محمد بن اشعث به روبرو ويٺي ڏٺو جيڪي هانيءَ کي وٺي آيا هئا. اسماءِ کان برداشت نه ٿي سگهيو ۽ ابن زياد سان ڳالهائيندي چيائينس ته اي ڌوکيباز! هاڻي ته ڇڏيس، اسان کي وٺڻ لاءِ موڪليئي، اسان هن کي قسم وجهي آندو ۽ توهن کي ايتري تڪليف ڏني آهي جو منهن ۾ ڦٽ ٿي پيا اٿس، ڪپڙا سڄا رت ٿي ويا اٿس ۽ اڃا به خيال پيو ڪرين ته ان کي قتل ڪرين.

عبيد الله بن زياد غصي ۾ حڪم ڪيو ته اسماءِ کي به سڄو ڏينهن گهليو، پوءِ ته سرڪاري عملدارن ان کي به سڄو ڏينهن ايذايو ۽ شهر ۾ گهلي اچي ڇڏيائونس، ويچارو روئي ماٺ ڪري ويهي رهيو، محمد بن اشعث اهي حالتون ڏسي ابن زياد کي چيو ته اسين

اوهان جي رضا سان راضي آهيون پوءِ اها اسان جي فائدي ۾ هجي يا نقصان ۾، هوڏانهن جڏهن هانيءَ جي ساٿيءَ عمرو بن حجاج کي خبر پئي ته هاني ايذاء کائيندي قتل ٿي ويو آهي تڏهن ان پاڻ سان کافي ماڻهو آڻي گورنر هائوس جو گهيراءُ ڪيو ۽ اعلان ڪيائين ته اسين مذحج قبيلي جا جنگي جوان آهيون، اسان هانيءَ جي لاءِ لڙڻ آيا آهيون.

عبيد الله بن زياد کي جڏهن اها خبر پئي ته ان ڪوفي جي قاضيءَ (جج) شريح کي چيو ته هانيءَ کي ته اسان قتل ڪونه ڪيو آهي تون بند ڪمري ۾ وڃي ڏس ته جيئرو آهي ۽ سندس قوم وارن کي ٻڌاءِ ته هاني جيئرو آهي،ڪير ٿو چوي ته قتل ڪيو ويو آهي؟ ائين چئي جاسوسي ڪرڻ لاءِ پنهنجو هڪ ماڻهو به قاضي شريح سان گڏ موڪليائين ، قاضي صاحب ان بند ڪمري جو در کولي ڏٺو ته هانيءَ جيئرو آهي، هانيءَ به قاضيءَ صاحب کي ڏسي چيو ته: مسلمان ڪٿي آهن؟ منهنجو سڄو خاندان هلاڪ ٿي ويو ڪٿي آهن ديندار ۽ دين جا مددگار؟ ڇا مون کي پنهنجي دشمن ۽ دشمن جي پٽ جي حوالي ڪري ڇڏيندا؟ ڪمري ڪلڻ کان پوءِ هانيءَ به ٻاهران گوڙ ٻڌو ۽ سمجهي ويو ته منهنجي قبيلي مذحج وارن ۽ منهنجي محبت وارن جو آواز آهي، قاضي صاحب کي چيائين ته جيڪڏهن انهن مان رڳو ڏهه جڻا اندر گهڙي پيا ته مون کي ڇڏائي ويندا انهن کي منهنجو نياپو پهچاءِ، جڏهن قاضي شريح هانيءَ جي عزيزن ، دوستن کي ٻڌايو ته هاني سلامت آهي ته ڪيس هانيءَ جي نياپي ٻڌائڻ جو خيال به ذهن ۾

هو پر ساڻس گڏيل ابن زياد جي جاسوس کان لهرائي اهو نياپو نہ
ڏنائين، هانيءِ جي عزيزن، دوستن سندس سر جي سلامت هجڻ جي
ڳالهہ قاضي شريح کان ٻڌي ان تي اعتماد ڪيو ۽ اهو چئي تہ الحمد
لله جيئرو آهي موٽي ويا (١)

حضرت مسلم رضي الله عنه هانيءِ وارو واقعو ٻڌو:-

جڏهن حضرت مسلم هانيءِ بن عروه جي حالت ٻڌي تہ پنهنجن
ارڙهن هزارن (١٨٠٠٠) ڪوفي جي بيعت ڪندڙن ساٿين ۽ ان کان
سواءِ پسگردائيءِ جي چئن هزارن (٤٠٠٠) بيعت ڪندڙن کي گڏ ٿيڻ
لاءِ اعلان ڪرايائين اعلان ٻڌي گهڻا ماڻهو گڏ ٿي ويا. حضرت مسلم
انهن کي چئن حصن ۾ ورهايو. ڪنده قبيلي وارن جو اڳواڻ عبدالله بن
عزيز ڪنديءِ کي مقرر ڪري فرمايائين تہ تون منهنجي اڳيان هلجانءِ
۽ اسد ۽ مذحج قبيلن جو اڳواڻ مسلم بن عوسجه اسديءِ کي
بنايائين ۽ تميم ۽ همدان وارن جي قيادت ابو ثمامه صاعديءِ کي
سپرد ڪيائين ۽ شهر جي باقي چوٿين حصي وارن جو اڳواڻ عباس
بن جعده جدلي کي مقرر ڪري گورنر هائوس ڏانهن اچي ان جو
گهيراءُ ڪرايائين. جامع مسجد ۽ بازار ماڻهن سان ڀرجي ويون ۽ سج
لهڻ تائين ماڻهو گڏ ٿيندا رهيا پوءِ گڏجي اچي گورنر هائوس جو
گهيرو ڪيائون.

(١) الڪامل ص ٣٠ جلد ٤

ابن زياد گهيري ۾:

ماڻهن جي گهٽي تعداد ۾ گڏ ٿيڻ جو ٻڌي ابن زياد سخت پريشان ٿيو ۽ گهر جي ڪنڊ ۾ وڃي رهيو ڇو ته ان وقت وٽس صرف ٣٠ سپاهي ويهه ڀيا معزز ماڻهو، سندس گهر جا ڀاتي ۽ آزاد ڪيل غلام هيا. شهر جا معزز ماڻهو عبيد الله بن زياد وٽ صرف ان دروازي کان ٿي آيا جيڪو ڪوفي جي شهر ۾ دار الروميين سان مشهور هو ۽ ٻيا ماڻهو ابن زياد ۽ سندس پيء کي گاريون ڏيندا رهيا.

ابن زياد جي حڪمت عملي:

ابن زياد اهو سڀ ڪجهه ٻڌي سوچ ڪئي ته ڪهڙي تدبير سان هو گهيرو ختم ڪرائجي، سوچي سوچي ان نتيجي تي پهتو ته گهيري ڪرڻ وارا گهڻا شهري آهن ۽ مون وٽ موجود معزز ماڻهو به شهر جا آهن ڇو نه انهن کي چوان ته اهي پنهنجن کي سمجهائين، سو چاڪيائين؟ جو ڪثير بن شهاب حارثيء کي گهرائي چيائين ته تون مذحج قبيلي وارن کي سمجهاء ته اهي مسلم بن عقيل جو پاسو نه وٺن، هليا وڃن ۽ محمد بن اشعث کي چيائين ته تون ڪنده ۽ حضر موت وارن کي سمجهاء ته مسلم بن عقيل جو پاسو نه وٺن ۽ امن امان ڏيڻ لاء هڪ جهنڊو پاڻ سان کڻ ۽ اعلان ڪر ته جيڪو به ان جهنڊي جي هيٺان ايندو ان کي حڪومت جي طرفان معافي آهي ۽ ان ئي نموني سان سمجهائڻ جي لاء قعقاع بن شوذهلي، شيث بن ربعي تميم، حجاربن ابحر عجلي ۽ شهربن ذي الجوشن ضبابيء کي چيائين

۽ ڪجھ معززماڻهو پاڻ وٽ دل وندرائڻ لاءِ وهاريائين چو ته وٽس ماڻهو تمام گهٽ هيا. جڏهن شهر جي معزز ماڻهن عوام کي واپس وڃڻ لاءِ چيو ته اهي آهستي آهستي واپس وڃڻ لڳا تانجو (حضرت) مسلم بن عقيل وٽ صرف ٣٠ ماڻهو وڃي بچيا ۽ اها حالت ڏسي حضرت مسلم بن عقيل رضي الله عنه اتاهين ڪوفي شهر جي علائقي ڪنده جي دروازن ڏانهن روانو ٿيو پوءِ ته ساڻس هڪ ماڻهو به نه رهيو. (١)

حضرت مسلم اڪيلو:

جڏهن حبدار سڏائيندڙ حسين پاڪ ۽ حضرت علي رضي الله عنه جا شيعا چوائيندڙ، صرف وڏن ماڻهن جي چوڻ تي حضرت مسلم جو سات ڇڏي هليا ويا ته پاڻ اڪيلو ڪوفي شهر جي گهٽين ۾ حيران ٿي ڦرندو ۽ سوچيندو رهيو ته ڪيڏي وڃي چو ته پاڻ شهر جو اصل رهاڪو ۽ گهٽين ڪان واقف نه هو. نيٺ طوعه نالي ڪنده جي هڪ عورت جي گهر جي دروازي تي آيو جيڪا اشعث جي ام ولد ٻانهي هئي ۽ان ڪيس آزاد ڪيو هو ته پوءِ اسيد حضرميءِ سان شادي ڪئي هيائين. جنهن مان ڪيس بلال نالي هڪ پٽ ڄائو هو. سندس پٽ بلال ماڻهن سان گڏ نڪري ويو هو ۽ اڃان موٽيو نه هو ۽ هيءَ ان جي انتظار ۾ دروازي ڪان ٻاهر نڪتي ته دروازي تي بيٺل حضرت مسلم ڪيس ڏسي السلام چوندي ڪانئس پاڻي گهريو ان ڪيس پاڻي پياريو، حضرت مسلم پاڻي پيئڻ ڪانپوءِ وري اتي ويهي رهيو ته ان

سڏي پڇيس " اي الله جا ٻانها! پاڻي ڪونہ پيئنئي ڇا؟ سائين فرمايو تہ هائو پيئتم، ان چيو تہ " پوءِ اتي ڇو ويٺو آهين؟ پنهنجي اهل عيال ڏانهن وڃ" سائين چپ ڪري ويهي رهيو جڏهن ان ٽي ڀيرا ڪيس ساڳيءَ طرح چيو ۽ حضرت مسلم نہ اٿيو تہ ان چيو سبحان الله مان پنهنجي دروازي تي ويهڻ جي توکي اجازت نہ ڏينديس، نيٺ حضرت مسلم ڪيس ڪولي ٻڌايو تہ هن ڪوفي جي شهر ۾ نہ منهنجو گهر آهي نہ مائٽ مٽ ڇا تون مون سان چڱائي ڪري اجر حاصل ڪنديءَ؟ ۽ مان ان جو بدلو توکي صبحاڻي ڏيندس. طوعہ پڇيو تہ ڀلا آهي ڇا؟ پاڻ فرمايائون تہ "مان مسلم بن عقيل ، حسين بن علي رضي الله عنہ جو سؤٽ آهيان. هتي وارن مون سان جيڪي وعدا عهد، اقرار ڪيا اهي ٽوڙي ڇڏيائون ۽ ڏوڪو ڏئي ڪوڙا ثابت ٿيا. ان عورت حضرت مسلم جو درد ڀريو داستان ٻڌي ڪيس پنهنجي ڪوٺ ۾ اندر اچڻ جي اجازت ڏني ۽ اندران هڪ ڪمرو ڪيس رهڻ لاءِ ڏئي رات جي ماني بہ پيش ڪئي پر پاڻ نہ کاڌائون. جڏهن سندس پٽ آيو ۽ ان ڪمري ۾ ڪيس گهڙي ايندي ويندي ڏٺائين تہ پڇيائينس تہ امان ڇا آهي؟ ان ڪمري ۾ هر هر ڇو پيئي اچين وڃين؟ ماءُ نہ ٻڌايس. نيٺ گهڻيون منٿون ڪيائينس آخر اهو وعدو وٺي قسم کڻايائينس تہ ڪنهن سان ڳالهہ نہ ڪندين ۽ راز ۾ رکندين پوءِ ٻڌايائينس تہ ان ۾ مسلم بن عقيل آهي، اهو ٻڌي چپ ۾ رهيو.

(١) الڪامل ص ٣١ جلد ۴

ابن زياد جي تقرير:

جڏهن ڪوفي جي معزز شهرين جي چوڻ تي سندن عوام حضرت مسلم بن عقيل رضي الله عنه جو ساٿ ڇڏي ڪيس اڪيلو ڪري هليا ويا ۽ گورنر هائوس جي چوڌاري ماڻهن جي گوڙ جو آواز ابن زياد کي ٻڌڻ ۾ نه آيو ته پنهنجن ساٿين کي چيائين ته ٻاهر نهاري ڏسو ته ڪير آهي يا نه ؟ جڏهن انهن نهاري، ڏسي ٻڌايس ته ٻاهر ڪير به ڪونه آهي تڏهن سومهڻيءَ جي نماز کان ٿورو اڳ ۾ مسجد ۾ اچي پنهنجن همنوائن کي ممبر جي چوڌاري وهاري اعلان ڪرايائين ته پنهنجن يا پراون، ملازمن يا غير ملازمن وڙهندڙن يا صلح ڪندڙن مان جنهن به هيءَ نماز هن مسجد کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن جاءِ تي پڙهي ته اسين ان جي حفاظت جا ذميوار ناهيون. اهو اعلان ٻڌي ماڻهو مسجد ۾ اچڻ لڳا ۽ ايترا آيا جو سڄي مسجد ڀرجي وئي پوءِ ابن زياد ممبر تي چڙهي ويٺو ۽ الله جي حمد سان تقرير شروع ڪري چيائين ته حمد ۽ درو ڪان پوءِ سيني ٻڌو ته: مسلم بن عقيل (معاذ الله) اڻ پڙهيل ،عقل جي ڪوتاه ، شهر جي پرسڪون ماحول کي خراب ڪري ماڻهن ۾ جهيڙو ۽ اختلاف پيدا ڪيو آهي، جنهن جي گهر مان به اسان کي مسلم لڌو ته ان لاءِ ڪا حفاظت نه آهي ۽ جيڪو اسان کي مسلم آڻي ڏيندو ان کي انعام ڏنو ويندو. ۽ ان امر جي اطاعت اوهان تي لازم آهي ۽ ڪوفي جي پوليس جي اهم عهديدار حصين بن تميم کي (جيڪو بني تميم قبيلي مان هو) حڪم ڪيائين ته گهرن ۽ ڪوچن جي دروازن ۽ گهٽين ۾ پوليس ببهاري سيني گهرن جي ڇڳيءَ

طرح تلاشي وڌو.

جڏهن صبح ٿي ته ان عورت طوعه جي پٽ بلال، عبدالرحمان بن محمد بن اشعث کي ٻڌايو ته مسلم بن عقيل اسان جي گهر ۾ آهي، عبدالرحمان وري ابن زياد جي دربار ۾ اچي پنهنجي پيءُ محمد بن اشعث کي ڪن ۾ ٻڌايو ته امام مسلم بن عقيل رضي الله عنه طوعه جي گهر ۾ آهي، ان وري ابن زياد کي ٻڌايو ، ان ڪيس حڪم ڪيو ته هاڻي جو هاڻي مسلم کي وٺي اچو ۽ عمرو بن عبيد الله بن عباس اسلميءَ جي قيادت ۾ قيس قبيلي جا ستر مسلح جوان ٻه سائس گڏي موڪليائين جن اچي طوعه عورت جي ان ڪوٽ کي گهيراءُ ڪيو جنهن جي ڪمري ۾ حضرت مسلم ترسيل هو. حضرت مسلم انهن جي گوڙ ۽ آواز کي ٻڌي سمجهي ويو ته مون کي وٺڻ لاءِ آيا آهن ۾ همت ڪري تلوار ڪڍي نڪتو ۽ اڪيلي سر انهن تي حملو ڪري انهن کي ان ڪوٽ ڪـــان ٻري ڪري ڇڏيائين، وري مـــوٽي آيا وري ڪين ڀڄايائين ائين ٻه ٽي ڀيرا ٿيو نيٺ بڪير بن حمران احمريءَ جي ڏک سان حضرت مسلم جو مٿيون چپ وڍجي پيو ۽ سندس ڏند مبارڪ ڪري پيا. حضرت مسلم ان کي هڪ ڀيرو مٿي تي تلوار هڻئي ٻيو ڀيرو ڪنڌ کان هنيائينس، جيڪا سندس پيٽ تي اچي ٻهتي، جڏهن ابن زياد جي انهن موڪليلن ستر ڄڻن اها حالت ڏٺي ته جاين جي ڇتين تي چڙهي پيا ۽ هڪڙن حضرت امام مسلم تي پٿر وسائڻ شروع ڪيا ته ٻين ڪانن کي باهه ڏئي اهي ٻرندڙ ڪانا مٿس اڇلايا. حضرت مسلم اهو ڏسي گهٽيءَ ڏانهن نڪري آيو ۽ اتي انهن سان

وڙهڻ لڳو، هيءَ هڪڙو جٽو ستر جڻن سان مقابلو ڪندي نيٺ ٿڪجي پيو ۽ پٿرن جي ڌڪن ڪيس تڪليف به ڏاڍي ڏني، محمد بن اشعث ڪيس چيو ته هرو ڀرو پاڻ کي هلاڪ نه ڪراءِ مان توکي امان ٿو ڏيان، امام مسلم رضي الله عنه فرمايو ته: ائين چئو ٿا پر ڪوڙا ٿي پوندؤ، وعدو وفا نه ڪندؤ. محمد بن اشعث چيو ته نه ڪوڙ هڻون ٿا ۽ نه ڌوکي جي نيت اٿئون، پوءِ حضرت مسلم ان ڪوٽ جي پٽ سان ٽيڪ ڏئي ويٺو ۽ عمرو بن عبيد الله کان سواءِ محمد بن اشعث ۽ ٻين ماڻهن ڪيس امان ڏنو.

عمرو بن عبيد الله سلميءَ (ايس پي) چيو ته مون وٽ هن لاءِ نه ڏاچي آهي جنهن تي سوار ڪري ڪٽي هلانس ۽ نه اٺ، پوءِ حضرت مسلم کي هڪ خچر تي سوار ڪري وٺي هليا ۽ هٿ مان به تلوار کسي ويس، اها پوزيشن ڏسي حضرت امام مسلم زندگيءَ کان مايوس ٿيو ۽ سندس پاڪ نيڻن مان پاڻي وهي پيو پوءِ پاڻ کي سنڀالي فرمايائين ته "هي اوهان جو پهريون ڌوکو آهي" محمد بن اشعث چيس ته "اميد اٿم ته اوهان کي خطرو نه آهي" حضرت امام مسلم چيو ته "اوهان پهريائين امن ڏيڻ جو وعدو ڪيو هيو ۽ هاڻي اچي اميد تي بيٺا آهيو، اهو پهريون وعدو ڪيڏي ويو" ائين چوندي حضرت امام مسلم جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. عمرو بن عبيد الله کين چيو ته جيڪو اوهان وانگر وڏا ڪم ڪرڻ جي لاءِ نڪرندو اهو ڏک به ڏاڍا ڏسندو، روئين ڇوٿو؟ سائينءَ فرمايو ته " مان پنهنجي سر جي لاءِ ڪونه ٿو روئان، حسين ۽ ان جي ساٿ لاءِ ٿو روئان جيڪي

منهنجي خط لکڻ تي روانا ٿي چڪا هوندا (١)

ان کان پوءِ محمد بن اشعث کي فرمايائين تہ " مان سمجهان ٿو تہ تون مون کي امن ڏيڻ ۾ بي وس ٿي پوندين، پلاتون ڀيو ڪم ڪندين؟ ان پڇيو تہ ڪهڙو؟ حضرت امام مسلم رضي الله عنه فرمايس تہ " منهنجي طرفان هڪ ماڻهو موڪل جيڪو حسين ۽ ان جي ساٿ کي اچڻ کان روڪي ۽ کين منع ڪري تہ ڪوفي وارن جي سڏ تي نہ اچن ڪوفي وارا ڏوکي باز نڪتا آهن ۽ منهنجو سمورو احوال ان کي ٻڌائي ، محمد بن اشعث چيو تہ: الله جو قسم آهي تہ اهو ڪم ضرور ڪندس، ان کان پوءِ جيڪو بہ حضرت امام مسلم حضرت امام حسين عليہ السلام ڏانهن پيغام موڪلڻ گهريو ٿي اهو لکارائي محمد بن اشعث هڪ قاصد کي ڏنو، جنهن زباله نالي مقام تي حضرت حسين کي پهچايو، پر پاڻ واپس ورڻ کان انڪار ڪندي فرمايائين تہ مقدر کي منهن ڏيو پڄي نہ وڃبو.

حضرت امام مسلم گورنر هائوس تي:-

جڏهن حضرت مسلم رضي الله عنه کي وٺي گورنر هائوس تي آيا ۽ محمد بن اشعث اندر گهڙي عبيد الله بن زياد کي ٻڌايو تہ امام مسلم کي وٺي آيا آهيون پر ان کي ڪابہ تڪليف نہ ڏجانء جو مون ان کي امن ڏنو آهي عبيد الله بن زياد چيس تہ تون امن ڪيئن ٿو ڏئي سگهين؟ اسان توکي امن ڏيڻ لاءِ نہ موڪليو هو، مسلم کي آڻڻ لاءِ موڪليو

(١) الڪامل ص ٣٣ جلد ۴

هو. ابن زياد جو سخت لهجي ۾ جواب ٻڌي محمد بن اشعث چپ ٿي ويو.

حضرت امام مسلم کان پاڻي بند ڪيو ويو:

حضرت امام مسلم گورنر هائوس جي دروازي تي پهچي ويهي رهيو ۽ اتي ڏٺائين ته هڪ ٿڌي پاڻيءَ جو مٽ پيو هو، يزيد جي چاڙتن ۽ ابن زياد جي ڪارڪنن کي فرمايائين ته " مون کيءَ مٽ مان پاڻي ته پياريو" اتي ويٺل هڪ شخص مسلم بن عمرو باهلي ڪيس چيو ته ڏسين ٿو ته ڪيترو ٿڌو پاڻي آهي، پر توکي ان مان هڪ ڦڙو به نه پيئڻ ڏينداسين جيستائين جهنم ۾ پهچي اتي جي باهه ۾ گرم ڪيل پاڻي نه پيئين".

حضرت مسلم پڇيس ته: تون ڪير آهين؟ چيائين ته مان اهو آهيان جو جڏهن توحق کي ڇڏيو ته مون سڃاتو تو وقت جي حاڪم ۽ امت سان ڌوڪو ڪيو ته مون سندن خير خواهي ڪئي، تون بيفرمان ٿئين ته مان فرمانبردار ٿيس مان مسلم بن عمرو باهلي آهيان، حضرت امام مسلم فرمايس ته "اي باهله جا پٽ! تنهنجي ماءُ توکي ڄڻيدي مري وڃي ها، ڪيڏو نه ظالم، سخت، قلب جو ڪٺيل ۽ گندو آهين، جهنم جي ٽچڪايل پاڻيءَ ۽ ان ۾ هميشه رهڻ جو حقدار ته تون آهين" پوءِ اتي ويٺلن مان هڪ شخص عماره بن عقبه حضرت امام مسلم کي هڪ پيالي ۾ اهو ٿڌو پاڻي وجهي ڏنو پاڻ وٺي اچان وات مبارڪ تي آندائين ته اهو سندس منهن مبارڪ مان

ٺمندڙ رت سان ڀرجي ويو.

اهو هاري وري پاٽي ورتائين تہ بہ رت سان ڀرجي ويو، ائين ٽي ڀيرا ڪيائين ۽ ٽئي ڀيرا اها حالت رهي تڏهن فرمايائين تہ "جيڪڏهن پاڻي نصيب هجي ها تہ پيان ها شايد نصيب ناهي"

حضرت امام مسلم ابن زياد جي اڳيان:-

ان کان پوءِ حضرت امام مسلم کي عبيد الله بن زياد جي اڳيان آندو ويو پر اندر گهڙڻ وقت جڏهن ان کي امير سڏي سلام نہ ڪيائين تہ اتي موجود سپاهيءَ حضرت امام مسلم کي چيو تہ امير تي سلام ڇو نہ ٿو چوين؟ سيدنا امام مسلم فرمايو تہ "جيڪڏهن مون کي قتل ٿو ڪرائي تہ سلام ڇا جو ڪيانس ۽ جيڪڏهن نہ تہ پوءِ منهنجا مٿس گهڻا سلام ٿيندا".

ابن زياد کيس ڏسي چيو تہ " مون کي پنهنجي زندگيءَ جو قسم آهي تہ توکي ضرور قتل ڪندس". حضرت امام مسلم "واقعي مون کي قتل ڪرڻ جو پروگرام ڪيو اٿئي؟ چيائين هائو" حضرت امام مسلم فرمايو تہ "پوءِ مون کي ڪجهہ وصيتون ڪرڻ ڏي" ابن زياده چيو تہ " وصيتون ڀلي ڪر" پوءِ حضرت امام مسلم عمر بن سعد کي فرمايو تہ" تو ۾ ۽ مون ۾ ڪجهہ مائٽي آهي توسان هڪ رازواري ڳالهہ ڪرڻي آهي" ابن سعد ابن زياد کان ڊڄي ان ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ ٿيو تہ ابن زياد کيس اجازت ڏيندي چيو تہ "پنهنجي مائٽ جي ڳالهہ ڀلي ٻڌ ۽ ٿي سگهي تہ سندس ڪم ڪار ڀلي ڪر"

جازت ڪانپوءِ ابن سعد حضرت مسلم سان پنهنجي منهن اٿي آيو سائينءِ فرمايس تہ " توکي منهنجيون ٽي وصيتون آهن (١) هڪ تہ مون تي ڪوفي وارن جو ست سؤ(٧٠٠) درهم قرض آهي اهو ادا ڪجانءِ (٢) ٻيو تہ ابن زياد کان موڪلائي منهنجي جسم کي دفن ڪرائجانءِ (٣) ٽيون تہ حسين ڏانهن ڪو ماڻهو موڪل جيڪو ان کي موٽائي تہ ڪوفي نہ اچي".

ابن سعد اهي ٽئي وصيتون ابن زياد کي ٻڌايون تہ هيئن هيئن ٿو چوي، ابن زياد چيس تہ قرض ڏيڻ تنهنجو معاملو آهي جيئن وڻئي تيئن ڪر، ۽ حسين جيڪڏهن اسان کي ڪجهہ نہ ڪندو تہ اسان بہ ڪجهہ نہ چونداسين. باقي جسم کي دفن ڪرڻ جو معاملو سو اسان جڏهن مسلم کي قتل ڪيو تہ پوءِ سندس جسم سان اسان جو ڇا؟ ان کان پوءِ ابن زياد ۽ حضرت امام مسلم جي وچ ۾ هن ريت گفتگو ھلي.

ابن زياد:- اي عقيل جا پٽ! هتي جا ماڻهو متحد ۽ متفق ٿي وقت گذاري رهيا هئا تون انهن ۾ اختلاف ۽ انتشار پيدا ڪرڻ لاءِ آيو آهين؟

حضرت امام مسلم: مان اختلاف ۽ انتشار برپا ڪرڻ نہ آيو آهيان پر هن شهر جي ماڻهن جو گمان آهي تہ تنهنجي پيءُ هنن جا ڀلا ڀلا مڙس ماراي ۽ انهن جو رت وهايو ۽ انهن ۾ ڪسريٰ ۽ قيصر (ڪافرن بادشاهن) وارا ڪم ڪرايا. اسين هنن وٽ ان لاءِ آيا آهيون تہ ڪين عدل جو امر ڪيون ۽ قرآن ۽ سنت جي حڪمن تي هلڻ لاءِ سڏيون.

ابن زياد: اي بي دين! توکي هنن ڳالهين سان ڪهڙو واسطو؟ تون هنن کي ڪهڙا عمل ڪرائيندين؟ جڏهن تہ تون پاڻ مديني ۾

شراب پيئندو آهين.

حضرت امام مسلم: الله ٻه ڄاڻي ٿو ۽ تون ٻه دل سان ڄاڻين ٿو ته مان شرابي ناهيان، تون خود سمجهين ٿو ته تون ڪوڙ ٿو هڻين، شراب جو شوقين ته اهو آهي جيڪو (ڪتي وانگر) مسلمانن جو رت لڪي ٿو ۽ ڪاوڙ ۽ دشمنيءَ جي ڪري ان شخص کي قتل ٿو ڪري جنهن جو قتل ڪرڻ حرام آهي ۽ ايذي ظلم کي راند ٿو سمجهي ڄڻ ته ڪجهه ڪيوئي ڪونه اٿس"

ابن زياد: جيڪڏهن مون توکي اهڙي نموني قتل نه ڪيو جو ائين اسلام ۾ ڪو قتل ٿيوئي نه هوندو ته پوءِ مون تي الله جي لعنت آهي.

امام مسلم: تون اسلام ۾ اها ڳالهه ٿو ڪرين جيڪا اسلام جي آهيئي ڪانه، تون قتل ڪرڻ، عضوا وڍڻ، ۽ عادتن جي گندي هجڻ ۾ سيني کان اڳتي آهين ۽ تون ئي اهڙي ظالم هجڻ جو لائق آهين.

حضرت امام مسلم جي شهادت:

جڏهن ابن زياد ڳالهين ۾ ڪري پيو ته پوءِ جاهلن وانگر حضرت امام مسلم، حضرت امام حسين، حضرت علي، حضرت عقيل رضي الله عنهم کي گاريون ڏيڻ لڳو، حضرت امام مسلم گارين جو جواب گارين سان ڏيڻ جي بجاءِ خاموش ٿي ويو ۽ ابن زياد پنهنجن ملازمن کي آرڊر ڏنو ته امام مسلم کي گورنر هائوس جي ڇت تي چاڙهي وٺي وڃو ۽ تلوار سان سندس سر کي ڌڙ کان ڌار ڪري سر مبارڪ کي هيٺ اڇلائي ان جي پويان ڌڙ به اڇلائجو. پوءِ حضرت امام مسلم

کي ڇت تي وٺي ويا ۽ پاڻ محمد بن اشعث کي فرمايائون: الله جو قسم آهي جيڪڏهن تون امن ڏيڻ جو انجام نہ ڪرين ها تہ مان پنهنجو پاڻ هنن جي حوالي نہ ڪيان ها هاڻي اٿي منهنجي پاران تلوار کڻ، ذمو پورو ڪر، محمد بن اشعث خاموش رهيو، ان کان پوءِ حضرت امام مسلم استغفار ۽ تسبيح پڙهڻ لڳو ۽ جنهن بکير بن حمران کي طوعہ جي گهر وٽ تلوار جا ٻہ ڏڪ هنيا هيائين (جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون) ، ان کيس تلوار هٽي سندس سر مبارڪ ڌڙ کان ڌار ڪيو (انا لله وانا اليه راجعون) علامہ ابن ڪثير لکيو آهي تہ حضرت مسلم جي شهادت ذوالحج مهيني جي ٩ تاريخ تي ٿي (١) پوءِ ابن زياد جي حڪم مطابق سر مبارڪ کي هيٺ اڇلائي پويان وري ڌڙ مبارڪ هيٺ اڇلايائون جڏهن بکير هيٺ لهي آيو تہ ابن زياد پڇيس تہ ڏي خبر، مسلم کي جڏهن مٿي وٺي ٿي وئين تہ ڇا پيو چوي؟ بکير ٻڌايس تہ استغفار ۽ تسبيح پڙهندو ٿي هليو ۽ مون کيس مٿي وجي تلوار جا ٻہ وار هٽي قتل (شهيد) ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ محمد بن اشعث اٿي ابن زياد کي چيو تہ مسلم کي تہ قتل ڪري ڇڏيئي پر هانيءِ کي بہ تووٽ موٽ آندو هو الله جو قسم ٿووجهانءِ پلا ان کي معافي ڏي، ان جي لاءِ شهر ۾ عزت ۽ اهميت آهي، ان جي قوم بہ سخت آهي انهن سان دشمني سٺي نہ آهي، ابن زياد ڦهريائين تہ هانيءِ کي ڇڏڻ جو وعدو ڪيو پر پوءِ سوچيائين تہ جڏهن حضرت امام مسلم جي شهادت جو ٻڌي شهر وارن ڪو هل هنگامو نہ ڪيو تہ هانيءِ جي ڪري ڇا ڪنداسو وعدي برخلافي ڪندي ترڪيءِ نالي

پنهنجي آزاد ڪيل غلام کي حڪم ڪيائين ته هانيء کي بازار ۾ ڪڍي وڃو ۽ تون ان کي تلوار هڻي سندس سر ڌڙ کان ڌار ڪر پوءِ ڌڙ اتي ڇڏيو ۽ سر ڪٽي اچو (۲) ۽ ڪن روايتن ۾ آهي ته هانيء کي امام مسلم کان اول قتل ڪيو هيائون(۳)ان کان پوءِ ابن زياد دمشق ڏانهن ماڻهو موڪلي انهن جي هٿان حضرت امام مسلم ۽ هانيء بن عروه جا سر مبارڪ يزيدي دربار ۾ پهچايا ۽ ظاهر آهي ته اهو به ڏسي خوش ٿيو هوندو، پر ڪيس اها به خبر پهچي وئي هئي ته حضرت امام حسين به ڪوفي ڏانهن روانو ٿيڻ وارو آهي سو ابن زياد کي لکيائين ته: مان تنهنجو شڪر گذار آهيان جو مسلم ۽ هانيء کي قتل (شهيد) ڪرائيي، انهن جا سر مون ڏانهن موڪليا اٿئي پر حسين کي عراق ۾ اچڻ لاءِ ڪا کُلي ۽ رستو نه ڇڏ، هر رستي ۽ واٽ تي چيڪ پوسٽون قائم ڪر ۽ لشڪري هٿيارن سان تيار رک، جيڪڏهن ڪنهن ۾ به حسين جي ساٿ ڏيڻ جو رڳي شڪ پوئي ته ان کي به قابو ڪر، پر ڪنهن کي به قتل نه ڪجانء ، قتل صرف ان کي ڪجانء جيڪو اوهان سان جنگ جوڙي .

مظلوم امام مسلم جا ٻه شهيد ٻچا:

بعضي روايتن مطابق حضرت مسلم بن عقيل ڪوفي ڏانهن سفر ڪندي پاڻ سان گڏ پنهنجا ٻه پٽ محمد ۽ ابراهيم به وٺي ويو هو جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون جڏهن عبيد الله بن زياد ڪوفي ۾ پهتو

(۱) البدايه والنهاية ص ۱۵۸ جزء ۸ (۲) الكامل في التاريخ ص ۳۱ كان ۳٦ تاء جلد ۴ (۳) سعادة الكونين ص ۱۲٦ مروج الذهب ص ۷۰ جزء ۳

۽ ڪيس ڪوفي وارن مان وفاداريءَ جا آثار نظر نہ آيا تہ حضرت امام مسلم پنهنجن ٻنهي پٽڙن کي سندن ئي تحفظ ڪندي ڪوفي جي قاضيءَ (خ) شريح جي گهر رهائي ڇڏيو هو. حضرت مسلم جي شهيد ڪرڻ ڪانپوءِ ظالم ابن زياد ڪوفي شهر ۾ اعلان ڪرايو تہ: مون ٻڌو آهي تہ مسلم بن عقيل جا ٻہ پٽ بہ ڪوفي ۾ روپوش آهن جيڪو بہ انهن کي مون وٽ پهچائيندو تہ ان کي وڏو انعام ڏنو ويندو، پر ان جي برخلاف جيڪو ڪين پنهنجي گهر ۾ لڪائي رهائيندو تہ خبر پوڻ تي ان کي قتل ڪري ان جي گهر کي لٽيو ويندو، اهو اعلان ٻڌندي ئي شهر جا لوفر ڪميڻا ۽ ڪريل ذهن جا نوجوان سڄي شهر ۾ پڪڙجي انهن کي ڳولڻ لڳا. حضرت مسلم جي شهادت ۽ ٻيون جيڪي بہ تڪليفون ان تي گذريون هيون انهن کان هنن ٻچڙن کي صفا لاعلم ۽ بي خبر رکيو ويو هو، ڪين والد مڪرم جي حالت جي ڪا بہ خبر نہ هئي، پر ابن زياد جي مٿئين ذڪر ڪيل سخت اعلان ٻڌڻ کان پوءِ قاضي صاحب ٻنهي ٻچڙن کي سڏي پيار ڏيندي اکين مان ڳوڙها وهايا تہ ٻنهين شهزادن ڏسي پڇيا ڪيس تہ قاضي صاحب! ڇو ٿا روئو؟ قاضي صاحب روئڻ تي ڪنٽرول ڪري ڪين سڄي حقيقت ٻڌائي پنهنجي مهربان پيءُ جي دردناڪ داستان کي ٻڌي ٻئي ٻچا بي قرار ٿي روئڻ لڳا ۽ قاضي صاحب کي يادڪر پائي بي چينيءَ جو اظهار ڪندا رهيا. قاضي صاحب ڪين صبر جي تلقين ڪندي ٻڌايو تہ ٻچا! حضرت مسلم تہ رب پاڪ جي رضا تي راضي رهي واصل الي الله ٿيو، پر هاڻي ابن زياد ظالم اوهان کي ڳولي هٿ ڪري پهچائيندڙ جي

لاءِ بہ وڏي انعام جو اعلان ڪيو آهي، منهنجو مشورو آهي تہ اوهان هتي رهڻ جي بجاءِ اچ باب عراقين ڪان مديني ڏي.ويندڙ قافلي سان گڏجي مديني منوره پهچو تہ ڀلو ٿيندو، اوهان کي انهن سان گڏيو ڇڏڻ جو انتظام مان ٿو ڪريان، ٻنهين ڄڻن اها صلاح قبول ڪئي ۽ قاضي شريح اسد نالي پنهنجي وڏي پٽ کي چيو تہ: هنن ٻنهين شهزادن کي عراقين گيٽ کان مديني منوره ڏانهن ويندڙ قافلي سان گڏيو ڇڏ، پيءُ جي حڪم موافق اسد ٻنهين شهزادن کي پاڻ سان ورتو جڏهن عراقين گيٽ وٽ آيا تہ الله جل جلاله جي قدرت سان اهو قافلو اڳ ۾ روانو ٿي چڪو هو، ۽ ان جي اٿڻ جي هلڻ جي ڪري اڏامندڙ ڌوڙ ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي، قاضي صاحب جي پٽ اسد ٻنهي شهزادن کي چيو تہ اي شهزادو! ڏسو هو قافلو وڃي رهيو آهي ان کي ڊوڙي پهچو تہ ڀلو آهي صاحبزادا قافلي ڏانهن وڃڻ لڳا ۽ هي واپس گهر ڏانهن موٽيو رات جي اونداهيءَ جي ڪري ٻئي ٻچڙا وات ڀلجي پيا ۽ اتيئي قرندي ابن زياد جي ماڻهن کي ملي ويا جن کين ڪٽي اچي ابن زياد وٽ پهچايو ، ابن زياد وڏو بي رحم هو ان انهن ٻنهين ننڍڙن ناز پرور، پاڪ ٻچن تي بہ رحم نہ ڪيو ۽ کين جيل جي حوالي ڪرائي ڇڏيو. اتفاقاً جيل جو بالا آفيسر، جيلر صاحب جنهن جو نالو مشڪور هو اهل بيت اطهار جو محب هو ان ٻنهين ٻچڙن کي دلاسا ڏنا ، پيار ڏنو ۽ عرض ڪيو تہ اوهان پريشان نہ ٿيو، اوهان کي مديني منوره پهچائڻ جو مان انتظام ڪيان ٿو، رات جو ٻنهي ٻچڙن کي جيل مان ڪڍي پاڻ سان گڏ وٺي ڪوفي شهر جي آخري حدود تي آڻي پنهنجي هٿ مان منڊي لاهي کين ڏنائين ۽ چيائين تہ اوهان ٻئي

وجون اڳيان قادسيه جو ڳوٺ ايندو منهنجو پاڻ اتي رهي ٿو ان کي
هيءُ منڊي نشاني طور ڏجو ۽ ڪيس چئجو ته اوهان کي مديني منوره
پهچائي، اهو اوهان جو سمورو انتظام ڪندو، هيءُ ٻئي ڀائر، سورن
جا ستايل، مغموم حالت ۾ اڳتي وڌيا ۽ اهو جيلر صاحب واپس
وريو، شهزادا پنهنجي خيال ۾ ڪافي پنڌ ڪري آيا پر مقدر جي
ڳالهه جڏهن صبح جي روشني ٿي ۽ باک ڦٽي ڏٺائون ته جتان هليا
هئا اتيئي بيٺا آهن دوباره گرفتاريءَ جي ڊپ کان رستي جي، پر ۾
هڪ گهاٽي وڻ کي اندران خالي ڏسي ان ۾ گهڙي ويا ، ان جي پر ۾
هڪ پاڻيءَ جو چشمو هو، جڏهن ڏينهن جي روشني ٿي ته شهر جي
هڪ سردارعورت جي ٻانهي چشمي تان پاڻي ڀرڻ آئي انهن ٻنهين
ٻچڙن جي پاڇولي کي چشمي جي پاڻيءَ ۾ ڏسي حيران ٿي وئي،
هيڏي هوڏي نهارڻ کان پوءِ ان وڻ ۾ جاچ ڪندي ڏٺائين ته ان وڻ جي
پوري ۾ ننڍا مگر سج ۽ چنڊ کان وڌيڪ سهڻا ٻچا لڪيو ويٺا آهن،
ٻنهي کي ويجهو اچي پڇيائين ته اي شهزادؤ! ڪير آهيو ۽ ڪنهن جي
باغ جا گل آهيو؟ ٻنهي ٻچڙن ان ٻانهي جي ڳالهائڻ جي انداز مان
سمجهيو ته ڪا رحم دل عورت آهي، ان سان پنهنجو سمورو حال
کولي بيان ڪيائون، ٻانهي حضرت امام مسلم جو نالو ٻڌي سندن
ادب ۽ تعظيم بجا آڻي تڪڙي تڪڙي پنهنجي سردار عورت وٽ آئي
۽ ان کي سمورو احوال ٻڌايائين سردار عورت انهن ٻچڙن جي زيارت
۽ ملاقات کي نعمت سمجهي ان خوشيءَ ۾ ٻانهي کي آزاد ڪندي
چيائين ته وڃ جلدي ٻنهي کي وٺي آ، جڏهن ٻانهيءَ ٻنهي شهزادن کي
گهر پهچايو ته سندس سردار عورت ٻنهي کي نهايت گهڻي محبت

سان رهايو ۽ سڀيءِ ماءُ وانگر کين پيار ڏيڻ لڳي، پنهنجي هٿ سان ڪاڌو تيار ڪري ٻنهين کي کارايائين ۽ کين آرام جي لاءِ جدا ڪمرو ڏنائين. هيڏي هي ٻئي ڀائر سڄي رات جي اوجاڳي وارا، پريشاني جي جهان ۾ روئي وقت پاس ڪرڻ وارا نهايت ٿڪل جيئن سمهي رهيا تيئن کين ننڊ ورائي وئي ۽ هوڏي انهيءَ سردار عورت جو حارث نالي مڙس جنهن سڄو ڏينهن ٻنهين شهزادن کي ڳولڻ جي لاءِ گهوڙو ڊوڙايو هو سو بہ ٿڪجي دير سان گهر پهتو ۽ اچڻ شرط سمهي پيو، جڏهن اڌ رات گذري تہ ٻنهي شهزادن مان وڏي ڀاءُ روئي ننڍي ڀاءُ کي جاڳايو ۽ ٻڌايائينس تہ مون هينئر خواب ڏٺو آهي تہ حضورﷺ عليه الصلواة والسلام جن سيدنا علي المرتضيٰ ۽ سيده فاطمة الزهريٰ رضي الله عنهما سان گڏ بهشت ۾ هلي رهيا آهن، بابا سائين اسين بہ اتي موجود آهيون، جڏهن حضور عليه الصلواه والسلام جن نوراني نگاهون اسان ڏانهن متوجہ ڪيون تہ اسان جي پيءُ حضرت مسلم کي فرمايائون تہ تون شهادت جو مرتبو ماڻي پهتو آهين، هنن ٻنهين ٻچڙن کي ظالمن جي هٿن ۾ ڇو رهائي آيو آهين؟ بابا سائينءَ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ " اهي بہ منهنجي پويان پهچڻ وارا آهن" سو اي پيارا ڀاءُ اسين ٻئي بہ بابا وانگر شهادت جو مرتبو ماڻيندا سون ۽ بهشت ۾ هلندا سون، اُيئن چئي جڏهن ٻئي ڀائر ڀاڪر پائي روئڻ لڳا تڏهن ان گهر ڌڻي حارث بدبخت جون اکيون کلي پيون ۽ گهر واريءَ کان پڇيائين تہ گهر ۾ ڀيا ڪير آهن؟ عورت تہ نهايت نيڪ بخت هئي پر هن بد بخت جي جاڳڻ ۽ سخت لهجي ۾ پڇڻ جي ڪري ڊڄي وئي ۽ ڪو بہ جواب نہ

ڏنائين، پوءِ ڏنائين ته ان بد بخت اٿي ڏيو ٻاريو ۽ جتي ھي ٻئي ٻچڙا رھيل ھئا اتي اچي ڏٺائين ته ٻئي ھڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي روئي رھيا آھن، ٻنھين سان مخاطب ٿي پڇيائين ته ڪير آھيو؟ جواب ۾ چيائونس ته مظلوم مسلم جا پٽ آھيون ۽ پيءُ جي جدائي ۾ نھايت مغموم آھيون ان بي رحم، پٿر دل انسان مٿن ڪو به رحم نه ڪيو ۽ ھڪدم ٻنھي ڀائرن کي وارن مبارڪن مان وٺي ايذاءُ ڏيندو گھر کان ٻاھر ڪڍي فرات درياءَ جي ڪناري تي آڻي تلوار ڪڍي ٻنھين کي شھيد ڪري ڇڏيائين. سندن شھادت به ذوالحج مھيني ۾ ٿي ھئي. (١)

حضرت حسين عليه السلام جي ڪوفي ڏانھن تياري:-

ذھن ۾ وھارڻ گھرجي ته جڏھن حضرت مسلم بن عقيل ڪوفي ۾ پھتو ۽ ڪوفي وارن مان ٻارنھن ھزارن (١٢٠٠٠) ماڻھن ھڪدم سندس بيعت ڪئي، جيڪي وڌي ٽيھن ھزارن (٣٠٠٠٠) ھزارن جي تعداد کي وڃي پھتا ته پاڻ سيدنا امام حسين عليه السلام جي حڪم مطابق ڪيس خط لکيو ھيائين ته "ڪوفي وارا منھنجي پھچڻ سان تمام گھڻو خوش ٿيا آھن ۽ پڪا عھد ۽ انجام ڪيا اٿن ته اسان اوھان جو ھر طرح محبت ۽ سڪ سان ساٿ ڏينداسين" ھاڻي صرف اوھان جي اچڻ جو انتظار آھي، اوھان جي ديدار ڪرڻ کان پوءِ ته اھي وڏيڪ قرباني ڏيڪاريندا (٢) حضرت امام حسين ان خط ملڻ کان پوءِ ڪوفي ڏانھن وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو.

(١) سعادة الكونين ص ١٣٢ (٢) سعادة الكونين ص ١٢٢

محبن جي منع ڪرڻ:-

سيدنا امام حسين کي ڪوفي ڏانهن وڃڻ جي تيارين کي ڏسي ڪيترن محبن خصوصًا حضرت عبدالله بن عمر، حضرت جابر، حضرت ابو سعيدخدري، حضرت ابو واقدليثي ۽ حضرت عمرو بن حارث بن هشام مخزومي وغيرهم رضي الله عنهم ڪين روئندي عرض ڪيا ته قبلا! ڪوفي نه وڃو، انهن اوهان جي والد ۽ ڀاءُ سان ڪهڙي وفاداري ڪئي هئي؟ جو اوهان سان وفاداري ڪندا. سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما ڪين چيو ته جيڪڏهن ماڻهو برو نه سمجهن ته مان اوهان کي چنبڙي پوان ۽ تيستائين اوهان مان هٿ ئي نه ڪڍان جيستائين اوهان وڃڻ جي پچر نه ڇڏيو (١) پلا جيڪڏهن هرو ڀرو وڃڻ جو پڪو پهه ڪيو اٿو ته گهر وارين، ٻچا ۽ نياڻيون نه وٺي وڃو خبر نه آهي ته ڇا ٿئي؟ ڪوفين ۾ جيڪڏهن مڙسي هجي ها ته هن وقت تائين ڪوفي مان يزيد جي گورنر کي ته ڪڍي ڇڏين ها، مون کي انهن تي ڪوبه اعتبار ناهي ۽ مون کي ته محسوس ٿو ٿئي ته جيئن حضرت عثمان ذو النورين رضي الله عنه مديني منوره ۾ ٻچڙن جي اڳيان شهيد ڪيو ويو هو تيئن اوهان به شهيد ٿي ويندؤ(٢)

سيدنا امام حسين حضرت عبدالله بن عباس کي فرمايو ته مان استخاره ڪيان ٿو ڏسان ٿو ته ڇا ٿو ٿئي؟ (٣) ان کان پوءِ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما مايوس ٿي موٽي ويو.



حضرت حسين ۽ حضرت عبدالله بن زبير جا تعلقات:-

مفتي اڪرام الدين دهلوي عليه الرحمة لکيو آهي ته بعضي تاريخ دانن زور شور سان روايتون لکيون آهن ته: حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنه حضرت حسين جي مڪي پاڪ مان نڪرڻ ۾ راضي هو وغيره وغيره، اهي روايتون ضعيف آهن تو اتر سان اها ڳالهه ثابت آهي ته حضرت عبدالله بن زبير حضرت حسين رضي الله عنهما جو دلي دوست ۽ مخلص محب هو، ان به ڪيس ڪوفي وڃڻ کان روڪيندي عرض ڪيو هو ته اوهان هتي مڪي پاڪ ۾ رهو (۴) ته اسين اوهان جي بيعت ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيون (۵) والله اعلم بحقيقة الحال.

ڪوفي روانگي:-

جڏهن حضرت حسين عليه السلام، مڪي پاڪ مان نڪرڻ ۽ ڪوفي ڏانهن وڃڻ جو پڪو پهه ڪيو ته ڏينهن ته حج جا هئا پر پاڻ عمره جو احرام ٻڌي بيت الله جو طواف ڪري صفا ۽ مروه ۾ ڊوڙي احرام ڪوليائون، ان سال وارو حج ان لاءِ نه ڪيائون جو کين خفيه طريقي اطلاع ملي چڪو هو ته ظالم يزيدي اوهان کي هٿي گرفتار

---

(۱) البداية والنهاية ص ۱۵۹ جلد ۸ (۲) سعادة الكونين ص ۱۳۳ (۳) الكامل فى التاريخ لابن الاثير ص ۳۷ جلد ۴ (۴) سعادة الكونين ص ۱۳۴ (۵) الكامل في التاريخ لابن الاثير ص ۳۷۽۳۸ جلد ۴

ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندا ، ان ڪان پوءِ پاڻ پنهنجي پوري خاندان ۽ محبت وارن ساٿين سان اٺين تاريخ ذوالحج سن سٺ هجري اڳاري جي ڏينهن مڪي مڪرمہ مان نڪري ڪوفي ڏانهن راهي ٿيا (١) جڏهن سندن رواني ٿيڻ جي خبر يزيد جي طرفان حجاز، مڪي مڪرمہ وغيره تي مقرر ٿيل امير عمرو بن سعيد بن عاص ٻڌي تہ ان حضرت حسين ۽ سندس ساٿين کي روڪڻ جي لاءِ پنهنجا ماڻهو موڪليا، جن واٽ ۾ پهچي حضرت حسين کي ڪوفي وڃڻ کان روڪيو ، پر حضرت حسين پاڪ وڃڻ کان نہ مڙيو (٢) ۽ جڏهن سفر ڪندي مقام صفاح وٽ پهتا تہ ڪين عرب جو مشهور مسلمان شاعر فرزدق مليو، حضرت حسين ان کان پڇيو تہ ڪوفي وارن جو ڪهڙو حال آهي؟ ان عرض ڪيو تہ: "انهن جون دليون اوهان سان ۽ تلوارون يزيد سان گڏ آهن، تقدير آسمان کان ايندي آهي ۽ الله تعالىٰ جيڪو ڪجهہ گهرندو آهي ڪندو آهي، سيدنا حسين پاڪ کيس فرمايو تہ سچ ٿو چوين، جيڪڏهن تقدير بہ اهو چاهيو جيڪو اسين پسند ٿا ڪريون تہ الله تعالىٰ جي ان نعمت ملڻ تي سندس حمد ۽ شڪر ڪنداسون، ۽ جيڪڏهن تقدير اسان جي سوچ جي برخلاف وئي تہ بہ اسان جو اجر قائم آهي جو تہ اسان جي نيت حق ۽ تقوىٰ واري آهي، اجاتيئي هئا، تہ حضرت حسين وٽ سندس سوٽ حضرت عبدالله بن جعفر جو خط سندس بہ پٽ عون ۽ محمد کڻي آيا جنهن ۾ کيس موٽڻ لاءِ عرض ڪيل هو پر حضرت حسين عليه السلام تڏهن بہ نہ موٽيو (٣) ۽ انهن کي پاڻ جواب ۾ قرآن ڪريم جي آيت "لِيْ عَمَلِيْ وَلَكُمْ

عَمَلُكُمْ اَنْتُمْ بَرِيْئُوْنَ مِمَّا اَعْمَلُ وَاَنَا بَرِيْءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ" (۴) مون لاءِ
منهنجو عمل ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جا عمل آهن اوهان منهنجي عمل
کان بيزار آهيو ۽ مان اوهان جي عمل کان بيزار آهيان، پڙهي ٻڌايائون
(۵) ڪن روايتن ۾ آهي ته حضرت عبدالله بن جعفر رضي الله عنهما
اول حجاز جي امير کان خط لکايو هو جنهن ۾ ان امير حضرت حسين
پاڪ سان وعدو ڪيو هو ته اوهان مکي پاڪ ڏانهن موٽي اچو اوهان
کي ڪير به ڪجهه نه ڪندو. منهنجي ان عهد جو الله شاهد آهي ۽
هوئي محافظ ۽ ڪارساز آهي" اهو خط حضرت عبدالله بن جعفر
پاڻ ۽ حجاز جي امير جو ڀاءُ يحيىٰ کڻي حضرت امام حسين کي رستي
۾ اچي پهتا هئا پر پاڻ موٽڻ کان انڪار ڪندي حضرت عبدالله بن
جعفر کي فرمايائين ته " مون خواب ۾ رسول الله صلي الله
عليه وسلم جن کي ڏٺو آ ۽ مون کي امر ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ
ضرور ويندس پوءِ فتح ملي يا شهادت " انهن ڪيس عرض ڪيو ته
"يلا اهو خواب وارو حڪم ڪولي ته ٻڌاءِ پاڻ فرمايائين ته "اهو مون
ڪنهن کي به ٻڌايو ناهي ۽ جيستائين الله تعالىٰ سان (قيامت ۾) ملان
تيستائين ڪنهن کي ٻڌائيندس به ڪونه" (٦) پوءِ حضرت عبدالله بن
جعفر نا اميد ٿي موٽيو ۽ پنهنجن ٻنهين پٽن عون ۽ محمد کي حضرت
حسين سان گڏ روانو ڪيائين (۷)

(۱) مقتل الحسين ص ۱٦۰ (۲) الڪامل ص ۳۹ جلد ۴ (۳) الڪامل في التاريخ ص ۴۰ جلد۴ (۴) سوره يونس آيت ۴۱ (۵) تاريخ طبري ص ۲۱۸ ج٦ (٦) تاريخ طبري ص ۲۱۸ جزء ٦ (۷) مقتل الحسين ص۷۵-

ان کان پوءِ حجاز جي امير عمروبن سعيد يزيد کي اطلاع ڏنو ته حضرت حسين ڪوفي روانو ٿي چڪو آهي، يزيد وري ڪوفي جي امير عبيدالله بن زياد کي لاڳيتا خط لکيا ته حسين ڪوفي اچي رهيو آهي، مڙس ٿجان نه ته توکي به غلام بنائي رکندو تون ۽ تنهنجو شهر امتحان ۾ آهيو (١) عبيدالله بن زياد

حربن يزيد رياحيءَ کي هڪ هزار مسلح جوانن سان گڏ حضرت حسين کي رستي ۾ ئي گرفتار ڪرڻ جي لاءِ روانو ڪيو (٢) هيڏانهن حضرت حسين پاڪ به منزل بمنزل سفر ڪندي قادسيه جي شهر کان اجا ٽي ميل پوئتي هو ته حُرُ اچي ڪين پهتو ۽ عرض ڪيائين ته ڪٿي جو ارادو آهي؟ حضرت حسين فرمايو ته: "هن شهر ۾ وڃڻ جو" حر عرض ڪيو ته "موٽي وڃو اوهان جي لاءِ مون کان پويان ڪابه ڀلائي ناهي" (٣)

زهير بن قين جي ملاقات:-

علامه ابن الاثير لکيو آهي ته زهير بن القين البجلي حج ڪري موٽيو ته رستي ۾ ساٿين سميت حضرت حسين جي قافلي سان اچي مليو. سفر ۾ گڏ هليا پئي پر جتي قافلي منزل ٿي ڪئي اتي اهو پري وڃي ٿي ويٺو. هڪ ڏينهن ڪيس حضرت حسين سڏرايو. پهريائين ته نه آيو پر پوءِ اچي ويٺو ۽ جڏهن ڳالهه ٻولهه کان فارغ ٿي اٿيو ته پنهنجو سامان ڪٽي حضرت حسين پاڪ جي قافلي وارن جي سامان سان ملائي پنهنجن ساٿين کي چيائين ته: "اوهان مان جيڪو به مون سان

هلڻ گھري تہ هلي نہ تہ منهنجي اوهان سان هيءَ آخري ملاقات آهي ۽ ڇو تہ ما اوهان کي هڪ ڳالهہ ٻڌايان ٿو تہ اسان حضور عليہ الصلواۃ والسلام جي پياري سلمان فارسيءَ سان گڏ بلنجر علائقي جي جنگ ۾ هياسون، اسان کي الله تعالي اتي فتح عطا ڪئي ۽ تمام گھڻو مال ملڪيت غنيمت طور مليو هو، جڏهن اسان خوشيءَ جو اظهار ڪيو تہ حضرت سلمان فارسيءَ اسان کي چيو تہ جڏهن اوهان محمد صلی الله عليہ وسلم جي اهل مان نوجوانن جي سردار سان گڏ جو تہ ان سان ڪني ٿي جنگ ڪرڻ تي هن مال جي ملڻ کان وڌيڪ خوشي ڪجو" حضرت زهير بن قين بجليءَ پنهنجي ساٿين کي هيئن چئي سيني کان موڪلايو ۽ پنهنجي گھر واريءَ کي طلاق ڏني فرمايائين تہ " مون کي سٺو نٿو لڳي تہ منهنجي ڪري تون تڪليف ۾ پوين، وڃي پنهنجن مائٽن ۾ سکيو وقت گذار" ان بيبي صاحبہ روئي پنهنجي مڙس کان موڪلايو ۽ کيس عرض ڪيو تہ " مون کي حسين جي ناني پاڪ وٽ ياد ڪجانءِ" پوءِ حضرت حسين سان پڪو ساٿي بنجي رهيو تانجو ان سان گڏ ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ٿي ويو.

وضاحت:

بلنجر خزرجي علائقي جو هڪ شهر آهي جيڪو حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه جي دور ۾ سلمان بن ربيعة باهليءَ سپہ سالار جي

(١) مجمع الزوائد للهيتمي ص ١٩٣ ج٩ (٢) سعادة الڪونين ص ١٣٨
(٣) تاريخ طبري ص ٣٢٠ جزء ٦

اڳواٽيء ۾ فتح ٿيو هو ۽ ان لشڪر ۾ حضرت سلمان فارسي به شامل هو.(١)

سيده زينب جو خواب:-

حسيني قافلو سفر ڪندي خزيمة جي علائقي ۾ پهتو اتي هڪ ڏينهن ۽ رات رهي پيا. جڏهن سج ايريو تہ حضرت حسين پاڪ جي ڀيڻ سيده زينب جنهن کي عقيلة بني هاشم (هاشمين ۾ وڏي عقل واري) سڏيندا هئا. پنهنجي دلبر ڀاء حضرت حسين وٽ آئي ۽ ڪيس ٻڌايائين تہ رات مون هاتف کان هيء شعر ٻڌا آهن:

اَلَا يَا عَيْنُ فَاحْتَفِلِي بِجَهْدٍ
فَمَنْ يَّبْكِيْ عَلَى الشُّهَدَآءِ بَعْدِيْ
عَلٰى قَوْمٍ تَسُوْقُهُمُ الْمَنَايَا
بِمِقْدَارٍ اِلٰى اِنْجَازِ وَعْدِ

يعني: اي اک! زور سان روئي محفل ملهاء ڇوتہ مون کان پوء شهيدن تي ڪير روئندو، ان قوم تي جن کي موت اندازي سان وعدي پوري ڪرڻ ڏانهن وٺيو ٿو وڃي سيدنا امام حسين عليه السلام اهو ٻڌي ڀيڻ کي چيو تہ اي پياري ڀيڻ ! الله جيڪو لکيو هوندو سو ضرور ٿيندو (٢)

---

(١) الڪامل لابن الاثير ص ٤٣ جلد ٤ وحاشيہ ڪتاب مقتل الحسين ص ١٨٤(٢)مقتل الحسين ص ١٨٣

حضرت امام مسلم جي شهادت جو اطلاع-

جڏهن حضرت حسين جن سفر ڪندي خزيميه جي علائقي کان هڪ ميل پري زرود نالي مقام تي پهتا ته ڪين هڪ شخص بڪر بن معنقه بن رود اطلاع ڏنو ته حضرت امام مسلم ۽ هانيء بن عروه کي ابن زياد شهيد ڪرائي ڇڏيو آهي، پاڻ بڌي " اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ " پڙهيائون ۽ ٻنهين شهيدن تي رحمتون موڪليندي روئي ڏنائون علامه ابن الاثير لکيو آهي ته حضرت مسلم بن عقيل جي شهادت جي خبر حضرت حسين ۽ سندس ساٿين کي ثعلبيه جي مقام تي پهتي ۽ ان دردناڪ خبر سان گڏ، ڪوفي وارن جي بي وفائي جو احوال ٻڌي ڪن ساٿين حضرت حسين کي عرض ڪيو ته موٽي هلو، ڪوفي ۾ نه ڪو اوهان جو مددگار آهي ۽ نه حبدار پر حضرت عقيل جي گهراڻي وارن حضرت مسلم جي ڀائرن وغيرهم ڪين عرض ڪيو ته هاڻي موٽڻ ڪهڙو آهي؟ هو شهيد ٿي ويا اسين موٽي هلو ته موٽنداسون، ڪن ساٿين وري عرض ڪيو ته " اوهان ۾ ۽ حضرت مسلم ۾ فرق آهي اوهان هلندؤ ته ماڻهو قرباني ڏيندا نه مڙندا. (٢)

حضرت حسين جي ٻئي قاصد جي شهادت:

سيدنا امام حسين کي اڃان حضرت مسلم جي شهادت جي خبر نه ملي هئي ته پاڻ سفر جي دوران جڏهن هاجر نالي مقام تي پهتا جتي ڪوفي ۽ بصره وارا مديني منوره ڏانهن ويندي پاڻ ۾ ملندا

مقتل الحسين ص ١٨٥ حاشيه عـــ٥٨

هئا ته پاڻ حضرت مسلم جي طرفان کين ڪوفي اچڻ لاءِلکيل خط جو جواب لکيائين، جنهن ۾ ڪوفي جي مخصوص ماڻهن سليمان بن صرد خزاعي، مسيب بن نجيه، رفاعة بن شداد ۽ ٻين اهم. شيعي سڏائيندڙن ماڻهن جا نالا هيا. اهو خط قيس بن مصهر ميداويءِ ڪي ڏئي موڪليائين،جنهن ۾ پنهنجي رواني ٿيڻ ۽ جلدي ڪوفي ۾ پهچڻ جي اطلاع سان گڏ کين وڏيڪ منظم طريقي سان ڪم ڪرڻ جي تلقين ڪئي هيائين، هوڏانهن يزيد جي طرفان تاڪيدي خطن ملڻ جي ڪري ابن زياد پنهنجي پوليس جي اهم عهديدار حصين بن نمير تميميءِ کي آرڊر ڏئي رستن تي پوليس بيهارڻ، چيڪ پوسٽون قائم ڪرڻ سان هر هڪ ايندڙ ويندڙ جي تلاشي وٺڻ شروع ڪرائي ڇڏي هئي، حصين بن نمير تميميءِ قادسيه ۾ هيڊ آفيس قائم ڪري هڪ طرف قادسيه کان خفان ۽ ٻئي طرف قادسيه کان قطقطانه تائين گهوڙن تي سوار سپاهي به بيهاري ڇڏيا هئا.

ضروري وضاحت:

قادسيه ۽ ڪوفي جي وچ ۾ ١٥ ميل فاصلو آهي ۽ ڪوفي ۽ عذيب جي وچ ۾ چار ميل ۽ خفان (ف جي شد سان) قادسيه کان ٿورو فاصلي تي ڪوفي کي ويجهو هڪ جاءِ جو نالو آهي ۽ قطقطانه به ڪوفي کي ويجهو مقام آهي جيڪو ڪربلا کان ٢٠- ٢٥ ميل پري آهي (١)جڏهن قيس بن مسهر ميداوي حضرت حسين جو قاصد بنجي سندس خط مبارڪ کڻي ان علائقي ۾ پهتو ۽ ڪيس حصين بن

امير تميميءَ گرفتار ڪرائي تلاشي وٺرائي تہ قيس هڪدم اهو خط ڪڍي ڦاڙي ڇڏيو، حصين بن نمير تميميءَ قيس کي ڦاٽل خط سميت ابن زياد وٽ پهچايو، ابن زياد ان کي پاڻ وٽ آڻائي پڇيو تہ ڪير آهين؟ ان جواب ڏنو تہ قيس بن مسهر ميداوي حسين جو قاصد، ابن زياد پڇيس تہ خط ڇو ڦاڙيئي؟ قيس چيو تہ ان ۾ لکيل حقيقتن کي لڪائڻ جي لاءِ .

ابن زياد: ڪنهن جو خط هو ۽ ڪنهن ڏانهن هو؟

قيس:- حسين جو خط ڪوفي جي ڪن ماڻهن ڏانهن هو جن جا نالا مون کي معلوم ناهن، ابن زياد (غصي ۾ اچي) چيائينس تہ: جيستائين اهي نالا نہ ٻڌائيندي يا منبر تي چڙهي حسين ۽ سندس پيءُ ۽ ياءُ کي برو نہ چوندين تيستائين توکي نہ ڇڏيندس" .

قيس:- نالامان نہ ٻڌائيندس باقي جيڪڏهن منبر تي وهاريندي تہ برو ڀلو چوندس، ابن زياد ماڻهو گڏ ڪري قيس کي ممبر تي وهاريو تہ ان الله تعالىٰ جو حمد ٻڌهي حضور عليہ الصلواة والسلام ۽ سندس آل ۽ اصحاب تي درود موڪلي، سيدنا علي، حضرت امام حسن، حضرت امام حسين تي رحمتون موڪليائين ۽ عبيد الله ۽ سندس پيءُ زياد ۽ سندس ساٿين کي برو چئي ڪوفي وارن کي مخاطب ٿي ٻڌايائين تہ حضرت حسين اچي رهيو آهي مان ان کي "هاجر" مقام تي ڇڏي آيو آهيان اهو ٻڌي ابن زياد ڪيس هڪدم گرفتار ڪرائي جيئري کي ئي گورنر هائوس جي بلڊنگ جي مٿان کان هيٺ اڇلارايو هيٺ ڪرڻ شرط سندس هڏا ڀڃي پيا ۽ ڪنڌ ٽٽي

لڙکي پيو ۽ وفات ڪري ويو" انا لله وانااليه راجعون" (٢)علامه ابن الاثير لکيو آهي ته اهو قاصد حضرت حسينؓ جو کير جو ڀاءُ عبدالله بن بقطر هو. ان کي ابن زياد جڏهن گورنر هائوس جي بلڊنگ جي مٿان اڇلرايو هو ته سندس هڏا ٽٽي پيا هئا پر اڃا ڪجهه پساه هيس پوءِ عبدالملڪ بن عمير اللخميء کيس تلوار سان ڪٺو هو، جڏهن ان کي ملامت ڪئي وئي ته ائين ڇو ڪيئي؟ ته ان چيو ته تڪليف کان ڇڏايو مانس (٣) .

ٻنهي قاصدن جي شهادت جو اطلاع:-

جڏهن حضرت امام حسينؓ پاڪ کي هڪ قول مطابق جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون، سندس کير جي ڀاءُ عبدالله بن بقطر يا قيس بن مصهر ميداوي ۽ سوٽ مسلم بن عقيل رضي الله عنهم جي شهادت جي خبر پهتي ته پنهنجن ساٿين کي اهو احوال ٻڌائيندي سندس پاڪ زبان محبوب عليه الصلواة والسلام جي مبارڪ چپن کي چوسڻ واري زبان مان هي الفاظ نڪتا " خذلتنا شيعتنا" (٤) اسان کي اسان جن شيعن خوار ڪيو.ان عبارت مان ثابت ٿيو ته ان وقت کان ئي سندن شيعا سڏائيندڙ سندن ئي فرمان مطابق غدار ۽ ڏوکيباز هئا. ان کان پوءِ پنهنجن سفر جي ساٿين کي فرمايائون ته: جيڪڏهن اوهان مان کو واپس وڃڻ پسند ڪري ته ڀلي وڃي اسان جي طرفان ان تي ڪابه ميار نه هوندي ، اهو فرمان ٻڌندي ئي سندن ساٿ ۾

مکي مڪرمه ۽ مديني منوره مان گڏ نڪرڻ وارن کان سواءِ سيئي کين ڇڏي هليا ويا. (۵).

عقبه نالي مقام تي:-

ان اعلان ڪرڻ ۽ ساٿين مان ڪيترن جي واپس ٿيڻ کان پوءِ پاڻ وري اڳتي سفر شروع ڪيائون ۽ عقبه نالي ان مقام وٽ پهتا جيڪو ڪوفي کان مڪي پاڪ ڏانهن ايندي واٽ ۾ ايندو آهي اتي ساڻن بني عڪرمه قبيلي جو هڪ صالح شخص عمرو بن لوذان مليو ۽ ان ڪائنن پڇيو ته ڪٿي وڃڻ جو ارادو ڪيو اٿو؟ حضرت حسين عليه السلام جن ڪيس ٻڌايو ته: ڪوفي وڃڻ جو، ان عرض ڪيو ته: مان اوهان کي الله جو قسم وجهي چوان ٿو ته موٽي وڃو، اوهان جو اڳتي وڌڻ سمجهو ته نيزن ۽ تلوارن جي مٿان هلڻ آهي، جن ماڻهن اوهان کي خط لکي اچڻ لاءِ چيو آهي انهن هن وقت تائين نه ڪجهه ڪيو آهي نه ڪندا. حضرت حسين سهڻي ان کي فرمايو ته: تو جيڪو ڪجهه چيو اهو مون کان لڪل ناهي، پر الله تعالیٰ جي امر کان ڪير به مٿي ۽ غالب ناهي، ائين چوڻ کان پوءِ وري اڳتي سفر شروع ڪيائون، ۽ ان جاءِ تي پهتا جنهن کي شراف سڏيندا هئا رات اتي رهي پيا، اتي

(۱) حاشيه ع ۴۲ مقتل الحسين ص ۱۷۹ (۲) مقتل الحسين ص ۱۸۰ بحواله انساب الاشراف للبلاذري ج۳ ص ۱۶۷ طبع بيروت(۳) الڪامل لابن الاثير ص ۴۳ جلد ۴ (۴) البداية والنهاية ۱۷۹ جزء ۵ مقتل الحسين ص ۱۸۷.
(۵) الڪامل ص ۴۳ جلد ۴

پاڻي نہ هجڻ ڪري حضرت حسين سائينء پنهنجن ساٿين کي پاڻي هٿ ڪري ڪٽي اچڻ جي لاءِ موڪليو ۽ جڏهن منجهند جو وقت ٿيو تہ سندس ساٿين مان هڪ الله اڪبر چئي نعرو هنيو. حضرت حسين پاڪ پڇيس تہ نعرو ڇو هنيئي؟ ان عرض ڪيو تہ هتان ڪجهہ فاصلي تي کجين جا وڻ نظر اچي رهيا آهن، ٻين ساٿين چيس تہ: اسان کي تہ هڪ کجي بہ نظر نہ ٿي اچي، تو ڪيئن ڏٺا؟ پوءِ سيدنا امام، عالي مقام، حضرت حسين انهن کان پڇيو تہ ڀلا جيڪو ڪجهہ هن ڏٺو آهي ان کي ڇاٽا سمجهو؟ انهن غور سان ڏسي عرض ڪيو تہ قبلا! دشمن جا تير ۽ سندن گهوڙن جا ڪن نظر اچي رهيا آهن. حضرت امام فرمايو تہ اهي تہ مان بہ ڏسي رهيو آهيان. تنهن کان پوءِ پنهنجن ساٿين سان صلاح ڪيائين تہ ڀلا اهڙي ڪا جاءِ آهي جو ان ڏانهن پٺي ڪري ويهي دشمن کي منهن سامهون رکي مقابلو ڪيون؟ انهن عرض ڪيو تہ هائو، اهو اڳيان ذوحسم نالي جبل آهي جيڪو ڪوفي کان صرف بہ منزلون پري آهي اوهان سير ڪندي ان ڏانهن لڙي هلو. جيڪڏهن دشمن جي اتي پهچڻ کان اڳئي پاڻ پهچي وياسون تہ پوءِ جيئن ارادو فرمائيندؤ تيئن ٿيندو. ائين چوندي اجان اوڏانهن لڙي رهيا هئا تہ دشمن جا گهوڙا بہ اچي ظاهر ٿيا پر حضرت حسين ۽ سندس ساٿي انهن کان اڳ ۾ ذو حسم جبل وٽ پهچي ويا (١)

حضرت حر سان ملاقات:-

ذو حسم جبل وٽ پهچڻ کان پوءِ فورًا حضرت حسين ۽ سندس

ساڻين جي سامهون يزيدي لشڪر جا هڪ هزار (١٠٠٠) جي لڳ ڀڳ سپاهي اچي پهتا جن جو اڳواڻ حر بن يزيد هو، اهو ڪهڙي قبيلي جو هو ڪي رياحي ٿا لکن ته ڪي يبنوعي ۽ ڪي تميمي ٿا لکن (٢) ان وقت ڏينهن جا ٻه پهر گذريا هئا. نهايت سخت گرمي هئي، سيدنا حسين ان سخت گرميءَ جي حالت ۾ انهن دشمن ۽ سندن گهوڙن تي (جن جون اڃ جي ڪري زبانون نڪري پيون هيون ۽ هانپارا هڻي رهيا هئا) رحم ڪندي پنهنجن ساٿين کي فرمايو ته هنن مان ماڻهن کي ٿڌو پاڻي پياريو ۽ گهوڙن کي ٿڌو پاڻي هڻو، ڇو ته هي پري کان سفر ڪري، قادسيه کان آيا آهن، حر کي سخت حڪم مليل هو ته سيدنا امام حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين کي ڪيڏانهن وڃڻ به نه ڇڏجو ان جي ڪري اهو پنهنجي لشڪر سميت حسيني ساٿ کي نظرن ۾ رکيو بيٺو هو، تانجو ٻپهري نماز جو وقت ٿيو، حضرت حسين پنهنجي طرفان مقرر ڪيل بانگي حجاج بن مسروق جعفيءَ کي فرمايو ته بانگ چئو (٣) ان بانگ ڏني ۽ جڏهن جماعت سان نماز قائم ڪرڻ جي لاءِ تڪبير هڻڻ جو وقت آيو ته حضرت حسين پاڪ نماز لاءِ پنهنجي تلوار جي هٿئي تي ٽيڪ ڏئي ٻاهر نڪري آيو سندس جسم مبارڪ جي هيٺئين حصي تي گوڏ ٻڌل ۽ مٿئين حصي تي چادر ويڙهيل هئي ۽ يزيدي لشڪر ۽ سندن اڳواڻ حر

(١) الكامل في التاريخ ص ٤٦ ج ٤ (٢) الكامل ص ٤٦ ج ٤ مقتل الحسين ص ١٨٩ تاريخ طبري ص (٣) الكامل ٤٦ جلد ٤ مقتل الحسين ص ١٨٩

کي سڏي فرمايائين ته: مان اوهان جا عذر ۽ بهانا ختم ڪرڻ جي لاءِ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته: مان ڪوفي ڏانهن اوهان جن انهن خطن ۽ قاصدن اچڻ جي ڪري آيو آهيان جن جي ذريعي اوهان چيو هو ته: اسان جو ڪو اهڙو اڳواڻ ناهي جنهن جي ذريعي الله تعالىٰ اسان کي هدايت جي رستي تي گڏ ڪري، (حضرت حسين!) تون هلي آءُ، تڏهن مان آيو آهيان، جيڪڏهن اوهان ان فيصلي تي پڪا آهيو ته مان اوهان جي سڏ تي آيو آهيان ۽ مون کي اهڙي تسلي ڏيو جنهن سان مان مطمئن ٿيان ته اوهان وعدي جا پڪا ۽ اعتماد جوڳا آهيو پر جيڪڏهن اوهان منهنجي اچڻ ۾ ناراض آهيو ته مان اوڏانهن واپس وڃڻ لاءِ تيار آهيان جتان آيو آهيان، سندن اهو ارشاد مبارڪ ٻڌي سڀ خاموش ٿي ويا ۽ پاڻ پنهنجي بانگي حجاج بن مسروق جعفيءَ کي تڪبير هڻڻ لاءِ حڪم ڪيائون، جڏهن ان جماعت قائم ڪرڻ جي لاءِ تڪبير هڻڻ شروع ڪئي ته پاڻ حر کي فرمايائون ته: ڇا تون پنهنجن سائين کي نماز پڙهائيندي؟ ان عرض ڪيو ته: نماز اوهان پڙهايو اسين به اوهان جي پويان پڙهون ٿا. پوءِ پاڻ سيني جي امامت ڪرايائون ۽ نماز کان فارغ ٿي پنهنجي تنبوءَ ۾ لنگهي ويا، ۽ حر بن يزيد به پنهنجي تنبوءَ ۾ ويو پر سندس لشڪري سخت گرميءَ هجڻ جي ڪري پنهنجن گهوڙن جون واڳون وٺي انهن جي پاڇولن جي ڇانو ۾ ويهي رهيا وري ٽپهريءَ جي نماز جو وقت آيو ته سيدنا امام حسين وري به ڪين نماز ۾ امامت ڪرائي نماز کان پوءِ جيئن ڪين پهريان تقرير ڪري سمجهايو هيائين وري به ڪين تقرير ڪري سمجهايائين، ٻيو ٻيرو

خطاب ٻڌڻ کان پوءِ ، حر حضرت حسينؓ کي عرض ڪيو ته:
الله جو قسم آهي ته اسان کي انهن خطن ۽ قاصدن جي ڪابه خبر
ناهي، سيدنا امام حسينؓ پاڪ سندن اڳيان ڪوفين جي طرفان لکيل
خطن جون ٻه پربل ڪر جينون ڪولي رکيون هڪ خط کولي
ڏيکاريائين، حر وري ٻه عرض ڪيو ته: مان انهن خطن
لکندڙن ۽ قاصدن مان ناهيان، اسان کي آرڊر ڪيو ويو آهي ته
تيستائين اوهان کان جدا ۽ پري نه ٿيون جيستائين اوهان کي مجبور
ڪري ڪوفي ۾ عبيد الله بن زياد جي اڳيان نه آڻيون، سيدنا حسينؓ
فرمايو ته " موت وڏيڪ ويجهو آهي" پوءِ ساٿين کي فرمايائون ته "
اچو ته موٽي هلون" پر حر ڪين موٽڻ لاءِ ٻه نه ڇڏيو، اها حالت ڏسي
حضرت امام حر کي فرمايو ته: شال تنهنجي ماءُ تولاءِ روئي پٽي آخر
تنهنجو ارادو ڪهڙو آهي؟ ان عرض ڪيو ته: جيئن اوهان منهنجي ماءُ
جو روئڻ ۽ پٽڻ سان ذڪر ڪيو آهي تيئن جيڪڏهن ٻيو ڪو ڪري
ها ته مان ٻه سندس ماءُ جو اهڙن لفظن سان ذڪر ڪيان ها پر
تنهنجي امان جو ڀلائيءَ سان ذڪر ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو
ناهي(١) (ان جي ڪري چپ ٿو ڪيان) سيدنا حسينؓ ٻيو ڀيرو پڇيس
ته: ڀلا تنهنجو نيت مقصد ڇا آهي؟ حر عرض ڪيو ته: اوهان کي ابن
زياد وٽ پهچائڻو آهي، حضرت حسينؓ فرمايو ته: الله جو قسم آهي ته
ان معاملي ۾ تنهنجو چوڻ نه ڪندس، حر چيو ته: مان ٻه اوهان کي
اصل نه ڇڏيندس، جڏهن ڳالهين ۾ گهڻي ڏي وٺ ٿي ته حر ڪين عرض
ڪيو ته " ڀلا نه ڪوفي جو رستو وٺو نه مديني جو ، وچان اهڙو

رستو وٺو جيڪو منهن جي ۽ اوهان جي وچ وارو هجي تانجو مان ان معاملي ۾ عبيد الله بن زياد کان خط ذريعي وڌيڪ هدايتون حاصل ڪيان ممڪن آهي الله تعالىٰ ڪو اهڙو آرڊر ڏياري جنهن جي ذريعي مان اوهان کي تڪليفون ڏيڻ کان بچي پوان، هاڻي هتان اٿو نہ هلجي، حر جي ان صلاح ۽ مشوري کي قبول ڪندي حضرت حسين قادسيه ۽عُذيب کان پريڀ هلندي سفر شروع ڪيو ۽ حر بہ پنهنجن لشڪرين سميت ڪين وبجهو وبجهو هلندو رهيو (٢) وري بہ حضرت حسين حر ۽ سندس لشڪرين کي خطاب ڪيو. خطاب ۾ الله تعالىٰ جو حمد ۽ ثناڪندي فرمايائين تہ: اي انسانو! رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي تہ : "مَنْ رَّأَى سُلْطَانًا جَائِرًا مُّسْتَحِلًّا لِّحُرَمِ اللهِ نَاكِثًا لِّعَهْدِ اللهِ مُخَالِفًا لِّسُنَّةِ رَسُوْلِ اللهِ (صلي الله عليه وسلم) يَعْمَلُ فِي عِبَادِ اللهِ بِالْإِثْمِ وَالْعُدْوَانِ فَلَمْ يُغَيِّرْ مَا عَلَيْهِ بِفِعْلٍ وَّلَا قَوْلٍ كَانَ حَقًّا عَلَى اللهِ اَنْ يُّدْخِلَهٗ مُدْخَلَهٗ" يعني اوهان مان جنهن بہ اهڙي بادشاه کي ڏٺو جيڪو ظالم، الله جي طرفان حرام ڪيل شين کي حلال سمجهندڙ ، الله سان ڪيل عهد کي ڀڃندڙ، رسول الله صلى الله عليه وسلم جي سنت جو مخالف آهي، الله جي ٻانهن ۾ گناه ۽ ظلم جا ڪم ڪري ٿو ۽ (اهو ڏسندڙ) ان کي قول يا فعل سان نہ ٿو روڪي تہ الله تعالىٰ تي حق آهي جو ان کي (جهنم ۾) سندس (لائق) جاءِ ۾ داخل ڪري، اي يزيدي سپاهيو! اوهان جا اڳواڻ هي آهن؟ جن شيطان جي اطاعت کي لازم ڪري ورتو آهي ۽ رحمان جي تابعداري ڇڏي ڏني آهي، ڌرتيءَ ۾ فساد برپا ڪري، شرعي حدون اورانگهي

رهيا آهن الله جل شانه جي طرفان حلال ڪيل ڪي حرام ۽ حرام ڪيل ڪي حلال ڪيو وينا آهن، انهن ڪي روڪڻ لاءِ مون تي وڌيڪ حق آهي مون وٽ اوهان جا خطءِ قاصد پهتا آهن (تڏهن مان آيو آهيان پر عجب آهي جو) اوهان نه مون کي تسليم تا ڪيو نه ڇڏي تا ڏيو. جيڪڏهن پنهنجن وعدن کي پورو ڪندؤ ته هدايت وارا ٿيندؤ. مان حضرت علي جي پٽ ۽ اوهان جي نبي (عليه الصلوٰة والسلام جي نياڻي جي فرزند هجڻ جي باوجود سڀ آرام ۽ آسائش ڇڏي دين کي برتر ۽ بلند ڪرڻ جي لاءِ اهل، عيال سميت نڪري اوهان تائين پهتو آهيان، ۽ اوهان جي اڳيان موجود آهيان منهنجي نقش قدم تي هلڻ ۾ اوهان جي لاءِ سهڻي رهنمائي آهي، پر ان هوندي به جيڪڏهن اوهان مون سان ڪيل وعدو ۽ عهد ڀڳو ۽ مون لاءِ مسلم بن عقيل جي ذريعي ڪيل غائبانه بيعت اڇلائي ڇڏي ته اها اوهان جي لاءِ ڪا نئين ڳالهه ناهي، اهڙيون وعدي برخلافيون اوهان منهنجي ڀيءُ ، پياءُ ۽ سؤٽ مسلم بن عقيل رضي الله عنه سان اڳ ۾ ڪري چڪا آهيو جنهن به اوهان تي اعتماد ڪيو اهوڌوڪو کائيندو اوهان (دين مان) پنهنجو حصو وڃائي وينا آهيو الله مون کي اوهان جي محتاجيءَ کان بچائيندو والسلام (٣) حضرت حسين پاڪ جو اهو لاثاني ۽ لا جواب خطاب ٻڌي حر ڪين عرض ڪيو ته: مان الله جل جلاله کي راضي بنائيندي، اوهان جي خير خواهي ڪندي اوهان جي اڳيان واضح ٿو

(١) البداية والنهاية ص ١٧٣ جزء ٨ (٢) مقتل الحسين ص ١٩٣

(٣) الكامل في التاريخ ص ٤٧- ٤٨ جلد ٤

ڪيان تہ جيڪڏهن جنگ جوٽيندؤ تہ شهيد ڪيا ويندؤ حضرت حسين پاڪ اهو ٻڌي حر کي فرمايو تہ: ڇا تون مون کي موت کان ٿو ڊيڄارين؟ مان توکي ائين ٿو چوان جيئن اوس قبيلي جي هڪ مجاهد مرد رسول الله صلی الله عليه وسلم جي مدد لاءِ ويندي رستي ۾ ڪيس روڪيندڙ سؤٽ کي چيو هو.

"سَأَمْضِيْ وَمَا بِالْمَوْتِ عَارٌ عَلَى الْفَتٰى
إِذَا مَا نَوٰى حَقًّا وَجَاهَدَ مُسْلِمًا (١)

يعني مان جلدي ويندس ۽ ان نوجوان جي لاءِ موت ڪو عار يا عيب ناهي جنهن حق جي نيت ڪئي ۽ مسلمان ٿي جهاد ڪيائين، حر جڏهن حضرت حسين پاڪ کان اهو ٻول ٻڌو تہ ڪانئن پري ٿي ويو ۽ سفر ڪندي ڪندي البيضه نالي مقام وٽ پهتا، حضرت حسين اتي بہ ڪين خطاب ڪري هدايتون ڏنيون، تنهن کان پوءِ عذيب الهجانات (بني تيم قبيلي جي وادي، جيڪا قادسيه شهر کان ٦ ميل پري آهي) (٢) مقام تي حضرت حسين جي مدد ڪرڻ ۽ ساڻ ۾ رهڻ جي لاءِ ڪوفي مان چار شخص پهتا جن سان نافع بن هلال جملي جو غلام بہ گڏ هو، جيڪو نافع جو گهوڙو ڪاهي ٿي آيو، نافع پاڻ اڳ ۾ ڪوفي کان روانو ٿي چڪو هو ۽ غلام کي گهوڙو پهچائڻ جي لاءِ چئي ويو هو، ان وفد سان طرماح بن عدي بني قبيلي جو نيڪ مرد بہ رستي ڏيکارڻ جي لاءِ گڏ هو، جڏهن اهي عذيب الهجانات وٽ پهتا ۽ حر ڪين ڏنو تہ ان ارادو ڪيو تہ هنن کي يا گرفتار ڪري قيدي

بٽائي يا واپس ڪوفي ڏانهن موڪلي ۽ حضرت حسين کي عرض ڪيائين ته اهي اوهان سان گڏ آيل نه آهن (ان جي ڪري اوهان انهن جي باري ۾ مداخلت نه ڪيو) سيدنا امام عالي مقام حر کي هڪل ڏئي فرمايو ته: هي منهنجي مدد لاءِ آيا آهن مان انهن جو ائين بچاءُ ڪندس جيئن پنهنجي ساه جو ۽ پوءِ پهچڻ وارا به ائين سمجهان ٿو جڻ شروع کان وٽي گڏ آيا آهن. حضرت حسين جو اهو فرمان ٻڌي حر خاموش ٿي ويو. امام پاڪ انهن کان پڇيو ته پويان ڪوفي ۾ رهيلن جو ڪهڙو حال آهي؟ انهن اچڻ وارن مان هڪ جو نالو مجمع بن عبدالله عائذي هو ان عرض ڪيو ته: سائين! ڪوفي جا وڏا ماڻهو وڏي رشوت وٺي اوهان کان ڦري ويا آهن ۽ اهي هاڻي اوهان جا دشمن ٿي چڪا آهن انهن اوهان کي خط صرف ان لاءِ لکيا هئا ته اوهان جي بيعت ڪرڻ جي بهاني مال ڪمائين باقي غريب طبقي جون دليون اوهان سان آهن پر وڏن جي حڪم کي ڏسي هاڻي انهن جون تلوارون به اوهان تي وسنديون(٣)

طرماح جي پيشڪش:-

ان کان پوءِ انهن کي واٽ ڏسڻ جي ارادي سان اچڻ واري طر ماح بن عدي طائيءِ امام پاڪ کي ادب سان عرض ڪيو ته: ڪوفي جي نگن جي چوڻ تي نه لڳو هينئر حالت اهڙي آهي جو جيڪڏهن ڪوفي ۾ داخل

(١) البداية والنهاية ص ١٧٣ جزء ٨(٢) حاشية مقتل الحسين ص ١٩٥(٣) مقتل الحسين ص ١٩٥

تيندؤ تہ اوهان کي شهيد ڪري ڇڏيندا، اوهان هڪ گرانٽ بہ هتان ڪان ڪوفي ڏانهن نہ وڃو تہ ڀلو آهي، مون هڪ ڏينهن اڳ ۾ ڪوفي جي هڪ ميدان ۾ ڀيهري، نماز جي وقت تمام گهڻا ماڻهو ڏٺا جڏهن ايڏي اجتماع جي متعلق معلومات ڪيم ٻڌايائون تہ انهن سڀني کي هٿيارن سان مسلح بنائي حسين جي مقابلي لاءِ روانو ڪيو ويندو، ڀلا جيڪڏهن اوهان کي دين جي بلند ۽ بالا ڪرڻ جي خدمت جو ارادو آهي تہ ڪنهن اهڙي شهر ۾ رهو جتي اوهان کي ڪير ڪجهہ ڪري نہ سگهي مون سان گڏجي هلو تہ مان اوهان کي "اجا" نالي جبل تي رهايانءِ اها اهڙي جاءِ آهي جتي اسين دنيا جي وڏن حڪمرانن جي حملن کان بہ محفوظ رهيا آهيون اتي اسان کي ڪير بہ ڪجهہ ڪري نہ سگهيو آهي، اوهان جي اتي تشريف فرما ٿيڻ کان پوءِ مان پنهنجي قبيلي بني طي وارن ڏانهن ماڻهو پهچائيندس ان جبل واري شهر "اجا" جي رهاڪن سان گڏ سلميٰ نالي شهر جا ماڻهو بہ پاڻ سان هلائيندا سون ڏهن ڏينهن جي اندر منهنجي قبيلي جا سوار پيادا سڀ پهچي ويندا، پوءِ اوهان جي مرضي هوندي اسان وٽ رهو تہ بہ ڀلو پر جيڪڏهن ڪوفي کي فتح ڪرڻ جو خيال رهيو تہ مان پنهنجي قبيلي بني طي جا ويهہ هزار (٢٠٠٠٠) هٿيار بند اوهان سان گڏ ڏيندس جيڪي اوهان جي اڳيان تلوار هلائيندا ۽ دشمن سان وڙهندا. الله جو قسم آهي تہ دشمن اوهان کي ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندا.



حضرت حسين جوجواب:-

طرماح بن عدي جون سڀ ڳالهيون ٻڌي سيدنا امام، عالي مقام، کيس فرمايو ته: ان پيشڪش جو الله تعالىٰ توکي ۽ تنهنجي قوم کي سهڻو بدلو عطا ڪري منهنجي ۽ ڪوفين جي وچ ۾ ڪجهه ڳالهه ٻولهه ٿي چڪي آهي ان ڪان ڦرڻ مون کي سنو نه ٿو لڳي ۽ اها ڪا خبر ناهي ته اسان ۽ انهن جو معاملو ڪٿي بيهندو- (ان جي ڪري مان اوهان سان هلي نه ٿو سگهان) ان جواب ڪان پوءِ طرماح امام پاڪ کي عرض ڪيو ته: مون پنهنجي اهل عيال جي لاءِ ڪجهه ان ۽ ٻيو سامان خريد ڪري پاڻ سان ڪنيو آهي اهو گهر پهچائي موٽي ٿو اچان ۽ اوهان جي ساٿ ۾ شامل ٿو ٿيان پوءِ طرماح ان ۽ سامان وغيره گهر پهچائي وعدي موافق موٽيو پر انهن وچ وارن ڏينهن ۾ سيدنا امام حسين شهيد ٿي چڪو هو، ان اها خبر واٽ ۾ عذيب الهجانات مقام وٽ ٻڌي ۽ اتاهين پنهنجي اهل عيال ڏانهن واپس وريو (١)

عبيدالله بن حر جعفيءَ سان ملاقات:-

سيدنا امام حسين اتاهين کان اڳتي سفر شروع ڪيو ۽ حر به کين تاڙيندو هليو تانجو قصر بني مقاتل نالي مقام وٽ پهتا سيدنا امام حسين اتي هڪ تنبو لڳل ڏٺو، جنهن جي ير ۾ هڪ نيزو زمين ۾ کتل ۽ هڪ گهوڙو ٻڌل بيٺو هو، امام پاڪ پڇا ڪئي ته: هيءَ کنهن جو آهي؟ چيائون ته: عبيد الله بن حر جعفيءَ جو پاڻ فرمايائين ته سڏ ڪيوس ته مون ڏانهن اچي ، امام پاڪ جي قاصد

عبيدالله بن حر کي پيغام پهچائي اچڻ جي لاءِ چيو ته ان جي زبان تي
آيو "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ" ۽ چوڻ لڳو ته مان ڪوفي مان ان جي
ڪري ته نڪتو آهيان ته حضرت حسين ڪوفي ۾ ايندو مان نه ڪوفي
۾ هوندس نه ان سان لڙندس، الله جو قسم آهي ته مان ملڻ نه ٿو
گهران، جڏهن قاصد موٽي اچي حضرت حسين کي اهو سمورو احوال
عرض ڪيو ته پاڻ جتي مبارڪ پائي ان وٽ هلي آيو ۽ السلام
عليڪم چئي ڪيس پنهنجي مدد ڪرڻ ۽ ساٿ ۾ هلڻ لاءِ فرمايائين
عبيد الله بن حر جڏهن حسين جي چهري جو ديدار ڪيو ته ڏسي
حيران ٿي ويو، سندس بيان هو ته مون اڳي ڪوبه اهڙو سهڻو ۽ اک
کي قرار ڏيڻ وارو چهرو نه ڏٺو ۽ ڪنهن تي به ايتري دل نرم نه ٿي
جيتري حضرت حسين تي (٢)امام پاڪ کي ملڻ کان پوءِ به عبيد الله
بن حر حضرت حسين کي ساڳيو عرض ڪيو.امام پاڪ، عبيدالله کي
چيو ته : جيڪڏهن اسان سان ساٿ نه ٿو ڏين ۽ مدد نه ٿو ڪرين ته
پوءِ الله کان ڊڄندي اسان جي مخالفن سان ساٿ نه ڏجانءِ الله جو
قسم آهي ته: جنهن اسان جو ٻڌي اسان سان ساٿ نه ڏنو اهو هلاڪ
ٿي ويندو، امام پاڪ جو اهو فرمان ٻڌي عبيدالله بن حر جعفيءَ
عرض ڪيو ته: ائين بالڪل نه ٿيندو جو مان اوهان سان وڙهان، امام
پاڪ اتاهين اتي پنهنجي تنبوءَ ۾ آيو ۽ رات جو ٿورو آرام ڪرڻ کان پوءِ جاڳيو
ته فرمايائين " اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ" اهو ٻڌي امام پاڪ
کان سندس وڏي فرزند حضرت علي بن حسين پڇيو ته " يا ابت! جعلت

(١) الڪامل في التاريخ ص ٥٠ جلد ٤(٢) مقتل الحسين ص ١٩٨

فداک لمر حمدت واسترجعت" اي باباسائين! مان اوهان تان قربان وجان ڇاجي ڪري حمد ڪيُو ۽ "اِنَّا لِلّٰہِ وَاِنَّا اِلَیۡہِ رَاجِعُوۡنَ" پڙهيَو؟ سائين فرمايو ته: ٿوري ننڊ ڪيم ۽ خواب ۾ هڪ گهوڙي سوار نظر آيو جنهن چيو ته: ماڻهو اڳتي پياوڏن ۽ موت انهن ڏانهن پيووڏي، ان ڳالهہ مان سمجهيم ته اهو اسان کي اسان جي موت جي خبر ڏيڻ آيو آهي سيدنا علي بن حسين ڪين عرض ڪيو ته: باباسائين! الله تعالىٰ اوهان کي ڪو ڏک نہ ڏيکاري ڇا اسين حق تي نہ آهيون؟امام پاڪ فرمايو ته: هائو ان الله جو قسم جنهن ڏانهن ٻانها موٽندا تہ اسين بالڪل حق تي آهيون، سندن فرزند علي بن حسن ڪين عرض ڪيو ته " جيڪڏهن حق تي مري رهيا آهيون تہ پوءِ ڪا پرواه ناهي" حسين سهڻي فرمايس تہ پٽ! الله تعالىٰ جيڪو ڀلو بدلو ولد کي والد جي خدمت جي ڪري ڏيندو آهي توکي ان کان بہ ڀلو عطا ڪري" جڏهن صبح ٿي تہ حضرت حسين پاڻ بہ سواريءَ تي سوار ٿيو ۽ پنهنجن ساٿين کي بہ سوارين تي چڙهڻ جي لاءِ امر ڪيائين سندس ارادو هو تہ ساٿين کي فرمائي تہ تڙي پکڙي نڪري وڃن پر حر انهن کي هر طرف کان روڪيندو، ڪنٽرول ۾ رکندو ڪوفي ڏانهن قريب ڪندو رهيو امام پاڪ جا ساٿي ڪوشش تہ گهڻي پيا ڪن پر هي ٿورا ۽ دشمن گهڻا هئا ڇا ڪن؟

نينوىٰ ۾ منزل:-

نيٺ سفر ڪندي نينوىٰ نالي مقام تي منزل انداز ٿيا ۽ اڃان

اتيئي هئا تہ هڪ شخص ڪوفي ڪان سواريءَ تي سوار ٿي اچي رهيو هو سيني ان جو انتظار ڪيو پر جيئن جو پهتو تہ حضرت حسين پاڪ تي نہ پر حر تي سلام ورائي ان سان مليو ۽ ڪيس ابن زياد جو خط ڏنائين جنهن ۾ سختيءَ سان لکيل هو تہ حسين کي ڪنهن بہ قسم جي نہ سهوليت ڏي نہ ڍر پر تنگ ڪريس، ۽ هيءَ منهنجو قاصد تنهن جي هر حالت کي ڏسندو ۽ توکان تيستائين جدا نہ ٿيندو جيستائين منهنجي آرڊر تي عمل ڪري نہ ڏيکاريندين، حر اهو خط حضرت حسين کي پڙهي ٻڌائي عرض ڪيو تہ: ابن زياد مون کي سختيءَ سان آرڊر ڪيو آهي تہ اوهان کي تنگ ڪري ڏکي اهڙي ميدان ۾ آڻيان جتي اوهان کي ٻي سهوليت تہ نهيو پر پيئڻ جو پاڻي بہ نہ ملي، خط آڻڻ وارو صرف خط پهچائي موٽڻ وارو نہ آهي پر منهنجي مٿان جاسوس بہ مقرر ڪيل آهي ان کي بہ سختيءَ سان چيل آهي تہ: منهنجي هر ڪردار تي نظر رکي ۽ تيستائين مون کان پري نہ ٿئي جيستائين ابن زياد جو آرڊر عمل ۾ نہ اچي.

حر کي حسين جي ساٿين جو عرض:-

ان سموري گفتگوءِ ڳالهہ ٻولهہ کي ٻڌي سيدنا امام پاڪ جي ساٿين حر کي چيو تہ: هن وقت علائقي ۾ اسان کي سولا ۽ ويجها ٽي ڳوٺ آهن (۱) نينوىٰ (۲) غاضريہ (۳) شفيہ اسان مان هٿ ڪڍو تہ انهن ڳوٺن مان هڪ ۾ وڃي رهون، حر کين چيو تہ هن جاسوس جي هوندي مان ايترو بہ ڪري نہ ٿو سگهان.

زهير جو مشورو:-

اهو احوال ٻڌي حضرت امام عالي مقام جي سفر جي ساٿيءَ زهير بن قين کيس باادب عرض ڪندي مشورو ڏنو ته: هن ڪان پوءِ هنن يزيدين جي هٿان پاڻ کي رڳو ڏک ۽ ايذاءُ ملندا سختين کان سواءِ ڪجهه به درپيش نه ايندو بهتر آهي ته هي هينئر اجان ٿورا آهن هنن سان جنگ جوڙجي ڇو ڏيڻ سان آثار اهڙا نظر اچن ٿا جو يزيدي لشڪر تمام گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿي ويندو ۽ پوءِ اسين هنن سان لڙائيءَ ۾ لاڀ حاصل ڪري نه سگهنداسون مرشد، سهڻي، حضرت حسين زهير جي مشوري کي قبول نه ڪندي فرمايو ته: جنگ جي شروعات مان نه ڪندس، پر جيڪڏهن يزيدين شروعات ڪئي ته پوءِ جوابي ڪاروائي مان به ڪندس زهير وري کيس عرض ڪيو ته: ڀلا جيڪڏهن جنگ نه ٿا جوڙيو ته فرات درياءَ جي ڪناري تي سامهون هي ڳوٺ آهي ۽ هر حملي ڪندڙ کان نهايت محفوظ رهيو آهي اوڏانهن هلون پوءِ جيڪڏهن اوڏانهن هلڻ کان به روڪيائون ته پوءِ هنن سان جنگ جوڙڻ اسان جو حق ۽ اسان جي لاءِ آسان آهي، امام پاڪ پڇيو ته ان ڳوٺ جو نالو ڇا آهي؟ زهير ٻڌايو ته: عقرُ- حسين پاڪ ان نالي کي ناپسند ڪندي فرمايو ته: عقرُ (بي اولاد رهڻ) کان الله تعاليٰ پناهه ۾ رکي ڄاڻڻ گهرجي ته اهو ڳوٺ اسلام کان ڪئين سؤ سال اڳي بخت نصر بادشاهه جو منزل گاهه رهيو هو، حضرت حسين پاڪ جي قافلي کي نهايت ويجهو هو پر پاڻ اوڏانهن وڃڻ پسند نه فرمايائون. (١)

(١) مقتل الحسين ص ٢٠١ حاشيه ١١١

ڪربلا جي پڙم :-

جڏهن عمر نالي ڳوٺ ۾ هلڻ کان انڪار ڪندي حضرت حسين الله تعالىٰ کان پناه گهري ته زهير بن قين وري ڪيس عرض ڪيو ته: جيڪڏهن اوڏانهن نه ٿا هلو ته انهيءَ ئي فرات جي ڪناري تي ڪربلا نالي سرزمين آهي اتي هلي رهو جو گهٽ ۾ گهٽ پاڻي ته ويجهو ٿيندو پوءِ جيڪڏهن وڙهيا ته الله تعالىٰ جي سهاري اسين به وڙهنداسون" ڪر بلا جو لفظ ٻڌڻ سان ئي امام پاڪ جي اکين مبارڪن مان ڳوڙها ڳڙي پيا، ۽ سندس پاڪ زبان مان دعا جا هي الفاظ نڪتا. " اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَعُوْذُبِکَ مِنَ الْکَرْبِ وَالْبَلَآءِ" اي منهنجا الله! مان تنهنجي پاڪ ذات سان ڏک ۽ مصيبت کان پناه ٿو گهران، ان کان پوءِ امام سهٽي ساٿين سميت سفر شروع ڪيو ۽ حر به ڪين تاڙيندو ويجهو هلندو رهيو تانجو جڏهن ڪربلا جي سرزمين تي پهتا ته امام عالي مقام پنهنجن ساٿين کان پڇيو ته: اهذه ڪربلا؟ ڇا هيءَ ڪربلا آهي؟ عرض ڪيائون ته هائو. فرمايائين ته " هيءَ ئي ڏک ۽ مصيبت جي سرزمين آهي سيئي سوارين تان لهو هتي ئي مجاهدن جي لهڻ، سوارين کي ٻڌڻ. ساٿين مان ڪن جي زخمي ٿيڻ ته ڪن جي شهيد ٿي دفن ٿيڻ ۽ سندن قبرن نهڻ جي جاءِ آهي، اها سڀ ڳالهه مون کي منهنجي ناني ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ٻڌائي هئي" (١) پوءِ سيني اتي لهي، اٿن تان پنهنجو، پنهنجو سامان لاٿو ۽ حر بن يزيد به سندن ئي سامهون ڪجهه فاصلي تي لشڪر سميت منزل ڪئي (٢).

(١) مقتل الحسين ٢٠٢ (٢) سعادة الڪونين ١٣٩

ڪربلا ۾ پهچڻ جي تاريخ:-

علامه ابن الاثير ۽ علامه ابن ڪثير ٻنهي لکيو آهي ته حضرت امام پاڪ جن محرم شريف جي ٻي تاريخ سن ٦١هه خميس جي ڏينهن ڪربلا ۾ منزل انداز ٿيا هئا. (١) ۽ بعضي تاريخن سندس ڪربلا ۾ پهچڻ جي تاريخ ٨ محرم سن ٦١ خميس جو ڏينهن لکي آهي (٢) ۽ الفصول المهمه ۾ لکيل آهي ته: ڪربلا جي سرزمين ڏانهن ايندي واٽ ۾ حر حضرت حسين کي عرض ڪيو هو ته: اي فرزند رسول! (عليه الصلواة والسلام) ابن زياد جو مون کي سختيءَ سان آرڊر آهي ته: مان اوهان کي گرفتار ڪري ان وٽ پهچايان اوهان جي اوڏانهن هلڻ کان انڪار جي صورت ۾ اوهان کي شهيد ڪري ڇڏيان پر مون کي مٿيون ٻئي ڳالهيون پسند ناهن ڇو ته جيڪڏهن اوهان کي ڪا به تڪليف ٿو ڏيان ته هميشه واري الاهي عذاب جو حقدار ٿو ٿيان پر ڪجهه نه ڪرڻ جي صورت ۾ ظالمن حاڪمن جي عتاب ۾ پاڻ ٿو اڇان ان جي ڪري منهنجي ۽ اوهان جي ڀلائي ان ۾ آهي ته اوهان راتئون رات چپ چاپ ۾ ڪيڏانهن هليا وڃو مان صبح جو ٿورا گهٽا پيرن جا نشان ڳولي اوهان جي پويان پوڻ جي بجاءِ ابن زياد ڏانهن واپس وري ويندس ۽ ڪيس چوندس ته حسين مون کان بچاءِ وٺي اٽڪل سان الاء ڪيڏانهن نڪري ويو مون تلاش ڪئي پر ڪو ڏس ۽ پتو نه ملڻ تي موٽي آيو آهيان. اها صلاح امام سهڻي سائين کي ٻڌائي، سيني قبول ڪري سڄي رات سفر ڪيو ۽ پنهنجي خيال ۾ ته ڪافي پنڌ ڪري پري پهچي چڪا هئا پر جيئن جو صبح ٿي ڏٺائون

۽ جتان هليا هئا اتيئي بيٺا آهن ۽ حر وري به سائين سميت سندن سامهون موجود آهي (٣)

حضرت مسلم جي پائرن جو واپس ورڻ کان انڪار:-

بعضي تاريخن لکيو آهي حضرت حسين پاڪ واپس ورڻ جو ارادو ظاهر فرمايو ۽ حر به ڪين ڇڏڻ تي راضي ٿي ويو پر حضرت امام مسلم جي شهادت جي خبر ٻڌڻ کان پوءِ ان جي پائرن چيو ته اثين واپس نه ٿيندا سون جنهن مقصد لاءِ مسلم قربان ٿيو اهو ماڻيندا سون يا اسين به سندس رستي تي هلي قربان ٿيندا سون، انهن جي اها ڳالهه ٻڌي امام عالي مقام فرمايو ته اوهان کان سواءِ زندگيءَ ۾ ڪا ڀلائي ناهي پوءِ اڳتي سفر جاري رکيو هيائون (۴) تانجو کهي اچي ڪربلا ۾ تشريف فرماٿيا.

ابن زياد کي اطلاع:-

جڏهن ڪربلا معلىٰ ۾ ٻئي (حضرت حسين ۽ حر جا) قافلا پهتا ته حر اها سموري حقيقت ابن زياد کي لکي موڪلي ۽ پڇيائينس ته هاڻي ڇا ڪيان؟.

---

(١) الكامل ص ٥٢ جلد ۴ البداية والنهاية ص ١٧۴ جزء ٨ (٢) حاشيه سعادة الكونين ص ١٣٨(٣) سعادة الكونين ص ١٣٩(۴) مروج الذهب ص ٧٠ جلد ٣

ابن زياد جو حضرت حسين پاڪ ڏانهن سڏو سنئون خط:-

حضرت حر جي طرفان لکيل حقيقت پڙهڻ کان عبيدالله بن زياد حضرت حسين سهڻي ڏانهن سڏو سنئون هڪ خط موڪليو جنهن ۾ لکيائينس ته: مون کي يزيد جو سخت امر آيو آهي ته تيستائين نه اکين کي آرام ڏي، نه پيٽ پري ماني کاء جيستائين حسين کي ہن ڳالهين مان هڪ نه مڃرائين يا منهنجي حاڪميت ۽ امير هجڻ کي تسليم کندي بيعت ڪري يا موت (شهادت) قبول ڪري. والسلام (اوهان ان جي لاءِ کهڙو ٿا فيصلو ڏيو) جڏهن قاصد اهو خط آڻي حضرت حسين وٽ پچايو ته پاڻ کيس فرمايائون ته: خط تون پڙهي ہڌاء قاصد مٿيون احوال پڙهيوسيدنا حسين پاڪ اهو خط هٿ ۾ نه رکندي قاصد کي چيو ته ”تون پلي موٽي وڃ مون وٽ ان خط جو ڪوبہ جواب ناهي، قاصد موٽي اچي سمورو حال احوال ابن زياد کي پيش ڪيو ۽ امام پاڪ جي ان رويي کان ابن زياد غصي ۾ اچي ساڻن جنگ ڪرڻ جو مڪمل پروگرام بنائي لشڪر گڏ ڪرڻ شروع ڪيو (١)

عمر بن سعد جي روانگي:-

حضرت حسين پاڪ سان اختلافن کان اڳ ۾ عبيدالله بن زياد پنهنجي فوجي جرنل عمر بن سعد کي ديلم نالي قوم سان جنگ ڪرڻ جي لاءِ چار هزار (٤٠٠٠) سپاهي ڏئي موڪلي

(١) نور الابصار ص١٢٩ - ١٣٠


رهيو هو ۽ ان کي اها پيش ڪش ڪئي هيائين ته: جيڪڏهن ديلمين کي جنگ ۾ هار ڏئي غالب ۽ فاتح ٿي آيو ته ڪيس فارس (ايران) جي شهرن مان نهايت سهڻي، پلي ۽ شاندار شهر جي حاڪميت، گورنري، ڏني ويندي، پر امام عالي مقام جي ڪربلا ۾ تشريف آوري ۽ سندس خط جي (سندس خيال ۾) نامناسب جواب ڏيڻ جي ڪري عمر بن سعد جو پهريون پروگرام ملتوي ڪندي ڪيس حضرت حسين سان جنگ ڪرڻ جي لا ۽ چيائين، عمر بن سعد حضرت حسين سان جنگ ڪرڻ لاءِ معذرت گهرندي معافي طلب ڪئي پر ابن زياد ضد ۾ اچي چيس ته: جيڪڏهن حسين سان جنگ جي لاءِ نٿو وڃين ته اسان کي به اهڙو بي فرمان سپه سالار نه کپي نوڪريءَ لاءِ اسان جي طرفان ڏنل آرڊر واپس ڪر، وڌيڪ ڏسنداسون، عمر بن سعد کي اهڙو اهم عهدو ۽ اهڙي شاندار شهر جي حاڪميت ڇڏڻ گهٽو منجهائي وڌو ۽ ابن زياد کان آخري فيصلي ڏيڻ ۽ سوچڻ لاءِ هڪ ڏينهن مهلت گهريائين.

عمر بن سعد کي عزيزن ۽ دوستن جو مشورو:-

عمر بن سعد ان مهلت جي وقت ۾ پنهنجن دوستن عزيزن، مائٽن کان مشورو ورتو پر سڀني ڪيس حضرت حسين سان جنگ ڪرڻ کان روڪيو ايتري قدر جو ڪيس سندس ڀاڻيجي حمزه بن مغيره کولي کولي چيو ته ماما صاحب! حضرت حسين سان ڪنهن به صورت ۾

جنگ نہ ڪحان متان دنيوي لالچ ۾ اچي حسين سان پراٺي مائٽي بہ چنين ڇڏين ۽ الله تعالىٰ جو بي فرمان تي پوين، الله جو قسم آهي تہ: جيڪڏهن روءِ زمين جي بادشاهي ڪسجي وڃئي تہ اها تنهنجي لاءِ ان کان هزار ڀيرا ڀلي آهي جو قيامت جي ميدان ۾ حضرت حسين پاڪ جي خون جو جوابدار ٿي پيش ٿين. عمر بن سعد حضرت حسين پاڪ سان جنگ نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو پر ابن زياد ظالم وري ڌمڪي ڏيندي چيس تہ: جيڪڏهن وڃڻ کان جواب ڏين ٿو تہ صرف تنهنجي نوڪري ختم ڪندس پر توکي حڪومت جو باغي قرار ڏئي قتل ڪرائيندس، ان دڙڪي ۽ ڌمڪيءَ کان ڊڄي ابن زياد جي حڪم تي عمل ڪندي ميدان ڪربلا جو رستو ورتائين ۽ ڪربلا جي ميدان ۾ حضرت حسين جي تنبن کان ڪجهہ فاصلي تي منزل انداز ٿيو (١) تنبو لڳائي ان ۾ ٿورو وقت آرام ڪري سفر جو ٿڪ لاهي حضرت حسين ڏانهن ماڻهو موڪلي کانئس پڇيا ڪيائين تہ: اوهان هتي ڇو آيا آهيو ۽ اوهان کي ڪنهن آندو آهي؟؟ سيد شهداءِ ڪربلا عليہ وعلي المجاهدين معه الرحمة والغفران جواب ۾ چورائي موڪليس تہ: مان اوهان جي شهر ڪوفي وارن جي گهٽي چوڻ ، لکڻ ۽ اصرار ڪرڻ تي نڪتو آهيان پر جيڪڏهن هاڻي پسند نہ ٿا ڪيو تہ مان ان ڳالهہ تي بہ ضد ناهيان مان جتان کان آيو آهيان اوڏانهن وڃڻ لاءِ بہ تيار آهيان، عمر بن سعد اهو احوال ابن زياد تائين پهچايو، ان اهو احوال پڙهنديئي اول هي شعر پڙهيو:

(١) البداية والنهاية ص ١٧٤ جزء ٨



اَلْآنَ اِذْ عَلِقَتْ مَخَالِبُنَا بِهٖ
يَرْجُو النَّجَاةَ وَلَاتَ حِيْنَ مَنَاصٍ

يعني هينئر جڏهن اسان جا چنبا مٿان کتاائس ته (اها ڳالهه ڪري) بچڻ ۽ ڇٽڻ جي اميد ٿو رکي (پر ٻڌايوس) ته هاڻي ڇٽڻ جو وقت ناهي تنهن کان پوءِ ابن سعد کي لکيائين ته: حسين کي يزيد جي بيعت تي مجبور ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريان سندس پيئڻ جو پاڻي بند ڪراءِ ۽ ان آرڊر تي عمل ڪرڻ جي اها رپورٽ مون وٽ پهچاءِ وڌيڪ پوءِ ڏسندا سون، ۽ سوچيندا سون. ان ظالمانه، بي رحمانه آرڊر پهچڻ شرط ابن سعد عمر بن حجاج نالي هڪ پنهنجي فوجي عهديدار کي پنج سؤ سپاهين جو جٿو ڏئي فرات درياءَ جي پاڻيءَ تي اهو چئي مقرر ڪيو ته: حسين ۽ سندس ساٿين کي پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به نه ڪٽڻ ڏيو نه پيئڻ ڏيو، اهو قدم جنتي جوانن جي سردار ۽ سندس ساٿ ۾ شهيد ٿيندڙن جي شهادت کان ٽي ڏينهن اڳ ۾ کنيو ويو هو. (١)

اضافي فوج:-

جڏهن حضرت حسين ۽ سندس ساٿ سان يزيدين جي جنگ جا امڪان وڌي ويا ته ابن زياد ابن سعد جي مدد لاءِ ٻن قسطن ۾ ويهه هزار (٢٠٠٠٠) اضافي فوجي موڪليا جيڪي محرم شريف سن ٦١هه جي ڇهين تاريخ تائين ميدان ڪربلا ۾ پهچي ويا هئا (٢)

(١) الکامل لابن الاثير ص ٥٢ - ٥٣ جلد ٤ (٢) مقتل الحسين ص ٢٧٠

گستاخ کي سزا :-

جاڻ گهرجي تہ الله جل جلالہ پنهنجي پيارن ٻانهن کي آزمائيندو بہ آهي پر ڪڏهن ڪڏهن ان آزمائش جي دوران انهن جي مقبوليت و محبوبيت کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ سندن هٿان خرق عادت (ڪرامتون) بہ ظاهر ڪندو آهي، اهڙوئي هڪڙو واقعو ميدان ڪربلا ۾ ان وقت ظاهر ٿيو جڏهن ابن زياد جي قهري ڪاروائي تي عمل ڪندي سيدنا امام حسين پاڪ ۽ سندس ساٿ ۾ رهڻ وارن مردن، عورتن وڏن ۽ ننڍن تي پيئڻ لاءِ بہ پاڻي بند ڪيو ويو. ڳالهہ هيئن هئي تہ يزيدي لشڪرين مان هڪ شخص عبدالله بن ابي الحصين ازديءِ اهل بيت اطهار کي اڃايل محسوس ڪري افسوس ڪرڻ جي بجاءِ طعنو هڻندي حضرت امام پاڪ کي سڏي چيو تہ : اي حسينؑ! ڇا هي مٺي پاڻي جو وهندڙ درياءُ ڪونہ ٿو ڏسين؟ ساٿ سميت اڃايل ٿي مري ويندين (يزيد جي بيعت ڪرڻ کان سواءِ) هڪ ڦڙو پاڻيءِ جو بہ نصيب نہ ٿيندئي ، امام سهڻي ان جي ان بيحيائيءِ وارن ۽ طعني طور هنيل گفتن کي ٻڌي ، ڏکوئجي، بارگاهہ ايزديءِ ڏانهن متوجہ ٿيندي عرض ڪيو تہ يا الله! مون کي اڄ جا طعنا هڻندڙ هن بيحياءَ کي (هينئر جو هينئر) اڃارو ڪري مار ۽ ڪيس ان بي ادبيءِ جي معافي اصل نہ ڏجان" جنتي جوانن جي سردار محمدي گلشن جي بهار اهل سنت و جماعت جي قلبن جي قرار، سيني جي سرور جي ان زبان، فيض ترجمان مان جيڪا محمدي چپن (عليہ الصلواة والسلام) کي چوسيندي محبوبيت جي مقام کي ماڻي چڪي هئي

جيئن مٿيان ذڪوبل جملا نڪتا تہ هڪدم ان گستاخ کي الٽي جي بيماريءَ اهڙو سوگهو ڪيو جو اڄ جون ڏانهون ڪندي مري ويو (١)
مسلمانو! الله تعاليٰ کان دائمي دعا گهرندا رهو تہ پنهنجن پيارن جي بي ادبي، گستاخي ۽ دل آزاري کان بچائي .

سخت اڃ:-

ميدان ڪربلا ۾ پهچڻ کان پوءِ سيدنا امام حسين پاڪ فرات درياءَ جي پاڻيءَ کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکڻ جو ذهن ۾ پروگرام بڻايو هو پر جيئن تہ سندن دشمن ، يزيدي لشڪري چالاڪ ۽ چالباز هئا انهن اينديئي فرات جي ڪناري تي مورچا قائم ڪري پاڻيءَ کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکي سخت پهرو قائم ڪري ڇڏيو هو، ۽ سيدنا حسين ۽ سندس سـاٿ ۾ رهڻ وارن لاءِ هڪ ڦڙو پاڻي ڏيڻ جي بہ ڪنهن کي اجازت نہ هئي اهل بيت اطهار جا نهايت ئي ننڍڙا ٻچڙا پاڻيءَ کان سواءِ بيتاب ٿي تڙپي رهيا هئا پر ظالمن کي انهن تي ڪوبہ رحم نہ ٿي آيو.

يزيد بن حضير همدانيءَ جي حق گوئي:-

ان ڏک جهڙي حالت کي ڏسي سيدنا امام حسين پاڪ جي مخلص دوستن مان هڪ دوست يزيد بن حضير همدانيءَ سندس خدمت

(١) الڪامل لابن الاثير ص ٥٣ - ٥٤ - جلد ٤

عاليه ۾ ادب سان عرض ڪيو تہ ”جي اجازت ڏيو تہ ابن سعد سان پاڻيءَ جي سلسلي ۾ ڳالهايان؟ امام پاڪ فرمايس تہ: مناسب سمجهين تہ ڀلي ملاقات ڪري ڳالهائينس. اجازت ملڻ کان پوءِ يزيد بن حضير همداني ابن سعد وٽ آيو پر جيئن هڪ مسلمان ٻئي مسلمان وٽ اچڻ وقت السلام عليڪم چوندو آهي تيئن سلام نہ چيائين. اڳيئي هڪ ٻئي کي ڄاڻندا سڃاڻندا تہ هئا عمر بن سعد ڪيس ڏسي سڃاڻي پڇيس تہ: اي يزيد همداني! اسلام جو طريقو ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جي سنت آهي تہ: مسلمان جڏهن مسلمان وٽ اچي يا هڪ ٻئي کان لنگهن تہ سلام ورائن تو مون تي سلام چونہ ورايو؟ ڇامان مسلمان ناهيان يا الله جل جلاله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام کي ڪونہ ٿو مڃيان؟؟ يزيد همداني ڪاوڙ واري انداز ۾ فرمايس تہ: تنهن جي مسلمان هجڻ واري دعويٰ ۽ الله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي اطاعت واريءَ ڳالهہ تي جيترو افسوس ۽ ارمان ڪجي ٿورو آهي، ڇا هي اسلام جي تقاضا آهي جو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي فرزند جي خلاف ايڏو وڏو لشڪر وٺي نڪتو آهين. ان کي (اجايل بڪايل رڪي) شهيد ڪرڻ جو پروگرام بنايو اٿئي، فرات درياءَ جو پاڻي پڪي، مڇيون ۽ جيت تہ پيئن پر نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جن جي اولاد لاءِ پاڻيءَ تي اهڙي سخت بندش هڻي ڇڏي اٿئي جو ڪين هڪ ڦڙو بہ نہ ٿو ملي. عمر بن سعد اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي غلطيءَ جو اعتراف ڪندي چيو تہ سڀ سچ ٿو چوين پر مون کي فارس جي نهايت

سهڻي شهر ريّ جي حاڪميت ڪسڻ ۽ قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني اٿن تڏهن هي سڀ ڪجهہ ڪري رهيو آهيان يزيد همداني اهو مايوس ڪندڙ جواب ٻڌي واپس آيو ۽ امام پاڪ کي سڄو احوال ٻڌائيندي عرض ڪيائين تہ سائين! هنن جو مقصد اوهان کي شهيد ڪرڻ کان سواءِ ڪوبہ ناهي. (١)

حضرت حسين ۽ عمربن سعد جي ملاقات:-

پاڻيءَ جي سخت تنگيءَ جي دوران سيدنا امام حسين پاڪ پنهنجن سائين مان عمرو بن قرظه بن ڪعب انصاريءَ نالي هڪ شخص کي ابن سعد ڏانهن اهو پيغام ڏئي موڪليو تہ: پنهنجي ۽ منهنجي لشڪر جي وچ تي مون سان ملاقات ڪر تہ ڀلو، اهو پيغام ٻڌي عمر بن سعد تنبوءَ مان نڪري وچ تي آيو هيڏانهن حضرت حسين سائين بہ اتي ٻاهر تشريف فرما ٿيو، نهايت ڊگهي ملاقات ۾ تفصيلي ڳفتگو ڪيائون پر مسئلو حل ٿي نہ سگهيو، ٻنهي جي وچ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون هليون مختلف رايا ۽ روايتون آهن پر ٻنهي جي ڳالهين جي دوران ڪين نہ ڪو ويجهو هو ۽ نہ سندن ڪوبيان پڌرو ڪيو ويو ان جي ڪري علامه ابن الاثير عليه الرحمة لکيو آهي تہ: وتحدث الناس بذالک ولم يسمعوه (٢) يعني ان سلسلي ۾ ماڻهن ڳالهيون تہ ڪيتريون ڪيون پر ٻڌو ڪجهہ نہ هيائون، ان جي ڪري صحيح روايت ڪابہ ڪانہ آهي، جنهن جي مدار تي چئجي تہ هيءَ ڳالهہ ٻولهہ هلي هئي.

(١) سعادة الکونين ص ١٤٣ (٢) الکامل لابن الاثير ص ٥٤ جلد ٤

سيده ام ڪلثوم جو عرض:-

ان سخت پريشان ڪندڙ ۽ تشويشناڪ حالت کي ڏسي حضرت امام حسين پاڪ جي پاڪدامن ڀيڻ سيده ام ڪلثوم (جنهن جي حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه سان شادي حضرت علي رضي الله عنه جي خوشي ۽ اجازت سان ٿي هئي ۽ شاديءَ جي ذڪر سان شيعن ۽ سنين جا معتبر ڪتاب ڀريا پيا آهن) سندس خدمت ۾ عرض ڪيو ته: دلبر ڀاءُ! هن اڄ واري، خشڪ ۽ سڪل ميدان ته مون کي پريشان ڪري ڏڪوئي ڇڏيو آهي، تو دلبر ڀاءُ جي بيقراري ۽ پريشاني ڏسي منهنجو ته هنياءُ ٿو ڦاٽي ۽ جڏهن تنهنجن عنبر جهڙي خوشبو رکندڙن وارن کي غبار آلوده ڏسان ٿي ته وڌيڪ بيقرار ۽ بي چين ٿيان ٿي، خدا واسطي ڪوشش ڪريو ته هتان نڪري هلون. (١)

يزيدي بيعت کان حضرت حسين هر وقت انڪاري رهيو:-

بعضي مؤرخن لکيو آهي ته: حضرت امام، عالي مقام، سيدنا حسين رضي الله عنه عمر بن سعد سان ملاقات دوران ڪيس چيو هو ته: مون کي ڇڏيو ته ملڪ جي ڪنهن پرانهين علائقي ۾ رهي باقي زندگي بسر ڪيان يا يزيد وٽ هلي (معاذالله) ان جي بيعت ڪيان آهي تاريخي روايتون امام پاڪ جي عزم ۽ مصمم ارادي جي خلاف جڙتو ۽ هٿرادو آهن، علامه ابن الاثير انهن جو ذڪر ڪري لکيو آهي ته سيدنا امام حسين پاڪ جي پوري سفر جي ساٿي عقبه بن سمعان

ڪان روايت آهي، ان فرمايو آهي ته: مان حضرت حسينؑ پاڪ سان ساري سفر ۾ رات ڏينهن گڏ هوس ڪنهن به صلاح ۽ مشوري ۾ جدا نه رهيو هوس پر پاڻ ڪڏهن به اهڙي ڳالهه ٻولهه ڪانه ڪئي هيائون. (٢) ان محقق مؤرخ جي ان روايت آڻ مان ثابت ٿيو ته اهڙي ڪا به ڳالهه ثابت ناهي جنهن مان يزيد جي بيعت ڪرڻ لاءِ حضرت امام حسينؑ اشارو به ڏنو هجي.

شمر جي شيطان گيري:-

جڏهن ڪربلا جي ميدان ۾ حضرت حسينؑ ۽ عمر بن سعد جون ٽي چار ملاقاتون ٿيون ۽ ڳالهين جي ذريعي مسئلو حل ٿيڻ جي قريب هو ته ابن سعد ابن زياد کي انهيءَ حالت کان واقف ڪرڻ ۽ صلاح ۽ مشورو وٺڻ لاءِ خط لکي موڪليو اتفاقًا جڏهن خط ابن زياد وٽ پهتو ته ان وقت ان وٽ شيطاني مزاج جو مالڪ شمر بن ذي الجوشن به ويٺو هو ابن زياد خط ۾ لکيل احوال شمر کي ٻڌايو ۽ ان باهه تي پاڻي وجهڻ جي بجاءِ ابن زياد کي ڀڙڪائي جنگ جي ذريعي حضرت حسينؑ کي مجبور ۽ مقهور ڪرڻ جو مشورو ڏنو ابن زياد به ان جي مشوري تي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهيو ۽ صلح جي صورت پيدا ڪرڻ جي بجاءِ شيطاني مزاج جي مالڪ، شمر بن ذي الجوشن کي خط ڏئي ڪربلا ڏانهن موڪلي چيائينس ته عمر بن سعد کي وڃي چئو ته: هڪدم حسينؑ ۽ سندس ساٿين کان منهنجي حڪم تي هلڻ جو عهد

(١) سعادة الڪونين ص ١٤٢ (٢) الڪامل لابن الاثير ص ٥٤ جلد ۴

وٺي، جيڪڏهن قبول ڪن ته پوءِ سلامتي سان سيني کي مون ڏانهن موڪلي ۽ جيڪڏهن انڪار ڪن ته پوءِ انهن سان جنگ جوٽي سيني کي کهي ڇڏي، ۽ عمر بن سعد پاڻ به جيڪڏهن ان امر تي عمل ڪري ته تون سندس فرمانبردار ٿجانء ۽ جيڪڏهن انڪار ڪري ته سندس سپه سالاري ختم ۽ اتي موجود لشڪرين جو سپه سالار تون ٿجانء. ابن سعد کان چارج وٺي سپه سالاري سنڀالي پهرين فرصت ۾ ابن سعد کي قتل ڪري ان جو سر مون ڏانهن موڪلي ڏجانء.

ابن سعد ڏانهن دل آزاربندڙ خط:-

ظالم ابن زياد شمر پليد جي هٿان جيڪو ابن سعد ڏانهن خط لکيو هو ان ۾ ڪيس لکيو هيائين ته: مون توکي حسين کي ڍر ڏيڻ، آسري ۽ اميد ۾ رکڻ، ڊگهيون ملاقاتون ۽ محفلون ڪرڻ ۽ مون وٽ ان جو سفارشي ٿيڻ لاءِ نه موڪليو آهي. (هن خط ملڻ شرط) ڏس جيڪڏهن حسين ۽ سندس ساٿي منهنجي امر کي تسليم ڪن ٿا ته ڪين سلامتيء سان مون ڏانهن موڪلي ڇڏ ۽ جيڪڏهن نه ته ساڻن جنگ ڪري سيني کي قتل ڪندو وڃ ۽ نه صرف قتل تي اڪتفاء ڪر پر ڪنلن جا ڪن ۽ چپ به وڍرائي ڇڏ ۽ حسين جي سيني ۽ پٺيءَ کي گهوڙن کان لتاڙائجانء ڇو ته اهو وقت جي حاڪم جو بي فرمان مخالف، ظالم ۽ لٽيرو آه. (معاذالله ثم معاذ الله) ۽ تون به جيڪڏهن اسان جي ان اهم امر جي اطاعت ڪندين ته پوءِ تون ئي بڊڙ وارو ۽ فرمانبردار آهين ۽ تون ئي ان عهدي تي قائم رهندين پر

جيڪڏهن امر تي عمل نہ ٿو ڪرين تہ پوءِ پاڻ کي ان عهدي تان معزول ۽ لشڪر سمجهي لشڪر جي سپہ سالاري جي چارج شمر بن ذي الجوشن جي حوالي ڪري ڇڏ والسلام (١)

ساٿين کي واپس وڃڻ لاءِ خوشيءَ سان اجازت:-

سيدنا امام زين العابدين کان روايت آهي تہ منهنجي والد حضرت حسين پاڪ ڪربلا جي ميدان ۾ پيش ايندڙ حالات کي ڏسي ڏهين محرم سن ٦١هہ جي رات پنهنجين ساٿين ۽ سڄڻن کي ڪجهہ ڳالهيون ٻڌائڻ لاءِ گڏ ڪري وهاريو ۽ مان بيمار هجڻ جي باوجود بہ سندن ويجهو وڃي ويٺس، پاڻ هنن لفظن سان الله جل جلاله جي بارگاهہ ۾ عرض ڪرڻ لڳا تہ: يا الله! مان تنهنجي سهڻي ثنا ڪندي سک ۽ ڏک ۾ تنهنجو حمد ڪيان ٿو توئي اسان جي ناني کي نبوة جي فيض سان مالا مال ڪرڻ فرمايو آهي، توئي اسان کي ڪن اکيون ۽ دليون ڏئي نوازيو آهي پنهنجي فضل سان اسان کي بہ پنهنجو شڪر گذار ٻانهو رک، ان کان پوءِ پنهنجن ساٿ ۾ رهڻ وارن ڀائرن، ڀاٽين، ڀاٽيجن ۽ ڏارين، صحبت ۾ رهندڙن سان مخاطب ٿي فرمايائون تہ "مون کي اوهان کان وڌيڪ وفادار، نيڪو ڪار، ۽ اهل بيت سان نڀائڻ وارا ڪنهن جا بہ ساٿي ڪونہ ٿا سجهن شال الله تعالىٰ اوهان کي انهن سيني خدمتن جو ڀلو بدلو عطا ڪري پر مون کي دشمن جي طرفان صبحاڻي سخت حملي جو پروگرام نظر اچي رهيو آهي ان جي

ڪري اوهان سيني کي خوشيءَ سان موڪل ڏيان ٿو اوهان رات جو دير سان هڪ هڪ ٿي مناسب مقامن ڏانهن نڪري وڃو منهنجي طرفان اوهان تي ڪابه ميار نه آهي ۽ مون کي اها به خبر آهي ته دشمن جو مقصد صرف مون کي شهيد ڪرڻ آهي سو جڏهن مان هتي آهيان ۽ مون کي تنبن ۾ ۽ پنهنجن اڳيان اتندي وهندي ڏسندا ته ٻئي ڪنهن جي پچا به نه ڪندا (٢)

ساٿين جو سهڻو جواب:-

امام پاڪ جا من موهيندڙ ۽ ٻاجهارا ٻول ٻڌي اول سندس اهل بيت جي مجاهدن ڀائرن، ڀائٽين، ڀاٽيجن، حضرت عبدالله بن جعفر جي فرزندن ۽ پوءِ ٻين ساٿين ڪيس عرض ڪيو ته ائين ڪيئن ڪندا سون؟ اوهان کي ڇڏي زندگي کهڙي ڪم جي آهي؟ الله تعالىٰ اسان کي اهو ڏينهن نه ڏيکاري (٣)

سيده زينب سائڻ جي بيقراري ۽ بي چيني:-

جڏهن امام عالي مقام ۽ سندس ساٿين جي مٿين گفتگو سندس پياري مشفق ڀيڻ سيده زينب سائڻ ٻڌي ته بي اختيار ۽ بي وس بنجي پنهنجي پياري ڀاءُ وٽ پهتي ۽ چوڻ لڳي ته: دلبر ڀاءُ! ڪاش مان اڄ جيئري نه هجان ها، جيجل امان، مهربان بابو، قربدار ڀاءُ حسن ته دنيا تان ويا (۽ انهن جي فراق جا ڦٽ اڃان جيءَ کي جهوري

(١) الڪامل ص ٥٦ جلد ٤(٢) الڪامل ص ٥٨ جلد ٤(٣) مقتل الحسين ٢٨٠

رهيا آهن ته اوهان به اسان کان جيئري جدا ٿيڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو. امام پاڪ پنهنجي سفر جي ساٿياڻيءَ ۽ منڙيءَ ماءُ جيئن مهربان پلاريءَ ڀيڻ کي صبر جي تلقين ڪندي فرمايو ته پياري ڀينڙي! صبر کان ڪم وٺو شيطان دشمن اوهان کي بي صبر نه بنائي. سائڻ ٿورو هوش سنڀالي پلاري ڀاءُ کان وري پڇيو ته: مان اوهان تان قربان ٿيان ڇا اوهان صبحاڻي شهيد ڪيا ويندؤ؟ ان چوڻ کان پوءِ سائڻ وري بيهوش ٿي وئي ته سيدنا امام حسين اٿي اچي مٿان بيٺس ۽ پاڻيءَ جا ڇٽا به ٿي ڦڙا جيڪي ملي سگهيا مٿانئس وجهي ڪيس هوش ۾ آڻي هنن لفظن سان تسلي ڏني "پياري ڀيڻ! الله تعالىٰ جو خوف رک، ان جي رضا تي راضي رهه ۽ اها ڳالهه چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪر ته الله تعالىٰ کان سواءِ آسمانن ۽ زمين ۾ رهڻ وارا سڀ فنا ٿي ويندا. منهنجو ۽ تنهنجو ابو! امان ۽ ڀاءُ جيڪي اسان کان ڀلا هيا دنيا تان رحلت ڪري ويا. ۽ انهن سڀني کان به اعلىٰ ذات حضور پر نور صلى الله عليه وسلم جن جي ظاهري رحلت ڪرڻ ۾ اسان سڀني لاءِ اڳواڻي ۽ رهبري موجود آهي جڏهن پاڻ ئي رحلت قبول ڪيائون ته ٻيو ڪير آهي جيڪو هميشه هتي موجود رهندو. منهنجي ڀينڙي! مان توکي قسم ٿو وجهان ته منهن جي شهادت کي ڏسي نه گريبان ڦاڙجان ۽ نه منهن تي ڏک هڻجان ۽ نه ويل ۽ هلاڪت وارا لفظ زبان مان ڪڍجان (١)

ماتمي مسلمانن کي گذارش

ڪربلا جي شهيدن جي سالار، جنتي جوانن جي سردار، سيدنا ومرشدنا حضرت حسين پاڪ رضي الله عنه جي طرفان، پياري ڀيڻ کي ڪيل ارشاد مان ثابت ٿي رهيو آهي ته مسلمان تي ڪيڏو به ڳرو صدمو اچي ته به صبر جي دامن مان هٿ نه ڪڍي، ۽ جڏهن پاڻ پنهنجي مهربان ڀيڻ جيڪا ان موقعي تي موجود هئي ان کي به بي صبريءَ ۽ ماتم کان روڪيائون ته هاڻي سوين سالن کان پوءِ

(١) الڪامل ص٥٩ جلد٤

ڪارا ڪپڙا ڪري منهن ۽ مٽي پر مٽي وجهڻ ۽ پلارن ڪي گاريون ڏيڻ ۽ انهن تي لعنتون ڪرڻ وارن کي ڪيئن پسند ڪندا؟

خدا جا ٻانهـا! اهو ڪهڙو طريقو آهي جيڪو اوهان اختيار ڪيو ٿا مسلمانن،مجاهدن جو ڪم آهي ته ڪافرن،بي دينن ۽ يزيد جهڙن ظالمن حڪمرانن سان لڙن يا ٻاڻ کي پاڻهي قتين ڇا امام سهڻيءَ سندس سائين پاڻ کي پاڻهي ماريو هو؟ ڪجهه سوچيو ۽ سمجهه رکو. ان ڪان پوءِ حضرت حسين پاڪ رضي الله عنه پنهنجي سائين کي فرمايو ته: پنهنجا عارضي گهر(تنبو) هڪ ٻئي کي ويجهو ڪري بيهاريو ۽ انهن جون رسيون هڪ ٻئي سان ڳنڍيي ڇڏيو ۽ هر وقت پنهنجن گهرن جي اڳيان موجود رهو ممڪن آهي ته دشمن اوچتو حملو ڪن ته اوهان انهن کي دفع ڪري سگهو

وري وري خطاب

ابن الاخضر يحيىٰ بن ابي ڪان روايت آهي ته پاڻ وري به انهن مخالفن جي سامهون بيهي سندن بي خبر هجڻ جا عذر ۽ بهانا ختم ڪرڻ جي لاءِ الله جل جلاله، عم نواله جي حمد ۽ حبيب اڪرم،نور مجسم، صلى الله عليه وسلم جن تي لامحدود درود موڪلڻ ڪان پوءِ فرمايائون ته: اي يزيديو! منهنجو نسب ته ٻڌايو ۽ نهايت تامل ۽ غور ڪري ڏسو ته مان آهيان ڪير؟ ڇا اوهان جي لاءِ منهنجو رت وهائڻ، منهنجي پاڪ، صاف اهل ۽ عيال کي پريشان ڪرڻ درست آهي ڇا مان اوهان جي نبي عليه افضل الصلوات واڪمل التحيات جو ڏهٽو ۽ سندس پياري سوٽ علي المرتضىٰ رضي الله عنه جوپٽ ناهيان؟ مان الله تعالىٰ جي پلي ٻانهي ۽ (ننڍين مان) اول ايمان آڻڻ واري جو ٻچڙو ناهيان؟ ڇا سيد الشهداء حمزه منهنجي پيءُ جو ۽ جعفر طيار رضي الله عنهما منهن جو چاچو

ناهي؟ ڇا مون ڪڏهن الله عز برهانه جي ٻي فرماني ڪئي آهي؟ ڇا اوهان حبيب اڪرم، نبي مڪرم، محبوب معظم صلى الله عليه وسلم جن جو (مستفيض طريقي سان روايت ڪيل) اهو فرمان عالي شان نه ٻڌو آهي؟ ته "الحسن والحسين سيد اشباب اهل الجنة" حسن ۽ حسين جنتي جوانن جا سردار آهن ڇا اهو نبوي فرمان اوهان کي منهنجي رت وهائڻ جي اجازت ڏي ٿو؟ سندن ان لاجواب بنائيندڙ خطاب منڪرن جي دلين کي به موهي وڌو ۽ سيني مان ٿي في الحال ته ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيا ۽ ڪنهن کي به فورًا جواب ڏيڻ جي جرئت ڪانه ٿي پرڪجهه دير ڪان پوءِ ڪي ازلي ۽ ابدلي بدبخت چوڻ لڳا ته: اسان کي ته خبر ئي ڪانه ٿي پوي ته ڇا پيا چئو- اسان اها حديث ته ڪڏهن به ڪا نه ٻڌي آهي، حضرت حسين رضي الله عنه ڪين فرمايو ته نه ٻڌي اٿو ته هينئر به اوهان جي شهر ڪوفي ۾ منهنجي ناني ڪريم عليه التحية والتسليم جا وڏي عمر وارا اصحابي، زيد بن ارقم، جابر بن عبدالله، ابو سعيد، سهل بن سعد، براء بن عازب ۽ انس بن مالڪ رضي الله عنهم جيترا ۽ موجود آهن ڪانئن پڇي وٺو ته اها حديث صحيح آهي يا نه؟ انهن پنهنجن ڪنن سان اهو فرمان عالي شان ٻڌو هو. ڀلا ان ۾ اوهان کي شڪ آهي ته منهنجي لاءِ سندن جگر جي ٽڪري فاطمه زهراء رضي الله عنهــا جي پٽ هجڻ ۾ ته اوهان کي شڪ ناهي؟ ڪوڙي تي الله جو غضب هوندو آهي الله جو قسم ته مون نه ڪڏهن ڪوڙ هنيو آهي نه سوچيو آهي- مان اوهان کي اوير ۽ اولهه جي رب جو قسم ڏئي پڇان ٿو سچ ٻڌايو ته: هن وقت مون ڪان سواءِ مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ ٻيو ڪو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جو سڳو ڏوهٽو آهي، ڇا مون اوهان مان ڪنهن جو خون ڪيو يا ڪنهن کي

زخمي بنايو آهي؟ جو ان جي قصاص وٺڻ لاءِ گڏٿيا آهيو، حضرت امام عالي مقام جو اهو بيان ٻڌي ڪنهن به ڪو جواب نه ڏنو سڀ خاموش ٿي ويا(١)

اڄ جي سخت تڪليف

سيدنا امام حسين پاڪ جون اهي لاجواب ڪندڙ پر تاثير تقريرون ۽ بيان عالي شان به هلندا رهيا پر يزيدين ظالمن جي طرفان پاڻيءَ تي سخت ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪري امام پاڪ جي ساٿين ننڍين توڙي وڏن جي حالت نهايت نازڪ ٿي وئي هئي. مفتي اڪرام الدين دهلويءَ لکيو آهي ته پاڻيءَ نه ملڻ جي ڪري ساقي ڪوثر، مالڪ بر وبحر،عليه الصلواة والسلام جي نازنين ٻچڙن جون پاڪ زبانون خشڪ ٿي ڪنڊن واري ڪانيءَ جهڙيون ٿي ويون هيون، ڪيترا ته ڳالهائي نه سگهڻ جي ڪري صرف اشارن سان ڪا ڳالهه سمجهندا ۽ سمجهائيندا هئا، هڪ طرف هي نبوي بارگاهه جا دادلا اڄ جي شدت ۽ سختي محسوس ڪري رهيا هئا ته ٻئي پاسي دشمن سندن شهيد ڪرڻ جا پروگرام بنائي رهيا هئا جيڪي پنهنجن مبارڪ ڪنن سان ٻڌي رهيا هئا ساڻ ۾ اڇڻ وارن فردن نيڪ مردن کان سواءِ نه سندن ڪو مونس هو نه غمخوار، نه دوست نه يار نه همدرد نه مددگار (٢)

عبادت ۽ تلاوت

عظيم الشان محدث ۽ مؤرخ علامه ابن الاثير عليه الرحمة لکيو آهي ته فلما امسوا قاموااللیل کله يصلون ويستغفرون ويتضرعون ويدعون (٣) يعني جڏهن شام ٿي، رات پئي ته سڀئي بيهي سڄي رات نماز پڙهندا مغفرت طلب ڪندا، زاري ڪندا ۽ دعائون گهرندا رهيا. صبح جو فجر جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ سيدنا حضرت حسين پاڪ جن پنهنجي سر پاڻ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندا

(١) سعادة الكونين ص١٤۴ الكامل لابن الاثير ص٦٢ جلد۴

(٢) سعادة الكونين ص١٤٧ (٣) الكامل ص٥٩ جلد۴

اکين مبارڪن مان پاڻي وهائيندا رهيا. ان وچ ۾ هڪ شخص اتاهين اچي لنگهيو ۽ ڪيس روئندي ڏسي عرض ڪرڻ لڳو ته ڪير آهيو ۽ ڇو ٿا روئو؟ پاڻ ان کي ٻڌايائون ته: مان نبوت جي شاندار باغ جو هڪ ڪومائل گل، غريب الوطن، پرديسي،ڏکن ۽ مصيبتن ۾ مبتلا حسين بن علي آهيان. ڪوفي وارن پاڻ خط لکي آڻايو، ۽ بنا سبب، هروڀرو مون کي اڄ ۽ تڪليف ۾ رکي منهن جي شهيد ڪرڻ جا پروگرام بنايا اٿن، سوچيان پيو ته هاڻي انهن ظالمن جي ظلم واري چنبي کان ڪيئن آزادي حاصل ڪجي (١)

هڪ خواب

سيدنا سهڻي حسين پاڪ کي الله تعالىٰ جو ذڪر ڪندي ميدان ڪربلا ۾ ٿورڙي ننڊ اچي وئي خواب ۾ ڏٺائون ته: محبوب ڪريم عليه التحية والتسليم جن پنهنجن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جي ڪجهه جماعت سان گڏ ميدان ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ڪيس پنهنجي ڀاڪر ۾ آڻي فرمايائون ته: اي دلبر پٽ! مون کي خبر آهي ته بي دين دشمن تنهنجي رت جا پياسا آهن ۾ قيامت ۾ انهن کي منهنجي شفاعت نصيب نه ٿيندي اي منهنجا پيارا پٽ! ورثي ۾ مليل مستقل مزاجي نه ڇڏجان عنقريب الله تعالىٰ توکي شهادت جي درجي تي فائزڪندو بهشت تولاء سينگاريو ويو آهي مان ۽ تنهنجا والدين جنت ۾ تنهنجا منتظر آهيون سيئي مرتبا شهادت کان پوءِ ماڻيندين. ائين فرمائڻ کان پوءِ پاڻ امام پاڪ جي سيني تي هٿ رکي سندس حق ۾ دعا فرمايائون ته: اَللّٰهُمَّ اَعْطِ الْحُسَيْنَ صَبْرًا وَّاَجْرًا" اي الله! حسين کي صبر ۽اجر عطا فرماء! نبوي دعا جا اهي الفاظ ٻڌندي پاڻ سجاڳ ٿيا ۽ جڏهن سمورن اهلبيت کي اهو خواب ٻڌايائون ته سيئي پريشان ٿي زارو قطار روئڻ لڳا

سيدنا علي اڪبر پاڻي کٽي پهتو

حضرت امام زين العابدين رضي الله عنه کان روايت آهي ته ڏهين محرم سنه ٦١هه جي رات منهنجي بابا سائينءَ منهنجي وڏي ڀاءُ علي اڪبر رضي الدعنه

(١) سعادة الكونين ص١٤٩

کي پنجاھ ڄڻا ساٿي ڏيئي کي سوار ته کي پيادا ڪليون ڪٽائي موڪليا جيڪي پاڻيءَ تي ڪنٽرول ڪندڙن ظالمن يزيدين سان ڪافي ڏي وٺ ڪان پوءِ اهي ڪليون پاڻيءَ سان ڀري ڪٽي آيا. پاڻيءَ پهچڻ ڪان پوءِ امام حسين سهڻي پنهنجن ساٿين کي سڏي فرمايو ته: اٿو، پاڻي پيو ۽ ڪپڙا پاڪ ڪيو،چو ته اهي ئي اوهان جا ڪفن ٿيندا. راويءَ جو قول آهي ته پوءِ سيني جاڳي سڄي رات رب جي عبادت ڪندي گذاري، ڪي رڪوع ۾ ته ڪي سجدي ۾ ڪي بيٺي ته ڪي ويٺي الله جل مجده جي ياد ۾ مصروف رهيا (١) ۽ هڪ روايت ۾ آيو آهي ته حضرت امام حسين پاڻيءَ ڪڻڻ جي لاءِ پنهنجي پيشيتي ڀاءُ حضرت عباس علمبردار رضي الله عنه کي ٽيهه (٣٢)ساٿي ڏيئي موڪليو جن مان ٻاويهه (٢٢) دشمن جي مقابلي ۾ رات جو ئي شهيد ٿي ويا هئا (٢)

گمراھ کي راھ نصيب ٿي

بعضي روايتن مطابق امامن سڳورن جي مٿان ٿيندڙ بي حساب ظلم ڏسي عمرو بن سعد جا ٽيهه لشڪري انهن کي ڇڏي حسيني لشڪر ۾ شامل ٿيا ۽ قدمبوسي ڪري شهادت جي سعادت حاصل ڪيائون (٣)

ميدان جنگ جي جاچ

محمد باقر دهشتيءَ جي ڪتاب الدمعة الساکبة ص٣٢٥ ۽ شرف الدين جي ڪتاب المجالس الفاخرة ص٩٤ جي حوالي سان محمد تقي آل بحرالعلوم لکيو آهي ته محرم الحرام جي ڏهين تاريخ رات جو عبادت، قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ ياد الاهيءَ سان گڏ حضرت امام حسين پاڪ پنهنجن تنبن کان ٻاهر ميدان جنگ جي جاچ ڪرڻ، سوچڻ ۽ گهيڙ، گهٽ ڏسڻ جي لاءِ نڪتو ته سندس ساٿي نافع بن هلال جملي کين نڪرندوڏسي سندن پويان لڳو، حضرت حسين پاڪ پڇيس ته: تون ڇو نڪري آيو آهين؟ عرض ڪيائين ته قبلا! مون کي ڊپ ٿيو ته اوهان اڪيلا دشمن جي تنبن ڏانهن پيا وڃو، مان ان جي ڪري نڪري آيس ته اوهان تي حملو

(١) مقتل الحسين ص٢٨٣ (٢) سعادة الڪونين ص١٥٠

(٣) سعادة الڪونين ص١٥٠

نہ کن پوءِ امام پاڪ پنهنجي تنبوءَ ڏانهن نافع بن هلال جمليءَ جي هٿ ۾ هٿ ملائي واپس آيو ۽ واٽ ۾ نافع بن هلال جمليءَ کي فرمايائين تہ: الله جو قسم آهي تہ شهادت، اهڙو وعدو ٿيل آهي جنهن ۾ برخلافي ٿي نہ سگهندي ۽ ان کي آزمائڻ خاطر چيائون تہ! تون هيننر هتان هن ٻن جبلن مان لڪي نڪري ڇو نہ ٿو وڃين؟ رات جو وقت هر ڪو ننڊ ۾ محو آهي جان بچائي وڃ. نافع اهي حسيني الفاظ ٻڌي سندس مبارڪ قدمن تي ڪري، قدمن کي چمندي عرض ڪيو تہ. حضرتا! موت جدا ڪري تہ ٻي ڳالهہ آهي هونءَ تہ اوهان کي ڇڏڻ جو سوچي بہ نہ ٿو سگهان، ان کان پوءِ امام عالي مقام پنهنجي گهر واريءَ ۽ نياڻين ۽ ڀينرن جي رهڻ واري تنبوءَ ۾ گهڙي ويو ۽ نافع بن هلال جملي تنبوءَ جي دروازي وٽ سندس انتظار ڪندو رهيو ۽ ايترو تہ ويجهو هو جو اندريون ڳالهائڻ ٻڌي رهيو هو. اندر پهچڻ تي حضرت حسين کان سندس پياري ڀيڻ زينب رضي الله عنها پڇيو تہ: پيارا ڀاءُ حسين! ڇا مون کي تنهنجي شهادت ڏسڻي پوندي ۽ غمگين حالت کي منهن ڏيڻو پوندو؟ پيارا ڀاءُ! خبر نہ آهي تہ اوهان جي ساٿين جي بہ دل ۾ ڇا آهي؟ حضرت حسين مهربان ڀيڻ کي ٻڌايو تہ: اهو تہ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو، نافع بن هلال جمليءَ چيو تہ حسين پاڪ جو مشيون جواب ٻڌي مون بہ روئي ڏنو، ۽ پنهنجي ساٿين مان حبيب بن مظاهر کي ان وقت سجاڳ ڏسي ان وٽ آيس ۽ ڏٺم تہ سندس تلوار ميان مان نڪتل، جنگ لاءِ تيار رکي هئي مون جڏهن ڪيس حضرت حسين ۽ سندس مهربان ڀيڻ جي پاڻ ۾ ڪيل گفتگو ٻڌائي تہ هڪدم اٿي پيو ۽ چيائين تہ: اسان تہ صرف حسيني حڪم جا منتظر آهيون، الله جو قسم جيڪڏهن سندس فرمان جو انتظار نہ هجي ها تہ مان جنگ شروع ڪري ڏيان ها ۽ جيستائين سريءَ ۾ ساهہ ۽ هٿ ۾ تلوار جو مُٺيو هجي ها، تيستائين لڙندو

رهان ها مون ڪيس ڇيو ته: مان امام پاڪ جي سندس تنبوءَ ۾ موجود پردي دارن عورتن سان اها گفتگو ڪندي ڇڏي آيو آهيان ڇا تون ائين ڪري سگهين ٿو؟ جو پنهنجن ساٿين کي گڏ ڪري حسيني تنبوءَ ۾ موجود عورتن کي تسلي ڏيارين ته اهي نه پاڻ پريشان ٿين ۽ نه حضرت حسينؑ کي پريشان ڪن، حبيب بن مظاهر نافع جي اها ڳالهه ٻڌي نافع کي پاڻ سان ورتو ۽ ساٿين سڀني جي تنبن وٽ اچي اعلان ڪيو ته! اي حق جا مددگارو! اي شينهن مڙسؤ! اهو سڏ ٻڌڻ شرط سمورا ساٿي نڪتا ۽ شينهن وانگر ۽ سندن اڳيان حضرت عباس بن علي (المعروف به عباس علمبردار) هو. حبيب بن مظاهر بني هاشمين کي ادب سان عرض ڪيو ته اي حضرت حسينؑ جا قرابت دارؤ! اوهان موٽي وڃو الله جل جلاله اوهان کي ڏکن جي اوجاڳن کان بچائي، اهي جڏهن واپس ٿيا ته ٻين ساٿين کي فرمايائين ته حضرت حسينؑ سان گڏ آيل پردي دار گهر وارين، پردي دار ڀينرن ۽ پردي دار نياڻين کي پڪ نه آهي ته اوهان حسيني ساٿين جي دلين ۾ ڇا آهي؟ اوهان ٻڌايو ته اوهان جي دلين جو فيصلو ڪهڙو آهي؟ سڀني هڪ آواز ٿي عرض ڪيو ته: اسين ته حسيني حڪم جا منتظر آهيون، حبيب بن مظاهر کين " جزاڪم الله خيرا" چئي فرمايو ته: هاڻي اچو ته اهو فيصلو حسين پاڪ سان گڏ آيل پاڪدامنن جي مبارڪ ڪنن تائين پهچايون. پوءِ سڀني گڏجي انهن تنبن جي قريب اعلان ڪيو ته: اي اسان جون سانئڻيون! ۽ حبيب پاڪ عليه السلام جا آزاد ٻچڙؤ! هي اوهان جي عقيدتمندن، مريدن، نوجوانن جون تلوارون ۽ تير آهن سڀني قسم کنيو آهي ته جيڪو به اوهان جي دل آزاري ڪندو ان جي مٿان وسائي ڏيندا. ائين سمجهو ته هي سڀ اوهان جا خريد ڪيل غلام آهن، اهو اعلان ٻڌڻ کان پوءِ پردي دارن کي ڪجهه تسلي ٿي (١)

(١) مقتل الحسين ص٢٨٤- ٢٨٥ حاشيه ع-٥٦

سيده زينب جو صبر

هن کان اڳي لکي آيا آهيون ته سيده زينب پهريان بي اختياريءَ جي حالت ۾ بي صبري ڏيکاري هئي پر حضرت حسين جي سمجهائڻ ۽ هدايتون ڏيڻ کان پوءِ باقي سمورو وقت پاڻ ته صبر ۾ رهي پر ٻين کي به صبر جي تلقين ڪندي رهي (١) شيعن جي عالم محمد تقي آل بحرالعلوم جا الفاظ پڙهو "ثم ان العقيلة زينب الکبرىٰ امتثلت ذالک النهي الاشفاقي من اخيها الحسين فلم تشق عند قتله جيبا ولم تخمش وجها وکانت تتلقي تلک المصائب العظام بقلب صابر وايمان ثابت (٢) يعني نهايت عقلمند شفقت واري، زينب الکبرىٰ رضي اللهعنها پنهنجي ڀاءُ حسين کان پٽڻ ڪٽڻ کان منع جي نصيحت ٻڌي ان جي فرمان برداري ڪئي، ايتري قدر جو پنهنجي ڀاءُ جي شهادت وقت به نه گريبان ڪوليائين نه منهن تي ذک هنيائين ۽ انهن وڏين مصيبتن کي صبر واريءَ دل ۽ مضبوط ايمان سان برداشت ڪندي رهي.

دورِ حاضر جا ماتمي متوجه ٿين

هن هلندڙ دور ۾ پاڪستاني رهاڪو ماتمي عورتن ۽ مردن جا گڏيل اجتماع ڪري پٽ ڪندا آهن اهي مٿئين عبارت کي غور سان پڙهن ته سندن هدايت لاءِ ڪافي ۽ وافي آهي.

خندق جي کوٽائي

حضرت امام حسين کي جڏهن يقين ٿيو ته صبح جو جنگ شروع ٿيندي تڏهن پنهنجن ساٿين کي سڏي فرمايائين ته: پنهنجن تنبن جي چئني پاسن کان وڏي خندق (کڏ) کٽي ڇڏيو جو کو به دشمن اتاهين حملو ڪري نه سگهي ۽ پنهنجي اچڻ وڃڻ لاءِ هڪ پاسي کان صرف اينرو رستو ڇڏيو جو اڪيلو ماڻهو اچي وڃي سگهي، سندس حڪم تي عمل ڪندي سمورن ساٿين اها خندق رات جي

---

(١) سعادة الکونين ص١٥٠ (٢) مقتل الحسين ص٢٨٧

(٢) مقتل الحسين ص٢٨٤- ٢٨٥ حاشيه ع٥٦

پيٽ ۾ تيار ڪري چڙهي (١)

عاشوره جو ڏينهن ۽ جنگ جي تياري

ڏهين محرم جي رات ختم ٿيندي ئي عمرو بن سعد پنهنجيءَ جماعت کي نماز پڙهائي لشڪر کي جنگ لاءِ تيار ٿيڻ جو حڪم ڪيو ته اهو ڏسي حضرت حسين ۾ پنهنجن محبن کي نماز باجماعت پڙهائي جنگ لاءِ تيار ٿيڻ جو حڪم ڏنو، حضرت حسين جا ساٿي (هڪ قول مطابق) ٻاهتر ڄڻا هئا جن مان ٻٽيهه سوار ۽ چاليهه پيادا هئا، پاڻ لشڪر کي ترتيب ڏيندي پنهنجي هڪ محب خاص بااخلاص زهير بن قين کي لشڪر جي سڄي پاسي کان ۽ ٻئي ساٿي حبيب بن مَظهر کي کٻي پاسي کان بيهاري پنهنجو جهنڊو پنهنجي ڀاءُ حضرت عباس بن علي رضي الله عنهما کي ڏنائين (ان جي ڪري ان کي عباس علمبردار سڏيندا آهن) ۽ اهڙي نموني ٿي بيٺا جو سندن تنبو سندن پويان ٿيا ۽ رات جو ڪوٽايل خندق (کڏ) ۾ ڪانا ۽ ڪاٺيون وجهي انهن کي باهه ڏئي ڇڏيائون ته ڪو به دشمن اتاهين حملو ڪري نه سگهي. هوڏانهن سندن دشمن عمرو بن سعد به پنهنجي لشڪر کي چار حصا بنايو،هڪ حصي وارن جي مٿان عبدالله بن زهير ازديءَ کي آفيسر مقرر ڪيائين، ٻئي حصي ۾ ربيعه ۽ ڪنده قبيلي جا فوجي هيا انهن تي اشعث بن قيس کي آفيسر مقرر ڪيائين. ٽئين حصي ۾ مذحج ۽ اسد قبيلي جا فوجي هيا، انهن تي عبدالرحمن بن ابي صبره جعفيءَ کي آفيسر ڪري رکيائين، چوٿين حصي ۾ تميم ۽ همدان قبيلي جا فوجي هيا انهن جي مٿان حربن يزيد رياحيءَ کي آفيسر مقرر ڪيائين، ان کان پوءِ وري سڄي پاسي وارن جي مٿان عمرو بن حجاج زبيدي ۽ کٻي پاسي وارن جي مٿان شمر بن ذي الجوشن، ۽ گهوڙي سوارن جي مٿان عروه بن قيس احمسي ۽ پيادن جي مٿان

(١) سعادة الكونين ص. ١٥٠

شبيث بن ربعي، يربوعي کي مقرر ڪيائين ۽ يزيدي لشڪر جو جهنڊو پنهنجي غلام دريد کي ڏنائين (١)

بارگاهه ايزديءَ ۾ دعا ۽ مخالفن کي نالا وٺي هدايت ڪرڻ

جڏهن ٻئي لشڪر جنگ لاءِ تيار ٿي ويا ته حضرت حسين جي هڪ ساٿيءَ چيو ته: منهنجي قوم وارن کي خبر آهي ته مان جوانيءَ کان وٺي باطل سان محبت نه رکندو آهيان ۽ هينئر اسان کي هن ملڻ واري انعام تي خوشي آهي، الله جو قسم، ته اسان کي حورن تائين پهچڻ ۾ صرف هنن مخالفن جي تلوارن سان حملي ڪرڻ جي دير آهي،ان نوجوان جي ان بيان کان پوءِ حضرت امام حسين قرآن پاڪ هٿ ۾ کڻي پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي قرآن ڪريم هنج ۾ رکي هٿ مٿي کڻي هيءَ دعا گهري: يا الله! تون ئي منهنجي ڏکن ۾ منهنجو اعتماد ۽ هر سختيءَ ۾ اميد ۽آسرو آهين، ڪيترا ڏک آهن جو انهن ۾ دل ڪمزور ٿيندي، حيلا گهٽجي ويندا، دوست ڇڏي ڏيندا ۽ دشمن کلندا آهن توڏانهن رغبت رکي اٿم تون ئي غم لاهيندڙ، ڏک ٽاريندڙ ۽ هر نعمت جو مالڪ آهين (٢) ان کان پوءِ حضرت حسين دشمن جي اهم فردن کي نالا وٺي سڏيو، اي شبيث بن ربعي! اي حجار بن ابجر! اي قيس بن اشعث! اي زيد بن حارث! ڇا اوهان مون کي ڪوفي اچڻ لاءِ خط نه لکيا هئا، انهن سيني انڪار ڪيو ته اسان نه لکيا هئا، پاڻ فرمايائون ته اوهان بلڪل لکيا هئا پر جيڪڏهن نه ٿا مڃيو ۽ مون کي پسند نٿا ڪيو ته ڇڏيو ته مان ڪنهن امن واريءَ جاءِ تي ته وڃي رهان (٣) اهو خطاب ٻڌي قيس بن اشعث حضرت حسين کي چيو

(١) الڪامل في التاريخ ص.٦٠ جلد٤ البداية والنهاية ص ١٧٨جزء ٨
(٢) حوالو ساڳيو (٣) اوراق غم ص٣٩٨

ته: ابن زياد جو حڪم چو نه ٿو مڃين؟ ان کي مڃڻ سان دل پسند ڪم ٿيندؤ.

حضرت حسين فرمايس ته : تون ابن زياد جو پاڻ آهين تنهنجو خيال آهي ته بني هاشم پيا به ڪسن ته مسلم بن عقيل ڪان سواءِ ٻين جي رت جي به اوهان ڪان قيامت ۾ طلب ٿئي. الله جو قسم آهي ته مان ذليل ٿي ابن زياد جي هٿ ۾ هٿ نه ڏيندس، ۽ نه ان جي غلام هجڻ جو اقرار ڪندس، اي الله جا ٻانها! "مون پنهنجي ۽ اوهان جي رب ڪان پناهه گهري آهي جو اوهان مون کي سنگسار ڪيو، مان پنهنجي ۽ اوهان جي رب سان هر هٺيلي ڪان پناهه ٿو گهران جيڪو قيامت تي ايمان نٿو آڻي. ائين چوڻ ڪان پوءِ حضرت حسين پنهنجيءَ سواريءَ تان لٿو (٢) ۽ حضرت زهير بن قين هٿيار ڳنڍ ڪٽي گهوڙي تي سوار ٿي ڪوفي وارن ظالمن سان مخاطب ٿيو ته: اي ڪوفيو! اوهان تي الله جو عذاب پلٽجي اچڻ وارو آهي مسلمان تي مسلمان جو حق آهي ته ان جي خيرخواهي ڪري اسان اوهان هن وقت تائين پاڻ ۾ ڀائرن وانگر ۽ هڪ دين تي هيا سين جيستائين اسان ۽ اوهان ۾ تلوار نه هلي آهي، پر جڏهن تلوار هلي ته پوءِ ناتا ٽٽي ويندا ۽ اسين هڪ امت ته اوهان ٻي امت ٿي وينداؤ. الله جل جلاله اسان ۽ اوهان کي پنهنجي نبي حضرت محمد عليه افضل الصلوات واڪمل التحيات جي اولاد پاڪ جي معاملي ۾ امتحان ۽ آزمائش ۾ آندو آهي تانت دنيا کي ظاهر ڪري ڏيکاري ته اسين ۽ اوهان ڇا ڪري رهيا آهيون اسين اوهان کي نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جي اولاد جي مدد ۽ يزيدين ظالمن خاص ڪري شيطان ابن شيطان عبيدالله بن زياد (ملعون) جي شڪست ڏيڻ ۽ خوار ڪرڻ ڏانهن سڏيون ٿا اهي ظالم لوهي شيخن سان اوهان جون اکيون ڪڍڻ، هٿن ۽ پيرن وڍڻ، نڪ

(١) الڪامل ص٦٢-٦٣ جلد٤ (٢) اوراق غم ص٣٩٨

۽ چپ ڪپڻ ۽ اوهان جي لاشن کي ڪجين جي ٿڙن تي ٽنگڻ وارا آهن جن اوهان مان پلن پلن ماڻهن ۽ قرآن ڪريم جي بهترين قارئين حجر بن عدي ۽ سندس ساٿين، هاني بن عروه ۽ ان جهڙن ٻين ڪيترن کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي. ميدان ڪربلا ۾ موجود يزيدي لشڪرين تي حضرت زهير بن قين جي تقرير ڪو اثر نه ڪيو ابتو ڪيس گاريون ڏئي چوڻ لڳا ته: اسين هن جاءِ کان تيستائين پري نه ٿينداسون، جيستائين تنهنجي ساٿيءَ (حضرت امام عالي مقام) ۽ ان سان گڏ اچڻ وارن کي يا قتل ڪنداسون يا قيدي بنائي پنهنجي امير عبيدالله بن زياد جي حوالي ڪنداسون، زهير بن قين چيو ته سيده فاطمه رضي الله عنها جو اولاد ابن سمية، عبيدالله بن زياد جي ساٿ ڏيڻ کان محبت ۽ مدد ڪرڻ جو وڌيڪ حقدار آهي پلا جيڪڏهن سندن مدد نه ٿا ڪيو ته مان اوهان کي ان ڳالهه کان الله تعالىٰ جي پناهه ۾ ٿو رکان جو انهن تي تلوارون ۽ تير هلائي کين شهيد ڪري ڇڏيو. حضرت امام حسين ۽ يزيد کي پاڻ ۾ نبرڻ ۽ ڳالهيون ڪرڻ ڏيو، اوهان حضرت حسين کي قتل ڪرڻ کان سواءِ جيڪا يزيد جي فرمانبرداري ڪندؤ ان تي به اهو راضي ٿيندو اوهان تي ڪاوڙ نه ڪندو، حضرت زهير بن قين جو اهو بيان شمر ملعون کي بالڪل نه وڻيو ۽ ان ڪيس تير جو نشان بنائي چيو ته: هاڻي چپ ڪر اسان کي ڏگهو خطاب ڪري تنگ ڪري وڌو اٿئي، زهير چيس ته! اي شمر! اي رانن تي پيشاب ڪندڙ جا پٽ! تو سان ڪو نه ٿو ڳالهايان تون ته چوپايو جانور آهين توکي ته الله جي ڪتاب قرآن پاڪ جون ٻه آيتون به ياد نه آهن تون خوش ٿي تنهنجي لاءِ قيامت جي ڏينهن خواري ۽ دردناڪ عذاب تيار آهي، شمر جواب ۾

چيس ته: الله توکي ۽ تنهنجي اڳواڻ کي هاڻي جو هاڻي ٿو ختم ڪري، زهير چيس ته: ڇا تون مون کي موت جو ڊپ ٿو ڏين؟ حضرت حسين سان گڏ مرڻ مون کي اوهان سان گڏ دائمي نعمتن ۾ رهڻ کان به وڌيڪ پيارو آهي، ان کان پوءِ بلند آواز ڪري ٻين يزيدي لشڪرن کي چيائين ته: اي الله جا ٻانهو! هوشيار ٿيو، هي ظالم اوهان کي دين کان ٿيڙي نه ڇڏي الله جو قسم آهي ته ان قوم کي حضرت محمد عليه الصلواة والسلام جي شفاعت نصيب نه ٿيندي جن سندس اولاد ۽ اهل بيت جو ناحق رت وهايو ۽ اهل بيت جي مددگارن کي قتل ڪيو. ڳالهه کي وڌندو ڏسي حضرت حسين زهير کي سڏ ڪيو ته واپس اچ اهو واپس ٿيو ۽ شمر پنهنجن لشڪرن کي امام عالي مقام ڏانهن وڃڻ جو حڪم ڪيو (۱)

حسين ابن علي کي زندگي قرآن کي صورت هے

رسول الله کي دنيا مين اک روشن نشاني هے

عبرت جو مقام

جڏهن ڪنهن قوم جي مقدر ۾ بدبختي لکجي ويندي آهي ته سندن اکين تي پردا ۽ دلين تي مهرون لڳي وڃن ٿيون، پوءِ نه حق ڏسن ٿا نه حق سمجهڻ جي صلاحيت رکن ٿا. جيئن رباني فرمان آهي " وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِآيَاتِ رَبِّهِ فَأَعْرَضَ عَنْهَا وَنَسِيَ مَا قَدَّمَتْ يَدَاهُ إِنَّا جَعَلْنَا عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ أَكِنَّةً أَنْ يَفْقَهُوهُ وَفِي آذَانِهِمْ وَقْرًا وَإِنْ تَدْعُهُمْ إِلَى الْهُدَىٰ فَلَنْ يَهْتَدُوا إِذًا أَبَدًا (۲) ۽ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي؟ جنهن کي سندس پالڻهار جي آيتن سان نصيحت ڪئي وئي، پوءِ ان کان منهن موڙيائين ۽ جيڪي سندس هٿن اڳي ڪري موڪليو آهي

(۱) الڪامل ص۶۴ اوراق غم ص۳۹۹ (۲) سورت الڪهف آيت ۵۶

اهو وساري ڇڏيائين اسان سندن دلين تي ان جي سمجهڻ کان پردا ڪري ڇڏيا آهن (نه سمجهندا) ۽ سندن ڪنن ۾ گهرائي وجهي ڇڏي اٿئون (نه ٻڌندا) ۽ جيڪڏهن ڪين هدايت ڏانهن سڏيندين ته اهي هدايت وارا نه ٿيندا. يزيد جي ساٿين ڪوفي وارن جو حال به بعينه اهو هوجنهن جي ڪري ڪا به نصيحت مٿن اثرانداز نه ٿي ٿئي ۽ سندن ڪم ته اهڙا هيا جو فورًا تباهه ۽ برباد ڪيا وڃن پر اللهٰ تعالىٰ پنهنجي حلم، ڪرم ۽ ان ۾ رکيل حڪمت جي ڪري دير پئي ڏني.

حضرت حر جا ياڳ

حر هلي آئيو، مانجهي مردانو

آهيان عاشق آڳ جو پتنگ پروانو

من راضي ٿئي رسول رب جو نبي تو نانو (عليه الصلواة والسلام)

هي سر سامانو، گهوٽ مٿانئون گهورِيان

حر کو جنت بهي ملي اوج شهادت بهي ملا

اک نظر مين شاه نے قطره کو دريا کرديا

علامه ابن الکثير علامه ابن الاثير ۽ مؤرخ طبري آندو آهي ته: جڏهن يزيدي لشڪر کي حضرت حسين ڏانهن وڌڻ جو حڪم مليو ته حربن يزيد ابن سعد کي چيو ته: ڇا تون هن جوان حضرت حسين سان جنگ ٿو ڪرين؟ عمرو بن سعد چيو ته هائو پر جنگ به اهڙي جومنڌين ۽ هٿن جا ڍير لڳي ويندا نه ڪو سر سلامت رهندو۽ نه ڪو هٿ جنگ ۾ تلوار يا تير کڻي سامهون ايندو حر چيس ته: ڇا جيڪي حسين پاڪ اوهان کي چيو اهو قبول نه ٿا ڪيو؟ جو ڪيس ڇڏي ڏيو ته ڪنهن امن واريءَ جاءِ ڏانهن وڃي؟ عمر بن سعد چيس ته منهنجي هٿ ۾ هجي ته مان ڪيان اهو سڀ معاملو اوهان جي امير جي وس آهي اهو قبول نه ٿو ڪري حر اهو جواب ٻڌي دل ۾ حضرت حسين جي ساٿ ڏيڻ ۽ سندس لشڪر ۾ شموليت جو فيصلو ڪيو ۽ آهستي آهستي حضرت حسين ڏانهن وڌڻ لڳو، ان وقت سندس بدن تي ڏڪڻي طاري هئي ۽ اها حالت ڏسي سندس قوم مان هڪ شخص مهاجر بن اوس پڇيس ته: حر! تنهنجو ڪم ته شڪ ۾ وجهندڙ آهي، الله جو قسم آهي ته جيئن اڄ توکي ڏسان پيو ائين ڪڏهن به نه ڏٺو اٿم ۽ جيڪڏهن مون کان ڪو پڇي ها نه ڪوفي وارن مان وڌيڪ بهادر ڪير آهي؟ ته مان توکان

سواءِ ٻئي لاءِ نہ چوان ها حضرت حر ان کي چيو تہ: منهنجي اڳيان جنت ۽ جهنم ٻئي آيا آهن مان جهنم جي بجاءِ جنت اختيار ڪيان ٿو پلي ڪٽي مون کي ڪٽي ذرا ذرا ڪري ساڙيو وڃي ان ڪان پوءِ گهوڙو ڀڄائي اچي حسيني ساٿ ۾ شريڪ ٿيو ۽ حضرت حسين کي عرض ڪرڻ لڳو تہ: اي الله جي رسول جا پٽ! الله تعاليٰ مون کي اوهان تان قربان ڪري، مان اهو حر آهيان جنهن اوهان کي ٻئي طرف وڃڻ کان روڪيو هو

الله جو قسم آهي تہ مون کي اها خبر نہ هئي تہ معاملو ايتري حد تائين پهچندو، پر هاڻي مان ان ڪيل ڪردار کان توبہ تائب آهيان، الله تعاليٰ کان مغفرت ۽ اوهان کان معافي ٿو گهران ۽ دل ۾ خواهش رکي آيو آهيان تہ اوهان جي قدمن ۾ قربان ٿيان، ڇا منهن جي توبہ قبول پوندي؟ حضرت حسين فرمايس تہ:هائو الله تنهنجي توبہ قبول ڪري توکي مغفرت نصيب ڪندو. ان کان پوءِ حضرت حر پنهنجي يزيدين ساٿين کي خطاب ڪندي فرمايو تہ: اي منهنجي قوم وارا! حسين کان سندس پيشڪش قبول نہ ٿا ڪيو انهن تي ايڏو ظلم ٿا ڪيو جو فرات جو پاڻي بہ ڪين پيئڻ نہ ٿا ڏيو، حالانڪ ان مان يهودي، نصاريٰ مجوسي، پاڻي پيئن پيا ۽ ڪارا مرون ۽ ڪتا ٽيبون هڻن پيا. الله جي حبيب عليہ الصلواة والسلام جي اولاد کي اڄ مارڻ وارا اوهان کي قيامت ۾ سندن ڪوثر مان پاڻيءَ جو ڍڪ بہ نصيب نہ ٿيندو، انهن ڪيس مڃڻ جي بجاءِ مٽس تير هلايا ۽ پاڻ نڪري اچي حضرت امام عالي مقام وٽ بيٺو (١) ۽ هڪ روايت موجب جڏهن حر حضرت امام پاڪ وٽ آيو تہ پاڻ پڇيائونس تہ: تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو تہ: حر- پاڻ فرمايائونس تہ: جيئن تنهنجي امان تنهنجو نالو حر يعني آزاد رکيو آهي تئين تون دنيا ۽ آخرت ۾ آزاد آهين (٢) گهوڙي تان لهي اچ عرض ڪيائين تہ: حضرتا! هاڻي گهوڙي تان تڏهن لهندس جڏهن انهن ظالمن سان لڙندي پنهنجو ساهہ اوهان تان صدقو ڪري قربان ٿيندس حضرت امام پاڪ فرمايس تہ ڀلا جيئن مناسب سمجهين تيئن ڪر الله توتي رحمتون ڪندو.

جنگ شروع

ان کان پوءِ عمرو بن سعد پنهنجو جهنڊو اڳتي وڌائي حضرت حسين ڏانهن تير هڻي اعلان ڪيو تہ: اي جنگ جي ميدان ۾ بيهڻ وارا! سڀ شاهد ٿيو تہ

(١) البداية والنهاية ص١٨١ جزء ٨ (٢) تاريخ طبري ص٢٤٤ جلد٣ جزء ٦

ڀيريون ڀيريون تير مون هلايو آهي ان کان بعد جنگ جو طبل وڄايائون ۽سپني يزيدي لشڪرين تير هلائڻ شروع ڪيا جنگ باقاعده شروع ٿي وئي ۽ ٻنهي طرفن کان سپاهي نڪرندا، ميدان ۾ لڙندا پنهنجي پنهنجي شجاعت ۽ دليريءَ جو مظاهرو ڪندا رهيا.

يزيدي سپاهي

عمرو بن سعد جي متين ڪارروائي کان پوءِ يزيدي لشڪر مان زياد جو غلام يسار ۽ عبيدالله جو غلام سالم ميدان ۾ لهي مقابلي لاءِ للڪارڻ لڳا ته انهن سان جنگ ڪرڻ لاءِ حضرت حسين جي ساٿين مان عبدالله بن عمير ڪلبي (حضرت حسين کان اجازت وٺي) انهن ٻنهي جي سامهون آيو (هي مجاهد ڪوفي کان پنهنجي گهر واريءَ سان گڏ حضرت حسين سان شريڪ ٿيڻ لاءِ پهتو هو) انهن پڇيس ته ڪير آهين؟ پنهنجونسب بيان ڪري ٻڌايائين ته چوڻ لڳا: اسين ته توکي ڪو نه ٿا سڃاڻون. اسان جي مقابلي ۾ تون ڇا آهين؟ حسين جا ساٿي زهير بن قين يا حبيب بن مظهر يا برير بن خضير اچن ته انهن سان مقابلو ڪيون. سالم پويان هو ۽ يسار اڳيان اهو سڀ ان ئي ڳالهايو، عبدالله بن عمير چيس ته: اي زانياڻيءَ جا پٽ! تون مقابلي کان لهرائين ٿو. توڏانهن حسيني ساٿين مان جيڪو به نڪرندو اهو توکان بلڪل ڀلو هوندو، تنهنڪان پوءِ عبدالله يسار يزيديءَ تي حملو ڪيو ۽ تلوار جي هڪ ئي وار سان ڪيرائي ڍير ڪري ڇڏيائينءِ يسار سان گڏ بيٺل سالم يزيديءَ عبيدالله تي حملو ڪيو، ان ڪبي هٿ سان دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته دشمن جي ڌڪ سان سندس کبي هٿ جون آڱريون ڪٽجي ويون ۾ سڄي هٿ سان ان تي به وار ڪري قتل ڪري ڇڏيائينس

عبدالله جي جرئتمند زال

عبدالله بن عمير ڪلبيءَ جي زال جنهن کي ام وهب سڏيندا هئا ان هڪ ڏنڊو

هٿ ۾ کنيو ۽ مڙس کي چوڻ لڳي ته: منهنجو ابو امان توتان قربان حضرت محمد عليه الصلواة والسلام جي آل جي لاءِ همت سان جهاد ڪر، مڙس چيس ته: تون موٽي وڃي عورتن سان گڏ ويهه پر ان موٽڻ کان انڪار ڪندي چيو ته: مان توسان گڏ مرڻ کان سواءِ ڪڏهن به نه موٽنديس، نيٺ ان عورت کي حضرت حسينؑ سڏي فرمايو ته: اوهان کي اهلبيت جي خدمت ۽ انهن لاءِ قرباني جو پلو بدلو ملندو. الله توتي رحمت ڪري موٽي آ عورتن تي جهاد نه آهي پوءِ موٽي آئي (١)

عبدالله بن عمير جو تعارف

هي جوان بني عليم قبيلي مان هو همدان قبيلي ۾ جعد نالي کوهه تي هڪ جاءِ ۾ زال سميت ترسيل هو. سندس زال نمير بن قاسط جي خاندان مان هئي، عبدالله نخيله مقام ۾ هڪ لشڪر کي ساز ۽ سامان سميت ڏسي پڇيا ڪئي ته: هي لشڪر ڪيڏانهن ٿو وڃي؟ ڪنهن جواب ۾ چيس ته: فاطمه زهراء رضي الله عنها جي پٽ حسينؑ سان جنگ ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهي. عبدالله چيو ته الله جو قسم مان دل ۾ اها اميد رکندو هوس ته ڪڏهن مشرڪن سان جهاد ڪرڻ جو موقعو ملي، هي جيڪي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي نياڻيءَ جي پٽ سان وڙهڻ وڃن ٿا انهن سان لڙڻ ۾ مشرڪن سان لڙائيءَ کان گهٽ درجو نه ملندو. پوءِ پنهنجي زال ام وهب وٽ آيو ۽ ان سان دل جو سمورو احوال ڪيائين، ان چيس ته: تنهنجو ارادو تمام سٺو آهي الله تنهنجي ڪمن ۽ حالتن کي صحيح رکندو هل پر مون کي به پاڻ سان وٺيو هل، پوءِ پنهنجي زال سان گڏ رات جو ڪوفي مان نڪري ڪربلا ۾ عاشوره جي ڏينهن کان ٿي ڏينهن اڳ پهتو ۽ حضرت حسينؑ سان گڏ اچي رهيو (٢)

ڪرامت

الله تعالىٰ جي شان بي نيازيءَ تي عقل حيران آهي جو پنهنجن ٻانهن کي ڏک به ڏيندو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن انهن جي هٿان سندن مقبوليت ۽ محبوبيت ظاهر

(٢) تاريخ طبري ص٢٤٥ جلد ٣ جزءِ٦ مقتل الحسين ص٣٩٠ حاشيه ٧٣

ڪرڻ جي لاءِ ڪرامتون بہ ظاهر ڪرائيندو آهي.علامہ ابن الڪثير لکيو آهي تہ ڪوفين مان هڪ گستاخ عبدالله بن جوزه نالي شخص تلوار هٿ ۾ ڪٺي حضرت امام حسين جي مٿان اچي بيٺو ۽ چوڻ لڳو تہ: يا حسين ابشر بالنار! اي حسين دوزخ جي باھ جي بشارت اٿئي سائينءَ فرمايس تہ: ڪڏهن بہ نہ! ويل پوئي مان نہ مهربان رب ۽ مقبول شفاعت ڪندڙ (حضور عليہ الصلواة والسلام) جن ڏانهن وڃي رهيو آهيان تون وڏيڪ جهنم جي باھ جو لائق ۽ حقدار آهين، ان کان پوءِ حضرت امام عالي مقام پنهنجن سائين کان پڇيو تہ هي ڪير آهي؟ عرض ڪيائون تہ ابن جوزه- پوءِ حضرت حسين هٿ مبارڪ مٿي ڪٺي دعا گهري تہ: يا الله! هن کي چکي جهنم جي باھ ۾ پهچاءِ. انهيءَ مهل ئي ان جو گهوڙو چرڪ ڀري ڀڄڻ لڳو ۽ ان باھ ڏانهن روانو ٿيو جيڪا امام پاڪ جي تنبن جي پاسن کان خندق ۾ ٻري رهي هئي، ابن جوزه گهريو تہ اهو گهوڙو ان باھ کان ٽپ ڏئي هن پاسي پهچي ويندو مگر گهوڙي جي ٽپ ڏيڻ وقت هي گهوڙي تان هيٺ اچي ويو ۽ آيو بہ اهڙي نموني جو سندس پير رڪاب ۾ ڦاٿو پيو هو، هڪ پاسي پير ڦاٿل ٻئي پاسي پاڻ لٽڪيل گهوڙو پريشانيءَ جي جهان ۾ ڀڄندو ٿي رهيو، ٿيو اهو جو سندس مٿو، ران، ٻکي گهوڙي جي هيٺان اچي ڏکن سان چور ٿي ويا ۽ ڏک جهليندي مري تہ ويو (١) ۾ نيٺ گهوڙي ان باھ ۾ اڇلايس جيڪا ٻاهران ٻري رهي هئي ۽ مسروق بن وائل حضرمي بہ انهن يزيدي لشڪرين مان هو جيڪو ان جنگي ٽولي جي اڳيان اڳيان ان ارادي سان ٿي آيو تہ ڪنهن طرح سان مان حسين جي سر (مبارڪ)(کي ڪٽڻ ۾ ڪامياب ٿيان تانت ابن زياد جي مقربن مان بنجان ۾ اهو مٿيون واقعو ڏسي جنگ جي ميدان مان ئي نڪري ويو، عبدالجبار نالي سندس ياءُ پڇيس تہ: پهريان چا سوچ هيئي ۽ هاڻي ٻري ٿي وينو

(١) البداية والنهاية ص١٨١جزء٨

آهين؟ ان کي جواب ۾ چيائين ته: لقد رءيت من اهل هذالبيت شيئا لا اقاتلهم ابدا (١) مون هن اهل بيت کان اهڙي شيء ڏٺي آ جو انهن سان ڪڏهن به جنگ نه ڪندس، ان کانپوء ڪوفين جي لشڪر مان يزيد بن معقل نالي هڪ سپاهي نڪتو ۽ ان سان مقابلي ڪرڻ لاء حضرت امام حسين جي لشڪر مان برير بن حضير نڪتو بنهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي غلطيء تي هجڻ جي دعوىٰ ڪئي ۽ مباهلو ڪيو ته يا الله! جيڪو ڪوڙو آهي اهو سچي جي هٿان قتل ٿئي پوء يزيد بن معقل ۽ ان جي مدد لاء آيل رضي بن منقذ العبدي حضرت برير بن حضير جي هٿان قتل ٿيا ته ٿيون يزيدي سپاهي ڪعب بن جابر آيو جنهن اچي حضرت برير کي شهيد ڪيو "انا لله وانا اليه راجعون" اهو ڪعب جڏهن واپس گهر پهتو ته نوار نالي سندس پيڻ ملامت ڪندي چيس ته! تو قرآن پاڪ جي بهترين قاريء ۽ فاطمه زهراء جي پياري پٽ حسين جي ساٿيء کي شهيد ڪيو آهي ان جي ڪري الله جو قسم تي ڪٿان ته توسان ساري عمر نه ڳالهائيندس. پوء حضرت حسين جي ساٿين مان عمر بن قرظه ميدان ۾ اچي شهيد ٿيو. اتفاقي ڳالهه جو ان جو ڀاء علي بن قرظه وري يزيدي فوج جو سپاهي هو ان جڏهن پنهنجي ڀاء کي مٽيء ۽ رت ۾ ڦٽڪندو ڏٺو ۽ حضرت امام پاڪ کي گهٽ وڌ ڳالهائي تلوار ڪڍي حملي آور ٿيو ته حضرت نافع بن هلال وڏي اهڙو وار ڪيس جو لهڪو ڪري وڃي ڪريو، پر سندس ساٿي پٺي آيا جن اچي بچايس ۽ ڪلها ڏئي پنهنجن تنبن ڏانهن ڪڍي ويس (٢) ان جنگ هلندي نافع بن هلال حسيني سپاهيء جي مقابلي ۾ مزاحم بن حريث آيو ته اهو به پڇيء تي قتل ٿي ويو. ان وقت تائين اڪيلا اڪيلا يزيدي اڪيلي اڪيلي حسيني سپاهيء جي مقابلي ۾ آيا ۽ ڪسندا تي

(١) تاريخ طبري ص٢٤٦ جزء ٦ الڪامل ص٦٦ جلد ٤
(٢) تاريخ طبري ص٢٤٨ جزء ٦

ويا. پر پوءِ عمرو بن حجاج يزيديءَ فوجيءَ دانهن ڪئي تہ: اي يزيديؤ! سوچيو تا ڪنهن سان پيا وڙهو؟ اهڙيءَ قوم سان جيڪي موت سان محبت رکن ٿا. اڪيلا اڪيلا ٿي نہ نڪرو. هو اوهان جي مقابلي ۾ تمام ٿورا آهن رڳي پٿر هڻندؤ تہ بہ ختم ٿي ويندا پاڻ ۾ امير جي اطاعت لازم سمجهي ہڏي ڪري گڏجي نڪرو ۽ جيڪو سامهون اچي ان کي دين کان خارج سمجهي قتل ڪندا وڃو تہ ڪامياب ٿيندؤ. عمرو بن سعد بہ ان صلاح کي پسند ڪيو. عمرو بن حجاج واري تقرير ہڏي حسين پاڪ چيس تہ: اي عمرو بن حجاج! ڇا مون تي ماڻهن کي بڇ پيو ڪرين؟ اسين دين کان نڪري ويا آهيون، يا اوهان الله جو قسم آهي تہ جڏهن مرندؤ ۽ اوهان جا ارواح پرواز ڪرايا ويندا پوءِ خبر پونديو تہ ڪير دين کان نڪري ويو آهي. (۱) ان هڪ جهڙپ ۾ ڪيترا يزيدي مارجي ويا ۽ ڪجهہ حسيني شهيد ٿيا هاڻي هتي ڪجهہ حسيني ساٿين جو نالي وار ذڪر ڪجي ٿو.

حسيني ساٿي

۱- حضرت مسلم بن عوسجة اسدي رضي الله عنه

جڏهن عمرو بن حجاج يزيديءَ فرات واري پاسي کان حضرت امام عالي مقام جي لشڪر تي ٻيو ڀيرو حملو ڪرايو تہ انهن جي مقابلي ۾ حضرت مسلم بن عوسجة اسدي آيو، ان تي مسلم بن عبدالله ضبابيءَ ۽ عبدالرحمن بن ابي خشڪارة بجليءَ گڏجي حملو ڪيو اينتري سخت ويڙهہ هلي جو سڄو ميدان غبار سان ڀرجي ويو ۽ ڪا خبر ڪانہ ٿي پئي جڏهن غبار لٿو تہ ڏٺائون تہ مسلم ڏڪي تي ڪريو پيو هو حضرت حسين حبيب بن مظهر سان گڏ مٿان اچي بيٺس ۽ چيائينس تہ: اي مسلم! الله توتي رحمت ڪندو ان کان پوءِ قرآن جي هيءَ آيت پڙهيائين "فَمِنْهُمْ مَنْ قَضَىٰ نَحْبَهُ وَمِنْهُمْ مَنْ يَنْتَظِرُ وَمَا بَدَّلُوا تَبْدِيلًا" (۲) پوءِ انهن

(۱) مقتل الحسين ص۳۹۲ (۲) سورة الاحزاب آيت ۲۳

مان کي اهي آهن جن پنهنجو ذمو پورو ڪيو ۽ انهن مان ڪو اهو آهي جيڪو انتظار ڪندو آهي ۽ (پنهنجي قول کي) ڪنهن به طرح نه مٽايائون! ۽ اجان ڪجهه حياتيءَ جا پساهه هيس ته حبيب بن مُظهر مٿان ويجهو وڃي چيس ته: مسلم اجنت جي بشارت اٿئي پر تنهنجي رحلت مون لاءِ ڏاڍي ڳري ثابت ٿي آهي مسلم ڪيس نهايت آهستي آواز ۾ جواب ڏنو ته الله تعالىٰ توکي به ڀلائيءَ جي بشارت نصيب ڪندو، حبيب چيس ته! مون کي اها خبر آهي ته مان به تنهنجي پويان پهچڻ وارو آهيان ان جي ڪري توکان وصيت ڪو نه ٿو ڪرايان نه ته جيئن وصيت ڪرين ها تيئن پوري ڪيان ها، ان نازڪ حالت ۾ به مسلم چيس ته: مان توکي ان حضرت حسين لاءِ وصيت ڪيان ٿو انجي قدمن ۾ قربان ٿجان حبيب چيس ته: ڪعبه جي رب جو قسم آهي ته ائين ئي ڪندس ۽ تنهنجون اکيون ٺرنديون.

بس ان گفتگوءَ کان ٿوري دير پوءِ حضرت مسلم بن عوسجه اسديءَ جي روح پرواز ڪيو ۽ سندس ٻانهيءَ دانهن ڪئي ته آهه مسلم! آهه ابن عوسجة آهه سردار! اها دانهن ٻڌي عمرو بن حجاج جي ساٿين هڪ ٻئي کي سڏي ٻڌايو ته مسلم انتقال ڪري ويو اسان جي ڏکن مان ڇڙهي ٻر سگهيو. انهن جي اها گفتگو ٻڌي سندن لشڪر ۾ موجود شبث بن ربعيءَ نالي هڪ شخص چيو ته: اوهان لاءِ اوهان جون مائرون روئن پنهنجي مسلم بن عوسجةؓ جهڙي مڙس جي قتل تي خوش ٿي رهيا آهيو ان جي مسلمانن ۾ نهايت اهميت هئي مون ان کي آزربائيجان واريءَ لڙائيءَ ۾ اسلام لاءِ اهڙو زور شور سان لڙندي ڏٺو هو جو اجان ٻين مسلمانن جنگ لاءِ گهوڙا ئي نه لاٿا هئا ته هن ڇهن مشرڪن کي قتل ڪري ڇڏيو هو (١)

حضرت مسلم بن عوسجه اسديءَ رضي الله عنه جو تعارف

اڪثر تاريخن حضرت مسلم بن عوسجه کي حضرت حسين جي ساٿين مان

(١) تاريخ طبري ص٢٤٩ جزءُ ٦

ڀريون شهيد قرار ڏنو آهي، جيڪو ڀرپور جنگي جهڙپ کان پوءِ قربان ٿيو ۽ ڪن حضرت حربن يزيد رياحيءَ لاءِ چيو آهي. حضرت مسلم نهايت شريف، پنهنجي قوم ۾ اهم شخصيت هجڻ سان گڏ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جو جليل القدر صحابي ۽ ڪانئن حديثون روايتون ڪندڙ هو، پاڻ انهن شخصن مان هو جن حضرت حسينؑ کي لکيو هو ته: اوهان اچو ته اسين اوهان جو ساٿ ڏيندا سون ۽ اهو وعدو وفا ڪري ڏيکاريائين، ڪوفي جي نامور شخصيتن مان هو ۽ شهيد ٿيڻ وقت پيرسن ٿي چڪو هو (١)

٢- حضرت عبدالله بن عمير ڪلبي ٣- ان جي اهليه ام وهب رضي الله عنهما

جڏهن شمر ملعون پنهنجي ساٿين سان گڏجي حضرت امام عالي مقام جي کٻي پاسي کان حملو ڪرايو ته سندن مقابلو حضرت عبدالله بن عمير ڪلبيءَ ڪيو جنهن جو ذڪر اڳ ۾ لکي آيا آهيون وڙهيو ته ڏاڍو ڪيترن کي قتل ڪيائين ۽ ڪيترن کي زخمي بنايائين پر نيٺ مقدر غالب ٿيو ۽ يزيدي سپاهيءَ هانيؓ بن حضير حضرميءَ سندس سڄو هٿ ڪٽي وڌو ۽ بڪير بن حي تميميءَ سندس ٽنگ جو هيٺيون حصو ڪٽيو جنهن کي (ساقطا) بڪي چوندا آهن ۽ ڪري پيو ته ٻنهي گڏجي کيس شهيد ڪري ڇڏيو. سندس گهر واري ام وهب سندس مٿي وٽ ويهي سندس منهن تان رت ۽ مٽي اگهي چوڻ لڳي ته: جنت جي ملڻ جي مبارڪ اٿئي جنهن الله توکي جنت ڏني آهي ان کان دعا ٿي گهران ته مون کي به توسان شامل ڪري، اهي جملا ٻڌي شمر پنهنجي رستم نالي غلام کي چيو ته انهيءَ عورت جي مٿي تي ڏنڊو هڻ ان ڏنڊو هنيس ته مٿو ڦاٽي پيس اتي جو اتي مري وئي ۽ اها پهرين عورت هئي جيڪا حسينؑ پاڪ جي ساٿين مان شهيد ٿي (٢)

(١) مقتل الحسين ص٣٩٢ حاشيه ٧٨ (٢) الڪامل ص٦٩ جلد٤

٤- وهب بن عبدالله ڪلبي رضي الله عنه

ان کان پوءِ وهب بن عبدالله (يا ڪن وهب بن حباب لکيو آهي والله اعلم) امام پاڪ جي اجازت سان ميدان ۾ لٿو. نهايت سهڻو جوان، سهڻي سيرت، چنڊ وانگر چمڪندڙ چهرو، ڪارا ۽ پيارا وار، قدرت واري، "وَصَوَّرَكُمْ فَأَحْسَنَ صُوَرَكُمْ" (١) (۽ اوهان کي صورت ڏني اوهان جي صورتن کي سهڻو بنايائين) جي مطابق ڪيس تمام سهڻو ڪري ٺاهيو هو. وڏي ڳالهه اها هئي ته سندس شاديءَ کي صرف سترهن ڏينهن گذريا هئا، سندس ماءُ جنهن جو نالو قمر هو (رضي الله عنها) وٽس آئي ۽ اچي چيائين ته: اي منهنجي جگر جا ٽڪرا! منهنجي روح جي راحت ۽ جيءَ جيارا پٽ! توکان سواءِ هڪ گهڙي گذارڻ به مون لاءِ مشڪل آهي پر اڄ مصطفىٰ ڪريم عليه التحية والتسليم جي پياري ٻچي حسين تي جيڪو ظلم ٿي رهيو آهي ان کي سهي نه ٿي سگهان، منهنجي دل جي تمنا آهي ته: امام سهڻي کان موڪلائي ميدان ملهائي سندس قدمن ۾ قربان ٿي ڏيکار، فرمانبردار فرزند عرض ڪيس ته: امان! مان ته سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان پر هن منهنجي زال جو ڇا حال ٿيندو؟ جنهن کي مون وٽ آئي ڏينهن ئي سترهن ٿيا آهن ماءُ چيس ته ٻچا! ان جو معاملو به خدا جي حوالي ڪري ڇڏ ان جو محافظ به الله آهي، امڙ کي عرض ڪيائين ته: پهلا اجازت ڏي ته گهر واريءَ کان مهر معاف ڪرايان جو اجان نه ڏنو اٿمانس، ماءُ چيس پلي وڃ ان کان مهر معاف ڪرائي اچ . وهب بن عبدالله جڏهن گهر واريءَ وٽ آيو ۽ ان کي مهر معاف ڪرڻ لاءِ چيائين ته ان پڇيس ته ڪيڏي ٿو وڃين؟ چيائين ته حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي ٻچي حسين تي ڏکيو وقت اچي ويو آهي ان تان ساهه قربان ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان تانت قيامت جي ڏينهن نبي مڪرم، محبوب معظم، صلى الله عليه وسلم جن جي شفاعت جو اميدوار ۽ حقدار

رهان. مڙس جواهو بيان ٻڌي ان نوجوان ڪنوار ٺٽو ساه ڪڍي عرض ڪيس ته:
اي منهن جا غمتار گهوٽ! اي منهنجي روح جي وروهه! اوهان اهڙي ڪم جي
ڳالهه ڪئي آهي جنهن لاءِ مان اڳ ۾ پاڻ تياري ڪري رهي آهيان مگر ڇا
ڪيان؟ شريعت عورتن کي اجازت نه ٿي ڏي، توکي بلڪل اجازت آهي پر هڪ
شرط آهي اهو هي ته مون کي حضرت حسين جي دربار ۾ وٺي هل ته مان ڪيس
عرض ڪيان ته توکان وعدو وٺي ته قيامت جي ڏينهن بهشت ۾ مون کان سواءِ نه
ويندين ۽ اتي سندس روبرو مان توکي مهر معاف ڪنديس، وهب سڳورو ان
نوجوان ڪنوار کي ساڻ وٺي امام پاڪ جي دربار ۾ پهتو ۽ الله تعالىٰ جي ان
نيڪ ٻانهيءَ زار زار روئي حضرت امام پاڪ کي ساري حقيقت ٻڌائي عرض
ڪيو ته! قبلا سائين! مون ٻڌو آهي ته جيڪو شخص شهيد ٿي زمين تي ڪرندو
آهي بهشتي حوررون ان کي پنهنجي پاڪر ۾ وجهي بهشت ڏانهن ڪٺي وينديون
آهن حضرت حسين فرمايو ته بلاشڪ اهومنهن جي ناني (پاڪ صاحب لولاڪ،
سياح افلاڪ) صلي الله عليه وسلم جو ارشاد مبارڪ آهي،ان نوجوان ڪنوار
پنهنجي نوجوان مڙس جي هٿ مان وٺي حضرت حسين کي عرض ڪيو ته: مان
هن ڪي اوهان جي روبرو ان شرط تي مهر معاف ڪري اجازت ڏيان ٿي ته قيامت
جي ڏينهن مون کان سواءِ بهشت ۾ نه ويندو اوهان ان شرط جو ذمو کڻو ۽ هن
جي شهادت کان پوءِ پنهنجي خدمت گذار ٻانهين ۾ شامل ڪرڻ فرمايو. ان
نوجوان ڪنوار جو اهو درد ڀريو بيان ٻڌي امام سهڻو ۽ سندس محفل ۾ موجود
ماڻهن روئي ڏنو، ان کان پوءِ وهب ادب سان بيهي حضرت حسين کي عرض ڪيو
ته: قبلا سائين! مان پنهنجيءَ گهرواريءَ جو اهو شرط ان شرط سان قبول ڪيان
ٿو جو اوهان جو نانو ڪريم عليه التحية والتسليم منهنجي هيءَ قرباني قبول
ڪندي مون کي پنهنجي شفاعت سان نوازڻ فرمائيندو. ۽ هيءَ منهنجي گهر

واري هاڻي اوهان جي اهل جي خدمت جي حوالي آهي، حضرت حسين فرمايس ته: توکان اسين راضي ۽ اسان جو نانو ڪريم رحمت جهڙو عليه الصلاة والسلام سڀ راضي آهيون، توتي الله تعالىٰ جون بي پايان رحمتون آهن، حسين پاڪ کان اها بشارت ٻڌي وهب سواريءَ تي سوار ٿي يزيدي لشڪرين جي مٿان وري آيو زره ڍڪيل هيس سڄي هٿ ۾ نيزا ۽ پٺيءَ تي ڍال رکيل دشمن جي سامهون اچي هي شعر پڙهڻ لڳو.

أَمِيْرِيْ حُسَيْنٌ وَنِعْمَ الْأَمِيْرُ

لَهُ لُمْعَةٌ كَالسِّرَاجِ الْمُنِيْرِ

منهنجو امير حسين آهي ۽ ڏاڍو ڀلو امير آهي اهو اهڙو چمڪندڙ آهي جيئن روشن ڪندڙ سج هوندو آهي.

ان کان پوءِ دشمن کي للڪاري جنگ شروع ڪري ڪيترن کي جهنم ۾ پهچايائين، جنگ جي دوران جيجل ماءُ وٽ آيو ۽ پڇيائينس ته امان! هاڻي مون کان راضي آهين؟ ماءُ دعائون ڪيس پوءِ وري گهر واريءَ وٽ آيو ان کي به تسلي ڏيندي موٽيو ته يزيدين جي طرفان آواز اچي رهيو هو: آهي ڪو وڙهندڙ؟ وهب هڪدم سندن سامهون ٿيو ۽ سندس مقابلي لاءِ محڪم بن طفيل نالي هڪ شهسوار ۽ تجربيڪار ميدان ۾ بيٺو هو. وهب تلوار جي هڪ ئي وار سان ان کي جهنم ۾ پهچايو ۽ دشمن جي لشڪر ۾ گوڙ مچي ويو ته هاڻي وهب جي مقابلي ۾ ڪير وڃي، جڏهن انهن نڪرڻ ۾ دير ڪئي ته پاڻ انهن جي لشڪر ۾ اندر ڪاهي پيو ۽ انهن کي قتل ڪرڻ لڳو، عمرو بن سعد اها حالت ڏسي آواز ڏنو ته اي لشڪريو! ڇا ٿي ويو آهي جو سڀني گڏجي به هڪڙي ڇٽي جو مقابلو ڪري نه ٿا سگهو؟ پوءِ سڀني گڏجي وهب تي حملو ڪري کيس شهيد ڪري وڌو، سندس امڙ اهو سڀ منظر ڏٺو ويٺي ۽ شهيد ٿيڻ کان پوءِ ڪٽي اچي تنبوءَ ۾ رکيائونس، سندس نوجوان زال به مڙس جي اها حالت ڏسي سهي نه سگهي ۽ مڙس جي لاش کي ڏسندي ئي ان جو ساهه پرواز ٿي ويو". (إنَّا

لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ" (١)

٥- ابو الشعثاءِ کندي

ان کانپوءِ ابو الشعثاء کندي جنهن جو نالو يزيد بن زياد هو وڏو تيرانداز ۽ جنگي جوان هو اهو ادب سان امام پاڪ کان موڪلائي ميدان ۾ آيو ۽ نو (٩) يزيدي جهنم رسيد ڪري پاڻ شهيد ٿي، جنتيں جاءِ ورتائين. ان دوران شمر بن ذي الجوشن شرارت ڪندي امام پاڪ جي تنبوءَ کي باهه ڏيارڻ جو اعلان ڪيو پر سندس ئي ساٿين مان ڪيترن ڪيس ائين ڪرڻ کان جهليو تڏهن ائين نه ڪيائين (٢) ان کان پوءِ ٦- عمر بن خالد ازدي ٧- سعد بن حنظله ٨- عمرو بن عبدالله مذحجي ٩- حماد بن انس ١٠- وقاص بن مالڪ ١١- شريح بن عبدالله حسيني لشڪري ميدان ۾ آيا ۽ شهيد ٿيا (٣)

١٢- حبيب بن مظاهر

هي حسين پاڪ جو ساٿي ۽ سچو شيدائي هو (عام تاريخن هن جي پيءُ جو نالو مظاهر ۽ علامه ابن الاثير مطهر لکيو آهي والله اعلم) هن جي عمر به وڏي هئي پر ان پيريءَ جي حالت هوندي به محمد بن ابي طالب جي روايت موجب ٻاهٺ (٦٢) يزيدين کي قتل ڪري، دوزخ جو ٻارڻ بنايو هيائين. نيٺ پاڻ به شهيد ٿيو سندس شهادت کان پوءِ ظالمن سندس سرمبارڪ کي هڪ گهوڙي جي ڪنڌ ۾ ٻڌي سڄي لشڪر کي ڏيکاريو ۽ ٻڌايو ته حسين پاڪ جو نهايت اهم ساٿي به شهيد ٿي ويو ۽ حضرت امام پاڪ سندس شهادت جو ٻڌي فرمايو ته: اي حبيب! الله تعالىٰ توکي بلند مقام عطا ڪري تون نهايت پلارو انسان هئين جو هر رات قرآن پاڪ جو ختم ڪيندو هئين (٤)

(١٣) حربن يزيد رياحي رضي الله عنه

انهن سڀني حالتن کي نظر ۾ رکندي حضرت حربن يزيد ريا جي ميدان ۾

(١) اوراق غم ص٤٠٣ کان ٤٠٧ (٢) مقتل الحسين ص٣٩٧
(٣) اوراق غم ص٤٠٧ کان ٤٠٩ (٤) مقتل الحسين ص٣٩٨-٣٩٩

نڪتو ۽ سندس حمايت ڪرڻ لاءِ زهير بن قين به نڪتو، پوءِ جيڪڏهن هڪڙي تي دشمن زوردار حملو ڪيو ٿي ته ٻئي ان جو ساٿ ڏنو ٿي ان حالت دوران حضرت حر جي گهوڙي کي دشمن جي ڏکن اهڙو چور ڪري ڇڏيو هو، جو ان جي ڪنن ۽ پرن تان رت ريلا ڪيو ٿي وهيو ته يزيدي لشڪريءَ حصين بن نمير پنهنجي ساٿيءَ يزيد بن سفيان تميميءَ کي هدايو ته تون اسان وٽان حر جي وڃڻ کان پوءِ سندس قتل ڪرڻ جي تلاش ۾ هئين، هيءُ حر پيو ميدان ۾ وڙهي وارو ڪر، ان چيو ته بلڪل هاڻي جو هاڻي ٿو ڏسانس، پوءِ حر کي للڪاري ميدان ۾ آيو ته حر بنا دير جي قتل ڪري ڇڏيس. ان کان پوءِ هڪ يزيدي لشڪري حضرت حر جي گهوڙي کي تنگ ۾ اهڙو سخت تير هنيو جو گهوڙي ڪرڻ جي ڪني ۾ حر ٽپ ڏئي لهي پيو ۽ پيادل ميدان ملهائڻ شروع ڪيائين،چاليهن کان مٿي دشمن ماري ڍير ڪري رکيائين، اها حالت ڏسي يزيدي لشڪري پيادا توڙي سوار سڀ حر تي وري پيا ۽ ڏکي ڪيرائي وڌائونس هوڏانهن حسين پاڪ جا ساٿي به همت ڪري ميدان ۾ آيا ۽ زخمي حر کي کڻي اچي حسين پاڪ جي ان تنبوءَ جي اڳيان رکيائون جتي پاڻ تشريف فرما هو، حضرت حسين سندس مٿان آيو ته اجان ڪجهه پساهه هيس پاڻ حر جي منهن تان رت ۽ مٽي اگهندي وري به دعا ڪيائونس ته: تون دنيا ۽ آخرت جي عذابن کان آزاد آهين جيئن تنهنجيءَ امان تنهنجو نالو ٿي حر (آزاد) رکيو آهي. ان کان پوءِ حر جي متعلق هي شعر پڙهيا ويا جنهن جي چوڻ واري جي متعلق ٣ قول آهن ١- ته اهي شعر حضرت حسين جي ڪنهن ساٿيءَ چيا هئا ٢- ته اهي امام زين العابدين جا شعر آهن ٣- ته خود حضرت حسين جا آهن. شعر هي آهن

لَنِعْمَ الْحُرُّ حُرُّ بَنِي رِيَاحٍ - صَبُوْرٌ عِنْدَ مُشْتَبَکِ الرِّمَاحِ
وَنِعْمَ الْحُرُّ اِذْ نَادٰی حُسَيْنٌ- فَجَادَ بِنَفْسِهٖ عِنْدَ الصِّيَاحِ (١)

بني رياح قبيلي جو حر تمام ڀلو حر آهي، جيڪو تيرن ۽ نيزن جي گهٽائيءَ ۾ به صبر ڪندڙ آهي ۽ حر ڀلو آهي جو جڏهن حسين سڏيس ته سڏ سان جان جي سخاوت ڪري ڏيکاريائين

حضرت حر کي ڪنهن دفنايو؟

حضرت حر جي قبيلي جا ڪيترا ماڻهو يزيدي لشڪر ۾ ابن سعد سان گڏ هئا انهن ڪيس شهيد ڏسي ميدان ڪربلا مان نڪرڻ وقت ابن سعد جي اجازت سان ڪربلا واري ميدان جي ڀر ۾ ڪيس سندس موجود مشهور مزار واريءَ جاءِ تي دفن ڪيو (٢)

ٻيپهري نماز ادا ڪيائون

ان کان پوءِ حضرت حسين پنهنجن ساٿين کي فرمايو ته: ٻيپهريءَ نماز جو وقت ٿي ويو آهي صفون ٻڌو ته خوف جي حالت واري نماز ادا ڪيون جيئن الله جل جلاله جو قرآن پاڪ ۾ فرمان آهي، پوءِ هڪڙا دشمن جي مقابلي ۾ بيٺا ته ٻين ساڻس جماعتي ٿي سندس امامت ۾ نماز ادا ڪئي (٣)

١٤- سعيد الحنفي رضي الله عنه

هن ڀلاري پنهنجي جان امام پاڪ تان هن نموني قربان ڪئي جو دشمن ڪو به تير حضرت حسين ڏانهن اڇلايو ٿي ته پاڻ امام عالي مقام جي اڳيان اچي اهو تير پاڻ تي ٿي وسايائين. نيٺ اهي تير کچيءَ ۽ سيني تي سهي سهي زخمن کان چور ٿي ڪري پيو ۽ امام سهڻي ڏانهن نهاري عرض ڪرڻ لڳو ته: اي الله جي رسول جا فرزند! مون وفاداري ڪئي؟ حسين پاڪ چيس ته: هائو ۽ تون مون کان به اڳ ۾ جنت ۾ هوندين. پوءِ سندس روح پرواز ڪيو ۽ ڏنائون ته تلوارن ۽

(١) مقتل الحسين ص٤٠١ (٢) مقتل الحسين ص٤٠٠ حاشيہ ١٠١
(٣) تاريخ طبري ص٢٥٢ جزءُ ٦

قاسمي نيزن جي ڌڪن کان سواءِ ٻه تيرهن تير سندس جسم ۾ اندر لهي پيا هئا (١)

حضرت حسينؓ شهادت جو شوق ڏياريو

حضرت امام عالي مقام نماز کان فارغ ٿي باقي بچيل ساٿين کي خطاب ڪندي فرمايو ته اي عزت وارؤ! هي جنت اوهان جي اڳيان آهي ان جا دروازا کليل ۽ نهرون هڪ ٻئي سان ڳنڍيون پيون آهن ان جا ميوا تازا تازا تيار آهن ۽ هي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ۽ الله جي واٽ ۾ شهيد ٿيندڙ پيا ٻه اوهان جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن ۽ اوهان جي شهيد ٿي اتي پهچڻ جي خوشي پيا ڪن پوءِ الله ۽ ان جي نبي عليه الصلواة والسلام جي دين جي حمايت ڪيو ۽ الله جي رسول عليه الصلواة والسلام جي ٻچن تان دشمن دفع ڪيو (٢) جڏهن ان خطاب جو آواز حضرت امام عالي مقام جي تنبن ۾ رهندڙ پردي دارن ٻڌو ته نيٺ مان نيرو هاڻي پڙهي پيو هر سو وجود مجاهدن کي چيائون ته: اي مجاهدو همت ڪيو، پنهنجي پياري نبي عليه الصلواة والسلام جي ٻچي ۽ پنهنجي امام تان منافقن کي دفع ۽ دور ڪيو، حضرت حسينؓ جي ساٿين اهو ٻڌندي روئي ڏنو ۽ وڏيڪ جهاد جي جذبي سان سرشار ٿي گهوڙن تي چڙهي ميدان ملهائڻ لڳا ۽ جيڪو به جنگ تي ويو ٿي سو حضرت حسينؓ کان السلام عليڪ يا ابن رسول الله! چئي موڪلائي رهيو هو ۽ پاڻ ان کي جواب ۾ وعليڪ السلام چئي فرمايائون ٿي ته اسين به تنهنجي پويان اچون پيا.

١٥- ابو ثمامه ١٦- شوذب، شاڪر جو آزاد ڪيل غلام ١٧- عابس بن شبيب رضي الله عنهم

هي مجاهد به واري تي هڪ ٻئي کان پوءِ قربان ٿيندا ۽ ميدان ملهائيندا ويا

---

(١) ساڳيو حوال ۽ مقتل الحسينؓ ص۴۰۱ (٢) الڪامل ص٧١ جلد۴

١٨- زهير بن القين البجلي رضي الله عنه

هن سورهيه مڙس دشمن کي کيرائيندي سندن هڪ سؤ ويهه (١٢٠) مڙس ماريا نيٺ قسمت شهادت ڏانهن وڌ آيس ۽ ڪثير بن عبدالله الشعبي ۽ مهاجر بن اوس تميميءَ جي هٿان شهيد ٿيو (١) حضرت امام عالي مقام مٿان اچي فرمايس ته: اي زهير! الله توکي پنهنجي قرب کان پري نه ڪندو ۽ تنهنجي قاتل تي اهين لعنت وسائيندو جيئن انهن قومن تي وسائي هيائين جيڪي باندر ۽ سوئر ٿي ويا هئا (٢)

١٩- عمرو بن قرظة الانصاري رضي الله عنه

هن شهيد به سعيد حنفي وانگر حسين پاڪ جي سر مبارڪ تان تير گسائيندي پاڻ تي وسائيندي شهادت جي منزل ماڻي.

٢٠- نافع بن هلال جملي - رضي الله عنه

هن غازي مرد ته پنهنجو نالو نيزن تي لکائي ڇڏيو هو ۽ دشمن تي اهي نيزا هلائي انهن سان ڌڪيلن ۽ ٿٽيلن ظالمن کان سواءِ ٻارهن ڄڻا ته اٽڪ ماري ڇڏيا هيائين جڏهن نيزا ۽ تير کٽي ويس ته تلوار وهائڻ شروع ڪيائين ۽ ان وقت هي شعر به چوندو رهيو ٿي.

أَنَا الْغُلَامُ الْيَمَنِي الْجُمَلِي- دِيْنِي عَلَىٰ دِيْنِ حُسَيْنٍ وَّعَلِيٍّ

مان نوجوان، يمن جو رهاڪو جملي قبيلي جو آهيان منهنجو دين اهو آهي جيڪو حسين ۽ علي جو دين آهي پوءِ ظالمن گڏجي مٿس حملو ڪيو ڪن نيزا ته ڪن پٿر وسائي سندس ٻانهون ڏورن کان ڀڃي وڌيون ۽ جيئري ڪي گرفتار ڪري شمر جي هٿ ۾ ڏنائون ان وري کيس عمرو بن سعد وٽ پيش ڪيو ان پڇيس ته: نافع! توکي هن خيال تي ڪنهن آندو؟ نافع جواب ۾ چيس ته: منهنجي ارادي ڪي الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو پوءِ شمر تلوار ڪڍي اتي جو اتي شهيد ڪري ڇڏيس (٣) ان

(١) الكامل ص٧١ جلد٤ (٢) مقتل الحسين ص٤٠٦

(٣) ٢١- ٢٢- به غفار قبيلي جا نوجوان

ڪان پوءِ غفار قبيلي جا ٻه نوجوان ٢١ - عبدالله ٢٢- عبدالرحمٰن عروة بن حراق غفاري جا پٽ جيڪي ڪوفي جانهايت اهم شخص هئا. حضرت حسين جي اڳيان آيا ۽ عرض ڪرڻ لڳا ته: حضرتا! دشمن گهيرو ڪري آيا آهن اجازت ڏيو ته اوهان جي اڳيان قربان ٿيون، امام پاڪ کين پنهنجي قريب بيهاريو پر نيٺ جنگ ڪندي ٻئي شهيد ٿي ويا.

٢٣- ٢٤- ٻه جابري جوان

مٿين جوانن ڪان پوءِ وري ٻيا ٻه جوان سيف بن حارث بن سريع ۽ مالڪ بن عبد بن سريع جيڪي پاڻ ۾ سؤٽ ۽ مائيٽا ڀائر هئا حضرت حسين جي سامهون اچي روئڻ لڳا. سائينءَ پڇين ته: اوهان ته اکين جا تارا آهيو ڇو ٿا روئو؟ عرض ڪيائون ته: پنهنجي لاءِ نه اوهان جي لاءِ روئي رهيا آهيون جو اوهان تي دشمن قابض ٿيندا پيا اچن اسان ۾ انهن کي دفع ڪرڻ جي طاقت نه رهي آهي سر آهن سي قربان ڪرڻ لاءِ آيا آهيون. سائين فرمايو ته: اوهان تي رحمت ۽ سلامتي آهي اوهان جي همدردي به اسان لاءِ ڪافي آهي الله تعالىٰ اوهان کي ان جو اجرڏيندو. پوءِ اهي ٻئي به لڙندي شهيد ٿي ويا.

٢٥- حضرت ابو ذر جو آزاد ڪيل غلام جون ٢٦- انس بن حرث ڪاهلي ٢٧- عمرو بن جنادة ٢٨- حجاج جعفي ٢٩- الغلام الترڪي ٣٠- المضارب البجلي ٣١- عمرو بن خالد ۽ ان جا ساٿي ٣٢- واضح ترڪي- هي سڀ به واري تي شهيد ٿيندا، رب پاڪ کي راضي ڪندا ويا.

٣٣- برير بن خضير رضي الله عنه

هي الله تعالىٰ جو ٻانهو ڪوفي جي جامع مسجد ۾ قرآن پاڪ جي قراءت پڙهائيندو هو ۽ ٻيا قاري هن کي پنهنجوسردار سڏيندا هئا. تابعي ۽ ڪوفي جي اهم شخصيتن مان به هو ڪوفي مان نڪري حضرت امام حسين سان مڪه مڪرمه ۾ اچي مليو هو ۽ ان سان گڏ هلندي ڪربلا ۾ آيو ۽ اتي شهيد

ٿيو (١)

٣٤- حنظلة الشامي ٣٥- انيس اصبحي ٣٦- حجاج سعدي ٣٧- عمروالازدي ٣٨- خالد بن عمرالازدي ٣٩- سعد بن حنظلة ٤٠- عميرالمذ حجي ٤١- عمرو بن مطاع ٤٢- عبدالرحمن الانصاري ٤٣- قعنب نميري ٤٤- حضرت حسين جو آزاد ڪيل غلام منجح ٤٥- يزيد مشرقي ٤٦- مالڪ بن دودان ٤٧- قبۃالغفاري ٤٨- يحييٰ مازني ٤٩- بڪربن حي ٥٠- يزيد بن مغفل ٥١- حبشي النهمي ٥٢- مسلم ازديءِ جو آزاد ڪيل غلام رافع ٥٣- يزيد عبدي بصري ٥٤- ابراهيم الاسدي٥٥- بشر ٥٦- سويد- هي سڀ حسين پاڪ جا ساٿي هيا جيڪي شهيد ٿيا هئا.جملي ساٿي ڪيترا هئا ان عدد ۾ اختلاف آهي ڪن ٧٢ لکيا آهن ته ڪن ٨٢ چيا آهن ۽ حضرت امام محمد باقر ڪان هڪ روايت ۾ هڪ سؤ پنجيتاليهه آيا آهن (٢)

شهداءِ اهل بيت- رضي الله عنهم

مؤرخن ۽ شهادت حسين لکندڙن فرمايو آهي ته جڏهن حضرت امام عالي مقام جا پيا ساٿي شهيد ٿي ويا ۽ صرف سندس مائٽ اهل بيت رهيا جن ۾ پائر، سوٽ، پائٽيا ۽ پٽ هيا ته انهن گڏ ٿي هڪ ٻئي ڪان موڪلايو ۽ ميدان ملهائڻ جي تياري ڪئي پر اول اول ڪيرميدان ۾ لٿو ان ۾ تمام گهڻو اختلاف آهي مان ان اختلاف تي زور ڏيڻ جي بجاء صرف شهيدن جا نالا ۽ سندن شهادت جو بيان لکان ٿو.

حضرت عباس علمبردار جا پائر

جڏهن حضرت حسين جي پياري ڀاءُ حضرت عباس علمبردار ڏٺو ته اهل بيت جي شهادت جو وارو اچي ويو آهي ته پاڻ پنهنجن تن پائرن ١- عبدالله ٢- عثمان ٣- جعفر کي سڏي فرمايائين ته: اي منهنجا پائرو! اڳتي وڌو جيئن الله تعالىٰ کي

(١) مقتل الحسين ص٤١٤ (٢) حوالو ساڳيو ٣٦٦- ٣٦٧

راضي ڪرڻ جي لاءِ حضرت حسين جو ساٿ ڏنو اٿو تيئن ملهائي ڏيکاريو. پوءِ پهريان حضرت عبدالله بن علي ميدان ۾ لهڻ لاءِ نڪتو ۽ حضرت حسين ڪان موڪلائي جنگ ۾ حصو ورتائين. سندس مقابلي ۾ يزيدي لشڪري هاني بن ثبيت حضرمي آيو ۽ هي الله جل شانه جو پيارو ان جي هٿان شهيد ٿيو.

ان ڪان پوءِ ٻيو ڀاءُ عثمان بن علي آيو ان جنگ ۾ حصو ورتو پر ان کي خولي بن يزيد اهڙو تکو تير هنيو جو سندس پاڪ پيشانيءَ ۾ چڀي ويو ۽ پاڻ گهوڙي ڪان زمين تي پهتو ته ٻئي يزيدي سپاهيءَ جيڪو ابان بن دارم جي پيڙهيءَ مان هو سندس سر مبارڪ ڌڙ ڪان ڌار ڪري ڇڏيو.

ان ڪان پوءِ حضرت عباس ٽئين ڀاءُ جعفر بن علي کي سڏ ڪيو اهو جيئن ميدان ۾ لٿو ته ان کي به ظالم خولي بن يزيد تير هنيو ۽ شهيد ٿي ويو.

سيدنا عباس علمبردار اجازت گهري

جڏهن حضرت عباس رضي الله تعالىٰ عنه جا ٽئي سڳا ڀائر سندس ئي سامهون رب جي رضا تي راضي ٿي حق جي واٽ ۾ سرن جا سودا ڪري قربان ٿي ويا، تڏهن پاڻ تيار ٿي حضرت حسين وٽ اجازت وٺڻ جي لاءِ آيو. حضرت حسين پاڪ روئندي ڪيس فرمايو ته: اي پيارا ڀاءُ! تون منهنجو جهنڊو کڻڻ وارو وفادار ڀاءُ آهين تون ويندي ته لشڪر ئي ٽڙي ويندو. تون نه وڃ، حضرت عباس وري عرض ڪيس ته پيارا ڀاءُ! دنيا جي حياتي هاڻي نه ٿي وڻي. سورن ڪان سينو تنگ ٿي پيو آهي، موڪل ڏي ته هنن منافقن ڪان حساب وٺان، حضرت حسين فرمايس ته: پوءِ اول هنن ننڍڙن ٻچڙن لاءِ پاڻي ته ڪٺي آڻ، پوءِ حضرت عباس يزيدين کي گهڻو ئي سمجهايو پر انهن پاڻي ڏيڻ ڪان صفا انڪار ڪندي چيو ته جيڪڏهن ڌرتيءَ جي ساري ڌرتي پاڻيءَ سان ڀريل اسان جي ڪنٽرول ۾ هجي ته به يزيد جي بيعت ڪرڻ ڪانسواءِ هڪ ڦڙو به پاڻيءَ جو اوهان کي نه ڏينداسين. حضرت عباس موٽي اچي سيدنا امام حسين کي سمورو احوال ٻڌايو ۽ اهو جواب ٻڌي سندن اکين مبارڪن مان لڙڪ وهي پيا، هوڏانهن تنبن مان ننڍڙن ٻچن جو پاڻي پاڻي چوڻ وارو آواز ٻڌي حضرت عباس جي دل به پرجي

پيئي ۽ آسمان ڏانهن نهاري عرض ڪيائين ته يا الله! امان هئن ٻچڙن لاءِ پاڻيءَ جي ڪلي پرڻ لاءِ وڃان ٿو ۽ جيڪا تنهنجي رضا هوندي ان تي راضي آهيان. ان ڪان پوءِ گهوڙي تي سوار ٿي تلوار، نيزا ۽ ڪلي کڻي فرات ڏانهن روانو ٿيو، ڪيس فرات ڏانهن ايندي ڏسي چار هزار يزيدي لشڪري جيڪي صرف پاڻي روڪڻ لاءِ مقرر ٿيل هئا مٿس تيرن ۽ نيزن جا مينهن وسائڻ لڳا، پر پاڻ ڪنهن ڪان به نه ڊنو، ۽ هڪ ئي جوان اسي يزيدين کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ اطمينان سان درياءَ مان ڪلي ڀري، پاڻ به پاڻيءَ مان لپ ڀري پيئڻ جو ارادو ڪيائين. پر سيدنا (حسين) جي اڄ کي ياد ڪري هاري ڇڏيائين تنهن ڪان پوءِ ڪلي سڄي ڪلهي تي کڻي گهوڙي تي سوارٿي ان ارادي سان تنبن ڏانهن روانو ٿيو ته جلد از جلد کين پاڻي پهچائي پر يزيدي ڪيس چئني طرفن کان ڦري آيا. پوءِ پاڻ سندن وچ ۾ ڪاهي پيو ۽ مٿن تلوار هلائيندي رستي ڪان پري ڪندي، هٽائيندي پنهنجن تنبن ڏانهن وڌندو آيو. جڏهن ويجهو اچي پهتو ته کجيءَ جي پويان لڪل دشمن زيد بن رقاد جهنيءَ پنهنجي ساٿيءَ حڪيم بن طفيل سنبسيءَ جي تعاون سان مٿس حملو ڪيو ۽ سندس سڄي ٻانهن تلوار سان وڍي ڇڏي ۽ پاڻ تلوار کي کٻي هٿ ۾ رکي جهنڊو سيني سان لڳائي کٻي ڪلهي تي پاڻيءَ واري ڪلي کنيائين ۽ غصي ۾ آيل شينهن وانگر دشمن تي ڪاهه ڪري هيءَ شعر چوندو رهيو.

وَاللهِ اِنْ قَطَعْتُمُوا يَمِيْنِيْ - اِنِّيْ اُحَامِيْ اَبَدًا عَنْ دِيْنِيْ

وَعَنْ اِمَامٍ صَادِقِ الْيَقِيْنِ- نَجْلِ النَّبِيِّ الطَّاهِرِ الْاَمِيْنِ

الله جو قسم آهي ته جيڪڏهن اوهان منهنجي سڄي ٻانهن ڪٽي وڌي ته به يقيناً هميشه مان پنهنجي دين ۽ يقين سان ان سچي امام جي حمايت ڪندو رهندس جيڪو پاڪ امين نبي (عليه الصلواة والسلام) جو اولاد آهي.

ان ڪان پوءِ به حضرت عباس عليه الرحمة والرضوان ضعيف حال هوندي لڙندو رهيو. پر اوچتو کجيءَ جي پويان هڪ لڪل دشمن حڪيم بن طفيل طائيءَ سندس کٻيءَ ٻانهن تي تلوار جو وار ڪري وڍي وڌي. مشهور ۽ اصح قول

اهوآهي (١) پرعلامه ابو اسحاق اسفرائينيءَ لکيو آهي تہ حضرت عباس جي ڪبيءَ ٻانهن ڪي ڪارائيءَ کان وڍڻ واري جو نالو عبدالله بن شهاب ڪلبي هو (٢) ۽ ٻانهن هيءُ شعر چوندو رهيو.

يَا نَفْسُ لَا تَخْشَي مِنَ الْكُفَّارِ - وَابْشِرِيْ بِرَحْمَةِ الْغَفَّارِ
مَعَ النَّبِيِّ الْمُصْطَفَي الْمُخْتَارِ- قَدْ قَطَعُوْا بِبَغْيِهِمْ يَسَارِيْ
فَاَوْصِلْهُمْ يَا رَبِّ حَرَّ النَّارِ

اي نفس! ڪافرن کان نہ ڊڄ ۽ بخشڻهار رب جي رحمت، نبيﷺ مختار مصطفىٰ عليه الصلواة والسلام سان گڏ رهڻ تي خوش ٿيءُ منهنجي ڪبي ٻانهن بہ ڪٽي ڇڏيائون. اي رب انهن کي باهہ جي گرميءَ ۾ داخل ڪر.

جڏهن سندس تلوار ڪري پئي تہ ٻاڻيءَ جي ڪلي ڏندن مبارڪن سان جهلي ٽڪڙوا ن ارادي سان اڳتي وڌيو تہ ڪيئن بہ ڪري تنبن تائين پاڻي پهچائي وڃي.

هوڏانهن ابن سعد ظالم اهو سڀ ڪجهہ ڏسو ويٺي ان دانهن ڪري پنهنجن لشڪرين کي چيو تہ تيرن جي وارو وار ڪري ڪلي ڦاڙي وجهو تہ پاڻي وهي وڃي، جيڪڏهن پاڻي تنبن تائين پهتو ۽ حسين پاڻي پي ورتو تہ پوءِ اوهان سيني جو خير نہ آهي. پوءِ سيني اڳ ڏئي مٿس مينهن وانگر تير وسائڻ شروع ڪيا ۽ تيرن لڳڻ جي ڪري ڪلي ڦاٽي پئي ۽ پاڻي سڀ وهي ويو. ڪي تير سندس سيني مبارڪ ۾ لڳا تہ ڪي پاڪ اکين ۾ تانجو سندس ظاهري نظر بہ ختم ٿي وئي ۽ هڪڙي ملعون سندس مٿي مبارڪ تي لوهہ جي لٺ اهڙي هنئي جو پاڻ گهوڙي جي پٺيءَ تان ڪري زمين تي پهتا ۽ سندس جسم مان رت ڦوهارا ڪري وهڻ لڳو. پر ان حالت ۾ بہ حسيني جهنڊو سندن پاسي ۾ هو، جڏهن دشمن

(١) مقتل الحسين ص ٣٢٠ (٢) نورالعين في مشهد الحسين ص٤٢

مٿان اچي ڪين تلوارن سان ڪٽڻ شروع ڪيو ته ان وقت بلند آواز سان پنهنجي پياري ڀاءُ حضرت حسين کي الوداعي سلام ڪندي سڏي چيائين ته وعليک مني السلام ابا عبدالله! اي ابو عبدالله (حضرت حسين جو ڪنيو هو) منهنجي طرفان توتي سلام آهي.

حضرت حسين حضرت عباس جي مٿان

سندس اهو سلام ٻڌي حضرت حسين دشمن جي لشڪرن کي چيريندو اچي دلبر ڀاءُ جي مٿان بيٺو، ڏٺائين ته سندس ٻئي ٻانهون ڪٽيل، مٿو مبارڪ ڦاٽل، سڄو جسم زخمن سان چور ٿيل، جهنڊو سندس پاسي ۾ پيل، ۽ ڪل پرڻ وانگر سوراخ ٿيل هئي ۽ سندس پير مبارڪ زمين سان روح جي پرواز ڪرڻ جي تيارين ۾ رڳڙجي رهيا هئا. پر منجهس حياتيءَ جا اجا آخري پساهه هيا، پاڻ سندس سرمبارڪ کي کڻي پنهنجيءَ جهوليءَ ۾ رکيائين ۽ سندس منهن مبارڪ کان مٽي ۽ رت اگهي رهيو هو ۽ ان حال ۾ بي اختيار سندس زبان مبارڪ مان هي الفاظ نڪتا ته هاڻي منهنجي ٺٺي ڀڄي پئي، منهنجو حيلو تمام ٿورو وڃي رهيو ۽ دشمن کي کلڻ جو موقعو ملي ويو" پوءِ ان جي مٿان نوڙي سندس منهن، ڳچيءَ ۽ سيني ۾ لڳل ڏکن جي نشانن کي چمڻ لڳو ۽ سندس ئي هنج مبارڪ ۾ هوندي حضرت عباس جي پاڪ روح جسم مان پرواز ڪيو ۽ حضرت حسين ڪيس اتي ئي ڇڏيو.

حضرت عباس کي تنبوءَ ڏانهن نه کڻڻ جا اسباب

حضرت حسين جي شهادت جي موضوع تي لکندڙن جي اڪثريت جو قول اهو آهي ته پاڻ حضرت عباس کي ٻن وجهن جي ڪري اتي ئي ڇڏيو هيائون.

١- هڪ ته سندس جسم مبارڪ تي زخم ايترا گهڻا هئا جو کڻڻ مشڪل ٿي پيو ۽ ان وجهه جي تائيد ان سان به ٿئي ٿي ته سيدنا امام زين العابدين جڏهن وري ڪربلا جي ميدان ۾ آيو هو ته اتي جي ماڻهن ڪيس ٻڌايو هو ته اسان

جيڪي هستيون دفن ڪيون انهن ۾ هڪ اهڙو پهلوان به هو جو ان جو هر هڪ عضوو ڪٽيل هو، هڪ پاسي کان ڪٽون پيا ته ٻيو پاسو پٽ تي ڪريو پيو پوي.

٢- ٻيو ته حضرت عباس وٽ حضرت حسين کان سواءِ ٻيو ڪو ڀڃتو ئي نه هو، اهڙو شينهن مڙس ڪيس ڪير ڪٽائي

٣- ته حضرت عباس پاڻ به ڪيس ڪٽڻ کان روڪيو هو. روايت ۾ آهي ته جڏهن حضرت حسين پنهنجي پاءُ ڪي آخري پساهن ۾ ڏسي تنهن ڏانهن ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي ته حضرت عباس سمجهي ويو ۽ پڇيائينس ته ڪيڏانهن ٿو ڪٽي هلين؟ حضرت حسين فرمايو: " ته تنهن ڏانهن حضرت عباس چيس ته پنهنجي نانا رسول الله عليه الصلوٰة والسلام جي صدقي مون کي هتان نه ڪٽي هل. مون کي اتي ئي ڇڏ. حضرت حسين پڇيس ته پاءُ چو نه ڪٽي هلانءِ. چيائين ته اوهان جي نياڻي سُڪينه ۽ ٻين ٻچن سان ڪين پاڻي پهچائڻ جو وعدو ڪيو هوم حياءُ ٿو اچي جو اهو پورو ڪري نه سگهيس. پوءِ حضرت ڪيس اتي ڇڏي تنهن ڏانهن موٽيو ۽ پنهنجي اکين مان وهندڙ لڙڪ پنهنجي قميص مبارڪ جي ٻانهن سان اگهندو ٿي آيو ته متان تنهن ۾ رهيل پردي دار عورتون ڏسي بيقرار ٿي پون. نيٺ تنبوءَ ۾ گهڙيو ته سيده سُڪينه نياڻيءَ پڇيس ته بابا! چاچي عباس پاڻي آڻڻ ۾ دير الائي چو ڪئي آهي؟ فرمايائين ته امان توهان جو چاچو شهيد ٿي ويو آهي، اهو ٻڌي سڀ پردي واريون سيده سُڪينه،زينب سائڻ ۽ ٻيون اکين مان ڳوڙها ڳاڙڻ لڳيون ۽ حضرت حسين پاڪ ته پاءُ جي فراق ۾ بيهوش ٿي ويو ڪافي دير کان پوءِ هوش ۾ آيو (١)

حضرت عباس علمبردار رضي الله عنه جو مختصر احوال

ولادت: هن سائينءَ جي ولادت شعبان جي ٤تاريخ سنه ٢٦ هجري ۾

(١) مقتل الحسين ٣٢٤

تي هئي.

نسب- پاڻ حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه جو دلبر پٽ آهي ۽ سندس والده جو نالو فاطمه هو جنهن کي ام البنين ڪنيي سان سڏيندا هئا، هيءَ سائڻ حزام بن خالد جي ڌيءَ هئي جيڪي ڪلاب قبيلہ جا سڏيا ويندا هئا. نهايت عزت ۽ وقار وارا- دلير ۽ بهادر خاندان مان هئا.

حضرت عباس ان سائڻ مان حضرت علي جو پهريون پٽ هو.

ڪنية:

حضرت عباس کي ڪنيت جي لحاظ سان ابو الفضل سڏيندا هئا

القاب

١- قمر بني هاشم- هاشمين جو چنڊ، نهايت حسين هجڻ جي ڪري ڪيس ان لقب سان سڏيندا هئا.

٢- سقاء، پاڻي پيارينڌڙ، جو حسين پاڪ جي ٻچڙن لاءِ پاڻي ڪڻندي قربان ٿيو هو

٣- صاحب اللواء- علمبردار- حسيني جهنڊو کڻندڙ- جو ميدان ڪربلا ۾ جنگ جي دوران جهنڊو سندس هٿ ۾ هو

۴- العبد الصالح- الله جو صالح ٻانهو ٥- باب الحوائج- سندس زندگي مبارڪ ۾ ڪو وٽس سوالي ايندو هو تہ خالي نہ ويندو هو. ۽ هينئر بہ سندس مزار پر انوار جي حاضريءَ وقت سندس وسيلي سان دعائون الله تعالىٰ قبول ڪري سائلن جا سوال پورا ڪندو آهي.

حضرت حسين جو پيارو

حضرت عباس جي پنهنجي پياري ڀاءُ حضرت حسين وٽ بہ تمام گهڻي عزت هوندي هئي ان تي اعتماد بہ گهڻوهوس جو جنگ جي دوران پنهنجي لشڪر جو جهنڊو ان جي هٿ ۾ ڏنو هيائين.

سڳا ڀائر

بيبي ام البنين فاطمة بنت حزام مان حضرت علي کي چار پٽ ڄاوا هئا جن مان حضرت عباس وڏو هو ۽ ٽي ننڍا هئا ١- عبدالله بن علي ٢- عثمان بن علي ٣- جعفر بن علي. هي حضرت عباس جا سڳا ڀائر هئا.

اولاد

حضرت عباس کي پنج پٽ ۽ هڪ نياڻي هئي ١- عبيدالله- هن جي امان ڄاڻ جو نالو، لبابه هو جيڪا نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلامُ جي چاچي حضرت عباس جي پٽ عبيدالله جي نياڻي هئي (رضي الله عنهم وعنها) ۽ ان عبيدالله جون ٽي شاديون هيون هڪ حضرت امام حسن بن علي جي نياڻي رقيه سان- ٻي معبد بن عبدالله بن عباس جي نياڻيءَ سان- ٽين مسور بن مخرمہ زبيريءَ جي نياڻيءَ سان- انهن ٽنهي ڀلارين جا نالا لکيل نہ آهن.

٢- فضل- ان جي امان بہ اهائي لبابه سائڻ هئي ٣- حسن- ان جي امان هڪ ام ولد ٻانهي هئي ٤- قاسم- ان جي امان بہ ام ولد ٻانهي هئي ٥- محمد- ان جي امان بہ ام ولد هئي، باقي سندن نياڻيءَ سڳوريءَ جو نالو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي(١) .

حضرت علي اڪبر رضي الله عنه

هي شهزادو حضرت حسين پاڪ کي عروه بن ابي مسعود ثقفيءَ جي پٽ ابي مرّ جي نياڻي ليليٰ مان ڄائو هو، اها سائڻ ڪربلا ۾ آئي هئي يا نہ- قوي قول اهو آهي تہ اها ڪربلا جي واقعي کان اڳ ۾ وفات ڪري وئي هئي.

ڪنيت- هن سائينءَ کي ابو الحسن ڪنيت سان سڏيندا هئا.

لقب- اڪبر سندس لقب آهي، ڇو تہ پنهنجي ڀاءُ حضرت امام زين العابدين

کان عمر ۾ وڏو هو (١)

قربان ٿيڻ وقت عمر

تاريخ ۽ شهادت نامن لکندڙن مان اکثر جو قول آهي ته جنگ جي ميدان ۾ قربان ٿيڻ وقت حضرت امام علي اڪبر جي عمر مبارڪ ستاويهن سالن جي لڳ ڀڳ هئي. ڇو ته سندس ولادت ١١ شعبان سن ٣٣ هجري سيدنا عثمان جي شهادت کان ٻه سال اڳ ۾ ٿي هئي ۽ حضرت امام زين العابدين جي ڪربلا جي جنگ وقت عمر مبارڪ ٢٣ سال هئي (٢)

ڪمالات جو مجمع

سيرت ۽ تاريخ نويسن لکيو آهي ته حضرت امام علي اڪبر خوبين ۽ ڪمالات جو مجمع هو. صورت سهڻي، زبان مٺي ۽ ڪليل، دلڪش چهرو، سيرت جو حسين ۽ اخلاق جو اعلیٰ، متواضع مزاج جو مالڪ، نهايت اعلیٰ قسم جو سخي،بهادر، جنگين ۾ اڳواٽي ڪرڻ جو ذهن رکندڙ، قوي ايمان وارو، عمده بصيرت جو صاحب، دين جي عميق ڄاڻ رکندڙ هو،۽ ڪربلا جي ميدان ۾ الله‌تعالیٰ جي واٽ ۾ شهادت حاصل ڪري، ان جي ديدار ڪرڻ تي فرحت ڪندڙ، خِلقت، خلق ۽ ڳالهائڻ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن سان تمام گهڻو مشابه هو.

پنهنجي ڏاڏي حضرت علي رضي الله عنه کان حديثون روايت ڪندو هو. پنهنجي والد حضرت حسين ۽ چاچي حضرت حسن جي تربيت ۾ رهي انهن جي اخلاقن ۽ آداب سان سينگاريل ۽ نبوت ۽ امامت جي سرچشمن مان سيراب

---

(١) حاشيه مقتل الحسين ص. ٣٤٠

(٢) مقتل الحسين ٣٤١- ٣٤٢- حاشيه ٢٥

ٿيل هو.

ميدان ۾ آمد

جڏهن حضرت امام علي اڪبر جنگ ۾ حصي وٺڻ جو پڪو ارادو ڪري پنهنجي بابي حضرت حسين پاڪ کان موڪلائڻ لاءِ آيو ته حضرت حسين ان ڏانهن سندس حياتيءَ کان اميدون لاهي نهاريو ۽ اکين مبارڪن مان هنجون هاريندي قلب ڪيءَ غمن جو گهوارو سمجهندي الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ جيئن حضرت يعقوب عليه الصلوٰة والسلام "اِنَّمَآ اَشۡكُوۡا بَثِّیۡ وَحُزۡنِیۡۤ اِلَی اللّٰهِ" (١) چيو هو، حضرت حسين پاڪ به ايزدي بارگاهه ۾ هيئن عرضگذار ٿيو. يا الله! تون شاهد رهه،انهن يزيدين ڏانهن اهو جوان جنگ لاءِ وڃي رهيو آهي،جيڪو خلقت، خلق ڳالهائڻ ۾ تنهنجي نبي حضرت محمد مصطفيٰ عليه الصلواة والسلام سان مشابهه آهي ۽ اسان ڪي جڏهن تنهنجي نبي عليه الصلواة والسلام جي ديدار جو شوق ٿيندو آهي ته علي اڪبر ڪي ڏسي قلب کي قرار سيني کي سڪون ۽ اندر کي آرام ڏيندا آهيون.

يا الله! هنن ظالمن کان زمين جون برڪتون روڪي هنن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏجانءِ، جو اسان کي گهرائي وعدا ڪري ڦري ويا آهن. جڏهن تنبن ۾ رهندڙ پردي وارين کي حضرت علي اڪبر جي جنگ ۾ لهڻ جي خبر ملي ته انهن به سندس ديدار ڪري ڪيس جلدي جنگ ۾ وڃڻ کان روڪيو، پر پاڻ والد ماجد کان موڪلائي ميدان ۾ لهڻ جي لاءِ وڌيو ته حضرت حسين ڪيس پنهنجن مبارڪ هٿن سان پڳ پارائي زره ڍڪائي لوهي ٽوپ ڏني چيلهه ۾ پهلوانن وانگر اهو سندو

(١) سورة يوسف آيت ٨٦

جيڪو ڪيس حضرت عليءَ ڪان مليو هو ٻڌرائي پنهنجي گهوڙي تي سوار ڪيو.

حضرت حسين جي گهوڙي جو نالو

سيد محمد تقي ان گهوڙي جو نالو (عقاب) لکيو آهي (١) ۽ عبدالمؤمن دمياطي ڪتاب فضل الخيل ۾ ۽ تاريخ طبريءَ ان گهوڙي جونالو (لاحق) لکيو آهي (٢)

جهڙو چمڪندڙ سج

جڏهن حضرت علي اڪبر والد ۽ ڀين سيني ڪان موڪلائي دشمن ڏانهن متوجهه ٿيو ته انين تجليون ٿيون جڻ مجهند جو سج ڪڪرمان اوچتو نڪتو آهي.

شعر

ذَكَرُوْا بِطَلْعَتِهٖ النَّبِيَّ فَهَلَّلُوْا - لَمَّا بَدَا بَيْنَ الصُّفُوْفِ وَكَبَّرُوْا
فَافْتَتَنَ فِيْهِ الْحَاضِرُوْنَ فَاصْبَحَ - يُوْمِي اِلَيْهِ بِهَا وَعَيْنٌ تُنْظِرُ،

يعني ان جي ظاهر ٿيڻ سان ڏسڻ وارا نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي صورت پاڪ کي يادڪري لا اله الاالله پڙهڻ لڳا، جڏهن جنگ جي صفن ۾ ظاهر ٿيو ته الله اڪبر جا نعرا هنيائون اتي حاضر هوندڙ ته مست ٿي پيا آگر سان اشارا ڪري اکين سان ڏسڻ لڳا. ان ڪان پوءِ علي اڪبر يزيدين تي شينهن وانگرحملو ڪري ڏنو ۽ هڪ روايت جي بموجب پاڻ انهن تي ١٢ حملا ڪيائين ۽ انهن مان گهڻا قتل ڪري ڇڏيا. جن جو تعداد هڪ قول جي مطابق هڪ سو ويهه (١٢٠) هو. قتل ٿيندڙن جي مائٽن ۾ دانهون پئجي ويون. جنگ جي دوران حضرت امام علي اڪبر جي زبان پاڪ تي هي اشعار جاري هيا.

---

(١) مقتل الحسين ص٣٤٥ (٢) حاشيه مقتل الحسين ٣٤٥-
(٣) الڪامل ص٧٤ جلد٤ البداية والنهاية ص٨٥ جزءُ ٨

"أَنَا عَلِيُّ بْنُ الْحُسَيْنِ بْنِ عَلِيٍّ- نَحْنُ وَرَبِّ الْبَيْتِ أَوْلَىٰ بِالنَّبِيِّ"
تَاللهِ لَا يَحْكُمُ فِينَا ابْنُ الدَّعِي- كَيْفَ تَرَوْنَ الْيَوْمَ سِتْرِي عَنْ أَبِيْ (٣)

مان علي، حسين بن علي جو پٽ آهيان ۽ بيت الله جي رب جو قسم ته اسين نبي صلى الله عليه وآله وسلم جا وڌيڪ ويجها مٽ آهيون. الله جو قسم ته اسان ۾ زنا جو ڦر حڪم نه هلائيندو. اچ ڏسو تا ته مان پنهنجي پيءُ جي پاران ڪيئن ڍال بنجي رهيو آهيان. اينتري جرئت ۽ دليريءَ سان وڙهندي نيٺ سخت گرميءَ جي ڪري اڄ ۽ هٿيارن جي بار ۽ ڏکن جي ڦٽن جي گهٽائيءَ ڪيس ڏاڍو پريشان ڪيو واپس تنبن ڏانهن پنهنجي پياري پيءُ وٽ آيو ۽ ڪيس ادب سان عرض ڪرڻ لڳو. بابا سائين! اڄ مون ڪي تنگ ڪري ڏنو آ ۽ هٿيارن جي بار سخت تڪليف ڏني آهي، ڇا ڪو پاڻيءَ جو ڍڪ آهي جيڪو پيئڻ سان قوت حاصل ڪري دشمن سان وڃي وڙهان. حضرت امام پاڪ اکين مان ڳوڙها وهائيندي فرمايو ته: پيارا پٽ! پاڻي ڪٿان آڻيان؟ ٿورو وقت جنگ ڪر پوءِ جلدي پنهنجي ڏاڏي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سان ملندين، ۽ سندن پاڪ هٿن سان بهشت برين جو اهڙو پيالو پيئندين جو وري اڄ نه لڳنديئي.

علي اڪبر پيو پيرو جنگ جي ميدان ۾

سيدنا حضرت علي اڪبر رضي الله تعالىٰ عنه پنهنجي والد مڪرم ڪان مٿيون جواب ٻڌي ظاهري زندگيءَ ڪان مايوس ٿي موت جي مهمان ٿيڻ جو پڪو ارادو ڪري ميدان ۾ لٿو ۽ سخت مقابلي ۾ شروع ٿيو.

علي اڪبر جي شهادت

جڏهن پيو پيرو ميدان ۾ لهي حضرت علي اڪبر جنگ جا جوهر ڏيکاريا ۽ دشمن تي تلوارن ۽ تيرن جا وارن تي وار ڪيا ته مخالفن جو هڪ تير سندس پاڪ ڳچيءَ ۾ لڳي پاروجي پهتو ۽ پاڻ زمين تي ڪري پنهنجي پاڪ رت ۾ ڦٿڪڻ لڳو ۽ يزيد جي لشڪريءَ مرة بن منقد سندس مٿي مبارڪ تي تلوار هنئي (١) ۽

(١) الڪامل ص٧٤ جلد ٤

پٺيءَ پاڪ ۾ نيزو لڳايوءِ ٻين به مٿس تلوارون وسايون ۽ پاڻ پنهنجي گهوڙي پاڪ کي پاڪر پائي جهليائون ته اهو ڪين ڪٽي سندن تنبوءَ ۾ پڄائي ۾ گهوڙي کي دشمن گهيروڪري اهڙو مجبور ڪيو جو اهو امام پاڪ کي ڪٽي دشمن ۾ اچي بيٺو. پوءِ دشمن سندس پاڪ جسم جي عضون کي هڪ هڪ ڪري ڪٽيو (٢) جڏهن سندس روح مبارڪ پرواز ڪرڻ لاءِ سندس نڙيءَپاڪ جي قريب آيو ته پنهنجي پياري پيءُ کي سڏيندي فرمايائين: اي بابا سائين! اوهان تي سلام آهي،هيءُ منهنجو ڏاڏو رسول الله صلى الله عليه وسلم مون کي پنهنجي پاڪ هٿ سان اهڙو شربت پياري رهيو آهي جنهن کان پوءِ مون کي ڪڏهن به اڃ نه لڳندي ۽ ڏاڏي سائينءَ جن اوهان لاءِ به فرمائي رهيا آهن ته جلدي جلدي اچو. اوهان جي پيئڻ لاءِ ته اجا اعلىٰ قسم جو شربت رکيو پيو آهي اچو ته پيون (١) بس ائين چوڻ سان هڪ ٽڏو ساهه کنيائين ۽ سندس جسد اطهر کان پاڪ روح پرواز ڪري دنيا کي الوداع چئي ويو. حضرت حسين دشمن جي لشڪر کي چيري پنهنجي فرمانبردار فرزند جي جسم اقدس جي مٿان اچي پهتو. شهيد پٽ کي ڏسي سندس منهن مبارڪ مان بي اختيار آواز نڪتو. واولداه اي ٻچا ! سندس اهو آواز ٽنبن ۾ پهتو ته اتي پردي دارمائرن ۽ ڀينرن جي اکين به آب هاريو ۽ سيدنا حسين حضرت علي اڪبر جي مٿي مبارڪ کي هنج ۾ رکيو ۽ سندس منهن مبارڪ تان رت ۽ مٽي اگهندي پنهنجو ڳل سندس ڳل تي رکي فرمايو

قَتَلَ اللهُ قَوْمًا قَتَلُوْكَ يَا بُنَيَّ

مَا اَجْرَءَهُمْ عَلَى اللهِ وَعَلىٰ انْتِهَاكِ مَحَارِمِهِ (٢)

اي پٽڙا ان قوم کي الله تعالىٰ هلاڪ ڪري جن توکي شهيد ڪيو آهي الله

---

(١) مقتل الحسين ص٣٤٧

(٢) البداية والنهاية ص١٨٥ جزء٨ الڪامل في التاريخ ص٧٤ جلد٤

تعاليٰ ۽ ان جي حرام ڪيلن شين جي بيحرمتي ڪرڻ ۾ ڪيڏا نہ جرئتمند آهن.
ايتري دير ۾ حضرت حسين جي تنبوءَ مان ٻيا جوان بہ اچي پهتا، پاڻ انهن کي فرمايائون تہ علي اڪبر کي کڻي پنهنجي تنبوءَ جي اڳيان هلي رکو انهن علي اڪبر کي کڻي اچي ان تنبوءَ جي اڳيان رکيو جتان مجاهد جهاد لاءِ نڪرندا ٿي ويا (۱)

سيده زينب جي حالت

دلبر ڀائيٽي جي شهادت جو ٻڌي سيده زينب بيقرار ٿي پئي ۽ پلاري ڀائٽيي جي مٿان اچي ويٺي. سندس روئڻ کي ڏسي حضرت حسين پاڪ بہ روئي ڏنو ۽ ڀاءُ "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ" پڙهي ڀيڻ کي هٿ مان وٺي اچي تنبوءَ ۾ وهاريو (۲)

سيده سُڪينه روئي ڏنو

جڏهن حضرت بيبي زينب کي روئڻ جي حالت ڏسي حضرت حسين بہ روئي ڏنو۽ روئندي ڀيڻ کي اندر تنبوءَ ۾ وٺي آيو تہ سيده سُڪينہ بہ اڳيان اچي پڇيس تہ بابا! منهنجو علي ڀاءُ ڪٿي آهي؟ حسين پاڪ فرمايو تہ امان ان کي ظالمن شهيد ڪري ڇڏيو. اهو ٻڌي ان سائڻ بہ رنو ۾ حضرت حسين کيس فرمايو" يا سُڪينة اتقي الله واستعملي الصبر" اي سُڪينه! الله کان ڊڄ ۽ صبر اختيار ڪر، عرض ڪرڻ لڳي تہ بابا! اها صبر ڪيئن ڪري سگهندي جنهن جو ڀاءُ شهيد ڪيو ويو ۽ پيءُ پرديسي بنايو ويو.اهي دل ڏاريندڙ درد ڀريا الفاظ ٻڌي حضرت حسين فرمايو "اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ".

حضرت عبدالله بن مسلم بن عقيل جي شهادت

ارباب تاريخ جو قول آهي تہ حضرت علي اڪبر رضي الله تعالیٰ عنه جي شهادت کان پوءِ حضرت امام مسلم بن عقيل جو پٽ حضرت عبدالله جنگ جي ميدان ۾

(۱) الڪامل ص۷۴ جلد۴

(۲) البداية والنهاية ص۱۸۵ جزءِ ۸ مقتل الحسين ص۳۴۹

آيو (١) ۽ ان هي شعر پڙهيا

اَلْيَوْمَ اَلْقَي مُسْلِمًا وَهُوَ اَبِيْ- وَعُصْبَةً بَادُ وَاَعْلَي دِيْنِ النَّبِيّ
لَيْسَ بِقَوْمٍ عُرِفُوا بِالْكِذِبِ- لٰكِنْ خِيَارٌ وَكِرَامُ النَّسَبِ
مِنْ هَاشِمِ السَّادَاتِ اَهْلِ الْحَسَبِ

مان اڄ پنهنجي بابي مسلم ۽ ان جماعت سان ملندس جيڪي نبي عليه الصلواة والسلام جي دين تي رهيا اهي اهڙي قوم ناهن جيڪي ڪوڙ سان سڃاتا وڃن پر پلا ۽ نسب جي لحاظ سان ڪريم آهن، هاشمي سردار، حسب جا صاحب آهن، قند وڙي ينابيع المودة باب ٦١ ۾ آندو آهي ته حضرت عبدالله بن مسلم هي شعر چيا هئا.

نَحْنُ بَنُو هَاشِمٍ الْكِرَامِ- نَحْمِي عَنِ السَّيِّدِ الْاِمَامِ
نَجْلِ عَلِيٍّ السَّيِّدِ الضِّرْغَامِ- سِبْطِ النَّبِيِّ الْمَلِكِ الْعَلَّامِ (٢)

اسين عزت وارا بني هاشم آهيون ان امام سردار جي حمايت ڪري رهيا آهيون، جيڪو حضرت علي، سردار، دلير جو اولاد نبي، بادشاهه وڏي علم واري عليه الصلواة والسلام، جو اولاد آهي، ائين چوندي جنگ ڪري رهيو هو ته دشمن جي طرفان هڪ تير سندس سامهون آيو پاڻ هٿ سان ان کي دفع ڪرڻ لڳو پر ايترو ته تکو هو جو هٿ ڪٽي سندس پيشانيءَ ۾ اچي لڳو ۽ اجان ان ڏک کي برداشت ڪري رهيو هو ته ٻئي دشمن ڪيس اهڙو سخت سيني وارو نيزو هنيو جيڪو سندس دل کي لڳو ۽ سندس روح پرواز ڪري ويو جيئن زمين تي ڪريو ته ان دشمن مٿان اچي نيزو ڇڪي ٿي ڪڍيو پر ان جو ڦر سيني ۾ ايترو لهي ويو هو جو نڪري نه سگهيو (٣)

جعفر بن عقيل جنگ جي ميدان ۾

حضرت عبدالله بن مسلم بن عقيل کان پوءِ جعفر بن عقيل ميدان ۾ آيو هن

(١) البداية والنهاية ص١٨٥
(٢) مقتل الحسين ص٣٥١ وحاشية عـ٦٥ (٣) مقتل الحسين ص٣٥١

پلاري جي ماءُ جو نالو خوصاءُ هو جيڪا عامر بن الهمان جي ڌيءُ هئي. حضرت جعفر بن عقيل جنگ ڪندي هيءُ شعر پڙهي رهيو هو.

أَنَا الْغُلَامُ الْاَبْطَحِي الطَّالِبِي- مِنْ مَّعْشَرٍ فِي هَاشِمٍ مِنْ غَالِبِ
وَنَحْنُ حَقًّا سَادَةُ الذَّوَائِبِ- فِيْنَا حُسَيْنُ اَطْيَبُ الْاَطَائِبِ

مان ابطحي طالبي هاشمي خاندان غالب جي اولاد مان نوجوان پٽ آهيان. حق هيءُ آهي ته اسين قبيلن جا سردار آهيون، اسان ۾ پلن ڪان پلو حسين موجود آهي.

اهي شعر چوندو لڙندو رهيو ۽ پنڌرهن يزيدين کي قتل ڪيائين ان ڪان پوءِ ڪيس بشر بن حوماهمداني شهيد ڪري وڌو ۽ ڪي مؤرخ چون ٿا ته ڪيس عبدالله بن عروه يا عزره خشعمي شهيد ڪيو هو (١)

عبدالرحمن بن عقيل جي شهادت

جعفر بن عقيل ڪان پوءِ سندس ڀاءُ عبدالرحمن ميدان ۾ آيو ان سترهن يزيدي قتل ڪيا ۽ آخر ۾ پاڻ عثمان بن خالد جهنيءُ جي هٿان شهيد ٿي ويو. ڪن روايتن ۾ آهي ته عثمان بن خالد سان گڏ بشر بن سوط همداني به سندس شهيد ڪرڻ ۾ شريڪ هو (٢)

عبدالله الاڪبر بن عقيل جي شهادت

ان ڪان پوءِ حضرت عقيل جو پٽ عبدالله جنهن کي عبدالله الاڪبر سڏيندا هئا لڙائيءَ ۾ لٿو ڪيترا پيادا ۽ سوار يزيدي قتل ڪيائين ۽ اهو به عثمان بن خالد جهنيءُ جي هٿان شهيد ٿيو

محمد بن مسلم بن عقيل جي شهادت

بعد ۾ محمد بن مسلم بن عقيل دشمن جي سامهون سينو سپر ڪري لٿو ۽ يزيدين سان وڙهندي ابو مريم ازدي ۽ لقيط بن اياس جهنيءُ جي تلوارن جو نشان بنجي شهادت جو مان ماڻيائين (٣)

(١) حاشية مقتل الحسين ص٣٥٢ حاشيه ٧٢ (٢) مقتل الحسين ص٣٥٣ حاشيه ٧٢

محمد بن ابو سعيد بن عقيل

حضرت عقيل جي اولاد مان هيءُ آخري مجاهد هو جيڪو جنگ جي ميدان ڪي ملهائيندي لقيط بن اياس جهنيءُ يا هانيءُ بن ثبيت حضرميءُ جي هٿان ڪريم رب جي راهه ۾ قربان ٿيو.

حضرت حسين جا پئيتا پائر

عقيل جي پٽن ۽ پوٽن جي شهادت ڪانپوءِ سيدنا حضرت حسين جا پئيتا پائر جنگ جي ميدان ۾ آيا جن جو هيءُ احوال آهي.

ابوبڪربن علي بن ابي طالب

شير خدا جو هيءُ فرزند سندس اهليه مسعود بن خالد بن ربعيءُ جي نياڻي، ليلىٰ نهشليه تميميه مان ڄائو هو. هيءُ سورهيه به ڪربلا جي ميدان ۾ سر ڏيڻ ۽ حضرت حسين جي پيغام تان قربان ٿيڻ لاءِ لٿو ۽ لڙندي لڙندي زجر بن قيس نخعي يا عبدالله بن عقبه غنوي جي هٿان شهادت جو شربت پيتائين.

محمد اصغر بن علي بن ابي طالب

ان ڪان پوءِ محمد اصغر بن علي جنگ جوٽڻ لاءِ لٿو. هن جي امان هڪ قول مطابق اسماء بنت عميس هئي ۽ ويرين سان وڙهندي نيٺ ابان بن دارم تميميءُ جي هٿان شهيد ٿي ويو (١)

حضرت عبدالله بن جعفر جا پٽ

ڪربلا جي ميدان ۾ حضرت عبدالله بن جعفر جا پٽ به شهيد ٿيا هئا جن جو بيان هيٺ آهي.

عون بن عبدالله بن جعفر

هيءُ ڀلارو حضرت حسين جو ڀاڻيجو سندس پياريءُ ڀيڻ سيده زينب جو فرزند هو، وڌيڪ صحيح قول اهو آهي، ڪن ان جي امان جو نالو جمانة بنت مسيب بن نجبه فزاري لکيو آهي پر اهو قول معتبر نه آهي. هن جوان جنگ ڪندي يزيدي

(١) مقتل الحسين ص٣٥٢ ڪان ص٣٥٤ تائين حاشيه ع٧٢

لشڪر مان ٽي گهوڙي سوار ۽ ارڙهن پيادا جهنم ۾ پهچايا. آخر ۾ پاڻ عبدالله بن قطنة طائيءَ جي هٿان شهيد ٿي ويو.

محمد بن عبدالله بن جعفر

هن سائينءَ جي امان حفصه بن ثقيف جي نياڻي خوصاء هئي نهايت دليريءَ جو ثبوت ڏيندي ڏهن دشمنن کي قتل ڪيائين ۽ پاڻ عامر بن نهشل تميميءَ جي هٿان شهادت جو پيالو پيتائين. اڪثر مؤرخن لکيو آهي ته حضرت عبدالله بن جعفر جا اهي ٻئي پٽ حضرت حسين سان مڪي پاڪ کان گڏ روانا ٿيا ۽ سندس سامهون شهيد ٿيا هئا (١)

حضرت امام حسن جا پٽ

مقتل الحسين جي ص٣٥٥ حاشيه ع٧٤ تي حسين بن تقي آل بحرالعلوم لکيو آهي ته حضرت امام حسن جا چار پٽ ڪربلا جي ميدان ۾ آيا هئا.

حضرت حسن بن حسن

هن سائينءَ کي حسن مثنيٰ چوندا هئا. هن جي امان منظور فزاريءَ جي ڌيءُ خوله هئي جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون. هن جوان به جنگ جي ميدان کي ملهايو ۽ وڙهندي وڙهندي ڏکي ٿي زمين تي ڪريو هو. جڏهن يزيدي ظالم سندس سرمبارڪ کي ڌڙ کان ڌار ڪرڻ لاءِ آيا ته سندس مامن مان اسماء بن خارجه فزاري سندس بچاءَ لاءِ سفارش ڪئي ان جي ڪري کيس ڇڏي ڏنائون ۽ اهو مامون کيس ڪوفي ڪٺائي آيو اتي سندس ڦٽن جو علاج ٿيو ۽ صحت ياب ٿي مدينه پاڪ ۾ اچي رهيو. سندس شادي حضرت حسين جي نياڻي فاطمه صغريٰ سائينءَ هئي جنهن مان کيس اولاد ٿيو هو ۽ آخر ۾ وليد بن عبدالملڪ جي دور ۾

---

(١) ساڳيو حوالو

زهر جي ذريعي پنهنجي پيءُ وانگر شهيد ڪيو ويو.

٢- عبدالله الاڪبر

هن سائينءَ ڪي ابوبڪر سڏيندا هئا. هن سائينءَ جي امان جو نالو دمله هو. هيءُ به جنگ ڪندي عبدالله غنويءَ جي هٿان شهيد ٿي ويو.

٣- عبيدالله الاصغر

هيءُ ننڍو جوان يارهن سالن جي عمر جو هو، هن سيد سهڻي ڪي پنهنجي چاچي حضرت حسين جي زمين تي ڪرڻ ڪانپوءِ سندس سيني تي رکي ظالم حرمله شهيد ڪيو هو.

٤- قاسم

حضرت امام حسن دنيا مان رحلت ڪرڻ وقت هن پٽ کي حضرت حسين وٽ امانت رکيو هو. تاريخدانن ۽ شهادت نامن لکندڙن جا متفق ارشاد آهن ته حضرت قاسم جنگ جي ميدان ۾ لهڻ وقت يارهن سالن جو هو اجا بالغ نه ٿيو هو (١)

آل رسول تي ڪوڙ

سيدنا امام حسن جي احوال ۾ ٻين حوالن سان به لکي آيا آهيون ۽ هتي به هيٺ شيعن جي ڪتاب جوحوالو ڏنو اٿئون ته حضرت قاسم ميدان ڪربلا ۾ شادي نه ڪئي هئي، جڏهن بالغ ئي نه هو ته ان دردناڪ حالت ۾ شاديءَ جي ضرورت ڪهڙي؟ وري چون ٿا ته ميندي به هنئي هيائون حضرت قاسم جي شاديءَ ڪي بيان ڪرڻ وارا ٻڌائين ته ڪهڙي ڪنوار سان شادي ڪيائين. ۽ اها ڪنهن جي نياڻي هئي؟ مان سني شاعرن کي به ادب سان عرض ڪريان ٿو ته خدارا شعرن ۾ صحيح روايتون بيان ڪيو. غلط ۽ ڪوڙين روايتن سان ڇا ثواب ملندو؟

(١) مقتل الحسين ص٣٥٤- ٣٥٥ حاشيہ٧٤

حضرت امام حسن جي رحلت وقت حضرت قاسم جي عمر چار سال هئي.
حضرت حسين کيس پاليو هو ان جي ڪري ڪيس پنهنجن سڀني پٽن وانگر پيارو
هو ۽ پنهنجن پيارن اهلبيت کان موڪلائيندي حضرت حسين کنهن لاءِ به بيهوش
نه ٿيو هو پر حضرت قاسم جڏهن کانئس موڪلائڻ آيو ته هڪ ٻئي کي ڀاڪر
پائيندي روئندي ٻئي بيهوش ٿي ويا هئا (١)

حضرت قاسم ميدان ڪار زار ۾

جڏهن حضرت قاسم ننڍيءَ عمر هوندي جنگ لاءِ تيار ٿيو ۽ چاچي حضرت
حسين کان موڪلائڻ لاءِ آيو ته پاڻ ان کي موڪل ڏيڻ کان انڪار فرمايائون
حضرت قاسم چاچي سائينءَ جي هٿن، پيرن تي چميون ڏئي گهڻو ست ستاءِ
ڪري موڪل ورتي ۽ روئندي ميدان ڏانهن هيءُ شعر پڙهندو آيو.

اِنْ تُنْكِرُوْنِيْ فَاَنَا نَجْلُ الْحَسَنِ- سِبْطِ النَّبِيِّ الْمُصْطَفٰي وَالْمُؤْتَمَنِ
هٰذَا حُسَيْنٌ كَالْاَسِيْرِ الْمُرْتَهَنِ، بَيْنَ اُنَاسٍ لَا سَقُوا صَوْبُ الْمُزْنِ

يعني جيڪڏهن اوهان مون کي نٿا سڃاڻو ته (ٻڌو) مان نبي مصطفيٰ عليه الصلاة والسلام
امانت واري جي ڏوهٽي حسن جو ٻچو آهيان، هيءُ حسين آهي جيڪو ڳهه رکيل شخص
وانگر قيدي لڳو پيو آهي، ان کان پوءِ ننڍي عمر ۽ اڄ جي هوندي وڏن بهادرن
وانگر وڙهندي پنجٽيهن يزيدين کي قتل ڪيائين (٢) ابو مخنف سليمان بن ابي
راشد کان روايت آندي آهي. حميد چيو ته جنگ جي دوران (حسيني ٽنبن مان)
هڪ نينگرو اسان ڏانهن (جنگ جي ارادي سان) نڪري آيو سندس منهن
(مبارڪ) چنڊ جو ٽڪرو هو سندس هٿ ۾ تلوار هئي قميص پاتل ۽ گوڏ
ٻڌل هيس، ٻنهي جتين مان هڪ جتي جو ٽيئل هئي مون کي چڱيءَ طرح ياد نه آهي ته ڪهڙي
پير واري يا سڄي پير واري، ان کي ايندي ڏسي اسان جي ساٿين مان هڪ
شخص عمر بن سعد بن نفيل ازديءَ چيو ته مان ان تي سخت حملو ڪيان ٿو.
مون ان کي چيو ته سبحان الله ان تي حملي ڪرڻ مان

(١) مقتل الحسين ص٣٥٦ (٢) مقتل الحسين ص٣٥٦

چا سوچيو اٿئي؟ اوهان لاءِ ميدان ۾ شهيد ٿيل ئي ڪافي آهن. پوءِ وري ڪافي قسم ڪٿي چيائين ته مان ان تي سخت حملو ضرور ڪندس، پوءِ ان ظالم ان تي سخت حملو ڪري ڪيس تلوار هنئين ته پاڻ پنهنجي چاچي حضرت حسين کي سڏ ڪري چيائين ته يا عماه! اي چاچا!حضرت حسين اهو سڏ ٻڌي پاڻ ميدان ۾ آيو ۽ نهايت دليري ۽ جرئتمنديءَ سان دشمن تي اٿين سخت حملو ڪيائين جيئن ڪاوڙيل شينهن ڪنهن تي ڪاهه ڪندو آهي ۽ عمر بن سعد تي تلوار جو وراياءين ته ان ٻانهن جي ڪارائيءَ سان دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر حسيني تلوار لڳڻ سان سندس چنبو ڪارائيءَ کان ڪٽجي ويو. پوءِ دانهن ڪري حضرت قاسم کان پري ٿي ويو پر ڪيس ڇڏائڻ لاءِ ڪوفي لشڪرين جا سوار ميدان ۾ لٿا ۽ گهوڙا ڊوڙائيندا ڇڏائي هليا ويا. جڏهن گهوڙن جي ڊوڙڻ جي ڪري اڏامندڙ غبار ختم ٿيو ته حضرت حسين ڏٺو ته پاڻ حضرت قاسم جي مٿان بيٺو هو ۽ حضرت قاسم جا پير ڦٿڪڻ جي ڪري هڪ ٻئي سان رڳڙجي رهيا هئا. امام عالي مقام اها حالت ڏسي حضرت قاسم سان مخاطب ٿيندي فرمايو ته: ان قوم جي لاءِ هلاڪت آهي جن توکي شهيد ڪيو. قيامت جي ڏينهن انهن تي تنهنجو ڏاڏو فريادي هوندو. ان کان پوءِ فرمايائين ته تنهنجي چاچي لاءِ اها ڳالهه ڳري آهي جو تون ان کي سڏين ۽ اهو نه اچي يا اچي پر توکي فائدو ڏئي نه سگهي، پوءِ حضرت حسين حضرت قاسم کي کنيو پر ان جا پير مبارڪ زمين سان گسي رهيا هيا. ان جي سيني کي حضرت حسين پنهنجي سيني سان ملائي ڪيس ڪٿي پنهنجي پٽ علي اڪبر سان گڏ اچي رکيو روايت جو راوي حميد چوي ٿو ته مون پڇا ڪئي ته اهو سهڻو نينگر ڪير هو،ٻڌايائون ته قاسم بن حسن بن علي بن ابي طالب (١)

(١) البداية والنهاية ص١٨٦ جزء ٨ الكامل في التاريخ ص٧٥ جلد٤

ننڍڙو شهيد علي الاصغر

هڪ طرف الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندڙ حضرت حسين جا ساٿي واري واري سان شهيد ٿيندا ويا ته ٻئي طرف ظالم يزيدي هزارن جي تعداد ۾ امام پاڪ جي سر کي شهيد ڪرڻ لاءِ تلوارون، تير ۽ نيزا تيار رکيو بيٺا هئا. ان ڪشمڪش جي حالت ۾ سيدنا حسين کي سندس پياريءَ ڀيڻ ام ڪلثوم رضي الله عنها عرض ڪيو ته: دلبر ڀاءُ تنهنجي ننڍڙي پٽ عبدالله (علي اصغر) کي تن ڏينهن کان پاڻي نه مليو آهي هنن ظالمن کي ان تي شايد رحم اچي ان لاءِ ته پاڻي گهرو ته پيارٻونس ۽ اهو ساڳيو عرض حضرت علي اصغر جي امان سيده رباب به ڪيو حضرت امام عالي مقام ٻنهي خاتونن جي عرض تي ان ننڍي پٽ کي ڪڻي دشمن جي سامهون آيو ۽ فرمايائين ته: اي ظالمو! اوهان منهنجا ساٿي، ڀائر، سوٽ، ڀائيجا، شهيد ڪري ڇڏيا هي هڪ ننڍو ٻچو ڇهن مهينن جي عمر جو آهي ان لاءِ ته پاڻي ڏيو. ظالمن کي ان ننڍڙي حسيني گل تي به رحم نه آيو ۽ ظالم حرمل بن ڪاهل ان کي اهڙو زور سان تير هنيو جو علي اصغر جي پاڪ ڳچيءَ کي ڪٽي نڪري حضرت حسين جي ٻانهه ۾ اچي لڳو. امام پاڪ جي هٿن ۾ ئي علي اصغر جي روح پرواز ڪيو ۽ امام پاڪ کيس ڇمي ٻين شهيدن سان رکيو (١) ۽ علامه ابن الاثير آندو آهي ته علي اصغر جو نالو عبدالله هو حضرت حسين انکي هنج ۾ ڪنيو ويٺو هو ته يزيدي سپاهين مان هڪ شخص جيڪو بني اسد قبيلي جو هو ان ننڍڙي عبدالله کي تير جو نشان بڻايو ۽ حسين پاڪ ان ننڍڙي ٻچي جو رت مبارڪ هٿ ۾ رکي پوءِ زمين تي ڇڏيو هو (٢)

حضرت حسين جي شهادت

---

(١) ينابيع المودة ص٣٤٦ باب ٦١- لواعج الاشجان ص١٨١

(٢) الكامل ص٧٥ جلد٤

انهن سڀني شهيدن جي شهادت کان پوءِ حضرت امام حسين جي ذات جو وارو آيو اهو حضرت حسين جيڪو راڪب دوش رسول، نور ديده بتول، علي المرتضىٰ جي دل جو ٽڪرو، حسن مجتبىٰ جي جان جي راحت جنتي نوجوانن جو سردار، عاشقن جي قافلي جو سالار، آل رسول جي اکين جو تارو، بيڪسن جي دلين جو سهارو هو. اهو حسين جنهن کي حضور صلى الله عليه وسلم جن سيني تي سمهاريندا، ڪلهن مبارڪن تي سوار ڪندا ۽ ان کي پنهنجي زبان وحي ۽ فيض ترجمان چوسائيندا هئا. اهو حسين جو جيڪڏهن جيجل امان سيده فاطمه زهراء رضي الله عنها جي جهوليءَ ۾ روئندو هو ته ان جو روئڻ هڏي نبين جي سردار عليه الصلواة والسلام جي طبيعت بي قرار ٿيندي هئي اهو ناز سان پاليل جيڪو جيڪڏهن نماز پڙهندي حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي پاڪ پٺيءَ تي چڙهي ته پاڻ سجدو گهڻي دير تائين ڪندا هئا ان جو پٺيءَ تان ڪرڻ محبوب عليه الصلواة والسلام جن کي ناگوارا گذرندو هو، اهو محبوب جو محبوب ٻچڙو جنهن جي محبت هر مؤمن تي فرض آهي ۽ ان جي تعظيم، توقير، ادب ۽ احترام به هر مسلمان تي لازم آهي ان جي محبت الله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي محبت۽ ان کي ايذائڻ الله جل جلاله ۽ ان جي رسول پاڪ عليه الصلواة والسلام کي ايذائڻ آهي. يزيدين ظالمن اهڙي محبوب هستيءَ کي سندس پردي دار اهل ۽ عيال جي سامهون تلوارن، تيرن ۽ نيزن سان گهايل ڪري، گهوڙي کان ڪيرائي سندس مقدس لاش جي مٿان گهوڙا ڊوڙائي لتاڙائڻ جو پروگرام ٺاهيو. افسوس صد افسوس بلڪ هزار لک بار افسوس

جن کے صدقے میں ہوئے آزاد صدیوں کے اسیر
کیا انہیں کو بستۂ زنجیر ہونا چاہئے



حضرت امام سهڻي- پنهنجو سارو ڪٽنب، قبيلو، عزيز، دوست، مٽ، مائٽ، مددگار ۽ ساٿي حق جي واٽ ۾ قربان ڪرائي هاڻي پنهنجي سچي معبود جي بارگاهہ اقدس ۾ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪرڻ جي تياري ڪئي تنبن ۾ رهندڙن کان موڪلاڻ لاءِ اندر جو گهڙيو تہ سندس نگاهہ بيمار پٽ زين العابدين تي پئي جنهن سخت بخار جي حالت ۾ ڪئين ڏينهن بستري تي گذاريا هئا جنهن کي ايڏي وڏي سفر جي پريشانيءَ بک ۽ اڃ جي شدت ۽ اکين جي اڳيان ٿيندڙ ساهہ سڪائيندڙ واقعات ايترو ڪمزرو ڪري ڇڏيو هو جو اٿڻ جي ڪري سندس بدن تي ڏڪڻي طاري ٿي وئي ٿي پر اهڙيءَ حالت ۾ بہ نيزو هٿ ۾ ڪٽي جنگ جي ميدان ۾ لهڻ لاءِ سوچي رهيو هو. پاڻ پنهنجي ان پياري پٽ کي ڀاڪر پائي پيار ڏيندي فرمايائون تہ: پرين پٽ! تنهنجو وقت هاڻي ناهي، اجان توکي پنهنجن مائرن ڀيڻن جي نگهداشت ڪرڻي ۽ انهن بيڪس اهل بيت کي وطن پهچائڻو آهي، منهنجا فرمانبردار فرزند! الله تعالىٰ توهان ئي منهنجي نسل حسيني ساداتن جو سلسلو جاري رکندو، خيال ڪجان، صبر ۽ استقامت کي مضبوطيءَ سان ونجاءِ الله جي واٽ ۾ پيش ايندڙ هر تڪليف کي برداشت ڪجان. هر حالت ۾ منهنجي ناني ڪريم عليه التحية والتسليم جي شريعت ۽ سنت جي اتباع جي پابندي ڪجان. ڏک ۽ مصيبتون ڏسي جڏهن مديني پاڪ پهچين تہ سيني کان اول ناني پاڪ جي دربار تي پهچي منهن جا سلام عرض ڪرڻ سان گڏ سارو دردي داستان عرض ڪجانءِ ۽ دلبر ڀاءُ حسن مجتبىٰ جي مزار تي وڃي اتي بہ سلام چئجان. منهن جا پيارا پٽ! مون کان پوءِ تون ئي منهنجو جانشين ۽ مسند جي زيب ۽ زينت آهين. پوءِ امام پاڪ پنهنجي دستار حضرت امام زين العابدين جي مٿي تي رکي ۽ کيس بستري تي ليٽڻ جو امر فرمايو. ان کان پوءِ امام عالي مقام پنهنجو ساڻ ڪنيل سامان کولي تمام سهڻو ۽ نرم، مصر جي ڪپڙي مان

ٿهيل جبو مبارڪ بدن تي ڍڪيو. ۽ حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي دستار مبارڪ مٿي تي ٻڌي. سيدالشهداء حضرت حمزه رضي الله عنه جي استعمال ڪرڻ واري ڍال پٺيءَ تي لڙڪائي پنهنجي ڀاءُ حضرت حسن رضي الله عنه جي پڳ چيلهه سان سندرو ڪري ٻڌي ۽ پنهنجي والد حيدر ڪرار رضي الله عنه جي تلوار ذوالفقار حمائل ڪري ڪنئي، ۽ سڀ ڪجهه الله جي واٽ ۾ قربان ڪرڻ ڪان پوءِ پاڻ ميدان ۾ لهڻ لاءِ تيار ٿيو. ان ڪان پوءِ پردي دار بيبين ڏانهن متوجه ٿيو ته انهن جي منهن مان بي ڪسيءَ جا آثار نمايان نظر اچي رهيا هئا چهرن جي رونق مٽجي چڪي هئي ۽ انهن جي نوراني نيڻن مان موتين وانگر ڳوڙها ڪري رهيا هئا جڏهن حسين پاڪ کين الوداع ڪرڻ لاءِ سلام چيو ته جگر جي درد ۾ ٻڏل پينرن چيو ته پيارا ڀاءُ! گهر وارين چيو ته: اسان جي سرن جا تاج! نياڻين چيو ته پيارا ابا! ڪاڏي ٿا وڃو؟ اسان کي هن رڻ پٽ ۾ ڪنهنجي حوالي ڪري ٿا وڃو؟ جن جانور صفت انسانن کي علي اصغر تي رحم نه آيو اهي اسان سان ڪهڙو روبو رکندا. پاڻ سڀ ٻڌي فرمايائين ته: اوهان سڀني جو الله نگهبان آهي، اوهان صابرن جو اولاد آهيو الله تعالیٰ جي قضا ۽ رضا تي راضي رهو، زبان تي شڪايت جو ڪو حرف به نه آڻجو، اهي نصيحتون ۽ هدايتون ڪندي سڀني کي سلام ڪري تنبوءَ ڪان ٻاهر نڪتو ۽ چوڌطرف نهاريائين ته شهيدن جي لاشن ڪان سواءِ ڪو به سڄڻ ۽ ساٿي نه هو جو ڪيس رڪاب جهلي گهوڙي تي سوار ڪري، پاڻ وري به حجت پوري ڪرڻ لاءِ يزيدين کي هدايتون ڪيائين. پر اهي ازلي ۽ ابدي بدبخت ڪا به ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ نه تيار هئا نه ٿيا. هيڏانهن حضرت حسين موڪلاڻي ٻاهر نڪتو هوڏانهن شمر بن ذي الجوشن ڪجهه پيادا سپاهي وٺي اهل بيت اطهار جي تنبن ڏانهن وڌيو ۽ اهي حضرت حسين ۽ سندس اهل عيال جي وچ ۾ ٿي بيٺا. امام پاڪ فرمايئن ته: اي ظالمو! جيڪڏهن دين ڪان پري ٿي ويا آهيو ۽ آخرت جو ڊپ به نه اٿو ته گهٽ

۾ گهٽ دنيوي حياءُ ته ڪريو، پنهنجن گمراهن جاهلن کي روڪيو ته منهنجي اهل عيال ڏانهن نه وڃن. پر ظالمن اڻنگو جواب ڏيندي چيو ته! اي فاطمه جا فرزند! اهو ٿيندو

ڪرامت

ان وچ ۾ حضرت امام پاڪ پاڻي پيئڻ لاءِ فرات ڏانهن ويو ته يزيدي سپاهيءَ ڪيس اهڙو شديد تير هنيو جيڪو سندس پاڪ وات ۾ لڳو ۽ رت ڦوهارا ڪري وهڻ لڳو. حضرت حسين اهو رت هٿ سان جهٽي آسمان ڏانهن اڇلائي الله جو حمد ۽ ثنا ڪري بارگاهه ايزديءَ ۾ عرض ڪيو ته: ياالله! جيڪو تنهنجي نبي جي نياٽيءَ جي پٽ سان ڪيو ٿو وڃي ان جي دانهن توکي ٿو ڏيان مالڪ منا! انهن کي سزا ڏي ڪو به انهن مان باقي نه رهي،ٿوري دير ڪان پوءِ اهو تير هڻڻ وارو دانهون ڪرڻ لڳو ته اچ ڙي اچ- پوءِ ان جي اڳيان ٿڌا، منا پاڻي،کير سان ملايل شربت آندائون ۽ پياريائونس ٿڌيون ٿڌيون هوائون هنيائونس پر دانهن تي دانهن پيو ڪري ته اچ ڙي اچ- پاڻي پياريو. ٿوري دير ۾ پيٽ وڏي اٺ جي پيٽ جيڏو ٿي ويس (١) ۽ ان ئي حالت ۾ دانهون ڪندي مري ويو(٢) ان ڪان پوءِ شمر ظالم پنهنجن انهن سپاهين کي حضرت امام عالي مقام کي شهيد ڪرڻ جي لاءِ لاتو، جن کي خصوصي طرح سائينءَ جي مقابلي جي لاءِ ترسايو ويو هو. انهن مان تميم بن قحطبه، جابر بن قاهر قمي، بدر بن سهيل يمني پنهنجن چنني پڻ سميت آيا پر هڪ هڪ ڪسندو ختم ٿيندو ويو ڪير به حضرت حسين جي مقابلي ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيو. دشمن جي لشڪر ۾ هاءِ گهوڙا ٿي وئي ته اڪيلو حسين سيني کي سٽي ڪٿي ميدان ملهايو بيٺو آهي، عبدالله بن عمار هڪ لشڪريءَ جو بيان آهي ته: الله جو قسم مون اهڙو جنگي جوان ڪڏهن به نه ڏٺو جنهن جو

(١) الڪامل ص٧٦ جلد٤ (٢) تبيان الصواب قلمي ص٤٨

سارو خاندان شهيد ٿي ويو هجي ٻچا ڪنا پيا هجن ان هوندي به جرئت ۽ دليريءَ سان وڙهي رهيو هجي،الله جو قسم آهي ته مون حسين جهڙو بهادر نه اڳي ڏٺو نه پوءِ جنگ جي ميدان ۾ يزيدي سپاهي ان ڪان ائين پيا ڊڄي ڀڄن جيئن بگهڙ ڪان ٻڪريون (١) پاڻ مخالفن سان وڙهندي انهن کي فرمائي رهيا هئا ته: منهنجي شهيد ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيڻ وارؤ! الله جو قسم آهي ته: مون ڪان پوءِ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي قتل نه ڪندؤ جنهن جو قتل منهنجي شهيد ڪرڻ ڪان وڌيڪ اوهان تي الله جي غضب ۽ قهر جو سبب بنجي، الله تعالىٰ مون کي اعزاز ڏيندو ۽ اوهان کي ذليل ڪندو ۽ جيستائين اوهان تي سخت عذاب نه اماڻيندو راضي نه ٿيندو (٢) حضرت حسين جي همت ۽ جرئت يزيدين کي مايوس ڪري وڌو نيٺ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته اڪيلو مڙس ٿي ڪري جنهن پاسي سجي يا کبي حملو ٿو ڪري ته ڪيترا ڪيرائي قتل ڪري ڇڏي ٿو. هاڻي سڀ گڏجي تير ۽ نيزا هلايو ته ڪيس منهن ڏئي سگهون. هڪ هڪ ٿي جيڪو ويندو سو سلامت نه موٽندو، پوءِ سڀني گڏجي پري ڪان تير ۽ نيزا هلايا جن جي لڳڻ جي ڪري امام پاڪ جو گهوڙو هلڻ ڪان عاجز ٿي ويو ۽ حضرت امام پيادل جنگ شروع ڪئي شمر پنهنجا اعتماد جهڙا جنگي جوان جن مان عبدالرحمٰن جحفي، قشعم بن نذير جعـــفي، صـــالح بن وهب يزني، سنان بن انس نخعي، خولي بن يزيد اصبحي،وڏا نالي وارا هئا حضرت امام حسين تي حملي ڪرڻ جي لاءِ موڪليا، پر حضرت حسين جي حملي ڪرڻ وقت اهي به پٺي ٿي ويا. ان حالت دوران سيده زينب سائڻ اڪيلي ڀاءُ جي ان حال تي بي اختيار بنجي ٻاهر نڪري آئي ۽ عمرو بن سعد کي چيائين ته: منهنجو دلبر ڀاءُ شهيد ڪيو ويندو ۽ تون ڏسندو رهندين؟ ابن سعد سائڻ جا گفتا ٻڌي روئي ڏنو ۽ سندس اکين جا ڳوڙها ڳلن تان ٿي سندس ڏاڙهيءَ ڪان هيٺ وهي هليا. (جواب ڪو به نه ڏنائين) ۽ منهن ٻئي

(١) تاريخ طبري ص٢٥٩ جزءُ ٦ (٢) طبري ص٢٦٠ جزءُ ٦

طرف ڪري بيهي رهيو- هوڏانهن حضرت حسين وڙهندو رهيو ۽ شمر دانهن ڪري پنهنجن ظالمن سپاهين کي بچ ڪئي تہ: تباهہ ٿا ٿيو! سيني گڏجي حسين تي تير، تلوارون ۽ نيزا هلايو. پوءِ پهريون ظالم جنهن امام پاڪ جي کبي هٿ ۽ کلهي تي تلوار هلائي زرعة بن شريڪ تميمي هو ۽ ٻيو وار سنان بن انس نخعي ڪيو پوءِ امام پاڪ زمين تي ڪري پيو ۽ سنان خوليءَ کي چيو تہ تون امام پاڪ جو سر مبارڪ ڌڙ پاڪ کان ڌار ڪر ان ارادو ڪيو پر بدن تي ڏڪٽي پيس نہ ڪري سگهيو ۽ سنان ئي اچي امام پاڪ جي سر کي ڌڙ کان ڌار ڪري سر مبارڪ خوليءَ جي حوالي ڪيو، سنڌ جي نامور عالم مخدوم قائم سنڌيءَ لکيو آهي تہ: سر مبارڪ کي ڌڙ کان ڌار ڪندڙ ۾ تاريخن جو اختلاف آهي ڪن حصين بن نمير چيو تہ ڪن مهاجر بن اوس تيمي، ڪن ڪثير بن عبدالله تہ ڪن شمر ذي الجوشن مگر وڌيڪ صحيح قول آهي تہ اهو سنان بن انس نخعيءَ ڪيو هو (١)

شهادت جو ڏينهن، تاريخ ۽ سال

سندن شهادت محرم الحرام مهيني جي ڏهين تاريخ (يوم عاشوره) جمعة المبارڪ جي ڏينهن سنہ ٦١ هجريءَ عراق جي علائقي، ڪربلا جي سرزمين تي ٿي هئي ۽ اتي ئي سندن مزار برڪت آثار آهي جنهن جي زيارت ڪئي ويندي آهي (٢)

وفات وقت عمر مبارڪ

امام بخاري پنهنجي تاريخ ۾ لکيو آهي تہ: اعمش جي قول مطابق شهادت وقت سندن عمر مبارڪ اوڻهٺ (٥٩) سال هئي ۽ حضرت امام جعفر صادق پنهنجي پيءُ امام محمد باقر کان ان پنهنجي والد حضرت امام زين العابدين

(١) تبيان الصواب قلمي ص٠٠

(٢) اسد الغابة ص٢٠ جلد٢ مرقاة شرح مشڪواة ص٥٩٥ جلد٥

رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي تہ: شهادت وقت سندن عمر مبارک اٺونجاهہ سال هئي- ٥٩ سال جي ذڪر تي حاشيہ هيٺ واري لکيو آهي تہ: صحيح قول مطابق سندن عمر ٥٧ سال هئي (١) ۽ ڪن چيو آهي تہ سندن عمر مبارڪ ڇاونجاهہ سال پنج مهينا هئي (٢) ۽ محدث سفيان ثوريءَ حضرت امام جعفر صادق کان روايت آندي آهي تہ حضرت علي، حضرت امام حسين، حضرت زين العابدين، ۽ حضرت امام محمد باقر رضي الله عنهم سڀني جي عمر اٺونجاهہ سال هئي (٣)

جسم اطهر تي زخم

امام حسين جي شهادت کان پوءِ ڏٺو ويو تہ سندس جسم اطهر تي ٽيٽيهہ تيرن ۽ ٽيٽيهہ تلوارن جا گهاءَ ٿيل هئا (٤) ۽ ڪن جو قول آهي تہ ٣١ نيزن جا، ٣٣ يا ٣٤ تلوارن جا ۽ هڪ سؤ کان ڏهہ يا پندرهن مٿي تيرن جا ڏڪ هئا (٥)

جملي شهيد ڪيترا ٿيا هئا؟

علامہ شبلنجي لکيو آهي تہ: جن شهيدن جا سر حسين پاڪ جي سر مبارڪ سان گڏ عبيدالله بن زياد وٽ پهچايا ويا هئا اهي سترهئا. مطلب تہ حضرت حسين سان گڏ شهيد ٿيڻ وارا ڪل ٻاهتر هئا، ۽ يزيدي لشڪر مان مرڻ وارا اٺاسي هئا (٦)

اهلبيت ڪيترا شهيد ٿيا هئا؟.

علامہ قائم سندي لکيو آهي تہ حضرت امام عالي مقام سان گڏ شهيد ٿيندڙ اهلبيت اڻويهہ (١٩) هئا.جن لاءِ حضرت امام حسن بصري فرمايو آهي تہ ان وقت دنيا ۾ انهن جو مٽ ۽ مثال ڪير بہ ڪو نہ هو (٧) ۽ علامہ ابو الحسنات

---

(١) التاريخ الڪبير ص٣٨١ جلد٢ (٢) صفة الصفوة ص٣٨٧ جلد٢

(٣) الاستيعاب بهامش الاصابة ص٣٨٢ جلد١ (٤) نورالابصار ص١٣٣

(٥) تبيان الصواب قلمي ص٥١ (٦) ساڳيا حوالا

(٧) تبيان الصواب ص٥٣

سيد محمد احمد قادري عليه الرحمة حضرت امام صاحب سان گڏ شهيد ٿيندڙن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته: ٿيهتر شهيد صرف امام صاحب جا ساٿي ۽ محب هيا، باقي اهلبيت مان ايڪويهه (٢١) هيا جن جا نالا هي لکيا اٿس ١- سعد حضرت علي جو غلام ٢- فيروز حضرت حسين جو غلام ٣- عبدالله بن عقيل ٤- عبدالرحمٰن بن عقيل ٥- جعفر بن عقيل ٦- عبدالله بن مسلم بن عقيل ٧- محمد بن عبدالله بن جعفر طيار ٨- عون بن عبدالله بن جعفر طيار هي ٻئي ڀائر حضرت حسين پاڪ جي پياري ڀيڻ سيده زينب جا فرزند هيا- ٩- ابوبڪر بن امام حسن ١٠- عمر بن امام حسن ١١- عبدالله بن امام حسن ١٢- قاسم بن امام حسن ١٣- محمد بن حضرت علي ١٤- عثمان بن حضرت علي ١٥- عبدالله بن حضرت علي ١٦- جعفر بن حضرت علي ١٧- عباس بن حضرت علي ١٨- علي اڪبر بن امام حسين ١٩- علي اصغر بن امام حسين ٢٠- محمد بن ابي سعيد بن عقيل ٢١- حضرت امام حسين پاڻ رضي الله عنهم (١)

شهادت کان پوءِ جي حالت

علامه ابن الڪثير لکيو آهي ته حضرت پاڪ جي شهيد ڪرڻ کان پوءِ شمر بن ذي الجوشن ظالم، ملعون، حضرت امام زين العابدين کي شهيد ڪرڻ لاءِ وڌيو پر حميد بن مسلم نالي هڪ سندس ساٿيءَ کيس روڪيو ۽ پوءِ مڙي ويو (٢)

شمر کي حضور عليه الصلواة والسلام جن اڳ ۾ ئي ڪتو سڏي ويا هئا.

محمدبن عمرو بن حسن فرمايو ته: اسين حضرت حسين سان ڪربلا ۾ گڏ هياسين ته پاڻ شمر ڏي نهاري فرمايائون ته: الله ۽ ان جي رسول (عليه الصلواة والسلام) سچ چيو آهي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن

(١) اوراق غم ص٣٩٢ البدايةوالنهاية ص١٨٩ جزء ٨

(٢) البداية والنهاية ص١٨٨ جزء ٨

فرمايو ته: كاني انظر الي كلب ابقع يلغ في دماء اهل بيتي " (١) مان ڇڻ ته هڪ ڪتو ٿو ڏسان جيڪو منهن جي اهل بيت جي رت کي لڪي رهيو آهي. هي حديث مبارڪ آٿي علامه ابن الڪثير لکيو آهي ته شمر کي الله ٻڇڙو بنائي ڪوڙهه جو مريض هو ان ڏانهن ئي حديث پاڪ جو اشارو آهي.

ڦرلٽ

امام سهڻي کي شهيد ڪرڻ کان پوءِ ظالمن اهل بيت اطهار جي هر شيء ڦرلٽ ڪري ڪنئي بحر بن ڪعب نالي هڪ يزيديءَ امام پاڪ جي ڪائنچ مبارڪ ڪنئي، قيس بن اشعث ريشمي ڪپڙي جي ٽوپي، اسود عودي نعلين شريفين ڪنيا هڪ شخص دارم قبيلي مان حسين پاڪ جي تلوار ڪنئي ۽ ٽنبن پر جيڪي به ٿورا گهڻا ٿِه، زيور، ڪپڙا، لٽا هيا سي به ڪنيائون ايتري قدر جو پردي دار پاڪن جي متي مبارڪ جا روا ۽ چادرون به ظالم لاهي ويا (٢) علامه قائم سنڌيءَ لکيو آهي ته تلوار نهشليءَ ۽ بي تلوار جميع اوديءَ ڪنئي هئي (٣)

اٿنديئي سزا

حضرت امام پاڪ جي شهادت کان پوءِ ڪن ماڻهن سنان پليد کي چيو ته: ظالم تو علي ۽ فاطمه جي پٽ اهڙي وڏي هستيءَ کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي جو هن يزيدين کي ملڪ مان ئي ڪڍي ڇڏي ها. پنهنجن اميرن وٽ وڃ انهن کان وڃي انعام گهر جيڪڏهن توکي پنهنجن مالن سان پريل گهر ڏين ته به حسين جي شهيد ڪرڻ جي مقابلي ۾ ٿورو آهي پوءِ سنان پنهنجي گهوڙي تي چڙهي عمرو بن سعد ڏانهن روانو ٿيو نياڳو دلير هجڻ سان گڏ شاعر به هو، سو ابن سعد جي تنبوءَ جي دروازي تي بيهي هي شعر پڙهڻ لڳو

اَوْقِرْ رِكَابِيْ فِضَّةً وَّذَهَبًا- اِنِّيْ قَتَلْتُ السَّيِّدَ الْمُحَجَّبَا
قَتَلْتُ خَيْرَ النَّاسِ اُمًّا وَّاَبًا- وَخَيْرَهُمْ اِذْ يَنْسَبُوْنَ نَسَبًا

---

(١) ساڳيو حوالو

(٢) الڪامل ص٧٩ جلد٤ البداية والنهاية ص١٨٩ جزء ٨

(٣) تبيان الصواب قلمي ص٤٨

يعني منهنجي رڪاب کي چانديءَ ۽ سون سان ڀري ڇڏ جو مان اهڙي برگزيدي سردار کي جيڪو ماءُ ۽ پيءُ جي نسب جي لحاظ سان پلو آهي شهيد ڪري آيو آهيان. ابن سعد اهو ٻڌي چيس ته: تون ته ڪو چريو آهين ڪڏهن به عقل نه هوندو اٿئي. ان ڪان پوءِ ٻين سپاهين کي چيائين ته: ان کي مون وٽ اندر آڻيو، جيئن جو اندر ويو ته انعام جي بجاءِ لڪڻ سان ڏاڍي مار ڏني چيائين ته: جي ابن زياده اهي تو وارا شعر ٻڌي ها ته قتل ڪري ڇڏئي ها (١)

ظلم تي ظلم

ابن الاثير ۽ طبري آندو آهي ته پوءِ ظالمن امام سهڻي جي شهيد، ڏڪيل ۽ ڦٽيل جسم پاڪ کي گهوڙن جي سنبن سان لتاڙايو جيئن ڏاند ڳاهه ڳاهيندا آهن تانجو سندس پاڪ پني ۽ پيٽ هڪ ٿي ويا ان ڪان پوءِ عمرو بن سعد پنهنجن مقتولن جي جنازي نماز پڙهائي ۽ حسين پاڪ جي شهيدن سائين جا ڌڙ ائين پيا هئا (٢)

نور جي تجلي

عالي مرتبت، حضرت امام پاڪ جي شهيد ڪرڻ ڪان پوءِ ابن سعد حضرت امام پاڪ جو سر مبارڪ خولي بن يزيد ۽ حميد بن مسلم ازديءَ جي هٿان عبيدالله بن زياد ڏانهن موڪليو. جڏهن ڪوفي شهر ۾ داخل ٿيا ته خولي بن يزيد امام سهڻي جو سرمبارڪ کڻي عبيدالله بن زياد جي رهائشگاهه ڏانهن آيو ۽ رات گهڻي گذرڻ جي ڪري ان رهائشگاهه جو ٻاهريون وڏو دروازو بند پيو هو. خولي موٽي پنهنجي گهر آيو ۽ امام پاڪ جي سر کي هڪ لوهي وڏي ٿالهه جي هيٺان رکيائين. سندس ٻه زالون هيون ١- بني اسد قبيلي مان ٢- حضرمين مان- جنهن جو نالو نوار هو، اها مالڪ بن عقرب حضرميءَ جي ڌيءَ هئي ۽ خوليءَ وٽ رات جي رهڻ جو وارو به ان جو هو. خوليءَ جي ان زال نوار حضرميءَ

(١) تاريخ طبري ص٢٦١ جزءُ ٦

(٢) الڪامل ص٨٠ جلد٢ طبري٢٦١ جزء٦

جو بيان آهي ته: مون بستري تي وهڻ کان پوءِ خوليءَ کان پڇيو ته: ايترا ڏينهن سفر ۾ رهي ڇا آندو اٿئي؟ ته ان چيو ته: مان موجوده دور ۾ سڀني کان وڏيڪ شاهوڪاريءَ جو سبب آندو آهي جنهن جي ذريعي سڀ ڪجهه ملندو. هي گهر ۾ لوهي ٿالهه جي هيٺان حسين بن عليءَ (رضي الله عنهما) جو سر رکيو اٿئي نوار چيو ته: مون چيو مانس ته: ماڻهو ٻاهران سون ۽ چاندي ڪمائي ڪٺي آيا ۽ تون رسول الله صلي الله عليه وسلم جي پٽ حسين جو سر ڪٺي آيو آهين الله جو قسم آهي ته مان ۽ تون هڪ گهر ۾ گڏ نه رهنداسون. ائين چوڻ کان پوءِ مان ان بستري تان اٿي. گهر جي ان پاسي اچي ويٺس جنهن پاسي لوهي ٿالهه جي هيٺان حضرت حسين جو پاڪ سر رکيل هو. خوليءَ ان بني اسد قبيلي مان هيءَ زال ڪي سڏي پاڻ سان رهايو ۽ مان ان ٿالهه وٽ ويهي ٿالهه هيٺان رکيل حضرت حسين پاڪ جي سر مبارڪ ڏانهن نهارڻ لڳيس، چيائين ته: فوالله مازلت انظر الي نور يسطع مثل العمود من السماء الي الاجانة وريت طيرا بيضا ترفرف حولها" الله جو قسم آهي ته پوءِ مون هڪ نور جو ٿنڀ ڏٺو جيڪو آسمان کان ان لوهي ٿالهه سان مليو پيو هو ۽ اڇاپکي ڏٺم جيڪي ان جي چوڌاري اڏامي، هلي رهيا هئا (۱) ۽ ابن ڪثير لکيو آهي ته اهو نوران اسدي عورت ڏٺو هو (۲) پر ممڪن آهي ته ٻنهي ڏٺو هجي.

ان کان پوءِ باقي شهيدن جي سرن ۽ حضرت حسين پاڪ جون نياڻيون، ڀينرون، ننڍڙن ٻارڙن ۽ بيمار زين العابدين کي ٻن ڏينهن کان پوءِ عمرو بن سعد پاڻ سان قافلي جي صورت ۾ وٺي ڪوفي ڏانهن روانگي ڪئي، ۽ ڪربلا جي ميدان مان لنگهندي جڏهن پردي دارن مائرن، ڀينرن پنهنجن پيارن جا

(۱) تاريخ طبري ص۲۶۱- ۲۶۲ جزءِ ٦

(۲) الڪامل في التاريخ ص۸۰ جلد۴

جسم مبارڪ چور چور ٿيل ڏٺا تہ انهن جي مٿان ڪهڙي ڪيفيت گذري هوندي سا قلم جي لکڻ کان مٿي آهي علامہ سيوطيءَ لکيو آهي تہ وفي قتله قصة فيها طول لا يحتصل القلب ذكرها "فانا لله وانا اليه راجعون" (١) يعني امام پاڪ جي شهادت جو قصو وڏو آهي جو دل ان جي ذڪر کي بہ برداشت ڪري نہ ٿي سگهي "انا لله وانا اليه راجعون"

سيده زينب جا سڏ

ميدان ڪربلا مان لنگهندي مظلوم حسين جي مهربان ڀيڻ شهيدن جي جسمن کي چور چور ۽ پنهنجي دلبر ڀاءُ جي جسد اطهر تي گهوڙن جي لتاڙڻ واري ڪيفيت کي ڏسي اکين مبارڪن مان ڳوڙها ڳاڙيندي پنهنجي ناني ڪريم، رؤف، رحيم عليہ التحية والتسليم کي هيئن سڏ ڪيا. يا محمداه، صلّٰی عليک ملائكة السماءِ هذاالحسين بالعراء مرمل بالدماء مقطع الاعضاء وبناتک سبايا وذريتک مقتلة يعني اي محمد! (صلی الله عليہ وسلم) اوهان تي آسمان جي ملائڪن درود موڪليا. هيءُ حسين ميدان ۾ آهي، رت ۾ ريتيءَ سان پريل، عضوو عضوي کان جدا ڪيل ۽ تنهنجون نياڻيون قيدياڻيون لڳيون پيون وڃن تنهنجو اولاد ڪٺو پيو آهي. امام پاڪ جي پياري ڀيڻ جي انهن ڀاڄهارن ۽ درد جي دونهن دکائڻ وارن سڏڻ کي ٻڌي پنهنجا تہ پنهنجا ٿيا پر پراوا بہ زارو قطار روئڻ لڳا هئا (٢)

ذڪر ۾ حضور پرنور عليہ الصلوٰة والسلام کي "يا" سان سڏڻ

مٿيئن روايت مان ثابت ٿيو تہ: الله جل جلالہ جي پيارن حضور عليہ الصلواة والسلام جي پاڪ جهونيءَ ۾ پلجي وڏي ٿيندڙن جي

(١) تاريخ الخلفاء ص١٥٨

(٢) الكامل ص٨١ جلد ٤ البداية والنهاية ص١٩٣ جزءُ ٨

عقيدي مطابق ڏکن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي يا سان پڪارڻ ۽ ياد ڪري سڏڻ جائز آهي، اهڙوني هڪ واقعو علامه ابن ڪثير آندو آهي ته سنه ارڙهن هجريءَ ۾ حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه جي خلافت جي دور ۾ ڏڪار پيو، برسات نه پوڻ جي ڪري ملڪ ۾ سائو گاهه به نه رهيو. حضور عليه الصلواة والسلام جي هڪ اصحابي بلال بن حارث مزنيءَ کي سندس اهل عيال چيو ته اسان کي کائڻ جي لاءِ ٻڪري کهي ڏيو. حضرت بلال چيو ته ٻڪريون هڏا ٿي ويون آهن انهن ۾ گوشت ته آهي ئي ڪو نه کهڻ مان فائدو ڪهڙو؟ پر اهل عيال وارن گهڻو زور ڏئي کيس مجبور ڪيو نيٺ جڏهن ٻڪري ڪنائين ته ان ۾ گوشت ته نه پر هڏا به ڳاڙها ٿي ويا هئا ۽ اها ڪيفيت ڏسي حضرت بلال چيو يا محمداه!(اي محبوب! عليه السلام) جڏهن رات ٿي ته خواب ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايس ته: "ابشر بالحياة" حياتي جي بشارت هجي، عمر وٽ وڃ ان کي منهنجا سلام ڏئي چوڻس ته: منهنجو توسان ڪيل عهد پڪو ۽ وفاداريءَ وارو آهي. هشيار، هشيار اي عمر! پوءِ حضرت بلال بن حارث حضرت عمر جي در تي آيو ۽ غلام کي چيائين ته عمر کي چئو ته: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن (جو قاصد) اندر اچڻ لاءِ موڪل گهري رهيو آهي جڏهن حضرت عمر کي حضرت بلال اهو سمورو بيان ٻڌايو ته ٻاهر نڪتو ۽ منبر تي چڙهي مديني پاڪ وارن کي فرمايائين ته: ڇا مون ڪان ڪو اهڙو ڪم ڏٺو اٿو جيڪو اوهان کي پسند نه آيو هجي؟ سڀني چيو ته الله جو قسم ته نه. ۽ ائين ڇو پيا پڇو؟ پوءِ سڀني کي حضرت بلال بن حارث مزنيءَ جو واقعو ٻڌايائين ته اهي ان ڳالهه جي مراد سمجهي ويا ۽ چيائون ته: اوهان مينهن وسڻ لاءِ نماز ۽ دعا گهرڻ ۾ دير ڪئي آهي، ان لاءِ اهو اشارو مليو آهي پوءِ اعلان ڪرائي صلواة الاستسقاء (مينهن وسڻ جي نيت سان نماز) پڙهايائين ۽ دعا گهريائين (١) ان

واقعي تي غور ڪرڻ سان هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ اچن ٿيون ١- ته اصحابي سڳورا ڏک ۾ محبوب پاڪ عليه الصلواة والسلام کي سڏيندا هئا ٢- ته اهي سڏ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن پڌي سندن مشڪل جي حل لاء رهنمائي ڪندا هئا ٣- ته اهو خواب ۽ سڏ وارو واقعو حضرت عمر ۽ ٻين اصحابن پڌي ان کي غلط يا ڪوڙو نه چيو پر اعتماد ڪري مينهن لاء دعا گهريائيون. نتيجو ته سيني وٽ اهو سڏ جائز آهي پر نهايت افسوس سان چوڻو ٿو لکڻو ٿو پوي ته موجود دور ۾ وهابين پوري دنيا ۾ ان سڏ جي خلاف زور شور سان تحريڪ هلائي آهي ۽ ڪيترن مسلمانن کي گمراه ڪري پاڻ ته تباه ٿي رهيا آهن پر انهن جا به ٻيڙا ٻوڙي رهيا آهن.

واڻ وبندي

يزيدي ظالم جڏهن شهيدن جي سرن، اهل بيت اطهار جي باقي رهيل ٻچڙن، پردي دار پاڪن ۽ بيمار زين العابدين رضي الله عنهم کي قافلي جي صورت ۾ وٺيو ٿي ويا ۽ رستي ۾ منزل ڪري ويهي شراب پيئڻ لڳا ته اتاهين هڪ ڀت مان رت سان ڀريل قدرتي لوهي قلم نڪتو جنهن ان رت سان ان ڀت تي هي شعر لکيو جيڪو سيني پڙهيو

آتَرْجُوْ اُمَّةٌ قَتَلَتْ حُسَيْنًا

شَفَاعَةَ جَدِّهٖ يَوْمَ الْحِسَابِ

يعني ڇا اها امت جنهن حسين کي شهيد ڪيو آهي قيامت جي ڏينهن سندس ناني جي شفاعت ۾ اميد رکي ٿي ڪن لکيو آهي ته اهو شعر ڪربلا مان نڪرندي غيبي آواز سان ٻڌڻ ۾ آيو هو (٢)

---

(١) البداية والنهاية ص٩١ جز٧

(٢) اسعاف الراغبين ص١٩٦ نور الابصار ص١٣٣ سعادة الكونين ص١٦٧

قرآن پڙهندڙ ڪي جواب

سهال بن عمرو اسديءَ کان روايت آهي ته جڏهن حضرت حسين جي سر مبارڪ کي ڪنيو ٽي ويا ته سندن اڳيان هڪ شخص سورة الڪهف جي تلاوت ڪندو ٿي هليو. جڏهن اهو هنن لفظن تي پهتو "اَمۡ حَسِبۡتَ اَنَّ اَصۡحٰبَ الۡكَهۡفِ وَالرَّقِيۡمِ كَانُوۡا مِنۡ اٰيٰتِنَا عَجَبًا" (ڇا تون ڀانئين ٿو ته ڪهف ۽ رقيم جا اصحاب اسان جي آيتن قدرتي نشانين مان عجب هيا؟) ته حضرت حسين پاڪ جي سر مبارڪ مان زور سان آواز آيو ته: اعجب من اصحٰب الڪهف قتلي وحملي (١) اصحاب ڪهف کان به وڌيڪ عجيب منهنجي شهادت ۽ هن طرح ڪٺي هلڻ آهي.

شهيدن جي پاڪ جسمن کي دفنائڻ جو ڪم

جڏهن يزيدي لشڪري قافلو وٺي روانا ٿي ويا ته ڪربلا جي ميدان جي ويجهو عامريه نالي ڳوٺ جا رهاڪو پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري آيا جن حضرت حسين ۽ سندس ساٿين کي اڄ تائين سندن نالي سان مشهور مزارن وارين جاين تي دفن ڪيو (٢) ۽ دفن ڪرڻ وقت اهل بيت شهيدن جي قبرن کي حضرت حسين سان گڏ بنايو (٣) ۽ ڪن روايتن موجب شهادت کان ٽي ڏينهن پوءِ بني اسد قبيلي جي غاضريه نالي ڳوٺ جا رهاڪو جيڪي فرات درياءَ جي ڪناري تي رهندا هئا انهن اچي شهيدن کي دفنايو (٤)

ظالم ابن زياد جي دربار ۾

جڏهن ابن زياد ظالم جي دربار جو دروازو کليو ۽ ڪيس پڌايو ويو ته حضرت حسين جو سر (مبارڪ) خولي ۽ حسين بن مسلط کڻي آيا آهن ته سيٺي دروازا کولائي عام اجازت جو اعلان ڪرائي ڇڏيائون ته حسين جو سر آندو ويو آهي پلي

---

(١) اسعاف الراغبين ص١٩٦ نورالابصار ص١٣٥
(٢) نورالابصار ص١٣٣ (٣) سعادة الڪونين ص١٦٧
(٤) طبري ص٢٦١ جزءُ ٦

اچي سيني ڏسو- سر مبارڪ هڪ وڏيءَ ٿالهيءَ ۾ ڪٽي اچي رکيائون. ابن زياد جي هٿ ۾ لڪڻ هو جنهن کي ان بيحيا حضرت حسين جي پاڪ ۽ گلاب جي گل کان سهڻن چپن ۽ ڏندن مبارڪن تي آهستي آهستي هڻڻ شروع ڪيو ۽ ائين به چوي پيو ته: مون اهڙو حسين ۽ جميل ته ڪڏهن به نه ڏٺو" ان بيحياءَ جي ان بي ادبيءَ تي اتي موجود حضرت حبيب ڪريم عليه التحية والتسليم جو هڪ وڏي عمر وارو اصحابي تڙپي اٿيو ۽ درد ۽ ڏک سان روئندي چيائينس ته اي مرجانه جا پٽ! (مرجانه ماڻس جو نالو هو) اهو لڪڻ انهن پاڪ چپن ۽ ڏندن کان پري ڪر، مون کي ان پاڪ الله جو قسم جنهن کان سواءِ ڪو به عبادت جو لائق ناهي: ته مون انهن پاڪ چپن ۽ ڏندن تي سهٽي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي چميون ڏيندي ڏٺو هو. ابن زياد ان اصحابي سڳوري کي روئندي ڏسي ڪيس چيو ته: الله توکي اجان وڌيڪ روئاري جيڪڏهن تون پوڙهو نه هجين ها ۽ تنهنجو عقل ختم ٿيل نه هجي ها ته مان اتي جو اتي توکي قتل ڪري ڇڏيان ها حضرت زيد بن ارقم چيس ته توکي اجان وڌيڪ چيڙائيندڙ حديثون ٿو ٻڌايان. مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي ڏٺو ته حسن کي سڄيءَ ران تي ۽ حسين کي کٻيءَ تي وهاري سندن مٿن تي هٿ مبارڪ ڦيرائي فرمائي رهيا هئا ته" اي الله! مان هنن ٻنهي کي تنهنجي صالحن مؤمنن وٽ امانت ٿو ڇڏيان" پوءِ تو رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي امانت سان هيءَ حالت ڪئي آهي؟ ۽ ان کان پوءِ حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه اتي موجود ماڻهن کي سڏي فرمايو ته: اي عربؤ! اوهان اڄ کان پوءِ غلاميءَ جي زندگي گذاريندؤ سيده فاطمه جي پٽ کي شهيد ڪري مرجانه جي ظالم پٽ کي امير بنايو اٿو جيڪو اوهان جي ڀلن مڙسن کي شهيد ڪندو ويندو ۽ شريرن کي غلام بنائي رکندو اوهان پاڻهي پاڻ ذليل رهڻ تي راضي ٿيا آهيو پوءِ جيڪو پاڻ راضي ٿيو ان لاءِ هلاڪت ئي هلاڪت آهي ائين چوندي روئي ٻاهر نڪري

ويو (١) ۽ اتي حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جو اصحابي حضرت انس به ويٺو هو ان ڏسي چيو ته: ابن زياد! حسين حضرت رسول ڪريم عليه التحية والتسليم جن سان سندن سهڻي صورت ۾ تمام گهڻو مشابه هو (٢) ان ڪان پوءِ باقي شهيدن ۽ قيدي اهل بيت کي ابن زياد وٽ جڏهن آندو ويو ته: سيده زينب رضي الله عنها —————— پنهنجي عورتن سان گڏ اچي ويٺي. ابن زياد ظالم پڇيو ته هيءَ ڪير آهي، سائڻ ڪو به جواب نه ڏنو ان پيو ٽيون ڀيرو پڇيو ته اتي ويٺل عورتن مان هڪ ٻڌايس ته: هي فاطمه زهراء جي نياڻي زينب آهي، اهو ٻڌي سائڻ کي مخاطب ٿي چيائين ته: الحمد لله الذي فضحكم وقتلكم واكذب احد وثتكم- الله جو حمد آهي جنهن اوهان کي خوار ۽ قتل ڪري اوهان جي نئين خيال کي ڪوڙو ثابت ڪيو سيده جواب ۾ فرمايس ته: الله جو حمد آهي جنهن اسان کي حضرت محمد صلى الله عليه وسلم سان عزت بخشي صاف ۽ پاڪ بنايو. ائين ناهي جيئن تو چيو. ظالم اهو جواب ٻڌي سائڻ کي چيو ته: تو ڏٺو ته الله اوهان جي خاندان سان ڪهڙو ڪم ڪيو؟ سائڻ فرمايو ته اهو انهن جو مقدر هو ۽ توکي ۽ انهن کي الله قيامت جي ڏينهن اٿاريندو فيصلا اتي ٿيندا، ابن زياده چيو ته: اوهان کي ان حال ۾ آڻڻ سان الله مون کي شفا ۽ تسلي بخشي آهي سائڻ- روئي ڏنو ۽ فرمايائين ته: تو منهنجي ڀاءُ کي شهيد ڪرايو. اهل عيال کي ڪليئي ميدان ۾ آندو منهنجو اصل ۽ نسل ڪهرايو جيڪڏهن ان ۾ تنهنجي شفا آهي ته پوءِ يقيناً شفا ملي هونديئي ابن زياد اهو ٻڌي چيو ته: هيءَ عورت پنهنجي پيءُ وانگر دلير آهي سائڻ فرمايو ته: عورت به دلير ٿيندي آهي ڇا؟

ابن زياد ۽ زين العابدين جي گفتگو

ان ڪانپوءِ ابن زياده حضرت امام زين العابدين ڏانهن نهاري هن طرح سان

(١) الصواعق المحرقة ص١٩٨ (٢) ساڳيو حوالو

گفتگو جاري ڪئي

ابن زياد: تنهنجو نالو ڇا آهي؟

زين العابدين- علي بن حسين (رضي الله عنهما)

ابن زياد- ڇا الله تعالىٰ توکي قتل نہ ڪيو؟

زين العابدين- خاموش رهيو

ابن زياد- ڇا ٿيو ٿئي ڇو نہ ٿو ڳالهائين؟

زين العابدين: منهنجو هڪ ڀاءُ هو ان کي بہ علي سڏيندا هئا ان کي اوهان جي ماڻهن شهيد ڪري ڇڏيو.

ابن زياد: ان کي تہ الله قتل ڪيو ، امام زين العابدي خاموش رهيو تہ ابن زياد وري چيس تہ ڳالهائين ڇو نٿو؟

زين العابدين: قرآن پاڪ جون بہ آيتون پڙهيون ١- اَللّٰهُ يَتَوَفَّي الْاَنْفُسَ حِيْنَ مَوْتِهَا(١) ٢- وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تَمُوْتَ اِلَّا بِاِذْنِ اللهِ (٢) يعني الله موت وقت نفس کي وفات ڪرائيندو آهي ۽ ڪو بہ نفس الله جي اذن کان سواءِ مرندو ناهي.

ابن زياد: اهو ٻڌي چيائين تہ: تون انهن مان آهين. مقصد تہ توکي هاڻي تو شهيد ڪرايان.

ان کان پوءِ ابن زياد هڪ سپاهيءَ کي چيو تہ ڏس تہ زين العابدين بالغ آهي يا نابالغ- مان سمجهان ٿو تہ بالغ آهي. ان مري بن معاذ احمري نالي سپاهيءَ حياءَ جون حدون لنگهي امام پاڪ کي ڏسي ٻڌايس تہ بالغ آهي، ابن زياد چيس تہ: قتل ڪري ڇڏيس

زين العابدين: هنن عورتن جي سنڀال ڪنهن کي ٿو ڏين جو مون کي قتل ٿو ڪرائين؟ اها ڳالهہ ٻڌي سيده زينب چيس تہ: ڪافي ڪجهہ ڪنا اٿئي اجان اسان جي رت مان ڍؤ نہ ٿو ٿيئي؟ ائين چوڻ کان پوءِ پنهنجي دلبر ڀائٽي

(١) سورة الزمر آيت ٤٢ (٢) سورة آل عمران آيت ١٤٥

زين العابدين جي پاڪ ڳچيءَ ۾ پاڪر وجهي چوڻ لڳي تہ: ابن زياد! جيڪڏهن الله کي ميجين ٿو تہ مان توکي ان جو واسطو ٿي وجهان تہ جيڪڏهن هن کي شهيد ڪرائين تہ مون کي بہ ان سان گڏ شهيد ڪراءِ.

زين العابدين: وري چيس تہ اي ابن زياد! جيڪڏهن تنهنجي ڪا قرابت منهنجين هنن ڀينرن ۽ ڦڦين سان لڳي ٿي تہ ڪو اهڙو ماڻهو هٿ ڪري هنن کي پهچائڻ لاءِ موڪل پوءِ مون کي پلي شهيد ڪرائي ڇڏ.

ابن زياد: نهاري چيو تہ: رت جو رشتو ڪيڏو نہ عجيب آهي جو هن نوجوان سان گڏ پاڻ بہ ڪسڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي. ڇوڪري کي نہ ڪهو ڇڏيوس تہ پلي انهن عورتن سان گڏ وڃي.

ان کان پوءِ نماز جي تياري ٿي، نماز ادا ڪري ابن زياد منبر تي چڙهي تقرير ڪئي تہ: حق ظاهر ٿيو امير المؤمنين يزيد جي الله مدد ڪئي ۽ ڪوڙي جو پٽ ڪوڙو (معاذالله) حسين بن علي ساٿين سميت قتل ٿي ويو (١)جڏهن ظالم حضرت علي ۽ حضرت حسين جو توهين سان نالو ورتو تہ: حضور عليه الصلواة والسلام جو پيارو حضرت عبدالله بن عفيف ازدي، والبي جيڪو حضرت علي سان ساٿ ڏيندي جمل واريءَ جنگ ۾ هڪڙي اک ۽ صفين ۾ بي اک جي قرباني ڏئي لڙندي اکين کان معذور ٿي ويو هو ۽ صبح کان مسجد ۾ وهندو هو تہ عشا واري نماز پڙهي پوءِ گهر ويندو هو اٿي بيٺو ۽ ابن زياد اجان منبر تي ئي ويٺو هو تہ سڏي چيائين تہ ڪوڙو ڪوڙي جو پٽ تون آهين ۽ جنهن توکي گورنر بنايو آهي، اي مرجانة جا پٽ! نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي ٻچن کي قتل ڪرائي ٻوليون وري سچن جون ويٺو ٻولين. ابن زياد ظالم آرڊر ڏنو تہ هينئر جو هينئر پڪڙيوس ۾ سندس قبيلي وارن ان وقت تہ ڇڏايس ۾ پوءِ وري گرفتار ڪرائي شهيد ڪرائي، سندس جسم کي ٽنگرائي ڇڏيائين. (رضي الله عنه) ان کان پوءِ امام پاڪ جي سر کي ڪوفي جي شهر ۾ ڦيرائڻ جو آرڊر

---

(١) الڪامل ص٨٢ جلد٤

ڏنائين تانت ماٺهو ڏسي آينده لاءِ ڊڄن ۽ کو به گورنمينٽ جي خلاف آواز نہ اٿاري (١)

قيدي اهل بيتن جو خطاب

جڏهن حضرت امام حسين جي پاڪ سر کي ڪوفي ۾ ڦيرائي رهيا هئا ۽ ان کان پوءِ قيدين ۽ شهيدن جي سرن کي دمشق ۾ يزيد جي دربار ڏانهن روانو ڪري رهيا هئا تہ ڪوفي وارن رنو، پٽيو ۽ هاءِ گهوڙا ڪرڻ شروع ڪئي، شيعن جي معتبر ڪتابن جلاء العيون ۽ لواعج الاشجان لکيو آهي تہ: حضرت امام زين العابدي ڏسي فرمائين تہ: اسان جي ڪري روئڻ،پٽڻ وارؤ ٻڌايو تہ اسان کي هن حالت تي ڪنهن پهچايو آهي ۽ سيده زينب سائڻ فرمائين تہ: اوهان اسان سان ڌوکو ڪري ظاهري طرح اسان کي سورن ۾ وڌو ۾ حقيقي طرح پاڻ تباهہ ۽ برباد ٿي پنهنجي جهان خراب ڪيا اٿو. هاڻي هميشه پيا روئندو ۽ رڙندو. سيده فاطمه صغرىٰ (جنهن لاءِ ڪوڙ هٽي چيو ويندو آهي تہ بيمار ننڍڙي اڪيلي مديني پاڪ جي گهٽين ۾ رنندي رهي الله اهڙي ڪوڙ کان پناهہ ۾ رکي) خطاب ڪندي چيئن تہ: اي ڪوفيو! اي ڌوکيباز ۽ ٺڳي ڪندڙؤ! تباهہ ۽ برباد ٿيندؤ الله تعالىٰ جي طرفان لعنت ۽ عذاب جو انتظار ڪيو. اوهان هميشه جهنم ۾ هوندؤ. سيده ام ڪلثوم فرمايو تہ: اي ڪوفيو! اوهان جا حال برا ٿيندا اوهان دلير حسين کي ظاهري طرح شڪست ڏياري آهي، شال تباهہ ۽ برباد ٿيندؤ (٢) ان کان پوءِ ابن زياد شمر بن ذي الجوشن، خولي بن يزيد، زحر بن قيس ۽ ٻين ظالمن سان گڏ سڄي قافلي کي دمشق يزيد ڏانهن روانو ڪيو، ۾ ان دردناڪ صورت ۾ جو زين العابدين سهڻي جي هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ پيرن ۾ ڏنڊا ٻيڙيون هيون، ۽ پاڪدامنون پردي دار مائرون پنهنجيءَ اگهاڙن اٺن تي وهاريون ويون ۽

(١) طبري ص٢٦٣- ٢٦٤ جزء ٦

(٢) لواعج الاشجان ص١٩٩- کان ٢٠٦ جلاءُ العيون ص٢٢٣ جلد٢

پنهنجن سپاهين کي سخت آرڊر ڏنو هيائين تہ رستي ۾ پڙها ڏيندا سيني کي ٻڌائيندا وڃجو تہ حسين ۽ ان جي اهل عيال جو يزيد جي دشمنيءَ جي ڪري هي حال ٿيو آهي. رستي ۾ ايندي هڪ گرجا جي ديوار تي هيٺ ذڪر ڪيل شعر ڏٺائون "أترجوا أمة قتلت حسينا- شفاعة جده يوم الحساب"

ڇاها امت جنهن حسين کي شهيد ڪيو قيامت جي ڏينهن سندس ناني جي شفاعت جي اميد رکي سگهي ٿي. جڏهن انهن بدبختن اهو شعر لکيل ڏٺو تہ ان گرجا جي راهب کان پڇيائون تہ هي شعر ڪنهن لکيو آهي ۽ ڪڏهن کان لکيل آهي ان چيو تہ "انه مکتوب ههنا من قبل ان يبعث نبيکم بخمسمائة عام" اهو هن پٽ تي اوهان جي نبي عليه الصلواة والسلام جي بعثت کان پنج سؤ سال اڳ ۾ لکيل آهي، علامه ابن ڪثير ابن عساکر کان روايت آندي آهي تہ مسلمانن جو هڪ لشڪر روم جي شهرن ڏانهن جنگ لاءِ ويو هو تہ اتي بہ هڪ گرجا ۾ اهوئي شعر لکيل ڏٺو هيائون، راهب کان پڇيائون ان ٻڌايو تہ اهو اسان وٽ اوهان جي نبي عليه الصلواة والسلام جي بعثت کان ٽي سؤ سال اڳ ۾ اتي لکيل آهي (١) ان کان پوءِ ان گرجا ۾ رهندڙ راهب يزيدين کان پڇيو تہ هي ڪير آهن جن جا سر نيزن تي ڪنيا اٿو ۽ انهن جا ٻارڪا پردي وارا پنهنجي اڳهاڙن اٺن تي وهاري وٺيو ٿا وڃو؟ جڏهن انهن ٻڌايس تہ چوڻ لڳو تہ: اوهان تہ دنيا جا بدترين انسان آهيو ڪير بہ پنهنجي نبي جي اولاد سان اهو سلوڪ نہ ڪندو جيئن اوهان ڪيو آهي، ان کان پوءِ انهن بي دينن يزيدين کي لالچ ڏيندي چيائين تہ: جيڪڏهن اوهان مون کي هڪ رات خدمت ڪرڻ لاءِ حضرت حسين جو سر ۽ ان جو ٻچو زين العابدين پردي دارن سميت ڏيو تہ مان اوهان کي ڏهہ هزار دينار ڏيندس اهي لالچي ڪتا ان ڳالهہ تي راضي ٿيا ۽ راهب کي موڪل ڏنائون راهب امام زين العابدين کي

(١) البداية والنهاية ص ٢٠٠ جزء ٨

عرض ڪيو تہ: اوهان پردي دارن کي هڪ محفوظ ۽ صاف سٿري ڪمري ۾ گڏ رهايو.اچ مون اوهان جي دعوت ڪئي آهي جيڪا بہ شيءِ پسند ڪيو حاضر ڪندس، انهن جي شايان شان خدمت ڪري غلامي ڏئي موڪلائي. اهل بيت اطهار کي اهو بہ ٻڌايو هيائين تہ مان جيتوڻيڪ مسلمان ناهيان پر جيئن تہ اوهان هڪ نبي عليہ الصلواة والسلام جو خاندان آهيو ان جي ڪري مون کي اوهان لاءِ عزت ۽ احترام آهي حضرت امام زين العابدين سندس ان خدمت جي بدلي ۾ ڪيس دعائون بہ ڏنيون ۽ سندس شڪريو بہ ادا ڪيو. ان ڪان پوءِ راهب ڏهہ هزار دينار يزيدين کي ڏئي سر مبارڪ ڪٺي پنهنجي ڪمري ۾ آيو ۽ سر مبارڪ ۾ وارن،چهري ۽ ڏاڙهي مبارڪ تي لڳل رت سان گڏ ڇاول غبار لاهي ڌوئي صاف ڪري عطر ۽ ڪافور لڳائي وڏي ادب ۽ تعظيم سان سامهون رکي زيارت ڪرڻ لڳو، ان تعظيم ۽ توقير ڪرڻ جي صدقي الله تعالىٰ ان تي راضي ٿيوءِ ان جي لاءِ پنهنجي رحمت جا اهڙا دروازا کوليائين جو ان تي روئڻ جي حالت طاري ٿي ۽ ان جي اکين جي اڳيان پردا جو ڪجي ويا ،ڇا ڏسي تہ حضرت حسين جي سر مبارڪ ڪان وٺي آسمان تائين نور ئي نور هو، جڏهن سر مبارڪ جو اهو شان ۽ برڪت ڏٺائين تہ اتي جو اتي بي اختيار سندس زبان تي شهادت جو ڪلمو جاري ٿيو ۽ دنياوي دولت قربان ڪرڻ جي صدقي الله تعالىٰ کيس ايمان جي دولت نصيب ڪئي، اتي ئي هڪ عبرت جهڙو واقعو هي بہ ظاهرٿيو جو ظالمن جيڪي ڪربلا جي ميدان ۾ اهلبيت اطهار جي تنبن ۾ اندر گهڙي جهڙتي ڏئي تورا گهٽا درهم ۽ دينار کنيا هيا ۽ جيڪي ڏهہ هزار دينار راهب ڪان رشوت جا ورتا هيائون اهي پاڻ ۾ ورهائڻ لڳا ٿيلها جو کوليائون تہ اهي سمورا ٺڪريون ٿي ويا هئا جن جي هڪ طرف آيت "وَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ" (١)۽

(١) سورة ابراهيم آيت ٤٢

(الله کي ظالمن کان بي خبر نہ سمجهہ) ھئي طرف آيت "وَسَيَعْلَمُ الَّذِينَ ظَلَمُوا أَيَّ مُنقَلَبٍ يَنقَلِبُونَ (١) (۽ ظالم جلد ڄاڻندا تہ ڪهڙي ڦرڻ جي جاءِ ڏانهن ٿا ڦرن ۽ موٽن) لکيون پيون هيون (٢)

يزيدي دربار ۾ آمد

جڏهن شهيدن جا پاڪ سر ۽ ڪربلا جا قيدي دمشق ۾ پهتا تہ يزيد انهن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ان سلسلي ۾ مختلف روايتون آهن. ڪن روايتن ۾ آهي تہ ان واقعي تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ڪن ۾ آهي تہ ان خوشيءَ جو اظهار ڪندي اهڙا شعر چيا جن مان ڪفر ظاهر ٿي رهيو هو (٣) انهن سڀني روايتن تي غور ڪرڻ سان ثابت ٿئي ٿو تہ يزيد جي دامن حضرت حسين ۽ سندس ساٿين جي شهيد ڪرائڻ ۾ ملوث ضرور آهي. جيئن هن روايت مان بہ اندازو لڳي ٿو تہ جڏهن حضرت امام جو سر مبارڪ سندس اڳيان رکيو ويو تہ ابن زياد وانگر هن بہ حسين سهڻي جي پاڪ چپن ۽ ڏندن تي لڪڻ هلايو هو، پوءِ اتي ويٺل هڪ اصحابيءَ ابو برزة اسلميءَ کيس چيو تہ: اتي لڪڻ نہ هڻ، مون نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن کي ڏٺو هو تہ انهن چپن مبارڪن کي چمي ۽ چوسي رهيا هئا ۽ قيامت ۾ حسين جو شفاعت ڪندڙ (حضرت) محمد صلى الله عليه وسلم هوندو ۽ تنهنجو ابن زياد- اٿڻ چوڻ کان پوءِ اتي هليو ويو (۴) ۽ جڏهن يزيد اها لڪڻ هڻڻ واري حرڪت ڪئي تہ ان وقت ان وٽ بہ غير مسلم هڪ عيسائي ٻيو يهودي بہ ويٺا هئا ١- هڪ رومي بادشاھ قيصر جو قاصد هو، ان عجب کائي چيو تہ اسان وٽ سمنڊ جي هڪ ٻيٽ ۾ حضرت عيسيٰ عليه الصلواة والسلام جي سواريءَ واري خچر جو کر آهي تہ: اسين هر سال ان جي تعظيم ڪرڻ جي لاءِ اتي ويندا آهيون جيئن اوهان بيت الله جي تعظيم لاءِ هر

(١) سورة الشعراء آيت ٢٢٧ (٢) الصواعق المحرقة ١٩٧ سعادة الكونين ١٢٢ (٣) الصواعق المحرقة ص٢١٨

(۴) البداية والنهاية ص١٩٧ جزء ٨

سال حج ڪندا آهيو، اوهان تہ ڪوڙا ۽ بي ادب آهيو ٢- يهودي- ان چيو تہ مان حضرت داؤد عليه الصلواة والسلام جي اولاد مان آهيان منهنجي ۽ ان جي وچ ۾ ستر پيڙهيون گذريون آهن پر اڄ تائين يهودي منهن جو ادب ۽ احترام ڪندا آهن پر اوهان پنهنجي نبي عليه الصلواة والسلام جي ٻچي کي ان دردناڪ طريقي سان ڪٺو آهي (١)

يزيد پهريون ماتمي

جڏهن حضرت امام پاڪ جو سر يزيد جي اڳيان رکيو ويو تہ اها ڳالهہ ٻڌي سندس زال هند بنت عبدالله بن عامر بن ڪريز ڪپڙو ويڙهي آئي ۽ يزيد کان پڇيائين تہ: هي حسين بن علي، حسين بن فاطمة بنت رسول الله صلي الله عليه وسلم جو سر آهي؟ ان چيو تہ هائو! ان تي هاء گهوڙا ڪر ۽ افسوس ڪري قريشي روئندڙ ۽ دانهون ڪندڙ عورتون بہ آٿاء پوء اها موٽي گهر آئي ۽ ٽن ڏينهن تائين يزيد جي گهر ۾ ماتم هليو(٢)

قيدين سان يزيد جو سلوڪ

ياد رکڻ گهرجي تہ اهل بيت اطهار کان يزيدي لشڪرين جيڪا ڦرلٽ ڪئي هئي اها ابن سعد جي چوڻ تي بہ موٽائي نہ ڏني هيائون پر يزيد ان نقصان جي تلافي ڪرائي ۽ ڪين ڪپڙا لٽا گهڻا ڏنا تڏهن حضرت حسين جي نياڻي سُڪينه فرمائيندي هئي تہ هيو تہ يزيد ڪافر پر تڏهن بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ سامان ڏنو هيائين، ان کان پوء جڏهن حضرت امام زين العابدين کي هٿڪڙين سان سندس پڳين ۾ پيشرن وٽ آندو ويو تہ پاڻ يزيد کي چيائين تہ: جيڪڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن مون کي هن حالت ۾ ڏسن ها تہ آزاد ڪن ها يا نہ يزيد چيو تہ بالڪل آزاد ڪن ها پوء ڪيس بہ آزاد رکيائين (٣)

---

(١) الصواعق المحرقة ص١٩٩ (٢) الكامل ص٨٦ جلد٤

(٣) الكامل ص٨٦ جلد٤

مديني واپسي

پوءِ اهل بيت جي مديني واپسيءَ کان اڳ ۾ يزيد حضرت امام زين العابدين رضي الله عنه کي گهرايو ۽ چوڻ لڳو ته: خدا ابن زياد تي لعنت ڪري الله جو قسم جيڪڏهن مان اتي موجود هجان ها ته حسين سان ڳالهيون ڪري ناهه ڪري وجهان ها پلي ان ۾ مون کي کس لڳي ها پر الله تعاليٰ کي اهوئي منظور هو جيڪو ٿيو ۽ اوهان ڏٺو. بهرحال هاڻي توکي ڪنهن به شيءِ جي ضرورت پوي ته مون کي لکجان ان کان پوءِ نعمان بن بشير کي گهرائي چياٿين ته هنن کي سفر جون سڀ سهوليتون ۽ ضروري سامان ڏيو ۽ شريف ۽ سني ذهن جا فوجي دستا گڏي مديني پاڪ ڏانهن رانو ڪيو ان اها خدمت دل جي خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ وڏي ادب، احترام ۽ انتهائي راحت ۽ آرام سان کين مديني منوره ۾ پهچايو. پردي دارن پاڪن نعمان بن بشير جي ان سهڻي سلوڪ کي ڏسي کيس نيڪيءَ جو بدلو نيڪي ڏيڻ طور سيده زينب ۽ حضرت فاطمه (صغريٰ) سون جا اهي زيور جيڪي کين يزيد کانئن کسيلن زيورن جي بدلي ڏنا هئا ڏياري ۽ چورائي موڪليو ته: هن وقت اسين معذور ۽ مجبور آهيون اسان وٽ انهن کان سواءِ ڪجهه ناهي هي اوهان جي سهڻي سلوڪ جو شڪريو ۽ بدلو آهي اهو قبول ڪيو حضرت نعمان بن بشير اهي زيورات انهن کي واپس ڪيا ۽ چيو ته! الله جو قسم اسان اها خدمت دنيوي نفعي جي لاءِ نه پر الله تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جا قريب سمجهي ڪئي آهي (١).

ڪربلا کان لنگهندي

ابو اسحاق اسفرائينيءَ آندو آهي ته: جڏهن اهل بيت اطهار جو قافلو دمشق کان مدينه پاڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتو ته ٿورو اڳتي هلي اهل بيت اطهار نعمان بن بشير کي چيو ته اسان جي تمنا آهي ته اسان کي ڪربلا جي رستي سان وٺي

(١) تاريخ طبري ص٢٦٦ جزءُ ٦

هلو تہ ڏسندا هلون تہ اسان جن شهيدن جا لاش مبارڪ ڪنهن دفن ڪيا آهن يا اڃان ائين ئي پيا آهن ان اها ڳالهہ مڃي ۽ پوءِ اهو قافلو سفر ڪندي جڏهن ڪربلا پهتو تہ اهو صفر مهيني جي ويهين تاريخ جو ڏينهن هو ۽ ان ڏينهن تائين امام پاڪ جي شهادت کي چاليهہ ڏينهن گذري چڪا هئا اتي ڪين حضرت جابر بن عبدالله انصاري رضي الله عنه ۽ ڪجهہ ٻيا فرد مليا جيڪي مديني جا رهاڪو هئا پوءِ سيني اتي زارو قطار رنو ۽ ڪو بہ ماڻهو روئڻ کان خالي نہ رهيو هو (ڇو تہ اها جاءِ ئي هئي جتي ڪين ڀاڻيءَ جي هڪ ڦڙي لاءِ بہ تڙپايو ويو هو ۽ اتي ئي فاطمہ زهراء رضي الله عنها جي باغ کي ويران بڻايو ويو هو، مصطفيٰ ڪريم عليه الصلواة والسلام جي گلن کي تيرن سان ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو هو، حضور عليه الصلواة والسلام جي ڪلهن جي سوار کي نيزن ۽ تيرن ۽ تلوارن جي ڌڪن سان چور چور ڪري گهوڙي کان ڪيرائي سندن بدن پاڪ کان سوڪي ڌار ڪري رت ۽ مٽيءَ سان ڀريو ويو هو ۽ سندس جسم پاڪ کي ڪپڙن کان خالي ڪري گهوڙن سان ائين لتاڙيو ويو هو جيئن ڳاهہ ڳاهبي آهي اهل بيت اطهار جي تنبن کي ساڙيو ويو هو ۽ انهن پاڪدامن پردي دارن کي قيدي بڻايو ويو هو ۽ سندن ڪپڙا، لٽا، زيور، وغيره سڀ ڦريا ۽ لٽيا ويا هئا جڏهن هڪ هڪ منظر اکيان آيو هوندو تہ سندن ڪيفيت ڪيئن هوندي)

ان کان پوءِ قيدين جو قافلو جڏهن مديني کي ويجهو آيو تہ امام عالي مقام جي ڀيڻ سيده ام ڪلثوم رضي الله عنها مدينہ پاڪ ڏانهن نهاري وڏو قصيدو چيو جنهن مان ڪجهہ اشعار هتي لکجن ٿا.

مَدِيْنَةَ جَدِّنَا لَا تَقْبَلِيْنَا ۔ فَبِالْحَسَرَاتِ وَالْكَسَرَاتِ جِئْنَا

خَرَجْنَا مِنْکَ بِالْأَهْلِ جَمِيْعًا ۔ رَجَعْنَا لَا رِجَالَ وَلَا بَنِيْنَا

وَمَوْلَانَا الْحُسَيْنُ لَنَا اَنِيْسًا ۔ رَجَعْنَا لَا حُسَيْنَ وَلَا مُعِيْنَا (١)

(١) نور العين ص٢٣٨

اي اسان جي ناني جا شهر! نهايت حسرت ۽ پڇلن دلين سان آيا آهيون اسان کي سامهون کيئڻ ايندين نه اچ، اسين تو مان سيئي گڏ نڪتا هئاسون موٽيا آهيون ته نه مرد گڏ آهن نه پٽ، اسان جو سردار حسين اسان جي وندر ۽ وروندڙ هو هينئر موٽيا آهيون ته نه حسين گڏ آهي نه ڪو مددگار- ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ڪربلا جو دردناڪ حال مديني وارن کي معلوم ٿي چڪو هو ۽ جڏهن هيءُ مظلومن جو قافلو به پهچڻ وارو ٿيو ته انهن جي ڏسڻ ۽ ملڻ لاءِ سڄو مدينو ۽ حضرت امام پاڪ جو ڀاءُ محمد بن حنفيه، مومنن جي امان سيده ام سلمه ٻاهر نڪري آيا ۽ حضرت حسين پاڪ جي سوٽ، حضرت عقيل بن ابي طالب جي نياڻي ام لقمان به پنهنجي خاندان جي عورتن سان روئندي هي بيت پڙهي رهي هئي.

مَاذَا تَقُولُونَ اِنْ قَالَ النَّبِيُّ لَكُمْ - مَاذَا فَعَلْتُمْ وَاَنْتُمْ آخِرُ الْاُمَمِ

بِعِتْرَتِيْ وَبِاَهْلِيْ بَعْدَ مُفْتَقَدِيْ - مِنْهُمْ اَسَارٰى وَمِنْهُمْ ضُرِّجُوْا بِدَمٖ

مَا كَانَ هٰذَا جَزَائِيْ اِذْ نَصَحْتُ لَكُمْ - اَنْ تَخْلُفُوْنِيْ بِسُوْءٍ فِيْ ذَوِيْ رَحِمٖ

يعني جڏهن نبي عليه الصلواة والسلام جن اوهان کان پڇندا ته اوهين پوئين امت آهيو منهنجي اولاد ۽ اهل سان منهنجي (ظاهري) رحلت کان پوءِ ڇا ڪيو؟ انهن مان ڪي قيدي آهن ته ڪي رت ۾ ترهي رهيا آهن مون جيڪا اوهان جي خيرخواهي ۽ نصيحت ڪئي ان جي جزا اها آهي؟ جو منهنجن مٽن سان اهڙو غلط رويو رکو ۽ انهن کي ايذايو ۽ ڪن راوين روايت ڪئي آهي ته مٿيان شعر سيده زينب ڪربلا ۾ ان وقت چيا هئا جڏهن يزيدين پليدن حضرت حسين کي شهيد ڪيو هو.

سر مبارڪ جي تدفين؟

ان ۾ مختلف قول آهن١- ته يزيد پليد ماڻهن ۾ هراس ۽ ڊپ پيدا ڪرڻ جي لاءِ پنهنجن ڪامورن کي حڪم ڏنو هو ته سرمبارڪ ساري عرب علائقي ۾ گهمايو وڃي. پوءِ سر مبارڪ کي گهمائيندي جڏهن سرڪاري اهل ڪار عسقلان ۾ پهتا ته اتي جي امير سرمبارڪ کي اتي دفن ڪرايو، وري جڏهن اتي افرنجي

حڪومت قائم ٿي ته انهن ڪان مصر جي فاطمي حاڪمن جي وزير، صالح طلائع گهڻو مال ملڪيت ڏئي سرمبارڪ عسقلان مان ڪيرائي پاڻ ڏانهن آڻايو ۽ جڏهن پڏائين ته سرمبارڪ کي ڪنيو پيا اچن ته ڪافي منزلون وڏي پيار، محبت، ادب ۽ احترام سان سر مبارڪ جو استقبال ڪرايائين ۽ ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهي ساگ ڪاٺ جي ڪرسيءَ تي رکي هيٺيان مشڪ جو فرش ڪرائي، خوشبوءِ هارائي قاهره ۾ دفن ڪرائي ان جي مٿان سهڻي طرح مزار ٺهرايائين جيڪا مشهد جي نالي سان اڄان تائين اتي موجود ۽ مشهور آهي. خليل شهر کي ويجهي آهي، المقريزيءَ جي ڪتاب الخطط ۾ آهي ته حضرت حسين پاڪ جي سر مبارڪ کي عسقلان ڪان ڪڍي اچڻ وارو سيف المملڪة امير تميم هو. سر مبارڪ عسقلان مان آچر ڏينهن جمادي الاخرىٰ مهيني جي اٺين تاريخ سنه ٥٤٨هـ ڪڍيو ويو ۽ ان ئي ڏينهن شام جو قاهره پهچايو ويو، سر مبارڪ چار سؤ ستاسي (٤٨٧) سالن ڪان پوءِ مزار مان ڪڍيو ويو هو پر اڄان ان جو پاڪ رت تازو هو ۽ ان مان مشڪ جي خشبوءِ اچي رهي هئي (١)

٢- ته سر مبارڪ حضرت حسين جي پويان رهيلن مديني وارن اهل عيال ڏانهن موڪليو ويو هو ۽ انهن ڪفن ڏياري سر مبارڪ جنت البقيع ۾ سيده خاتون جنت ۽ حضرت امام حسن جي مزارن وٽ دفن ڪيو هو ٣- ته سر مبارڪ واپس ڪربلا موڪليو ويو ۽ جسم اطهر سان گڏ دفن ڪيو ويو صوفياءِ عظام ۽ اولياءِ ڪرام جو قول آهي ته: سر مبارڪ مصر، قاهره جي شهر ۾ مشهد ۾ آهي جنهن جي زيارت ڪرڻ لاءِ روزانو وقت جو قطب حاضري ڏيندو آهي (٢) ان مشهد جي مٿان ٺهيل قبي جي نئين سر تعمير سنه ١١٧٥ هجريءَ ۾ امير عبدالرحمن ڪتخدا ڪرائي هئي. بزرگن جي مزارن جي تعمير ۽ قبن کي ٺهرائڻ

(١) نورالابصار ص١٣٥

(٢) اسعاف الراغبين ص١٩٦- ١٩٧ نور الابصار ص١٣٤

اڳين عالمن وٽ برڪت ۽ خدا وندي رحمت جو باعث هو. علامه الشيخ محمد صبان عليه الرحمة مشهد جي قبي کي نئين سر تعمير ڪرائڻ واري امير لاءِ هنن لفظن ۾ دعا ڪئي. حفظه الله من مكايد العدا فزاده نورا علي نور وجدد للمسلمين سرورا علي سرور تقبل الله منه عمله وبلغه في الدارين امله (١) يعني الله تعاليٰ ان امير کي دشمن جي مڪرن کان محفوظ رکي جو مشهد شريف ۾ روشنين تي روشني وڌائي نئين سر مسلمانن کي خوشيءَ تي خوشي ڏنائين. الله تعاليٰ سندس ان عمل کي قبول ڪري کيس اميدن ۾ ڪامياب ڪرڻ فرمائي.

چار عجيب واقعا

(١)

علامه شعراني لکيو آهي ته هڪ ڀيري مان ۽ علامه شهاب الدين الحلبي الحنفي عليهما الرحمة سيدنا امام حسين رضي الله عنه جي سر مبارڪ جي مدفن جي زيارت لاءِ مصر ۾ سندن مشهور ۽ معروف مشهد مبارڪ تي وياسون علامه شهاب الدين کي شڪ هيو ته سر مبارڪ اتي آهي يا ڪربلا ۾؟ اندر وڃڻ کان پوءِ علامه صاحب دماغ تي ننڊ جي حالت محسوس ڪئي ۽ اتي ويٺي ننڊ ۾ پهچي ويو. ننڊ ۾ ڏٺائين ته هڪ شخص مشهد مبارڪ کان نڪتو جڻ ته اتي جو نقيب هيو ۽ مديني منوره ڏانهن روانو ٿي ويو، علامه شهاب الدين فرمايو ته: منهنجي نظر ان کي ڏسندي رهي تانجو اهو نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي حجره مبارڪ ۾ داخل ٿي ويو ۽ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت مبارڪه ۾ عرض ڪيائين ته: يا رسول الله! (شهاب الدين) احمد حلبي ۽ عبدالوهاب شعراني اوهان جي ٻچي جي سر

(١) اسعاف الراغبين ص١٩٩

مبارڪ جي زيارت ڪرڻ آيا آهن حضور عليه الصلواة والسلام جن اهو ٻڌي دعا جا اهي الفاظ ارشاد فرمايا "اللهم تقبل منهما واغفرلهما" اي الله! انهن ٻنهي جي اها حاضري قبول ڪر ۽ ٻنهي کي مغفرت نصيب فرماء ان ڪان پوءِ علامه شهاب الدين ساري زندگي مشهد مبارڪ جي زيارت ڪندو رهندو هو ۽ چوندو وتندو هو ته: هاڻي منهنجو ايمان آهي ته سرمبارڪ هتي مدفون آهي.

واقعو (٢)

علامه شبلنجيءَ لکيو آهي ته مٿئين ڳالهه جي تائيد هن واقعي سان به ٿي رهي آهي جيڪو علامه شيخ عبدالفتاح بن ابي بڪر شافعي خلوتي عليه الرحمة جيڪو رسام جي لقب سان مشهور آهي پنهنجي ڪتاب نورالعين ۾ خاتمة الحفاظ والمحدثين شيخ الاسلام والمسلمين نجم الدين الغيطي جي واسطي سان شيخ الاسلام شمس الدين اللقاني فقه مالڪيءَ جي مفتيءَ ڪان آندو آهي ته: هڪ ڀيري حضرت لقاني القطب الڪبير الشيخ ابو المواهب التونسيءَ عليهم الرحمة والغفران سان مصر جي علمي مرڪز، مشهور يونيورسٽيءَ "الجامع الازهر" ۾ ويٺي گفتگو ڪئي ته اوچتو شيخ ابو المواهب تڪڙو تڪڙو اٿي يونيورسٽيءَ جي شاخ (برانچ) "المدرسة الجوهرية" جي دروازي ڏانهن روانو ٿيو ۽ اتاهين به نڪري سيدنا حسين جي سرمبارڪ جي دفن ٿيڻ واريءَ جاءِ مشهد مبارڪ ڏانهن آيو مفتي لقاني صاحب فرمايو ته: مان به سندس پويان اهڙي نموني هلندو رهيس جو کيس محسوس ئي نه ٿيو ۽ جيئن جو مشهد شريف جي مسجد ۾ گهڙيو ته مان به سندس پويان وڃي بيٺس ۽ اتي ڏٺم ته هڪ شخص مشهد مبارڪ جي دروازي تي ويهي ۽ ٻئي هٿ کڻي دعا گهري رهيو آهي جڏهن ان دعا پوري ڪري ٻئي هٿ منهن تي گهمايا ته مفتي لقاني عليه الرحمة تڪڙو موٽي اچي جامع ازهر ۾ پهتو ۽ سندس پويان ٿوري دير ڪان پوءِ حضرت شيخ ابو المواهب تونسي به آيو مفتي لقاني صاحب ادب سان عرض

کيس تہ: سائين! "المدرسة الجوهرية" جي دروازي کان تکڙا، تکڙا نکري کيڏي ويا هيئو؟ ڳالهہ کي لکائيندي جواب ڏنائين تہ کنهن مصلحت جي پويان هوس، مفتي لقاني عليہ الرحمة چيس تہ: اوهان حسيني مسجد ڏانهن بہ ويا هيئو؟ حضرت شيخ ابو المواهب فرمايو تہ: هائو پر توکي کيئن خبر پئي؟ شيخ لقاني ٻڌايس تہ: مان بہ اوهان جي پويان پويان آيو هوس ۽ اتي هڪ بزرگ دعائون پي گهريون تہ مون بہ ان جي دعا سان پنهنجون دعائون ملائي گهريون هيون حضرت شيخ ابو المواهب چيس تہ: اي شمس الدين لقاني- مبارڪ ائين دعائن جي مقبول هجڻ تي خوش ٿي ان سان ملائي گهريل دعائون يقيناً مقبول هونديون آهن. لقاني صاحب، شيخ ابو المواهب تونسيءَ کان پڇيو تہ: سائين! اهو ڪير هو؟ جواب پر چيائينس تہ هن دور پر غوثيت ۽ قطبيت جي مقام تي فائز اهو بزرگ آهي الله تعاليٰ ان کي غوث ۽ قطب بنايو آهي ۽ روزانو سيدنا امام حسين جي حاضريءَ تي ايندو آهي اوهان سان ويٺي گفتگو ڪندي مون کي مشهد شريف تي ان جي آمد جي خبر پئي تڏهن اوهان وٽان تکڙو اٿي آيو هوس، مون ان جو هٿ بہ چميوءِ زيارت ڪرڻ سان گڏ ان جي دعائن سان پنهنجون دعائون بہ ملائي گهريون- اي لقاني! تون پاڻ تي مشهد مبارڪ جي حاضري لازم ڪري سمجهہ تہ خير ۽ برڪتون حاصل ڪندين، ان کان پوءِ اهو وڏو مفتي ۽ عالم لقاني عليہ الرحمة جيڪو وقت بہ جيئرو رهيو مشهد مبارڪ جي زيارت ڪندو رهيو.

واقعو (٣)

الله جل شانہ جي پياري ولي حضرت شيخ ابو الحسن تمار رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ اهو مشهد مبارڪ جي ديدار لاءِ جڏهن ايندو هو تہ مٿان بيهي السلام عليڪ چوندو هو ۽ وعليڪ السلام جواب ٻڌندو هو هڪ پيري ڪجهہ

ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ديدار لاءِ آيوءِ السلام عليک چيائين پر جواب نه ٻڌائين صرف زيارت ڪري موٽي ويو وري ٻيو پيروا چي سلام عرض ڪيائين ته جواب ٻڌائين پوءِ ادب سان عرض ڪري پڇيائين ته: يا سيدي جئت بالامس وسلمت فما سمعت جوابا" اي منهنجا سائين! مون ڪالهه اچي سلام عرض ڪيو هو پر جواب چو نه ٻڌم؟ جواب ۾ ارشاد ٿيس ته: يا اباالحسن! لک المعذرة كنت اتحدث مع جدي صلى الله عليه وسلم - اي ابو الحسن معذرت ٿو ڪيان مان پنهنجي ناني صلى الله عليه وسلم سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو هوس ان جي ڪري اوهان کي جواب نه مليو (١)

واقعو (۴)

شافعي فقه جي برک بزرگ علامه شيخ فتح الدين غمري عليه الرحمة فرمايو آهي ته: مان مشهد شريف ۾ حضرت حسين پاڪ جي سر مبارڪ جي مزار جي ديدار لاءِ حاضري ڏيندو رهندو هوس هڪ ڏينهن اتي ويهي فاتحه پڙهي ان جو ثواب حضرت حسين پاڪ جي روح کي پهچائڻ لاءِ دعا گهرڻ شروع ڪيم جڏهن هنن لفظن تي آيس يا الله! ان ثواب جيترو ثواب ان حضرت حسين جي پيارن عملن جي دفتر ۾ داخل ڪر جنهن جو سر مبارڪ هن مشهد ۾ مدفون آهي ته منهنجي مٿان هڪ ڪيفيت طاري ٿي مون کي مزار ۾ اندر هڪ اهم شخصيت ويٺل ڏسڻ ۾ آئي دل ۾ چيم ته اهو حضرت حسين آهي، زيارت ڪندي دعا ۾ چيم ته: يالله! ان پڙهيل فاتحه جو اجر هن پلاري بانهي جي پلارن عملن جي دفترن ۾ داخل ڪر ۽ ان وقت امام پاڪ ڏانهن مزار مبارڪ ۾ هٿ سان اشارو به ڪيم- دعا ۽ زيارت مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ حضرت شيخ عبدالوهاب شعرانيءَ جي دربار ۾ ملاقات لاءِ آيس ۽ کيس اهو سمورو احوال ٻڌايم پاڻ فرمايائون ته: اهو واقعو سچو آهي مون کي به ائين ڏسڻ ۾ آيو هو. ان کان پوءِ

(١) نورالابصار ص١٣٤

ٻئي بزرگ حضرت شيخ ڪريم الدين خلوتيءَ وٽ آياسون ۽ ان کي سمورو احوال ٻڌايوسون ته ان به فرمايو ته اهو سچ آهي ۽ مون به مشهد مبارڪ جي زيارتا حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي خواب ۾ زيارت ڪرڻ ۽ اجازت ملڻ کان پوءِ ڪئي هئي (١)

انبياءِ عليهم الصلواة والسلام جي آمد

سليمان اعمش بيان ڪيو آهي ته: هڪ سال اسين بيت الله شريف جي حج ۽ نبوي دربار عليٰ ساڪنه الصلواة والسلام جي ديدار لاءِ وياسين. بيت الله شريف جو طواف ڪندي مون هڪ شخص ڏٺو جيڪو غلاف پاڪ ۾ هٿ وجهي هيءَ دعا گهري رهيو هو: يا الله! مون کي بخش ڪر پر مان نٿو سمجهان ته مون کي بخش ڪندين مون پنهنجو طواف پورو ڪري دل ۾ چيو ته: سبحان الله العظيم" هن شخص جو گناهه ڪهڙو آهي؟ جو خداوندي رحمت کان مايوس آهي، ائين چئي ان کان پري هليو ويس ۽ وري ٻيو طواف شروع ڪيم طواف جو چڪر ڏيندي هن کان لنگهيس ته وري به ساڳيا الفاظ چئي رهيو هو اهو طواف مڪمل ڪري هن وٽ هلي آيس ۽ چيو مانس ته: الله جا ٻانها! تون نهايت ئي رحمت ۽ مغفرت واريءَ عظيم جاءِ تي بيٺل آهين يقين ڪري گناهن جي معافي گهرندين ته مالڪ، منعم ۽ ڪريم آهي توکي ضرور معاف ڪندو منهنجي اها نصيحت ٻڌي مون کان پڇيائين ته: اي الله جا ٻانها! تون ڪير آهين؟ ٻڌايومانس ته: سليمان اعمش آهيان چيائين ته سليمان! مون کي به تو جهڙي ماڻهوءَ جي ملڻ جي طلب ۽ خواهش هئي. ائين چوڻ کان پوءِ مون کي هٿ مان وٺي بيت الله شريف جي حرم کان ٻاهر نڪري هليو ۽ اتي ويهي گفتگو ڪندي چيائين ته: سليمان مان مايوس ان جي ڪري آهيان جو منهنجو گناهه تمام وڏو آهي، مون پڇيومانس

---

(١) نورالابصار ص١٣٥

ته: زمين، آسمان ۽ عرش کان به وڏو؟ چيائين ته بلڪل وڏو آهي. ٻڌ ته توکي ٻڌايان، مون چيو ته پلي ٻڌاءِ! چيائين ته مان انهن ستر يزيدي سپاهين مان آهيان جيڪي حسين پاڪ جو سر مبارڪ کڻي يزيدي دربار ۾ پهتا هئا ۽ ان هڪدم حڪم ڪيو ته سرمبارڪ شهر جي ڪنهن اهم چوراهي تي ٽنگي ڇڏيو ته ماڻهو ڏسي ڊڄن ۽ منهنجي حڪومت جي مخالفت ڪرڻ ڇڏي ڏين، وري حڪم ڪيائين ته: سر مبارڪ چوراهي تان لاهي سون جي هڪ ٿالهه ۾ وجهي منهنجي رهڻ واري ڪمري ۾ رکي ڇڏيو. جڏهن رات ٿي ته يزيد جي زال ڏٺو ته سندس ڪمري مان نور جي هڪ لاٽ نڪتي آهي جيڪا آسمان سان وڃي لڳي آهي ڏسڻ سان ڊپ ۾ ڏڪڻ لڳي ۽ يزيد ننڊ مان سجاڳ ٿيو ته ٻڌايائينس ان چيس ته! مان ڪري سمهي پؤ. اهو مون به ڏٺو آهي صبح جو يزيد آرڊر ڏنو ته ٻاهر وڏو تنبو لڳايو ان ۾ حسين پاڪ جو سر رکائي ستر ئي ڄڻن کي چوڪيدار ڪري ويهاريو ۽ اسان جي کاڌي پيتي جو سمورو انتظام به اتي ڪرايائين. رات جي ڪجهه حصي گذرڻ کان پوءِ اسين چوڪيدار به سمهي رهياسون ۾ ٿوري دير کان پوءِ مون کي وري سجاڳي ٿي. ۽ سجاڳيءَ جي حالت ۾ ڏٺم ته هڪ وڏو ڪڪر ان تنبوءَ جي مٿان آيو جنهن مان ائين آواز پئي آيا جيئن جبلن ۾ اڏامندي پکي آواز ڪندا آهن، آهستي آهستي اهو ڪڪر هيٺ زمين تي لهي آيو ۽ ان مان هڪ شخص نڪتو جنهن تي جنتي پلا ڪپڙا ڍڪيل هئا سندس هٿن ۾ قالين ۽ ڪرسيون هيون قالين وڇائي انهن جي مٿان ڪرسيون رکائي سڏ ڪيائين ته: اي انسانن جا ابا! اي آدم! (عليه السلام) ڪڪر مان لهي آءُ پوءِ حضرت آدم عليه السلام لهي آيو ۽ حضرت حسين جي سرمبارڪ تي بيهي هنن لفظن سان سلام پڙهيائين. السلام عليک يا ولي الله! السلام عليک يا بقية الصالحين! اي الله جا ولي! توتي سلام اي صالحن جا يادگار! توتي سلام

نهايت نيڪ بختيءَ سان زندگي گذاريندي اجارو رهي رب جي وات ۾ شهيد ٿئين ۽ الله تعاليٰ توکي اسان سان شامل ڪيو شال الله توتي رحمتون ڪري تنهنجي قاتل کي نه بخشي تنهنجي قاتل لاءِ جهنم جو ويل آهي ائين چوڻ کان پوءِ حضرت آدم سر مبارڪ کان پري ٿي قالين تي رکيل ڪرسين مان هڪ ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو. ٿوري وقفي کان پوءِ وري بيو ڪڪر آيو ۽ زمين تي پهتو ان سڏ ڪندڙ وري سڏ ڪيو ته: اي الله جا نبي! حضرت نوح (عليه الصلواة والسلام) لهي اچو ڏنم ته سائين لهي آيو ۽ مٿس بهشتي لباس ڍڪيل هو لهنديئي حضرت حسين جي سر مبارڪ تي اچي بيٺو ۽ ساڳئي نموني الفاظ ۾ سلام چئي وڃي ڪرسيءَ تي ويٺو- ٿوريءَ دير کان پوءِ ٽيون ڪڪر آيو ۽ ان مان حضرت ابراهيم عليه السلام لهي حضرت حسين جي سرمبارڪ تي اچي بيٺو مٿس به بهشتي لباس ڍڪيل هو قد مبارڪ ۾ نه گهڻو ڊگهو هو نه بندرو- سندس چهرو مبارڪ نهايت چمڪدار هو. ساڳين لفظن سان سلام پڙهي ۽ ساڳيا گفتا چئي وڃي ڪرسيءَ تي ويٺو ٿوري دير کان پوءِ چوٿون ڪڪر لهي آيو ۽ ان سڏيندڙ جي سڏ تي ان مان الله تعاليٰ جو ڪليم حضرت موسيٰ عليه السلام بهشتي وڳا پاتل، لهي آيو پاڻ طبعي لحاظ سان سخت ۽ هيبت وارو هو ساڳيا ڏک جا الفاظ چئي ۽ سلام پڙهي وڃي ڪرسيءَ تي ويٺو ان کان پوءِ پنجون ڪڪر لهي آيو ساڳي سڏيندڙ سڏ ڪيو ته ان مان بهشتي لباس سان ملبوس حضرت عيسيٰ عليه السلام لهي آيو سندس رنگ ڳاڙهاڻ ڏي مائل ۽ چهرو چمڪدار هو. حضرت حسين جي سر مبارڪ وٽ بيهي ساڳيا ڏک جا لفظ چئي سلام پڙهي وڃي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺو،ٿوري دير کان پوءِ ڇهون ڪڪر لٿو جيڪو سيني ڪڪرن کان وڏو هو جڏهن ساڳئي سڏيندڙ سڏي لهڻ لاءِ عرض ڪيو ته: ان مان حضور عليه الصلواة والسلام جن لهي آيا سندن

سچي پاسي کان ملائڪن جي قطار سان گڏ حضرت امام حسن ۽ سيده فاطمه زهراء هئي،پاڻ حسين پاڪ جي سر جي مٿان اچي سر مبارڪ هٿن سان کڻي سيني پاڪ سان ملائي روئي ڏنائون ۽ سر مبارڪ پنهنجيءَ نياڻي فاطمه جي هٿن ۾ ڏنائون جڏهن سيده سائڻ پنهنجي پوين پٽ کي کڻي رنو ته اتي ڪرسين تي موجود نبين عليهم الصلواة والسلام به روئي ڏنو. بعد ۾ حضرت آدم عليه السلام ڪرسيءَ تان اٿي حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن سان حضرت حسين جي شهيد ٿيڻ تي هنن لفظن سان تعزيت ڪئي. اوهان جي پاڪ اخلاق سان موصوف ٻچي تي سلام آ الله اوهان جو اجر وڏو ڪندو ۽حسين جي صدمي سهڻ تي ثواب وڌائي ڏيندو. ان کان پوءِ ٻين آيلن نبين عليهم الصلواة والسلام به ساڳين الفاظن سان تعزيت ڪئي. حضور عليه الصلواة والسلام جن وري انهن نبين عليهم الصلواة والسلام سان مخاطب ٿي فرمايو ته: اي بابا آدم! اي بابا نوح، اي بابا ابراهيم،! اي ڀاءُ موسىٰ! اي ڀاءُ عيسىٰ! اوهان هنن امتي سڏائيندڙن تي شاهد رهو ۽ شاهدي ته الله جي ڪافي آهي هنن مون کي سائڻ ڪيل چڱائيءَ جو بدلو هنن منهنجي ٻچن سان هن طرح ظلم ڪرڻ سان ڏنو آهي. سندن زبان فيض ترجمان مان نڪتل اهي الفاظ ٻڌي هڪ ملائڪ ڪين قريب اچي عرض ڪيو ته: يا ابا القاسم! (صلي الله عليه وسلم) اوهان اسان جي دلين کي دردي لفظن سان ڇڻ ته ڪپي ڇڏيو. مان پهرئين آسمان تي مقرر ٿيل ملائڪ ۽ الله جي امر سان اوهان جي حڪم جو فرمانبردار ۽ مطيع آهيان. اوهان حڪم ڪيو ته: انهن اوهان جي امتي سڏائيندڙن تي آسمان (مان) اهڙو عذاب وسايان جو منجهائن ڪو به سلامت نه رهي، ان کان پوءِ ٻيو ملائڪ حاضر ٿيو۽ ادب سان عرض ڪرڻ لڳو ته حضور! مان سمنڊن جي مٿان مقرر ٿيل آهيان الله تعالىٰ جي امر سان اوهان جو فرمانبردار ۽ مطيع آهيان فرمايو ته!

انهن کي اهڙو بوڙيان جو منجهائن کو بہ سلامت نہ رهي پاڻ پنهي ملائڪن جي ان پيشڪش کي ٻڌي فرمايائون تہ: اي منهنجي مالڪ جا ملائڪو! هتي انهن کي تباهہ نہ ڪيو انهن ۾ اسان جو فيصلو قيامت جي ڏينهن ٿيندو. حضرت آدم عليہ الصلواة والسلام وري اتي ڪين پيءُ جي حيثيت سان دعائون ڏنيون. ۽ حضرت حسن رضي الله عنہ حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ ادب سان عرض ڪيو تہ: اي نانا ڪريم! هي ستر چٽا جيڪي ستا پيا آهن منهنجي دلبر ڀاءُ حسين رضي الله عنہ جي سر مبارڪ کي يزيد ڏانهن کڻي آيا هئا ۽ هينئر بہ چوڪيدار لڳا وينا آهن، حضور پر نور عليہ افضل الصلوات واڪمل التحيات جن ملائڪن کي حڪم ڪيو تہ هنن کي سزا ڏيو ملائڪن انهن کي سزا ڏني ۽ مون کي بہ هڪ ملائڪ ورتو پر مون دانهن ڪري حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کي سڏيو تہ: سائين! پاڻ مون کي ملائڪ کان ڇڏائي فرمايائون تہ: تون بہ انهن ستر چٽن مان آهين؟ مون چيو تہ هائو فرمايائون تہ: آخرت ۾ توکي عذاب ضرور ٿيندو ۽ اتي توکي نہ الله بخشيندو نہ توتي رحم ڪندو بلڪ تنهنجي هٿن کي جهنم جو ٻارڻ بنائيندو. سندن انهن لفظن ٻڌڻ کان پوءِ مايوس ٿي اهي الفاظ ڪدي رهيو هوس جيڪي تو ٻڌا! سليمان اعمش فرمايو تہ: سندس زباني اهو واقعو ٻڌي چيو مانس تہ: اي ظالم! مون کان پري ٿي متان توکي همدرديءَ سان ٻڌڻ جي ڪري مان بہ محبوب عليہ الصلواة والسلام جن جو مياري ٿي الٰهي عذاب ۾ اچي وڃان. اهو واقعو شفا شريف جي چوويهين فصل ۾ شرح ڪندي جتي حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي غيبي خبرن ڏيڻ جي بيان ۾ حضرت حسين جي شهادت جو ذڪر آيو آهي. علامہ تلمسانيءَ تفصيل سان لکيو آهي (١)

اهل بيت مان شهيدن جو تعداد

١- حضرت امام حسين ٢- حضرت عباس ٣- حضرت ابوبڪر بن علي ان

(١) نورالابصار ص١٣٥- ڪان ١٣٧

ڪي عبدالله به چوندا آهن ۴- عمر بن علي ۵- عثمان بن علي ٦- جعفر بن علي رضي الله عنهم هي حضرت حسين جا پٽيتا پائر هيا ڪن محمد بن علي به ذڪر ڪيو آهي۷- قاسم ۸- عبدالله ۹- ابوبڪر ۱۰- عمر- هي حضرت امام حسن جا فرزندهيا ۽ ڪن عثمان بن حسن جو به ذڪر ڪيو آهي ۱۱- محمد ۱۲- عون- هي حضرت عبدالله بن جعفر طيار جا پٽ ۽ حضرت امام پاڪ جا ڀاڻيجا يعني سيده زينب جا ٻچڙا هيا ۱۳- عبدالله ۱۴- عبدالرحمٰن ۱۵- جعفر بن عقيل ۱٦- حضرت امام مسلم جيڪو ٻن فرزندن سان گڏ اڳ ۾ ڪوفي ۾ شهيد ٿي ويو هو. ۽ ڪن حضرت مسلم ۽ عون ٻيا به لکيا آهن ۱۷- حضرت عبدالله بن مسلم بن عقيل ۱۸- علي اڪبر ۱۹- علي اصغر- رضي الله عنهم

ڪربلا مان قيد ٿيلن جو تعداد

۱- حضرت زين العابدين ۲- حضرت عمر بن حسين ۳- حضرت محمد بن عمر بن علي ۴- حضرت سيده زينب ۵- سيده ام ڪلثوم ٦- سيده فاطمه (صغرىٰ) ۷- سيده سُڪينه ۸- حضرت بيبي شهر بانو ۹- بيبي رباب بنت امرءُ القيس- هي ٻئي حضرت امام حسين جون گهر واريون هيون، رباب سائڻ حضرت سُڪينه جي امان آهي جيئن ان سان حضرت حسين جو گهڻو پيار ۽ شفقت هئي، تيئن ان کي به حضرت حسين سان بيحد پيار ۽ محبت هئي. امام پاڪ جي شهادت کان پوءِ ڪيترن وڏن مالدارن ڪيس شاديءَ لاءِ چڪايو پاڻ انهن کي جواب ۾ چورائي موڪليائين ته: الله جل جلاله جي نبي عليه الصلواة والسلام جي ننهن ٻنجڻ کان پوءِ مون کي ٻئي ڪنهن جي ننهن ٻنجڻ قطعي طرح پسند نه آهي. (۱)

قدرتي ڪاوڙ جو اظهار

الله جل جلاله جي پياري حضرت حسين جي شهادت کان پوءِ دنيا

(۱) تهذيب التهذيب ص۳۵۴ ج۲

تي مالڪ الملڪ جي غضب جو مختلف نمونن سان اظهار ٿيو هو ١- سج گرهڻ تي هئي ۽ ڏينهن جو آسمان جا تارا نظر اچي رهيا هئا آسمان جا چارئي طرف ڳاڙها ٿي نظر آيا ۽ ستن ڏينهن تائين پٿيون به ڳاڙهيون ٿي نظر آيون ۽ آسماني تارا هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي رهيا هئا ڪو به پٿر کڻهن جاءِ تان کنيائون ٿي ته ان جي هيٺان چاول رت ٿي ڏسڻ ۾ آيو (٢) يزيدي لشڪرين گوشت رڌو لاهي ڏنائون ته ٻوٽيون نه هيون ٽانڊا نظر اچي رهيا هئا. محدث زهري عليه الرحمة فرمايو ته: حضرت حسين جي قاتلن مان ڪو به اهڙو نه رهيو جنهن کي دنيا ۾ ئي عذاب نه ٿيو هجي ڪي ڪسي ويا ته ڪن جا عضوا ڦري ويا ۽ ڪن جا ته منهن ئي ڪارا ٿي ويا هئا (٢) هڪ شخص امام عالي مقام جي شان ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو ته الله تعالىٰ آسمان کان به تارا هنيس جن جي ڪري اکيون هليون ويس ۽ انڌو ٿي پيو (٣)

قاتلن کي سزا ملڻ جا واقعا

ياد رکڻ گهرجي ته امام پاڪ جي شهادت ۾ حصو وٺندڙن کي آخرت ۾ ته سزا ملندي پر دنيا ۾ به ڪيئن سزائون مليون جيئن هنن واقعن مان ظاهر ٿي رهيو آهي.

واقعو١

هڪ شخص امام عالي مقام جي شهيد ڪرڻ ۾ شريڪ هو. پوءِ جلد اکين کان انڌو ٿي ويو جڏهن ڪانئس ان جو سبب پڇيائون ٻڌايائين ته: مون خواب ۾ ڏٺو ته: حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن هڪ جاءِ تي پنهنجيءَ قميص مبارڪ جون ٻانهون ٺونٺين مبارڪن کان مٿي چاڙهيو تلوار هٿ ۾ کنيو بيٺا آهن ۽ سندن اڳيان هڪ چمڙو وڇايو پيو آهي جنهن تي حضرت حسين جا

---

(١) اسعاف الراغبين ص١٩٥ (٢) تاريخ الخلفاء ص١٥٩ (٣) ساڳيا حوالا

ڏهه قاتل ڪنا پيا هئا ۽ اهو چمڙو انهن جي رت سان پريو پيو هو. مون تي حضرت حسين جي شهيد ڪرڻ ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪري سخت ڪاوڙ ڪندي ان رت مان ڪجهه منهنجي اکين ۾ وڌائون. خواب ڏسڻ ڪانپوءِ ننڊ مان جاڳيس ته اکين جو نور ختم هو ۽ انڌو ٿي ويس (١)

واقعو٢

هڪ شخص امام پاڪ جي شهادت ڪان پوءِ سندن سرمبارڪ کي گهوڙي جي هني ۾ لڙڪايو هو ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ڏٺو ويو ته سندس منهن روڌ تي وجهڻ واري ڏامر ڪان به وڌيڪ ڪارو هو حالانڪ اڳ ۾ سندس چهرو نهايت چمڪندڙ ۽ حسين هو، پڇڻ تي ٻڌايائين ته: مون جڏهن حضرت حسين جي سرمبارڪ کي بي ادبي ڪندي گهوڙي جي هني ۾ لڙڪايو هو تڏهن ڪان وٺي هر رات جو ٻه غيبي مرد اچن ٿا جيڪي مون کي پڙڪندڙ باهه جي پير ۾ ٻانهن ڪان جهلي ٻيهاري پڙڪندڙ باهه جي مچ ۾ منهنجو منهن سيڪيندا آهن تڏهن ڪاروٿيو آهي ان ڪان پوءِ نهايت بري حال ۾ مري ويو (٢)

واقعو ٣

قرآن ڪريم جي مفسر،مشهور محدث سدي جو بيان آهي ته مان هڪ ڀيري ڪربلا ۾ هڪ شخص جو مهمان ٿيس ۽ رات جو امام پاڪ جي شهادت جو ذڪر ڪندي ڳالهه ڪئي سون ته: جنهن به امام سهڻي جي شهيد ڪرڻ ۾ حصو ورتو ان جو انجام نهايت برو ٿيو اهو ٻڌي ان شخص جنهن جو گهر هو ان چيو ته اهو ڪوڙ آهي مان انهن قاتلن مان آهيان مون کي ته اڄ تائين ڪجهه به نه ٿيو آهي، ان جي اها ڳالهه ٻڌي اسين سڀ خاموش ٿي سمهي رهياسون الله جل جلاله جي قدرت سان جيئن جو رات جو اهو شخص ٻرندڙ ڏئي کي وسائڻ جي لاءِ اٿيو ته ان مان ڪيس باهه فورًا اهڙو ورتو جو سڙي مري ويو ۽ اسان صبح جو ڏٺو ته ڪارو اڱر لڳو پيو هو (٣)

(١) الصواعق المحرقة ص١٩٤ (٢) نورالابصار ص١٣٣
(٣) تهذيب التهذيب ص٣٥٥ جلد٢

ٻه روايتون

١- محدث حاڪم صحيح سند سان (جنهن ڪي علامه ذهبي تلخيص ۾ مسلم جي شرط موافق صحيح لکيو آهي) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان راويت آندي آهي ته: الله تعاليٰ حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جن ڏانهن وحي موڪليو هو ته: مون پنهنجي نبي يحييٰ بن زڪريا عليهما الصلواة والسلام جي عوض (سندس قاتلن مان) ستر هزار (٧٠٠٠٠) ڄڻا قتل ڪرايا هئا ۽ تنهنجي نياٽيءَ جي پٽ (حضرت حسين) جي بدلي ۾ ان کان ٻيڻا (هڪ لک چاليهه هزار (١٤٠٠٠٠) قتل ڪرائيندس.

٢- علامه ابن حجر مختلف سندن سان حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: قاتل الحسين في تابوت من نار عليه نصف عذاب اهل الدنيا" يعني حسين جو قاتل باهه جي صندوق ۾ هوندو جنهن اڪيلي تي پوري دنيا جي (ڪافرن جي گناهن) واري عذاب مان اڌ عذاب هوندو (١) علامه سيوطيءَ عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب "المحاضرات والمحاورات" ۾ آندو آهي ته: ڪوفي جي شهر ۾ ماتا جي بيماري پئي جنهن ۾ حضرت حسين جي قاتلن جي اولاد مان پندرهن سؤ (١٥٠٠) ڄڻا انڌا ٿي ويا (٢) ابو رجاء عطاردي ماڻهن کي چوندو هو ته؛ اهل بيت اطهار جي شان ۾ گستاخي نه ڪندا ڪيو،ڇو ته حضرت حسين پاڪ جي شهادت کان پوءِ ڪوفي ۾ هڪ شخص چيو هو ته: فاسق جو پٽ فاسق ڪسي ويو (معاذالله) ته سندس اکين ۾ آسمان کان ٻه تارا امڙ ٿي لڳا ۽ اتي جو اتي انڌو ٿي ويو (٣) علامه ابن حجر هيتمي مڪي، البارزيءَ کان ۽ ان منصور کان روايت آندي آهي ته شام ۾ هڪ شخص ڏٺو ويو جنهن جو منهن مروڙ ۽ (سوئر) جهڙو ٿي ويو هو جڏهن ان کان ان جو سبب

(١) تهذيب التهذيب ص٣٥٥ ج٢ المستدرڪ للحاڪم ص١٧٨ ج٣
(٢) نورالابصار ص١٣٧ (٣) تهذيب التهذيب ص٣٥٥

معلوم ڪيو ويو تہ ٻڌايائين تہ مان هر جمعي جي ڏينهن حضرت علي ۽ ان جي اولاد رضي الله عنهم تي چار هزار ڀيرا لعنت ڪندو هوس (نعوذ بالله) پوءِ ننڊ ۾ ڏٺم تہ: حضرت امام حسن حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪي اها ڏانهن ڏئي رهيو آهي ۽ حضور عليه الصلواةوالسلام جن سخت ناراض ٿي غصي مان مون ڪي پنهنجي وات مبارڪ جو پاڻي هنيو ان پاڻيءَ لڳڻ شرط منهنجي شڪل سوئر جي ٿي وئي (١)

مخصوص قاتلن ڪي سزا

سيد شهداء ڪربلا جي عام دشمنن ڪي بہ دنيا ۾ سزائون مليون هيون پر خاص دشمنن تي ٿوري عرصي اندر قهار جي قهر ڪڙڪا ڪيا. مختار ثقفي هڪ شخص جيڪو ٿيڪ نبوت جي دعويٰ ڪرڻ جي ڪري گمراهہ ۽ مرتد ٿي ويو هو پر في الحال اتندي امام پاڪ جو محب سڏائي. امام پاڪ جي ڀاءُ محمد بن حنفيہ رضي الله عنهما جو خليفو چورائي حسين پاڪ جي اهم دشمنن ڪي قتل ڪرائيندو رهيو. عمرو بن سعد، خولي بن يزيد، شمر ذي الجوشن، حڪيم بن طفيل طائي، زيد بن رقاد، عمرو بن صبيح جهڙن ڪميڻن، بدبختن،ملعونن ڪي ڳولرائي قتل ڪرايائين ۽ ڪيترن جي لاشن ڪي دفن ڪرائڻ جي بجاءِ باهيون ڏياري ساڙائي ڇڏيو هيائين. (٢)

نبوت جي دعويٰ

مختار ثقفيءَ حضرت حسين جي قاتلن ڪي سخت سزائون ڏيڻ وارو ڪردار تہ وڏو پلو ادا ڪيو هو پر قسمت سندس سات نہ ڏنو، اڳتي هلي نبوت جي دعويٰ ڪري ڪافر ۽ مرتد بنجي مري ويو. شال الله تعاليٰ پناهہ ۾ رکي ۽ هر

(١) الصواعق المحرقة ص١٩٤

(٢) البداية والنهاية، الڪامل في التاريخ تاريخ طبري وغيره.

مسلمان جو ايمان كامل تي خاتمو كرڻ فرمائي . علامه سيوطيءَ لکيو آهي ته ان مختار ثقفيءَ ملعون کي وري حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنه ستهٺ هجريءَ ۾ قتل كرايو هو (١)

عبيدالله بن زياد کي سندس ماءُ پٽيو

جڏهن عبيدالله بن زياد جي ماءُ کي خبر پئي ته سندس پٽ ظالم حضرت امام عالي مرتبت ۽ بلند مقام کي شهيد كرايو آهي تڏهن پٽ کي هنن لفظن سان سڏي پٽيو هيائين: يا خبيث! قتلت ابن بنت رسول الله صلى الله عليه وسلم لا تري والله الجنة ابدا (٢) اي پليد! تو رسول الله صلى الله عليه وسلم جي نياڻيءَ جي ٻچڙي کي شهيد كيو آهي الله جو قسم ته تون هميشه لاءِ جنت نه ڏسندين.

جنن به زار وقطار رنو

سيد شهداء كربلا جي شهادت كان پوءِ كربلا جي ويجهن علائقن ۾ رهندڙن ماڻهن ٻڌو ته حضرت عالي درجت، امام بلند مقام جي شهادت جي غم ۾ جن به روئي هنين چئي رهيا هيا.

مَسَحَ الرَّسُوْلُ جَبِيْنَهٗ فَلَهٗ بَرِيْقٌ فِي الْخُدُوْدِ
اَبَوَاهُ مِنْ عُلْيَا قُرَيْشٍ جَدُّهٗ خَيْرُ الْجُدُوْدِ

يعني سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن سندس پيشانيءَ (مبارك) کي پنهنجا پيارا هٿ مبارك لڳايا ان جي كري سندس ڳلن ۾ آسمان جي كنوڻ وانگر چمكارا آهن سندس والدين بلند شان وارن قريشين مان آهن سندس نانو (عليه الصلواة والسلام) نانن ۾ پلو آهي جنن جو مٿيون شعر ٻڌي ان تي اتي وارن سندن جواب ۾ هي شعر چيو هو.

خَرَجُوا بِهٖ وَفْدًا اِلَيْهِ فَهُمْ لَهٗ شَرُّ الْوُفُوْدِ
قَتَلُوْا ابْنَ بِنْتِ نَبِيِّهِمْ سَكَنُوْا بِهٖ ذَاتَ الْخُدُوْدِ

(١) تاريخ الخلفاء ص١٦٤ (٢) حوالو ساڳيو ص٣٥٧ ج٢

يعني ان ڏانهن وفد ڪري نڪتا پوءِ اهي ان لاءِ نهايت برا وفد ثابت ٿيا پنهنجي نبي عليه الصلواة والسلام جي نياڻي رضي الله عنها جي پٽ کي شهيد ڪيائون ان جي ڪري جهنم جي ڪڏن جا رهاڪو بڻيا ۽ بعضي جن ڪان هي شعر ٻڌا ويا

أَيُّهَا الْقَاتِلُوْنَ جَهْلاً حُسَيْنَا
أَبْشِرُوْا بِالْعَذَابِ وَالتَّنْكِيْلِ

اي جهل سان، حسين کي شهيد ڪندڙ! عذاب ۽ سزا جي بشارت اٿو

كُلُّ أَهْلِ السَّمَاءِ يَدْعُوْ عَلَيْكُمْ
وَنَبِيٍّ وَمُرْسَلٍ وَقَتِيْلِ

سڀئي آسمان وارا ۽ نبي، مرسل ۽ شهيد اوهان جي مٿان (عذاب اچڻ) لاءِ دعائون گهري رهيا آهن.

قَدْ لُعِنْتُمْ عَلٰى لِسَانِ دَاوُدَ
وَمُوْسٰى وَصَاحِبِ الْإِنْجِيْلِ

اوهان (حضرت) داؤد ۽ (حضرت) موسىٰ ۽ انجيل جي صاحب (حضرت عيسىٰ عليه الصلواة والسلام) جي زبان تي لعنت ڪيا ويا آهيو مقصد ته ملعون آهيو

قبر مبارڪ تي نماز جنازه ۽ ملائڪن جي آمد

قطب الاقطاب، غوث صمداني، محبوب سبحاني عليه الرحمة جن لکيو آهي ته حمزه بن زيات فرمايو آهي ته: مون خواب ۾ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن ۽ حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام کي ڏٺو ته حضرت حسين پاڪ جي قبر مبارڪ تي جنازي جي نماز پڙهي رهيا هئا ۽ حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه کان روايت آهي ته: جنهن ڏينهن حضرت حسين شهيد ٿيو ۽ دفن ڪيو ويو ان ڏينهن کان وٺي ستر هزار ملائڪ سندس قبر مبارڪ تي لهي آيا آهن جيڪي سندس ياد ۾ قيامت تائين اڪين مان آب هاريندا رهندا (١)

(١) غنية الطالبين ص٥٦ ج٢

ياد حسين ملهائي رب جي نالي خيرات ڪرڻ

برصغير جي ناميار محدث شاهه ولي الله دهلوي جي پٽ، ناميار محدث حضرت شاهه عبدالعزيز دهلوي لکيو آهي ته: جيڪو طعام حضرت امام حسن ۽ حسين جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي ۽ ان تي برڪت خاطر فاتحه قل ۽ درود پڙهيو ويندو آهي ان جو کائڻ نهايت ڀلو آهي (١)



(١) فتاويٰ عزيزي ص٧٥ فارسي

مناقب

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ الله جل شانه عز برهانه حضرت حبيب ڪريم، عليه التحية والتسليم جي صدقي حسنين ڪريمين رضي الله عنهما کي شان، مرتبي ۽ مان جي جن بلند درجن تي سرفراز فرمايو آهي اهي سڄ ڪان وڌيڪ روشن، زبان جي بيان ۽ قلم جي لکڻ جا محتاج نہ آهن مون عاجز سيہ ڪار، گنهگار جي ڇا مجال آهي جو سندن تعريف، توصيف ۽ مدحت لکي پوري ڪري سگهان. بس سندن ثنا خوانن ۽ شان بيان ڪندڙن غلامن ۾ پنهنجو بہ نالو شمار ڪرائڻ لاءِ قرآن پاڪ مان ۾ آيتون ۽ ڪجهہ نبوي ارشادات علي قائلها الصلوات والتسليم لکي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان قوي اميد اٿم تہ رب العزت جل مجده پنهنجي خصوصي رحم ۽ ڪرم سان سندن صدقي قبول ڪرڻ فرمائي، مون مسڪين ۽ منهنجي ٻچن کي دارين جي سعادت نصيب ڪندو. آمين يا رب العالمين بحرمة حبيبک رحمة للعالمين عليه وعلیٰ آله واصحابه الصلوات والتسليمات الیٰ يوم الدين

قرآن ڪريم مان

آيت١- ”فَمَنْ حَآجَّکَ فِيْهِ مِنْ بَعْدِ مَا جَآءَکَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَآءَنَا وَاَبْنَآءَکُمْ وَنِسَآءَنَا وَنِسَآءَکُمْ وَاَنْفُسَنَا وَاَنْفُسَکُمْ ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَلْ لَّعْنَةَ اللّٰهِ عَلَی الْکٰذِبِيْنَ (١) يعني جيڪو اوهان وٽ ان (حضرت عيسیٰ عليه الصلواة والسلام جي متعلق) علم اچڻ کان پوءِ بہ دليل بازي ڪري تہ پوءِ اوهان فرمايو تہ: اچو! اسان پنهنجا پٽ ۽ اوهان پنهنجا ۽ اسين پنهنجي (طرفان) عورتون ۽ اوهان پنهنجون عورتون، ۽

(١) سورة آل عمران آيت ٦١

اسين پنهنجا سر ۽ اوهان پنهنجا سر سڌي گڏ ڪري ان کان پوءِ نهايت تضرع ۽ زاريءَ سان دعا گهري ڪوڙن تي الله تعاليٰ جي لعنت ڪيون.

هن آيت ۾ مباهلي جو ذڪر آهي جنهن جو مختصر احوال هي آهي ته: يمن جي شهر نجران مان چوڏهن ڄڻن تي مشتمل هڪ وفد نبي ڪريم عليه التحيـة والتسليم جي خدمت اقدس ۾ آيو ۽ ان موضوع تي ته حضرت عيسيٰ عليه السلام الله آهي يا عبد؟ حضور پر نور صلى الله عليه وسلم جن سان بحث ڪيائون. دليل بازيءَ ۾ شڪست کائڻ کان پوءِ به ضد ڪري بيهي رهيا ته: حضرت عيسيٰ الله آهي (العياذبالله) الله جل جلاله هيءَ آيت نازل ڪري سهڻي حبيب عليه التحيـة والتسليم کي فرمايو ته: جيڪو علم، يقين ۽ مضبوط دليلن ملڻ کان پوءِ به هروڀرو بحث ڪري ۽ ضد ڪري بيهي نه مڃي اوهان ان کي مباهلي جو چئلنج ڏيو ۽ فرمايو ته: اسين پنهنجا پٽ، پنهنجي طرفان عورتون ۽پنهنجي سر ميدان ۾ اچون ٿا اوهان به اچو، ان کان پوءِ نهايت عجز، انڪساري ۽ زاريءَ سان ايزدي بارگاهه ۾ دعا گهرون ٿا ته يا الله! جيڪي ڪوڙا آهن انهن تي لعنت ۽ عذاب موڪل، پاڻهي ظاهر ٿيندو ته اوهان نصاريٰ سچا آهيو يا اسين- حضور عليه الصلواة والسلام جن نجران جي انهن وفد ۾ آيل نصارن کي اها آيت ٻڌائي ۽ پاڻ سان گڏ سيدنا علي، سيده فاطمه ۽ حسنين ڪريمين کي وٺي مباهلي لاءِ نڪري آيا پر جڏهن ان وفد جي اڳواڻ حضرت نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن ۽ ساڻن گڏ آيل ملڪي صفتن هستين کي ڏٺو ته پنهنجن نصارن کي سڏي چوڻ لڳو ته: اي نصارن جي جماعت! مان اهڙا چهرا ڏسي رهيو آهيان جو جيڪڏهن الله تعاليٰ کان جبل کي ڪٽڻ جي لاءِ دعا گهرن ته جبل کي ٺي ان جي جاءِ تان هٽائي ڇڏي مباهلو نه ڪيو تباهه ٿي ويندؤ. پوءِ پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري حضور پر نورعليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيائون ته: يا ابا القاسم! اسين مباهلو ڪو نه ٿا ڪيون. سائين ڪريم

عليه الصلواة والسلام جن کين فرمايو ته: جيڪڏهن مسلمان نه ٿا ٿيو ته پوءِ جنگ لاءِ تيار رهو. اسين اوهان سان جهاد ڪنداسون. عرض ڪرڻ لڳا ته: اسان ۾ عربن سان جنگ ڪرڻ جي طاقت نه آهي، ها جيڪڏهن اسان سان نه جنگ ڪندو نه اسان کي جنگ جو ڀؤ ڏيندؤ نه اسان کي پنهنجي دين کان هٽائيندو ته اسين اوهان سان وعدو ٿا ڪريون ته (اوهان مان مسڪينن جي پالڻ لاءِ) سال ۾ ڪپڙن جا ٻه هزار وڳا ڏينداسون هڪ هزار صفر مهيني ۾، هڪ هزار رجب مهيني ۾ - ۽ ان کان سواءِ مجاهدن لاءِ عادي لوهه جون ٽهيلون ٽيهه زرهون به ڏينداسون. نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن مسڪينن ۽ مجاهدن جي فائدي لاءِ سندن ان پيشڪش کي قبول فرمائي ساڻن صلح ڪيو ۽ فرمايائون ته: ان ذات جو قسم آهي جنهنجي (قدرتي) هٿ ۾ منهنجو ساهه آهي ته نجران وارن کي هلاڪت ويجهي اچي و ٺي هئي ۽ جيڪڏهن مباهلو ڪن ها ته سندس شڪليون بدلجي وڃن ها پولا، باندر ۽ سوئر ٿي وڃن ها. سندن رهڻ واري علائقي ۾ اهڙي باهه ٻري ها جو وڻن تي وينل پکي به مري وڃن ها ۽ هڪ سال اندر سڀ تباهه، برباد ۽ هلاڪ ٿي وڃن ها(١) مٿئين بيان مان واضح ٿيو ته حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنهما حضور عليه الصلواة والسلام جن کي پٽڻ وانگر آهن جن کي پاڻ پنهنجو پٽ قرار ڏئي ميدان ۾ آندائون

آيت ٢- "اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا" (٢) يعني اي اهلبيتو! الله اهوئي ٿو ارادو فرمائي ته اوهان کان پليدي پري ڪري ۽ اوهان کي پاڪ صاف رکي.

(١) روح المعاني ص١٩٠ جلد١ جزء ٣ - المنار ص٣٢٢ جلد٣- فتح القدير ص٣٤٨ جلد١ الدرالمنثور ص٢٣٣ جلد٢ ابو السعود ص٤٦ ج ٢ حاشيه دريا بادي ص١٣٨

(٢) سورة الاحزاب آيت ٣٣

جاڻ گهرجي تہ هتي پاڪ صاف رکڻ مان مراد تهذيب نفس، تصفيه قلب ۽ تزڪيه باطن جا اهي اعليٰ مرتبا آهن جيڪي الله جي ڪاملن ٻانهن کي حاصل ٿيندا آهن . هن آيت جو تفسير ڪندي علامه ڪاشفي لکيو آهي تہ هڪ ڀيري حضور عليه الصلواة والسلام جن مون وٽ وڇايل ڪنبل تي جلوي افروز هئا ۽ سيده فاطمه سندن لاءِ گوشت پچايل مان سنبوسا ڪڍي آئي پاڻ فرمايائونس تہ: علي، حسن ۽ حسين کي بہ وٺي آ- سائڻ انهن کي وٺي آئي ۽ گڏجي کائڻ کان پوءِ پاڻ اهو ڪنبل سڀني جي مٿان وجهي دعا فرمايائون تہ: يا الله! هي منهنجا اهل بيت آهن ڪين پاڪ صاف رکہ- انهن جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي هئي (١) هن روايت مان ثابت ٿيو تہ حسنين پاڪ جي پاڪائي ۽ صفائي الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ بيان ڪئي آهي. ان جي ڪري دنيا ۾ روحانيت جا مرڪز ۽ منبع بہ پاڻ آهن ۽ پاڻ ئي ولايت جي نهايت بلند مقامن تي فائز آهن.

نبوي ارشادات عليٰ قائلها افضل الصلوٰت والتسليمات

خوشبودار گل

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان راويت آهي تہ: سيدنا رسول الله ﷺ جن حسنين رضي الله عنهما لاءِ فرمايو: هما ريحانتاي من الدنيا (٢) يعني اهي ٻئي منهنجا دنيا مان خوشبودار (ناز بوءِ) گل آهن.

محبوب جا محبوب

حضرت اسامه بن زيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن حسنين لاءِ فرمايو: هَذَانِ اِبْنَايَ وَابْنَا اِبْنَتِيْ اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اُحِبُّهُمَا فَاَحِبَّهُمَا وَاَحِبَّ مَنْ يُّحِبُّهُمَا (٣) هي ٻئي منهنجا

---

(١) تفسير حسيني ٦٧٧ (٢) بخاري ص٥٣٠ جلد١

(٣) ترمذي ص٢١٧ جلد٢

۽ منهنجي ڌيءُ جا پٽ آهن. اي الله! مان انهن ٻنهيءُ سان محبت ٿو رکان تون به انهن سان محبت رک.

وڏيک پيارا

حضرت انس بن مالک رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن کان پڇيو ويو ته اَيُّ اَهْلِ بَيْتِكَ اَحَبُّ اِلَيْكَ قَالَ الْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ وَكَانَ يَقُوْلُ لِفَاطِمَةَ اُدْعِيْ لِيْ اِبْنَيَّ فَيَشُمُّهُمَا وَيَضُمُّهُمَا اِلَيْهِ (١) يعني اوهان جي اهل بيت مان اوهان کي وڏيک پيارو ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون ته حسن ۽ حسين- ۽ پاڻ فاطمه کي فرمائيندا هئا ته مون ڏانهن منهنجن ٻنهي پٽن کي سڏ ڪري وٺي آ ءُ ۽ پاڻ ٻنهي کي سنگهندا ۽ ڀاڪر پائيندا هئا

گهڻي دير تائين سجدو

عبدالله بن شداد پنهنجي پيءُ کان روايت آندي آهي ته (هڪ ڀيري) حضور عليه الصلواة والسلام جن گهڻي دير تائين سجدي ۾ رهيا اسان دل ۾ چيو ته شايد ڪا نئين ڳالهه ٿي آهي يا هينئر مٿن وحي جو نزول ٿي رهيو آهي (پڇڻ تي) پاڻ فرمايائون ته ٻيو ڪجهه نه هو منهنجو پٽ (حسين پاڪ) مون تي سوار ٿي ويٺو،مون پسند نه ڪيو ته تڪڙ ڪيان. ڀلي پنهنجو شوق پورو ڪري

حسين مون مان آهي.

يعليٰ بن مروه کان روايت آهي ته سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو: حُسَيْنٌ مِّنِّيْ وَاَنَا مِنْ حُسَيْنٍ اَحَبَّ اللّٰهُ مَنْ اَحَبَّ حُسَيْنًا حُسَيْنٌ سِبْطٌ مِّنَ الْاَسْبَاطِ (٢) حسين مون مان آهي مان حسين مان آهيان الله ان سان محبت رکي جنهن حسين سان محبت رکي حسين

(١) تهذيب التهذيب ص٣٤٦ ج٢ (٢) مشكواة ص٥٧١

ڏوهڻ مان شاندار ڏوهڻو آهي.

جنتي جوانن جا سردار

حضرت ابو سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اَلْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ سَيِّدَا شَبَابَ اَهْلِ الْجَنَّةِ" (١) يعني حسن ۽ حسين جنتي جوانن جا سردار آهن

جبريل جو ساٿ

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: هڪ ڀيري حسنين ڪريمين حضور صلی الله عليه وسلم جن جي اڳيان ڪشتي (راند) ڪئي. پاڻ حسين کي فرمايائون تہ "حسن هيٺ وٺ" سيده فاطمه عرض ڪيو تہ: صرف حسن لاءِ ائين ڇو ٿا فرمايو؟ فرمايائون تہ: حسين کي جبرئيل چئي رهيو آهي (٢)

والده کين والد کان دعا ڪرائي

بيبي زينب بنت ابي رافع کان روايت آهي تہ: سيده فاطمه زهرا رضي الله عنها پنهنجي ٻنهي پٽن کي حضور عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ آڻي عرض ڪيو تہ: هي اوهان جا پٽ آهن انهن کي ورثو عطا ڪيو: پاڻ فرمايائون تہ: حسن لاءِ منهنجي هيبت ۽ سرداري آهي ۽ حسين لاءِ منهنجي جرئت ۽ سخاوت آهي هي چند فضائل ۽ مناقب مطابق ١١-١-١٩٩٨ رمضان المبارڪ جي ١٢ تاريخ ١٤١٨ھ تي لکي ڪتاب کي اختتام تي پهچائجي ٿو. شال ڪريم ڪرم ڪري حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام ۽ حسنين جي پيار ۽ شفقت جي دولت سان مالا مال فرمائي- آمين يا رب العالمين

---

(١) مشڪواة ص ٥٧١ (٢) تهذيب التهذيب ص ٣٤٥ جلد ٢

كم آندل كتاب

١	قرآن كريم	مالك متي جو متو كلام
٢	تفسير روح المعاني	علامه شهاب الدين السيد محمود آلوسي بغدادي- مطبوعه دارالفكر بيروت
٣	المنار	محمد رشيد رضا مطبوعه دارلمعرفة- بيروت - لبنان
٤	فتح القدير	محمد بن علي الشوكاني- دار احياء التراث العربي لبنان
٥	الدر المنثور	جلال الدين سيوطي دارالفكر العربي لبنان
٦	ابو السعود	محمد بن محمد عمادي - دار احياء التراث العربي لبنان
٧	حسيني فارسي	كمال الدين حسين الواعظ - مطبع نامي نولكشور لكنؤ - انديا
٨	صحيح بخاري شريف	محمد بن اسماعيل بخاري مطبوعه اصح المطابع كراچي
٩	مسلم	مسلم بن حجاج قشيري مطبوعه اصح المطابع كراچي
١٠	ترمذي	محمد بن عيسىٰ بن سورة الترمذي- سعيد - ايم- ايچ كراچي
١١	سنن ابن ماجه	محمد القزويني - داراحياء الكتب العربية فيصل عيسىٰ البابي الحلبي- مصر
١٢	مشكواة المصابيح	ولي الدين محمد بن عبدالله الخطيب- مطبوعه- سعيد- ايم ايچ كراچي

١٣ مرقاة شرح مشکواة — علي قاري مكي- مطبوعه دار احياء التراث العربي بيروت

١٤ اشعة اللمعات شرح مشکواة- — فارسي- مطبع نامي نولکشور- لکنؤ- انديا

١٥ المستدرک للحاکم — محمد بن عبدالله- الحاكم النيشابوري- بيروت - لبنان مطبوعه دارالفكر

١٦ مظاهر حق شرح مشکواة — مولانا قطب الدين- مطبوعه شيخ غلام علي اينڈ سنز لاهور

١٧ تهذيب التهذيب — ابن حجر عسقلاني- مطبوعه دائرة المعارف حيدرآباد دکن- انديا

١٨ اسعاف الراغبين — علامه محمد صبان- مطبوعه المكتبة الشعبية- مصر

١٩ نور الابصار — علامه السيد مؤمن الشبلنجي مطبوعه المكتبة الشعبية- مصر

٢٠ تاريخ طبري — محمد بن جرير طبري - دارالفكر بيروت

٢١ تاريخ الاسلام — علامه حسن ابراهيم حسن- المكتبة النهضة المصرية

٢٢ ابن خلدون — علامه عبدالرحمن ابن خلدون- مؤسسة الاعلمي - مصر

٢٣ البداية والنهاية — علامه ابن كثير دمشقي- مكتبه المعارف- بيروت

۲۴	التاریخ الکبیر	محمد بن اسماعیل بخاري- مطبوعہ دارالکتب العلمیۃ - بیروت
۲۵	الکامل في التاریخ	علامہ ابو الحسن علي بن محمد المعروف بابن الاثیر- مطبوعہ دار صادر- بیروت
۲۶	وفیات الاعیان	شمس الدین احمد- المعروف بابن خلکان- مطبوعہ بیروت
۲۷	تہذیب تاریخ ابن عساکر	علامہ علي بن حسن الشافعي- دارالمسیرۃ بیروت- لبنان
۲۸	اسد الغابۃ	علامہ علي بن محمد المعروف بابن الاثیر- مطبوعہ دارالباز مکہ مکرمہ
۲۹	الاصابۃ	علامہ ابن حجر عسقلاني- طبع دار صادر- بیروت
۳۰	الاستیعاب	علامہ ابن عبدالبر القرطبي طبع دار صادر- بیروت
۳۱	الصواعق المحرقۃ	علامہ احمد بن حجر ہیتمي مکي- مطبوعہ المطبعۃ المیمنیۃ مصر
۳۲	صفۃ الصفوۃ	علامہ عبدالرحمن ابن الجوزي- مطبوعہ دارالکتب العلمیۃ - بیروت
۳۳	حلیۃ الاولیاء	ابو نعیم احمد بن عبداللہ الاصبہاني- دارالکتب العربي بیروت
۳۴	مروج الذہب	علي بن حسین مسعودي-

		مطبوعه دارالمعرفت بيروت
۳۵	تاريخ الخلفاء	جلال الدين سيوطي- اصح المطابع كراچي
۳۶	جمهرة انساب العرب	علي بن احمد بن سعيد بن حزم اندلسي- مطبوعه دارالكتب العلمية - بيروت
۳۷	ماثبت بالسنة	علامه شيخ عبدالحق محدث دهلوي- مطبوعه
۳۸	كتاب الكنىٰ والاسماء	علامه محمد بن احمد دولابي- مطبوعه دارالباز مكه مكرمه
۳۹	وسيلة الغريب الي جناب الحبيب (صلي الله عليه وسلم) (اردو)	مخدوم محمد هاشم ٺٽوي مطبوعه آكاش پرنٽرس نزد عبرت نيوز گاڏي كاتو حيدرآباد سنڌ
۴۰	نور العين في مشهد الحسين	الاستاذ ابو اسحق اسفرائني- مطبوعه المصطفي البابي الحلبي مصر
۴۱	اوراق غم	سيد محمد احمد قادري- پبلي كيشنز لاهور - مطبوعه ضياء القرآن
۴۲	تبيان الصواب	مخدوم قائم سنڌي- قلمي
۴۳	سعادة الكونين	مولانا اكرام الدين دهلوي- مطبوعه قادري كتب خانه سيالكوٽ
۴۴	سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ	ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ- مطبوعه پاكستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو
۴۵	غنية الطالبين	سيد عبد القادر جيلاني

شيعن جا ڪتاب

١	اصول ڪافي	محمد بن يعقوب ڪليني- مطبوعه دارالڪتب الاسلامية - تهران
٢	منتهي الآمال في تاريخ النبي والآل	حاج عباس قمي- مطبوعه ڪتاب فروشي اسلاميه خيابان بو ذر جمهوري ايران
٣	جلاء العيون	ملا باقر مجلسي- مطبوعه شيعه جنرل بڪ ايجنسي موچي گيٽ لاهور
٤	تذڪرة الائمة	ملا باقر مجلسي مطبوعه نشر مولانا- ايران
٥	الائمة الاثنا عشر	شمس الدين محمد بن طولون دمشقي- مطبوعه منشورات الرضي- قم ايران
٦	مقاتل الطالبيين	ابو الفرج اصبهاني - مطبوعه نجف اشرف عراق
٧	مقتل الحسين	محمد تقي آل بحرالعلوم - مطبوعه دارالزهراء- بيروت
٨	لو اعج الاشجان	محسن امين عاملي- مطبوعه مڪتبة بصيرتي قم ايران

درد جي دانهن

ٿلهه: ٻڌ ٻاجهه ڀريا ٻاجهارا
اڄ تنهنجو حسينؑ پيارو ٿو وڃي مدينه ڇڏي ڇڏي

(١) ساٿ سڄو قربان ڪيو سين تنهنجي امت تان نانا
بابو ويو اڄ آءٌ ٻه ڇڏيان ٿو منڙا هي ميخانا
لکيا ڪيئي ڪوفين خطڙا اڄ ڪوفي شهر ڏي لڏي لڏي

(٢) صدقي ٿيو هن امت تان منهنجو پيارو ڀاءُ حسن آ
مون ٻه منا محبوب محمد ڇڏيو اڄ هي وطن آ
ڪنهنجو ڏوهه نه آهي قسمت ڇڏي جان غمن ۾ گڏي گڏي

(٣) ڪڏهن ڪيم ٿي تنهنجي ڪلهن تي سهڻا سائين سواري
ڪئي اٿم اڄ ڪربل ڏي اي سهڻا نانا تياري
وڃي ڪربل ۾ اي نانا ويهان پنهنجا پکڙا اڏي اڏي

(۴) اٿي هليو ادريس حسينؑ ساٿ وٺي پوءِ سارو
ڪئي ٿيا قربان فقط رهيو بيمار پيارو
ٿيو خالي شهر مدينه پوءِ ڪنهن کي زينل سڏي سڏي

منقبت

آ اصل کان عاشقن جو رهنما رهبر حسين
دائما دل ۾ رهي ٿو دلربا دلبر حسين

(١) جنهن جو نانو مصطفیٰ بابو علي المرتضیٰ
فاطمه جيجل امان ۽ ڀاءُ حسن المجتبیٰ
آ انهن سيني جي جيءَ جو جاني ۽ جوهر حسين

(٢) مصطفیٰ محبوب تي سجدي اندر سواري کري
کنهن به شيءِ جي کين آقا ان سان انکاري کري
دادلو دلبر نبي جو آ سخي سرور حسين

(٣) راند ۾ حضرت حسن ڏي رحمة للعالمين
ٿئي ته آ حضرت حسينؑ ڏانهن جبرئيل امين
دادلو دلبر نبي جو آ سخي سرور حسين

(٤) کو به هن شير خدا جي شير جهڙو کونه آ
لک يزيد پر پرينءِ جي پير جهڙو کونه آ
ديندارن لئه ويو کولي دين جو دفتر حسين

(٥) واه سخي حاتم برابر ملک ۾ مشهور آ
پر منهنجي دلبر حسينؑ جي ته منزل دور آ

پنهنجو مٺ ا ڀاڻ پيارو مه لقا منور حسين

(٦) هڪ دفعي هنج ۾ ويهاري پنهنجو پيارو ٻچو
آب اکين مان وهائي ٿي رنو سرور سچو
ڪربلا ۾ دين تان صدقو ڪندو سر گهر حسين

(٧) هن ٻلاري جي ٻلائي جا بيان ڪري سگهان
آ زبان عاجز چوڻ کان کهڙو شان ڪري سگهان
چنڊ چوڏهين کان حسين زياده حسن پرور حسين

(٨) هڪ طرف ٻچڙا اڃايل ۽ بکايل بي قرار
ٻئي طرف ظالم يزيدي پيا پڪارن بار بار
موڪليو ميدان ۾ پنهنجو ٻچو اڪبر حسين

(٩) ويو مري برباد ٿي دشمن حسينؑ جو يزيد
پر زنده آهي هميشه شان وارو هي شهيد
دين جي لاءِ سور سختيون ويو سهي صابر حسين

(١٠) ڏاهري ڏس ڪيئن ويو امت لاءِ آساني ڪري
مسلمانن تي حسينؑ ويو سڀ قرباني ڪري
ٿو رهي هر هڪ زبان تي هر گهڙي هر هر حسين

(١١) درد جو هي داستان ادريس کهڙو ڪر لکي
ڪين مڃندو ڪربلا جهڙو جي منظر ڳولجي
ويو ڏئي راهه خدا ۾ اڪبر و اصغر حسين


منقبت

مصطفيٰ مختيار جو پيارو شهيد ڪربلا
حيدر ڪرار جو پيارو شهيد ڪربلا

حق سندو هوڪو ڏنو ميدان ڪربل ۾ جنهن
فاطمه زهرا جو دل وارو شهيد ڪربلا

مصطفيٰ جنهن کي ڪنيو پنهنجن ڪلهن تي پيار سان
مرتبو ماڻيو اهو يارو شهيد ڪربلا

ڇا ڪري ادريس عاجز جي زبان ان جي ثنا
تيو شهادت ساڻ سوپارو شهيد ڪربلا





شاہ است حسین بادشاہ است حسین

دین است حسین دین پناہ است حسین

سر داد نہ داد دست در دستِ یزید

حقا کہ بنائے لا الٰہ است حسین

خواجہ معین الدین چشتی (رحمۃ اللہ علیہ)



حضرت علامہ مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب جو نالو الحمدلله، عشق رسول ﷺ ۽ عشق اهلبيت ۽ صحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ اجمعين جي حوالي سان هر ان مقام تي متعارف ٿيل آهي جتي جتي بہ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ وارا موجود آهن.

شهرت ۽ قبوليت عام جي لاءِ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي ڪرم خاص جي علاوه ڪا بہ تدبير ڪارگر نہ هوندي آهي ۽ جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن کي پنهنجي فضل لاءِ مخصوص ڪندو آهي تہ ڪرم جي ڪا انتها نہ هوندي آهي ۽ هن ڪرم جي ئي ڪري علامہ صاحب پاڻ کي دين جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي، رات هجي يا ڏينهن هميشہ تحريروتقرير ۾ مشغول رهندا آهن ڪيترائي ڪتاب ڇپجي مشهور ۽ مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن.

اسان سنڌ واسين جي خوشي قسمتي آهي جو هن دور ۾ بہ اسان جي مذهبي و ديني رهنمائي ڪرڻ جي لاءِ اهڙا عالم، باعمل هن ڌرتي تي موجود آهن ۽ اسان لاءِ رحمت ۽ نعمت آهن.

الله تعاليٰ علامہ صاحب جي تصانيف، صحت، عافيت، ظاهري ۽ معنوي سعادتن ۽ توانائين ۾ برڪتون فرمائي آمين بجاه سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم.

دعائن جو طالب

سيد واجد علي حسني

نيوگرين پرنٽرس صدر حيدرآباد

نفيس پرنٽنگ پريس لجپت روڊ حيدرآباد فون: 782345